# ع۔ق۔ شیخ

# کوہ قاف شیخ



نصیر مرزا

ع.ق. شيخ

# ڪوهه قاف شيخ

[ڪهاڻيون، مضمون،
انٽرويو، البم ۽ تعزيت ناما]

مرتب
نصير مرزا

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو
2010ع

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو: **ع.ق. شيخ: ڪوهه قاف شيخ**
[اينٿالاجي]
موضوع : ع.ق.شيخ شخصيت ۽ فن
مرتب : **نصير مرزا**
اشاعت جو سال: آگسٽ 2010ع
لي آئوٽ : فقير محمد ڍول ۽ موهن مذهوش
ٽائيٽل : نعيم خان ديسوالي
فوٽو اسڪين: شماش زهره مرزا ۽ اجي ڪمار مڪواڻه
ڪمپوزنگ : شاهه زيب هڪڙو وفا مولا بخش ۽ اسد رند
**تعداد:** 1000
**مُلهه:** 400/= روپيا

خريداريءَ لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.
Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422
e-mail: sindhiab@yahoo.com
www.sindhiadabiboard.org

**هيءُ ڪتاب پروفيسر سيد زوار شاهه نقوي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ پاران سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ وٽان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.**

نصير مرزا

# ع.ق.شيخ، ڪوهه قاف شيخ

## شخصيت ۽ فن

سنڌي ادبي بورڊ

جيئن مينهن ڪُنديءَ پُور، تيئن دل وراڪو دوست سين!
- شاهه

## ارپنا

## ع.ق. شيخ صاحب

جي بن بهترين دل گهرين دوستن

سائين محمد ابراهيم جويي

۽

محترم مراد علي مرزا

جي نالي



محمد ابراهيم جويو



مراد علي مرزا

چيائين... نندي هوندي کان اِهو پنڌ ٿي ڪندو پيو اچان ۽ مون سان گڏ محمد ابراهيم جويو صاحب ۽ ع. ق. شيخ صاحب حيدرآباد جي رستن تي... آءٌ سمجهان ٿو تہ پنڌ، اسان ٿي، گهٽي ۾ گهٽو ڪيو هوندو.

[مراد صاحب سان ملاقات
ڪتاب 'خيمي ۾ شام' مان ڪوريل جملا - 2001ع]

# ابتدا

ادب ـ دنيا جي هن باوقار اداري سنڌي ادبي بورڊ، تازو ئي سنڌي ادب ۽ فن سان لاڳاپيل، سرموڙ شخصيتن بابت، 'اينتالاجيز' شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. سنڌ جي عظيم مصور و نشانبر قلمڪار محترم سائين ع. ق.شيخ بابت هيءَ 'اينتالاجي' انهيءَ ئي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. جنهن جي لاءِ بورڊ، چاتل سچاتل ليکڪ محترم نصير مرزا جي چونڊ ڪئي. پاڻ رڪارڊ وقت اندر هي ڪم مڪمل ڪري، بورڊ جي حوالي ڪيو آهي، جنهن لاءِ کيس تحسين پيش ڪجي ٿي.

فن جا پارکو اِڳ ئي ڄاڻن ٿا، تہ ع. ق. شيخ صاحب، 'فنِ مصوريءَ' جي شاهراھ جو mile stone مصور هو. علاوه ازين هُو هڪڙو اعليٰ پاييءَ جو افسانہ نگار، مؤرخ ۽ سِکياڪار بہ هو. جنهن وٽان ورهاڱي کان ترت پوءِ نئين نسل کي فن جي سکيا سان گڏوگڏ حُسنِ اخلاق ۽ ادب آداب جا جيءَ جاڳائيندڙ درس بہ ميسر ٿيندا رهيا. ع. ق.شيخ صاحب، بجا طور هڪ دؤر... هڪ عهد جو نالو آهي، جنهن جي ادبي ۽ فني عظمتن جي جيتري تحسين ڪجي، گهٽ آهي.

ادبي بورڊ، ابتدا کان ئي ع. ق.شيخ صاحب جي تخليقي شخصيت مان هر زماني ۾ لاڀ ماڻيندو رهيو آهي ۽ 1955ع کان 'تہ ماهي مهراڻ' جڏهن ڏام ڏوم ۽ نئين رنگ ڍنگ سان شايع ٿيڻ شروع ٿيو تہ ع. ق.شيخ صاحب

ئي هو جنهن ان جا cover ڊزائن ڪيا ۽ بعد ازان بورڊ جي ڪيترن ئي علمي ادبي ڪتابن جا ٽائٽل بہ پاڻ ئي ٺاهيائون.

سندن وصال بعد، 1998ع ڌاري بورڊ پاران سندن خدمتن جي مڃتا طور، سندن ڪهاڻين جو مجموعو 'محبت جي راهہ تي' شايع ڪيو ويو ۽ ان کان سواءِ پنهنجي محترم دوست محمد ابراهيم جويي، مراد علي مرزا ۽ پياري شاگرد فتاح هاليپوٽي ڏانهن، ڏيهہ پرڏيهہ مان لکيل سندن خطن جو هڪ مجموعو پڻ، بورڊ پاران شايع ٿي چڪو آهي.

شيخ صاحب جي قدرشناسيءَ طور، نصير مرزا صاحب جي سهيڙيل، هن اينٿالاجيءَ کي شايع ڪندي، بورڊ فخر پيو محسوس ڪري. توقع اٿئون تہ بورڊ پاران شروع ڪيل 'ادبي اينٿالاجيز' وارو هي سلسلو ادبي حلقن سان گڏوگڏ، مانائتن ادب دوستن پڙهندڙن کي پڻ پسند پوندو ۽ محبتون ماڻيندو.

تيرهين رجب المرجب 1431هہ
بمطابق: 26_6_2010

پروفيسر سيد زوار نقوي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

## الخالقُ، الباري، المصور

هونئن تہ اهي ٽئي اسم جن جي (مصدرن) جي معنيٰ ٿيندي: پيدا ڪرڻ، وجود بخشڻ ۽ نئين سِر بڻائڻ يا جوڙڻ. اهي لفظ جيتوڻيڪ پاڻ ۾ تقريباً هم معنيٰ آهن، پر پوءِ بہ هر هڪ کي پنهنجي مخصوص معنيٰ بہ آهي. جيئن 'خلق' معنيٰ اندازو ڪرڻ 'برءُ' معنيٰ پيدا ڪرڻ ۽ 'تصوير' معنيٰ صورت ڏيڻ. هنن ٽنهي معنائن جو پاڻ ۾ ربط ۽ تعلق هن ريت سمجهڻ کپي تہ: جيڪا شئي عدم کان وجود ۾ آڻبي آهي تہ، پهريان ان جو هڪ خاڪو مقرر ڪيو ويندو آهي، ان کان پوءِ ان کي وجود ۾ آڻبو آهي، تنهن کان پوءِ ان کي ڪا شڪل ۽ صورت ڏني ويندي آهي. ان کي سمجهڻ لاءِ هڪ جڳهہ جو مثال ڏجي ٿو جنهن جو پهريان هڪ خاڪو تيار ڪيو ويندو آهي، يعني نقشو ناهيو ويندو آهي، ان کان پوءِ ان کي ان نقشي مطابق وجود ۾ آڻبو آهي، پوءِ جڏهن تيار ٿيندي آهي تہ اها هڪ صورت ۽ شڪل وٺي بيهندي آهي. جيتوڻيڪ الله تعاليٰ جي خلقڻ وقت اهي ٽئي مرحلا هڪ ئي وقت طئي ٿيندا آهن، پر پوءِ بہ هر منزل درجي بدرجي طئي ٿئي ٿي ۽ جيڪي ڪجهہ مٿئين يا هيٺئين عالم يعني عرش کان زمين جي تهہ تائين پيدا ٿيل آهي، يا پيدا ٿيندو يا وري جيڪي ڪجهہ ملڪ ۽ ملڪوت ۾ ظاهر ٿي چڪو آهي يا ٿيندو اهي سڀ ان خلقڻ، خاڪي تيار ڪرڻ، وجود ڏيڻ ۽ صورت بخشڻ جا شاهڪار آهن ۽ هن ساري جهان جو پيدا ڪندڙ اهو ئي آهي، جنهن مضبوط ترتيب، سهڻي صورت، حڪمتن ۽ بيشمار مصلحتن سان ڀرپور هن سڄي سنسار کي وجود عطا ڪيو آهي ۽ ان سڄي مخلوق کي وڏي حڪمت سان هڪ مربوط قانون تحت ترتيب سان پيدا ڪيو آهي.

فتبارڪ الله احسن. سبحان الله بابرڪت آهي اهو الله جل جلاله جيڪو سيني کان وڌيڪ سهڻو خلقيندڙ آهي.

❊

شيخ اياز

✡

## مصور

ڦريون ڦريون
لفظ خدا جو ڪُن فيڪُون
شاعر موسيقار مصور
سڀ ۾ ساڳيو جوش جنون
ڪُن فيڪُون
ذات خزانو آهي
پل تہ ورهائي
موتي هيرا
نيلم نيرا
پل تہ ڪري سينگار صدين جا
روڪ نہ تن کي
ٽوڪ نہ تن کي
هي جي سرجڻهار صدين جا
تن کي تون پنهنجي ساڃهہ جي
ڄاڻي واٽي
اهڙي 'بک' نہ ڏي اي ڌرتي
ايڏا ڏک نہ ڏي اي ڌرتي.

❊

## سونهن ـ سنڌ


| | | |
|---|---|---|
| ٭مهاڳ | محمدابراهيمرجويو | 15 |
| ٭هي ڪتاب | نصير مرزا | 23 |
| ٭مصور هڪ نظر ۾ | نصير مرزا | 34 |
| [آرسي] | | |


## رهاڻ رنگن ساڻ


| | | |
|---|---|---|
| ٭هڪ فنڪار جي ڪهاڻي | نثار حسيني | 39 |
| ٭رنگ پيا ڳالهائين | رابيل شر | 47 |
| ٭ع. ق. شيخ سان آخري رهاڻ | امداد پٿو | 51 |


## سارنگ ساروٽين جا


| | | |
|---|---|---|
| ٭ع. ق. شيخ: هڪ نهنو انسان | شيخ اياز | 66 |
| ٭ع. ق. شيخ: هڪ سنو دوست | مراد علي مرزا | 68 |
| ٭وڏو مصور وڏو ماڻهو | غلام رباني آگرو | 72 |
| ٭سائين ع. ق. شيخ | ممتاز مرزا | 76 |
| ٭فخر لائق سائين ع. ق. شيخ | حميد سنڌي | 78 |
| ٭ع. ق. شيخ کي سلام | حسن منظر | 80 |
| ٭ع. ق. شيخ: هڪ آئيڊيل شخصيت | رشيده حجاب | 83 |
| ٭ع. ق. شيخ | پروانو ڀٽي | 85 |
| ٭سائين ع. ق. شيخ | دارا عالم ابڙو | 88 |
| ٭منهنجو پنهنجو ع. ق. شيخ | جام ساقي | 93 |
| ٭سائين ع. ق. شيخ | علي نواز ڦلپوٽو | 95 |
| ٭هُو جي رنگ رنگين... | هارون چنا | 102 |

⌘لطيف فن سان سرشار: ع.ق.شيخ — وينا شرنگي 113
⌘ع. ق. شيخ: هڪ جديد مصور — فتاح هاليپوٽو 116
⌘ع. ق. شيخ هڪ گهڻ رخو فنڪار — ولي رام ولڀ 121
⌘مصوري جو بابا آدم — طارق عالم 127
⌘سائين ع. ق. شيخ — رضوان عمراڻي 131
⌘سائين ع. ق. شيخ — محمد علي پٺاڻ 138
⌘ڪوهه قاف شيخ — نور احمد ڪوجو 144
⌘ع. ق. شيخ: منهنجو سائين — نظير قاسمي 158
⌘مارو جي ملير جا — خادم حسين بلوچ 163
⌘آسان جا مصور — دادا سنڌي 165
⌘ع. ق. شيخ — تاج صحرائي 170
⌘ع. ق. شيخ حيات ۽ خدمتون — محمد يعقوب مغل 174
⌘داستان اندلس جو مصنف — ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ 181
⌘مصور ڪهاڻيڪار — سليم چنا 186
⌘ع. ق. شيخ: منهنجو محسن — زاهد دارا ابڙو 189
⌘ع. ق. شيخ ۽ آرٽسٽ گلڊ — وفا مولا بخش 191


## لامون تنهن وڻ سنديون

⌘بابا سائين — پروفيسر رشيده بلوچ 193
⌘منهنجو بابا — نجمه شيخ 195
⌘منهنجو بابا — ڊاڪٽر ممتاز جنجهي 198
⌘منهنجو بابا — نسيم شيخ 201
⌘نانا بابا — دريشه فاروق صديقي 204


## ع. ق. شيخ بحيثيت ڪهاڻيڪار

⌘ع. ق. شيخ: بي مثل ڪهاڻيڪار — مراد علي مرزا 207
⌘ع.ق. شيخ: لفظن جو مصور — ڊاڪٽر قاضي خادم 211
⌘ع.ق. شيخ: بحيثيت ڪهاڻيڪار — شمس الدين عرساڻي 216
⌘محبت جي راهه تي (تبصرو) — الطاف آگرو 221

## ع. ق. شيخ جون نمائنده ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ⌘ حيدرآباد 1947 ع | ع. ق. شيخ | 224 |
| ⌘ ابابيل | ع. ق. شيخ | 227 |
| ⌘ قلتو صاحب | ع. ق. شيخ | 231 |
| ⌘ محبت جي راھ تي | ع. ق. شيخ | 237 |
| ⌘ فرشتو | ع. ق. شيخ | 255 |
| ⌘ آسرو | ع. ق. شيخ | 264 |
| ⌘ هڪ رات | ع. ق. شيخ | 270 |
| ⌘ حسرتن جو قيرو | ع. ق. شيخ | 276 |
| ⌘ پريشان انسان | ع. ق. شيخ | 286 |
| ⌘ لڪيل جواب | ع. ق. شيخ | 293 |


## رنگن جون ڳالهيون

[ع. ق. شيخ جا مضمونَ]


| | | |
|---|---|---|
| ⌘ سنڌ ۾ ڊرائنگ... | ع. ق. شيخ | 316 |
| ⌘ خطاطيٰ ۽ آرائش و زيبائش جا فن | ع. ق. شيخ | 324 |
| ⌘ اسلامي عمارت سازي | | |
| ۽ ينيور جي جامع مسجد | ع. ق. شيخ | 329 |
| ⌘ اسلامي دور ۾ ڪتابَ | ع. ق. شيخ | 334 |
| ⌘ شاھ سائينءَ جون سورميون (ڪتاب 'روح رهاڻ' جو مهاڳ) | ع. ق. شيخ | 338 |
| ⌘ داستانِ اُندلس (مهاڳ) | ع. ق. شيخ | 341 |
| ⌘ مهمانن جا بهانا- طنزيہ مضمون ('نازو' ڪتاب مان چونڊ) | ع. ق. شيخ | 345 |
| ⌘ ڪِهہ ۽ ڪتوري (راضي فقير بابت ڪتاب جو مهاڳ) | ع. ق. شيخ | 351 |
| ⌘ هُوءَ ـ تبصرو | ع. ق. شيخ | 363 |
| ⌘ پريت پراڻي ـ تبصرو | ع. ق. شيخ | 365 |

سورج شاخون ڪڏيون

⌘ عڪس در عڪس — حيدر علي شيخ
[البم]

لڙيو سج لڪن ۾، راسيون رتائين
[شهه پارا مصور جا]

⌘ چوند پئنٽنگس — ع. ق. شيخ

رنگن جا اوسارا

⌘ تعزيتي نوٽ — امداد حسيني 367
⌘ ع. ق. شيخ: عظيم مصور... — تاج جويو 369
⌘ تعزيتي نوٽبُڪ مان... — نجم شيخ 371
⌘ رنگَ أجهامي ويا — قاضي خضر حيات 376
⌘ سائين ع. ق. شيخ — علي اڪبر 381
⌘ شيخ صاحب جي منظوم سوانح — شاهنواز مسافر 384
⌘ ع. ق. شيخ - انين ورسيءَ جو احوال — حيدر علي شيخ 388

پڇاڙيءَ جي ڪهاڻي

⌘ قصو هِن ڪتاب جو... — نصير مرزا 393


⌘

محمد ابراهيم جويو

☼

## مهاڳ

عبدالله قادر بخش (ع. ق) شيخ، منهنجي بنهہ ساهہ جيئڻ منهنجو ويجهو ۽ پيارو يار هو. 1949ع ۾ ٺٽي ميونسپل هاءِ اسڪول جي سرڪاري تحويل ۾ اچڻ سبب، منهنجو تبادلو حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج فار مين ۾ ٿيو. منهنجي پهرين ملاقات ع. ق شيخ سان اُتي ٿي، جتي پاڻ آرٽ ٽيچرس ٽريننگ سينٽر ۾ استاد هئا. ان ڏينهن کان پوءِ 1991ع ۾ سندس وفات تائين اسان جو اهو يارانو قائم رهيو. گهرو مامرن کان وٺي، زماني جي ڪاروَهنوار ۽ ڏک سک ۾ اسين هڪٻئي جا ساٿي رهياسين. اهو سڀ انهيءَ ڪري، جو اسين پاڻ ۾ هم طبع ۽ هم خيال هئاسين.

اِن کان پهرين 1938ع ۾ بي اي ڪرڻ کان پوءِ، آءٌ سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ ماستر ٿيو هوس. 1938ع ۾ ٻي مهاڀاري جنگ شروع ٿيندي ئي مون کي بمبئي بئچلر آف ٽيچنگ (B.T) جي ٽريننگ لاءِ موڪليائون. ڏيڍ سال کان پوءِ اُتان موٽندي، مون کي مدرسي جي بورڊ آف گورنرس جي سيڪريٽريءَ، مسٽر غلام علي نانا، واڌو ڊيوٽيءَ طور، ليسلي وِلسن مسلم هاسٽل جي هائوس ماستريءَ جي عارضي چارج بہ ڏني. هاسٽل جي اصلوڪي بلڊنگ، جنگ جي صورتحال سبب ڪراچيءَ ۾ آيل

آمريڪن آرمي جي ريجمينٽ لاءِ خالي ڪرائي ويئي هئي، هاسٽل جي ڪاليجي شاگرد مڪينن لاءِ، شهر ۾ مسواڙ تي تي تماڙ بلڊنگون خالي ڪرايون ويون هيون. هاسٽل جو هائوس ماسٽر سيد غلام مصطفيٰ، جو به سنڌ مدرسي جي اسڪولي دور کان وٺي، منهنجو عمر ۾ جو پيارو دوست هو ولايت مان ايم اي ڪرڻ لاءِ روانو ٿي چڪو هو.

هاسٽل ۾ رهندڙ ايل ايل بيءَ جي هڪ شاگرد عبدالستار شيخ سان ڳالهيون ڪندي، مون کي معلوم ٿيو ته سندس وڏو سؤٽ، ع. ق شيخ هڪ آزاد خيال ۽ عقلائين (Rationalist) سوچ رکندڙ ماڻهو آهي ۽ هن جو ٿي مٿس به اهڙو ڪافي اثر هو ۽ وڏي ڳالهه ته وٽس ع. ق شيخ جو ڳرو لکيل هڪ نوٽبڪ به موجود هو جنهن تي ٽائيٽل طور لکيل هو 'چو ۽ چا!' مون کي گهڻو تعجب ته ٿيو پر اُن تحرير جي ڏسڻ ۽ پڙهڻ جو گهڻو شوق به ٿيو. عبدالستار شيخ اهو نوٽبڪ پڙهڻ لاءِ پوءِ مون کي ڏنو ۽ مون اکر اکر ڪري اهو پڙهيو. انهن ئي ڏينهن ۾ شڪارپور جو شيخ اياز منهنجي پياري دوست جمال صديقيءَ جو همڪلاسي، به نئون نئون منهنجو واقف ٿيو هو ۽ اتي ئي هاسٽل ۾ رهندو هو. شايد بي اي جي پوئين سال يا ايل ايل بيءَ جي پهرين سال ۾ هو. ع. ق شيخ جو اهو دستخط نوٽبڪ مون، هن کي به هٿو هٿ ۽ مُنهان مُنهن ويهي، پڙهڻ ڏنو. ڪجهه دير کان پوءِ ڏنم ته پڙهندي پڙهندي، شيخ اياز سُنَ ۾ پئجي ويو. رکي رکي، نيٺ پڇيائين ته، 'هيءُ همراهه شاعر به آهي ڇا؟' مون چيو ته، 'شاعر ته نٿو معلوم ٿئي، هيءَ سڄي لکڻي سندس نثر ۾ جا آهي.' شيخ اياز پوءِ ويٺي ويٺي، اردوءَ ۾ پنهنجو هڪ نثري شعر ڪافي ڊگهو ڪلام... ڪُليل آواز ۾، سڄي جو سڄو ائين ٻڌائي ويو جڻ ياڻ ئي ڪي تي ٻڌايائين! پوءِ پڇيائين، 'ع. ق شيخ جي 'چو ۽ چا' سان مليل منهنجا هي حشر سامان سوالَ ۽ پريشان خيالَ به ٻڌو!' مون جواب ڏنس، 'هائو ۽ ٻيهر به ٻڌڻ ٿو گهران!' اياز کي پنهنجي شاعري ٻڌائڻ جو هڪ ڏانءُ هوندو هو هُو پنهنجي ڪلام جو نه رڳو ياد حافظ هو پر ڪانئس اهو ٻڌڻ ائين هو جڻ سڄو

ساھہ سندس حوالي تي ڪرڻو پيو! پوءِ ساڳيو شعر ساڳيءَ طرح ۽ ساڳئي انداز ۾ ٻڌائڻ لڳو ۽ همہ تن گوش تي، مان بہ ڪيس ٻڌڻ لڳس:

پریشاں خیالو!
مرے حشر ساماں سوالو!
مجھے چھوڑ جاؤ کہ مجھ کو ذرا نیند آنے لگی ہے
کہ میرے پپوٹون پہ انبارِ بے خوابیوں کے لڑھکنے لگے ہیں
مری کُلبُلاتی ہوئی رُوح اس زندگی کے قفس سے
گھڑی دو گھڑی کی لئے بھاگنا چاہتی ہے
پریشاں خیالو!
مرے حشر ساماں سوالو!
کہاں جا رہے ہیں ستاروں کے یہ ان گنت کارواں
یہ کسی نے نہ جانا
یہ مسحُور راہی کہاں جا رہے ہیں؟
کسی منزلِ نور کی جستجو میں!
مگر یہ تو میرا فریبِ نظر ہے
طلسمِ خیالِ بشر ہے
یہاں منزلِ نُور کوئی نہیں ہے
ازل سے ابد تک کوئی جادواں تیرگی پیچ و خم کھا رہی ہے
یہ دُنیا، یہ آماجگاہِ تمنّا
کہاں جا رہی ہے؟
یہ رقّاصہء روز و شب نو کے خنجر پہ یُوں ناچتی جا رہی ہے
کہ جیسے اُسے یہ یقیں ہو گیا ہے
کہ اب پاؤں چھلنی نہ ہوں گے
یہ انساں کی صیّادِ روزِ ازل ہے
کہ پھینکیں ہیں کرنوں پہ جس نے کمندیں

کوہ قاف شيخ

یہ تیّار کرتا ہے ہر روز ایسے انوکھے قفس کو
جسے توڑ دیتا ہے پَر پھڑ پھڑا کر کوئی طائرِ نیم بسمل
نہ جانے مجھے کیوں یقیں ہو گیا ہے
کہ انسان خود ایک صَیدِ زُبوں ہے
پریشاں خیالو!
مرے حشر ساماں سوالو
نہ جانے مجھے کیوں یقیں ہو گیا ہے
کہ یہ پیکرِ خاک لاکھوں نقاب زر فشاں بدلتا رہے گا
مگر روسیاہی چھُپے گی، نہ اس کی
بُجھادو یہ تاروں کے قندیل
فانوسِ ماہِ درخشاں
تصوّر کی اس جھلملاتی ہوئی جھیل کو تیرگی میں چھُپادو
کہ یہ روشنی میری آنکھوں کو خیرہ نہ کردے
مجھے نیند سی آرہی ہے۔

پوءِ رکي رکي چوڻ لڳو 'هيءَ منهنجو اردو شعر منهنجي 'نيل ڪنٺ اور نيم ڪي پتي' واريءَ ڪيل پهرين شاعريءَ جو هڪ جُز آهي. افسوس جو ع. ق شيخ شاعر نـ آهي. هيءَ پنهنجي "چو ۽ چا" جي سُرت هُو ڪنهن کي ٻڌائي بـ تـ نـ سگهندو. ڪو بـ پاڻ اها پڙهندو ۽ سمجهندو تـ سَهندو نـ ۽ جي سَهندو تـ سمجهندو نـ!' شيخ اياز اڳتي هلي، جڏهن ع. ق شيخ جي هن لکت جو ذڪر ڪيو آهي تـ ائين ئي چيو اٿس. 'جي سعادت حسن منٽو عصمت چغتائي ۽ راجندر سنگهه بيدي (تڏهوڪا جاتل سڃاتل آزاد خيال ۽ اهڙا عام اعتراض پريل گفتا پاڻ بـ لکندڙ اديب) بـ "اهو چو ۽ چا" مسودو پڙهندا تـ انهن کي بـ پگهر اچي ويندا! ع. ق شيخ جو اهو دستخط مسودو سندن حياتيءَ ۾ ۽ پڻ سندن وفات کان پوءِ اڄ تائين بـ شايع نـ ٿي سگهيو آهي. اهڙو هو ڪنهن دور ۾ اهو بيباڪ تيز تر قلمڪار جيڪو منهنجو پوءِ

ع.
ق.
شيخ

ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ روبرو مليل ۽ سڄي عمر جو ٻٽيل جگري يار ع.
ق شيخ. جيتوڻيڪ وچ واري ڍاڪي سالن جي عرصي ۾، هُو گهڻو بدلجي
بہ چڪو هو ۽ پنهنجي سوچ ۽ قلمڪاريءَ ۾ مون کي گهڻو گهڻو نريل،
حقيقت شناس، گنڀير ۽ دور رس نگاهہ وارو لڳو هو.

ان وچ واري ڍاڪي ۾ مون کي پنهنجي انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب:

Save Sindh save the continent from feudal lords, capitalists & their communalisms

جي لکڻ ۽ شايع ڪرڻ تي سنڌ مدرسي مان بيدخل ٿي ۽ ميونسپل هاءِ
اسڪول جي هيڊماستريءَ تان لهي، حيدرآباد جي پرائمري ٽيچرس
ٽريننگ ڪاليج ۾ اسسٽنٽ ماستريءَ جو مختصر عرصو گذارڻو هو ۽ ع. ق
شيخ جهڙي سچي، جفاڪش، عام پلي جو احساس رکندڙ وطن ۽ قوم جي
خاموش خدمتگذار شخص سان ملڻو هو سو اچي روبرو ساڻس مليس ۽
سندس ساٿي ٿيس. اهي منهنجا ڪجهہ سرس ڀاڳ هئا، جو ائين ٿي
سگهيو هو. اتي حيدرآباد ۾ پوءِ مون کي1951ع جي اڌ تائين رهڻو پيو هو،
اُتان نڪري، واپس ڪراچي ۾ سنڌ گورنمينٽ جي تازي برپا ڪيل 'هاءِ
پاور ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي فار سنڌي لٽريچر' جي سيڪريٽريءَ طور، تازو
ولايت مان پي ايچ ڊي ڪري آيل ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ان اٽڪبوليل
پوسٽ تي، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي اعلانيل مقابلي ۾ پاس ٿي،
موٽڻو پيو هو. حيدرآباد جي انهن ٻن ڪن سالن ۾، مون ۽ ع. ق شيخ سنڌي
ادبي انجمن قائم ڪئي، جنهن جون نشستون هفتيوار ع. ق شيخ جي
سرڪاري گهر ۽ پوءِ بيسنت هال جي ٻاهران اڱڻ ۾ نهيل چبوتري ۾ ٿينديون
رهيون. ع. ق شيخ جو پهريون لکيل مختصر افسانو 'حيدرآباد - 1947ع ۾' بہ
ان دور ۾ لکيو ويو. منهنجا بہ ڪتاب 'ايميلي' ۽ 'ٻارن جي تعليم' بہ انهن
ڏينهن ۾ لکيا ويا. ممتاز مرزا ۽ مرزا مراد علي جي ماروٽ مرزا تجمل حسين
۽ قاسم شاهہ ۽ ٻي سنگت سان ملاقاتون بہ تڏهن ٿيون. هڪ وڏي ڳالهہ يعني

مولانا غلام محمد گراميءَ سان چاڻ سڃاڻ ۽ رفاقت جو ساٿ بہ ٽريننگ ڪاليج ۾ ئي ممڪن ٿي سگھيو هو.

ڪراچي موٽڻ ۽ پورا ڏهہ سال 1961ع تائين، اتي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ ۾ پوءِ سنڌي ادبي بورڊ جو انتظامي ڪم، حيدرآباد ۾ بورڊ جي پرنٽنگ پريس، سنڌي ٻوليءَ لاءِ نئين نموني جون موونگ ٽائيپون ۽ زير، زبر، پيش، جزم ۽ شد کي ڪمپوزنگ لاءِ... استعمال ٿيڻ لاءِ بلڪ انگريزي ٽائيپ جيئن سنڌن يونيٽري ٽائيپ جي تجرباتي ڪوشش ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي سوين هزارين ڪتابن، ان جي سماهي 'مهراڻ'، ماهنامي 'گل ڦل' ۽ عورتن لاءِ خاص مخزن "سرتيون" جا اجراء ۽ ٻُٽپ کان ٻاهر مَنگُهرن جا هزارين الزاماتي مخالفانا ليک، بدنامُوسيءَ ۾ لکيل ڪتابچن تي ڪتابچا بہ انهن ڏهن سالن ۾ پڙهڻا، سهڻا ۽ موٽائڻا ٿي پيا. ان سڀي زهر آلود مزاحمت کي منهن بہ ڏيڻو ٿي پيو ۽ نيٺ Problem of language in w .Pak جي انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ لکجڻ ۽ نشر ڪرڻ تان حڪومتي رويڪارين، سزائن ۽ رنجشن کي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بچاءُ، ان جي ذريعہءِ تعليم ٿيڻ لاءِ، سنڌ ۽ سنڌي قوم جي نجات لاءِ، جيڪو جنگاهہ لوڙڻو ٿي پيو ۽ پئجي رهيو آهي، ان سڀ جاکوڙ جدوجهد ۾ حوصلي منديءَ جي جاري هجڻ لاءِ، ع. ق شيخ جهڙن اديبن ۽ فنڪارن کان ۽ سنڌن ادب ۾ فن جي آجيت سگهہ ۾ سُرت کان ڪم ورتو ٿي ويو. ڇا اهي سڀ ڪارگذاريون هيڪل هيڪل طئي ٿي سگهيون ۽ طئي پئي ٿيون! ان لاءِ گهربل سڀي ٽيم ورڪ جي خاموش ساٿ ۾ع. ق شيخ جهڙن سڃاڳ ۽ اٽڪ قلمڪار ۽ فنڪار ساٿين جون همتون ۽ حوصلا شاملِ حال هئا ۽ رهڻا آهن.

ع. ق شيخ جا مون ڏانهن لکيل خط، ملڪ اندر وارا توڙي سنڌن ولايت ۾ قيام جي دور وارا، مون وٽ محفوظ آهن. جيڪي سنڌي ادبي بورڊ کي سنڌس ٻي خط و ڪتابت سان گهربل شموليت ۾ آٽي ڇاپڻا ۽ شايع ڪرڻا آهن، منهنجي طرفان کين موڪليل منهنجا ڪيئي خط البتہ اصل توڙي ڪاپيءَ جي صورت ۾، مون کي هٿ نہ اچي سگهيا آهن. جنهن جو بيحد

ارمان اٿم. پڇاڙيءَ تائين حيدرآباد ۾ ع. ق شيخ سان گذاريل ڏينهن ۽ محفلون مراد علي مرزا، خواجا غلام علي، اياز ۽ ٻي سنگت سان گڏ گذاريل منهنجي دل تي اَمٽ نقشن وانگر اُڪريل آهن. آئون محترم عزيز مرزا نصير جو تهدل ٿورائتو آهيان، جن ع. ق شيخ جي يادگيرين جي هن ڪتاب ۾ هي ٻه اکر لکڻ جو موقعو ڏنو ورنہ عمر جي هنن آخري ڏينهن ۾ مون کان تہ پڙهڻ ۽ لکڻ ٻہ گهڻو ڇڏائي ويو آهي. پياري دوست مرزا صاحب جا لک احسانَ، جو پاڻ ع. ق شيخ جي هن يادنامي جي ترتيب، سهيڙپ ۽ ادبي ٺاهہ ٺوهہ ۾ دل جي پوري حُضور سان پنهنجي قابلِ ستائش محبت ۽ محنت کان ڪم ورتو آهي.

حيدرآباد
20.07.2010

❊



آرٹ: ع. ق. شیخ

نصير مرزا

☼

هي ڪتاب

• 1973ع ڌاري، ٽريننگ ڪاليج فار مين جي، ڊرائنگ ٽيچرس ٽريننگ سينٽر مان، سبڪدوش ٿيڻ کان پوءِ اسان جي عظيم چترڪار ۽ صاحبِ اسلوب ڪهاڻيڪار ع.ق شيخ صاحب آءُ پائيان تہ پنهنجي باقي زندگي، جڻ Grace تي پئي گذاري، ڌرتي تي هاڻي، هُو هلي چو پيو. جيئي چو پيو؟ ۽ ان جِي جهڙوڪر، هن کي پاڻ بہ خبر ڪانہ تي پئي. چو؟ ۽ اهو ان لاءِ تہ پنهنجي حياتيءَ ۾ آرٽ، ادب ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ هن کي جيڪو ڪم ڪرڻو هو اُهو هُو سر انجام ڏئي چڪو هو ۽ 1973ع کان 1991ع تائين، آءُ گواهہ آهيان، تہ مون جڏهن جڏهن بہ هن کي ڪٿي ڏٺو تڪاٽو ٿڪاٽو اڪيلو تڪل ۽ ڏکڻو ئي ڏٺو. شهر کان دور بابن شاهہ ڪالوني ۾ رهائش اختيار ڪرڻ ڪري همعصرن ۽ گهاٽن دوستن ۽ محبوب شاگردن جي حلقي کان، هاڻي هُو گهٽو ٺٽو ڪٽيل ئي هو. سندس گهر جي پٽ هجي يا بعد ۾ (اختيار ڪيل نوڪري جي ڏِس ۾) پبلڪ اسڪول ۾ سندس ڪلاس روم جي ديوار... انهن تي ٽنگيل گهڙيال ۽ هوا ۾ لڏندڙ ڪئلينڊرن جي ع. ق شيخ جي زندگيءَ ۾ هاڻي ڪا ئي معنيٰ، ڪا ئي وقعت رهي ئي ڪانہ هئي.

_ خير اها ڳالهہ اتي.

سوال هتي هي آهي تہ ع. ق شيخ صاحب کي مون پهريون ڀيرو ڏٺو... تہ ڪٿي ۽ ڪڏهن؟ تہ عرض ڪريان بلڪل بالڪپڻ ۾ ۽ عين ان زماني ۾ جڏهن آءٌ ٽريننگ ڪاليج جي پريڪٽسنگ اسڪول ۾ داخل ٿيو هوس ۽ ان اسڪول جي مانيٽيسوري سيشن ۾ ويهاريو ويو هوس. جتي صبح سان هُو بہ پنهنجي نياڻي غالباً ممتاز کي ڇڏڻ لاءِ ايندو هو. اهو 63_1962ع وارو ڪو سال هو ۽ ان ئي زماني ۾ خدا ڄاڻي ڇو! مون کي ان ڪاليج جون بہ ڳالهيون خاص طرح سان "اينٽڪ ويليوءَ" جون معلوم ٿينديون هيون. ٽريننگ ڪاليج فار مين جي عمارت جو ٻاهريون پُراسرار Look ۽ ٻيو ڪنهن وقت ڪاليج جي ڪاريڊار مان مخصوص چال سان لنگهي ويندڙ سنهڙو سيپڪڙو ۽ پُراسرار لڳندڙ هي شخص، سائين ع. ق شيخ! دعويٰ سان ٿو چوان، اهڙيون پُراسرار شيون، پنهنجي زندگيءَ ۾ ان کان اڳ شايد ئي مون ڪڏهن ڏٺيون هونديون.

- ۽ هي ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد، جنهن جو هتي ذڪرڪرڻ ضروري ٿو سمجهان، ان جي پُرسُڪون عمارت تي عروج جا ڪيئي سج چڙهندي ۽ لهندي تہ مون بہ ڏٺا هئا ۽ ننڍپڻ ۾ ان ئي درسگاهہ جي عمارت، مون کي ڪيڏي نہ پُراسرار ۽ سحر انگيز لڳندي هئي ۽ رات جي سناٽي ۾، جڏهن عيسائين جي چرچ جهڙو ڏيک ڏيڻ لڳندي هئي، ڪڏهن ان عمارت جي ڪاريڊار مان، شام وقت، لنگهي آرٽسٽ فتاح هاليپوٽي سان ان جي هاسٽل روم تي ملڻ لاءِ ويندو هوس، تہ واپسيءَ تي رات جي اونداهيءَ ۾ ڀانئبو هو هن قديم عمارت جي ورانڊن مان ڪي راهبائون ۽ راهب، اڇا اڇيران پائي، شمعون هٿ ۾ ڪٽي نامعلوم ڏسائن ڏانهن وڃي رهيا آهن ۽ اڄ بہ ڪڏهن ڪنهن ڪم سانگي يا ننڍپڻ جي ڪنهن پُراسرار گهڙيءَ کي ڳولهڻ لاءِ اتي ويندو آهيان تہ لڳندو اٿم، ڪاليج جي باغ اڳيان، لان ۾ ڪن وڻن جي هيٺان جڏهن هتان جا ناميارا استاد، محمد ابراهيم جويو ابنِ حيات پنهور، ع. ق شيخ، ابنِ الياس سومرو مولانا غلام محمد گرامي، اخبارِ تعليم جو

ايڊيٽر عبدالجبار عباسي، شاهه جي رسالي جو مؤلف غلام محمد شهواڻي وغيره اتي اڄ بہ ويٺا آهن ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون ويٺا ڪن.

- ۽ ع. ق شيخ سميت ٻيون بہ الائي ڪيتريون ڪهڙيون نہ مايہ ناز هستيون هن ڪاليج سان لاڳاپيل رهيون، جن کي پنهنجي پنهنجي دورن ۾ وڏو Honour حاصل هو ۽ نيٺ سرڪاري منصبن تان هُو پوءِ بيشڪ تہ ريٽائر ٿي ويا، پر علم، ثقافت ۽ ادب جي آسمان تي سندن نالا اڄ بہ، مثل چنڊ ستارن جي جرڪي رهيا آهن ۽ ابد تائين جرڪندا ئي رهندا.

- تہ مون چيو پئي تہ ٽريننگ ڪاليج ۾ اسان جي مانٽيسوري واري انهيءَ ڪلاس جي سامهون هڪ شاندار باغ هوندو هو (۽ شايد اڄ بہ هجي)، جنهن جي ڪن پڃرن اندر سمجهان ٿو تہ هرڻ ۽ ڪبوتر پيا ڇهڪندا ٻهڪندا هئا ۽ باغ جي لان ۾ وري مور پيا ٽلندا هئا ۽ انهي باغ جي وچ واري Path تان ع. ق شيخ صاحب کي ڌيرج سان هلندي، ڊرائنگ سينٽر ڏانهن ايندي ويندي ڪڏهن ڏسندو هوس، تہ لڳندو هو هي شخص بہ جهڙوڪر هڪڙو خوبصورت مور آهي (سنڌ ۾ مصوريءَ جو مور) . هونئن حقيقت هن حال ڄي، هيءَ بہ هئي تہ هي مور... هُيو بہ تہ، مورن جي ديس اڇڙي ٿر جي تعلقي ڇاڇري جي، هڪ ننڍڙي اداس ڳوٺ گڊڙي جو ۽ ع.ق شيخ صاحب جي ان ئي جنم آستان، ٿر بابت شيخ اياز ڪنهن وقت لکيو هو، ٿر جو رڻ پٽ مون کي خدا جي مصوريءَ وانگر لڳندو آهي ۽ خدا!!... جو خود هڪ عظيم ترين سرجڻهار... الخالق، الباري ۽ المصور آهي ۽ هي پوري ڪائنات، جڻ هن جو ڪينواس ئي تہ آهي ۽ بقول شيخ اياز جي، 'هي سارو ٿر ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن تصوير وانگر لڳندو آهي مون کي... جنهن منهنجي شاعري ۾ مون تي اڻ مِٽ ڇاپ ڇڏي آهي' ۽ ع. ق شيخ جي انهيءَ ٿر جو آءُ جڏهن جڏهن بہ تصور ڪندو آهيان، تڏهن مون کي هن واريءَ جي واريءَ مٿان، نهيل گهر، پڪاسو جي ڪيوبسٽ تصويرن وانگر لڳندا آهن.

- ۽ ع. ق شيخ صاحب جو هي گڊڙو ڳوٺ، عمرڪوٽ جي ڇيڙي تي آهي ۽ جتي جي ريلوي اسٽيشن هاڻي پارٽ جي ضلعي راجستان ۾ اچي وئي

آهي ۽ هي ٻوٽ گڏڙو جن جن ڏٺو آهي، اهي سڀ چوندا آهن، نجهرن، چونئرن ۽ لوڙهن تي ٻڌل هي ٻوٽ، ڪنهن مصور جي ماسٽر پيس لئنڊ اسڪيپ جهڙو ڏيک ڏيندو آهي ۽ جتي رهندڙ ع. ق شيخ جا وڏا، هڪ صدي اڳ لوهاڻا ذات جا سڏبا هئا ۽ مسلمان ٿيڻ بعد، شيخ سڏجڻ لڳا هئا.

هي ٿر، جيڪو هر سياح کي واقعي بہ ڪنهن تصوير وانگر لڳندو آهي، ان جا گهر چونئرا، گهٽيون، کوهہ، سواريءَ لاءِ ڳڏهہ، برپٽن ۾ گاهہ چرندڙ ڳايون، ڪُوهن تان پاڻي پکالن ۾ ڪڍي هلندڙ اُٺن جون قطارون، فوجي ڪيڪڙا ۽ ڊگها ڊگها پنڌ ۽ ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ اهڙن ئي منظرن واري ٻوٽ گڏڙي ۾ چوڻ پيو چاهيان، تہ اسان جي ع. ق شيخ پنهنجو خوبصورت ننڍپڻ گذاريو هو ۽ ان وقت ٿر شديد غربت جو شڪار هو ۽ ٿري ماڻهن لاءِ ڪڻڪ... اناج نہ پر ميوي مثل هوندي هئي ۽ ٿر واسي ڪڻڪ بجاءِ پُرت ۽ ٻُوهہ جي داڻن کي پيهي، روٽلا پچائي پيٽ گذر ڪندا هئا ۽ طوفاني هوائن ۾ واريءَ جا واچوڙا ايترو تہ تيزيءَ سان مٿي اڏامندا هئا، جو دور ستارن جا وچي سلامي ٿيندا هئا. ع. ق شيخ صاحب جو اهو گڏڙو... ننڍڙي قلعي جي صورت اتر ۾ پارت جي باربر لڳ، سرحدي پٽيءَ سان هو جتي ڪجهہ هزار ماڻهن جي آباديءَ سان اڄ بہ موجود آهي ۽ گڏڙي جي ريلوي اسٽيشن، جيڪا هاڻي پارت جي سرحدي ضلعي راجستان ۾ آهي ۽ هي ٻونڙو وري پاڪستان جي حدن اندر تعلقي ڇاڇري ۾ آهي، جنهن جي پر سان ٻاڙهہ ميل ڪان ڪوڪرو ۽ ميرپورخاص تائين ريلوي ٽريڪ وڇايل آهي. جنهن تان "بابوءَ واري ريل" ۾ سوار ٿي، ڪنهن وقت 'ٻاپُو- گانڌيا' هنن پٽن تان ڦيرو ڪري، ٽرين کي پاشڻ ڏيئي، ٽرين تي سوار ٿي واپس هليو ويو هو. ٿورا سال ٿيندا، جو مون بہ ان وارياسي پٽ جي ياترا ڪئي هئي، جتي واريءَ تي ڇؤنرا ڪنهن مصور جي تصوير ۾، بقول اياز: عمر خيام جي خيمي جيان ڏيکائي ڏئي رهيا هئا.

ڪنهن وقت شيخ اياز اهو بہ لکيو هو تہ 'سانوڻ ۾ هتي ڌرتيءَ جي ساواڻ سان ڪائنات ڪنهن چترڪار جي خوابگاهہ وانگر لڳندي آهي ۽

ان منډ ۾ واريءَ جون پٽون جڻ ايران اصفهان جي قالينن مثل پيون ڏيکائي ڏينديون آهن ۽ هر طرف. سارا منظر ڪنهن ازلي ابدي مصور جَي تجريدي آرٽ وانگر پيا محسوس ٿيندا آهن. جتي لهندڙ سج جون رتائيون راسون، جڻ دارا شڪوه جي رت ڦڙن مثل واريءَ تي ڇٽڪاريل پيون لڳنديون آهن... ۽ جتي سانوريون ناريون پولڪن ۾ آڏ اُگهاڙن انگن سان گهڙا مٿي تي رکي، رنگا رنگي پڙا پائي، جڏهن ڪُوهن ڏانهن وينديون آهن تہ ڏرتيءَ مٿان جڻ شفق جا پاڇاوان پيا پوندا آهن...'

- ۽ پيارا پڙهندڙؤ! هتي اهڙا منظر بيان ڪرڻ جو مقصد هيءُ بہ تہ، اسان جي مصور ع. ق شيخ جو ٻالڪپڻ ههڙي رومانوي صحرا ۾ ستارن ڀريل راتين ۽ وشال آسمان جي هيٺان سمهندي.. جاڳندي ۽ خواب ڏسندي گذريو هو. جتي هن پنهنجي رهائشي چؤنري جي وِٿين مان پڪ سان تہ ڪيئي دفعا انڊلٺ جي رنگن کي آرس موڙيندي ۽ ڪائنات ۾ رنگن کي پکڙجندي ڏٺو هوندو ۽ آءٌ ڀانئيان، تہ شيخ اياز صاحب جي مشهور شعري مجموعن "وِڄُون وسڻ آئيون"، ۽ "ڪپر ٿو ڪُنَ ڪري" جي ٽائيٽل ڊزائن ڪرڻ وقت، هُن جي اکين آڏو يقينن، ٿر جي فضائن مان ماٽيل، اهي مشاهدا هر حال ۾ سامهون رهيا هوندا.

يقين سان ٿو چوان، تہ هن جي پينٽنگس ۽ ڪوَر ڊزائنس ۾، جتي جتي بہ Impressionistic touch موجود آهي، اهو پڪ سان هن جي ٿر ۾ گهاريل زندگيءَ جي اوائلي مشاهدي مان ئي ورتل هوندو. مصوريءَ جي نقادن جو تجزيو آهي، تہ ع. ق شيخ دراصل پيدائشي آرٽسٽ هو ،جنهن جي فن کي پوءِ 'جي-جي اسڪول آف آرٽ' ۽ برسٽل جي آرٽ اسڪول واري سکيا وڌيڪ اُجاري اجو ڪري ڇڏيو هو. علاوه ازين، دنيا جي ڪيئي عظيم چترڪارن، سيزان، مونيٽ، رينائر، وان گوف، ليونارڊو ڊاونچي، رين بران، پڪاسو ۽ ٻين بہ ڪيئي چِترڪارن جو لنڊن جي ميوزيمس ۾، هُن لازمي آهي تہ مشاهدو ماڻيو هوندو ۽ گڏوگڏ، ننڍي کنڊ جي آرٽسٽن مان، عبدالرحمان چغتائي، شاڪر علي، استاد الله بخش، زين العابدين، زوار

حسين ۽ گل محمد کتري وغيره جو ڪم پڙ اڳي ٿي، هن جي سامهون هر حالت ۾ رهيو هوندو. بقول نور احمد ڪوجي جي، انهن سڀني ڪان قطع نظر، هن ڪي شخصي سطح تي، جنهن چترڪار گهڻو موهيو پئي، اهو هو روس جو مشهور مصور 'ريپن.'

تاريخ جي ورقن ۾ ريپن کي ڳوليندي، مصوريءَ جي تاريخ ڏانهن مُڙي ٿا ڏسون، تہ دنيا ۾ اها اسان کي ڏاڍي عجيب و غريب ٿي ٿي نظر اچي. ڪليسائن جي دور مان پتو پيو تہ ان وقت جا مصور، رڳو پنهنجي پوپ جون تصويرون ناهيندا هئا. جڏهن بادشاهت دنيا ۾ پرگُهت ٿي، تڏهن هٿ ۾ جهليل گلاب سميت شهزادن ۽ شهزادين جي حُسن جون ادائون مصوريءَ جو حصو بڻجنديون نظر آيون. تنهن بعد، نهايت جلد مصورن، نيچر جي منظرن کي خوبصورت لئنڊ اسڪيپس ۾ منعڪس ڪرڻ شروع ڪيو. حضرت ابراهيم عليہ السلام جي دور ۾ بت تراشن، عظيم بت تراش 'آذر' جي سربراهيءَ ۾ برابر تہ بُت تراشيا، پر اسلام جي آمد سان ئي، چوڏنهن سؤ ورهيہ اڳ بُت تراشي ۽ تصوير ڪشي، مڪمل طرح سان شجرِ ممنوع قرار ڏني وئي. دنيا اندر روس ۾ صنعتي انقلاب منهن ڪڍيو تہ چترڪارن... پورهيتن ۽ محنت ڪشن جي تاٽيل رَڳُن ۽ پيشانين تي سخت پورهيي سبب پيدا ٿيندڙ پگهر ڦڙن ۽ انهن جي ڪسرتي جسمن جي زاوين ۽ بُک وگهي پاهہ ٿيندڙ هڏياتي هڏين جا، انگ ڏنگ چِٽڻ شروع ڪيا ويا. هوڏانهن بنگال جي عظيم مصورن وري پنهنجي چِترن ۾ بوڏ، بُک، بدحالي، مفلسي ۽ غربت کي پينٽ ڪرڻ جو رواج وڌو ۽ دراصل ان ئي زماني کان وٺي، دنيا جي چِترڪارن، پنهنجي چِترڪاريءَ ۾ 'خواص' سان گڏ 'عوام' کي بہ جاءِ ڏيڻ شروع ڪئي.

اسان جي هن ملڪ پاڪستان ۾ آرٽ واري تاريخ ۾ درج آهي تہ، هتي مصوريءَ جي پهرين نمائش... پهريون پيرو 1952ع ۾ مشرقي پاڪستان جي شهر 'ڍاڪا' ۾ ٿي هئي ۽ ان کان پوءِ ئي فني شه پارن جي نمائشن جو سلسلو هتي شروع ٿيو هو. هن ڪتاب ۾ جيئن سڀني دوستن بہ لکيو آهي تہ، ع. ق شيخ صاحب، ابتدا ۾، محض ڊرائنگ ٽيچر هو ۽ ان ٽيچنگ لائين ۾

ع. ق. شيخ

اچڻ بعد ئي، ”جي- جي اسڪول آف آرٽ بمبئي“ ۾ پرسنل جي آرٽ اسڪول مان ڪوششون ونيون. فني سکيا ماڻي هئي ۾ جنهن جي نتيجي ۾ بلآخر هُن پاڻ کي مجموعي طرح تاثريت پسند Impressionist ۽ تجريدي انداز واري مصور طور سڃاڻپ ڏيارڻ ۾ ڪاميابي ماڻي. ستر واري ڏهاڪي ۾ جيستائين هن جي شاگردن مان ظفر ڪاظمي ۽ علي اڪبر وغيره اڀري سامهون نہ آيا هئا، تيستائين سنڌ ۾ صرف ۽ صرف ع. ق شيخ ۽ گل محمد کتريءَ جي نالي جوئي ڇوٻول هر هنڌان پيو ٻڌبو هو.

دنيا اندر، مصوريءَ جي فن ۾ هر وڏي آرٽسٽ جي، مصوريءَ جو ’هڪ دؤر‘ ڏسڻ ۾ آيو آهي، جيئن مثال طور پڪاسو جو ’روز پيريڊ‘ 06_1905ع تائين هليو هو، جڏهن هن پنهنجي هر چتر ۾ گلابي رنگ کي استعمال ڪرڻ پسند پئي ڪيو. بلڪل ائين ۾ ان ئي ريت سٺ کان ستر واري ڏهاڪي کي اسين ع. ق شيخ جي ’ٻِسٽ ڪورز‘ ناهڻ جو پيريڊ شمار ڪري سگهون ٿا. جڏهن هن سنڌي ادبي بورڊ ۾ ٻين پرائيويٽ ادارن جي ڪتابن لاءِ بي حد و بي حساب شاندار ڪوَر ڊزائن وضع پئي ڪيا ۾ نہ فقط ايترو پر ان عرصي دوران هن پورٽريٽ، ٽيڪسٽائيل ڊزائينس ۾ ڪيئي لئنڊ اسڪيپ پڻ ناهيا جيڪي ٽماهي ’مهراڻ‘ جي مختلف شمارن ۾ شايع ٿيندا رهيا ۾ ايئن 1950ع کان 1970ع وارا ويهہ ورهيہ هن باقائده پوري ميچوئرٽيءَ سان پئنٽنگ جو ڪم دل و جان سان ڪيو.

1973ع ڌاري ع. ق شيخ جي ريٽائر ٿيڻ ۾ هيرآباد مان، شهر کان دور بابن شاهہ ڪالونيءَ جي ويران علائقي ۾ وڃي رهڻ، جسماني ڪمزوري ۾ اقتصادي طرح پٺتي پئجي وڃڻ سبب، سنڌ ۾ مصوريءَ تي بہ جهڙوڪر زوال جي شروعات ٿي وئي هئي ۾ ع. ق شيخ صاحب سميت گل محمد کتري، ظفر ڪاظمي، علي اڪبر سومري ۾ دارا ابڙي کي، جيڪو بہ ڪم ڪرڻو هو اهو هُو ڪري چڪا هئا ۾ اهڙي صورتحال مان اگرچہ فتاح هاليپوٽو خدا بخش ابڙو رضوان منگي ۾ محمد علي پٺي ايرندي نظر بہ آيا پئي، پر بهرحال اها بہ حقيقت آهي تہ 80ع واري ڏهاڪي تائين ع. ق شيخ صاحب جا ڪينواس ۾ رنگن جا پيالا گهر مان گم ٿيندا پئي ويا.

آرٽ جي نقادن جي راءِ آهي، تہ ع. ق شيخ صاحب، سنڌ اندر ورهاڱي کان پوءِ آرٽ جي دنيا جو ڪئليبر وارو ۽ جينيئس مصور هو. آرٽ جي نقادن جو هيءُ بہ چوڻ آهي تہ هُو نقال نہ پر اوريجنل ۽ Creative مصور هو. فارميٽ جي لحاظ کان جيتري قدر مون سندس ڪم ڏٺو آهي، اُهو Re-Presentational اسٽائل ۾ نظر آيو اٿم. رستا، گهٽيون، ٽيبل ڪرسي، پاڙا، گهر، انهن مٿان منگهہ. نج سنڌي ماڻهوءَ جي ڏسٽي ۾ Perfection سان ڇٽيل اهڙي مصوري، ممڪن آهي، هند - سنڌ ۾ اڳ ئي هتان جي هندو مصورن وٽ بہ رائج هجي، پر مسلمان آرٽسٽن مان غالباً عبدالرحمان چغتائي اهو پهريون مسلمان مصور هو جنهن مغل شهزادن، شهزادين ۽ مغل دربار کي پينٽ ڪري، مغل آرٽ جو بنياد رکيو جنهن جي ننڍي کنڊ ۾ 1920ع ڌاري هن نمائش ڪرائي هئي ۽ آءُ پائنيان تہ 'مرقع چغتائي' اهو پهريون فني شهہ پارو آهي، جنهن ان وقت جي هند - سنڌ جي ابرندڙ مصورن ۾ Re-Presentational اسٽائل کي اپنائڻ لاءِ آماده ڪيو هوندو.

شيخ صاحب جي سيني شاگردن جو چوڻ آهي تہ سياءُ جي لحاظ کان هُو ڏاڍو ٻاجهارو ۽ نهايت رحم دل انسان هو. ديني لاڙو هن جو ڪٽي ڪهڙي بہ فقيہ ڏانهن هجي يا ممڪن آهي، هجي ئي نہ. پر مون کي هُو سدائين 'جئن مت' جي مڃيندڙن وانگر ئي نظر ايندو هو. هن جي اڪثر شاگردن جو چوڻ آهي تہ پاڻ چوندو هو "ڪنهن پنَ تہ نهيو پر جي پير، ڪنهن ڪِيڙي يا مَاڪوڙي تي اچي وڃي، تہ اهو بہ 'مها پاپ' آهي، پاڻ اهو بہ چوندو هو تہ 'ڪنهن کي جيترو بہ گهٽ ڏک رسائجي اوترو چڱو' ۽ ايتري تائين بہ چوندو هو تہ 'باهہ پاڻيءَ سان بہ برو ورتاءُ نہ ڪجي تہ چڱو.'

هن جو والد صاحب جيئن تہ حڪيم هو ۽ بقول نور احمد ڪوجو سندس ڪجهہ 'مجرد نسخہ' ع. ق شيخ صاحب وٽ بہ هوندا هئا، جيڪي پڪ سان، هن صرف پاڻ تي ئي پٽي واپرايا. هن جو هي والد حڪيم قادر شيخ صاحب سخت مذهبي ماڻهو هوندو هو پر ع.ق شيخ صاحبَ، مذهبي انداز واري گفتگو ڪرڻ کان سدائين پرهيز ڪئي ۽ ادب جي عظمت ۽ مصوريءَ سان محبت کي ئي هُو پنهنجو اصل دين ڌرم سڏيندو هو.

ع.
ق.
شيخ

بطور ڪهاڻيڪار، ڪهاڻي لکڻ جو عمل به ع. ق شيخ صاحب وٽ، تصوير ڪشي وانگر ئي اهم هو. چوندو هو... تصوير ۾ رنگن ۽ لڪيرن سان احساس اپارجن ٿا ۽ ڪهاڻيءَ ۾ وري اهو ئي ڪم احساسن ۽ لفظن جي مدد سان ڪبو آهي. ان حوالي سان ڏسبو ته، هن جون اڪثر ڪهاڻيون پنهنجن ئي آس پاس جي ماحول، ذاتي مشاهدن تي ٻڌل سنڌي سماج جون جهڙوڪر تصويرون ئي آهن. ون يونٽ واري قهري دور ۾ سنڌ جي نقشي ڊاهڻ تي کين جيل موڪليو ويو ته 'ابابيل' نالي واري ڪهاڻي لکيائين. شام جو پنهنجي شاگرد علي اڪبر سان شهر حيدرآباد جي گشت تي نڪري، ڪنهن چانهه جي هوٽل تي وڃي ويٺو هو ته 'آسرو' جهڙو افسانو سندن ذهن ۾ آيو. وطن جي ورهاڱي جا منظر ڏٺائين ته، 'حيدرآباد - 1947ع' جهڙي افساني کي جنم ڏنائين. پنهنجي افساني 'پريشان انسان' ۾ وري هن جهڙوڪر پنهنجي ئي آتم ڪٿا لکي آهي، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته هڪ وڏو عيال دار ماڻهو ٿوري پگهار تي ڪيئن نه وڏن عذابن کي منهن ڏيندو ٿو رهي. اصل ۾ بنيادي طرح ع. ق شيخ صاحب آرٽسٽ هو پر چاڪاڻ ته ساڳئي وقت هُو وڏو عيال دار به هو ان ڪري هر هڪ فرد جي پرورش هن کي ئي اڪيلي سر ڪرڻي پوندي هئي. سندس پگهار بنهه مختصر هو جڏهن ته مصوري ڪرڻ، هڪ انتهائي مهانگو شوق ۽ شغل آهي، جنهن لاءِ هر حالت ۾ وڏي سرمائي جي ضرورت هوندي آهي، اهڙين حالتن ۾ ع. ق شيخ جهڙي جينوئن آرٽسٽ کي پيٽ گذر لاءِ پرفيشنل آرٽسٽ بنجڻو پيو. جنهن جي نتيجي ۾ پنهنجو آرٽ پروموٽ ڪرڻ جي بدران، هن کي ادبي ۽ نصابي ڪتابن جا ڪوَر ڊزائن ڪري، حياتيءَ جو گاڏو گهلڻو پئي پيو. باوجود ان جي ع. ق شيخ جو اهو پروفيشنل ڪم به ڏٺو وڃي، ته هر حالت ۾ Creative ۽ Fine نظر ايندو.

شيخ صاحب جي بقول، صرف 19 ورهين جي ڄمار ۾ هن پاڻ کي دريافت ڪيو هو ۽ عبدالله قادر بخش مان ڦري ع. ق شيخ بڻيو هو. مذهبي ۽ راسخ العقيده مولوي پيءُ جي هن نوجوان پٽ ع. ق شيخ کي ننڍپڻ ۾ صنم تراشڻ ۽ چِٽر چٽڻ لاءِ ڪنهن اتساهيو يا آماده ڪيو؟ ۽ ان لاءِ به، هن پاڻ ئي

ڪٿي لکيو آهي ته، هن پاڻ کي پاڻ ئي ان فن ڏانهن راغب ڪيو هو. اهڙي ابتدا دوران هن پهرين پهرين ڇا تخليق ڪيو ڪهاڻي يا ڪو چِتر؟ ۽ اهو ڪيئن چئجي؟ البته هن جي ڪهاڻي 'حيدرآباد-1947ع' هر لحاظ کان هن جي اوائلي ڪم جي ڏس ۾ هڪ آرٽ پيس شمار ڪئي وئي ۽ ان ڪهاڻيءَ لاءِ اج ڪير چوندو ته هيءَ محض هڪڙي ڪهاڻي آهي؟ هيءَ ته Epic آهي، مرثيو آهي، ڏارين هٿان حيدرآباد جي يرغمال ٿي وڃڻ جو... ۽ پهريون احتجاجي تاريخي سُڏڪو آهي شهر حيدرآباد جو.

پنجاهه واري ڏهاڪي ۾، جڏهن هُو شهر حيدرآباد ۾ پهتو ته محمد ابراهيم جويي صاحب جهڙي جوهريءَ جي هٿ اچي ويو. ڪهاڻيڪار مراد علي مرزا، قاسم شاڙ نوجوان مرزا تجمل ابنِ مرزا گل حسن احسن ڪربلائي، ممتاز مرزا ۽ ابنِ حيات پنهور جهڙا لائق ساٿي ۽ صحبتي هن کي هتي (حيدرآباد ۾) اچڻ سان ئي ميسر ٿيا ۽ ڏٺو وڃي ته ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ليکڪن جي ڪيمپ به دراصل اها ئي ته هئي، يعني روشن خيال ليکڪن جي اهڙي ڪيمپ... جن وٽ مارڪي فلسفي مطابق دنيا کي بدلائڻ جا سوين خواب هئا.

ع. ق شيخ جي افسانن ۽ نثر تي مراد علي مرزا ۽ ڊاڪٽر قاضي خادم هن ڪتاب ۾ ڪي قدر تفصيل سان لکيو آهي. ان ڪري اختصار سان هتي ايترو البته آءٌ ضرور لکندس ته، ع. ق شيخ اُنهن خوشنصيب سرجڻهارن مان هڪ هو جنهن جي هڪ هٿ ۾ قلم، ته ٻئي هٿ ۾ برش هو ۽ هن انهن ٻنهي سان سنڌي سماج جي بي پناهه خدمت پئي ڪئي.

نوجوانيءَ ۾ فني سکيا وٺي، بمبئيءَ ۽ ان کان پوءِ بي تربيت وٺي لنڊن مان جڏهن هُو موٽيو هو ته اتان جي سماج جا افسانا ذهن ۾ کڻي موٽيو جن جو ذڪر دوستن سان ڪندي هُو ڪڏهن به ڪونه ٿڪبو هو دوستن ڪيس چيو ته اهي لکي به وٺو نه... تڏهن پاڻ اهڙين تحريرن کي 'ڊائري اسٽائيل' ۾ لکيائين، جيڪي سندس خاندان وارن وٽ اج به محفوظ آهن. 'ڪهاڻي فن' ۾ هُو بيشڪ ته حقيقت نگاريءَ جو قائل هو پر پئنٽنگ ۾ هن ريئلسٽڪ

ع. ق. شيخ

ائپروچ سان گڏ، ائبسٽريڪٽ فارميٽ بہ اپنايا آهن ۽ پينسل، واٽر ڪلر ۽ روغني رنگن ۾، هن جيڪي اسڪيچ، پورٽريٽس ۽ لئنڊ اسڪيپ وغيره ناهيا آهن، انهن ۾ جابجا هن جي ڪلر اسڪيم، سندس ئي سياءُ وانگر جديد، ٿڌي ۽ اکين کي آرام ڏيندڙ محسوس ٿئي ٿي، گويا ڌيرج، وقار ۽ نرمي هن جي گفتگو ۽ سياءُ ۾ بہ هئي، تہ هن جي رنگن، لڪيرن ۽ دائرن ۾ بہ.

باوجود مالي پريشاني، باوجود جسماني ڪمزوري، باوجود ٿڪاوٽ جي، سڀ چون ٿا، ع. ق شيخ صاحب کي اجا بہ جيئڻ جي خواهش ۽ زندگيءَ سان شديد تر پيار هو ۽ ان جي باوجود پوءِ دنيا کان هُن، بي دليءَ سان منهن ڇو موڙيو؟ ڇو اوچتو ئي اوچتو هليو ويو هتان؟ ۽ هن دلفريب دنيا سان لنئون لڳائيندي، ان کي ائين ڇو ويٺي ويٺي تياڳي هليو ويو. سوچان ٿو هن ڪتاب جو داد ڏيڻ لاءِ ڪنهن ڏينهن خواب ۾ جي هُو ڪڏهن مون وٽ آيو تہ اهو ڪجهہ... هر حالت ۾ آءٌ کانئس ضرور پڇندس.

...۽ مون کي ياد آهي، جنهن وقت 15هين آگسٽ تي شام ڏاري، هن جي ڏولي ڪنڌين پئي وئي، آءٌ ڪانڌين ۾ موجود هوس. لحد ۾ لاٿو پئي پئي ويو تہ مون ان وقت بہ هُن کي ڏٺو پئي، سوچيم، هڪ عظيم وجود مٽي امڙ جي هنج ۾، ڇا هميشہ لاءِ لهي ويو پر نہ... ڌرتيءَ ۾ تہ صرف هن جو خاڪي جسم آسودهءِ خاڪ پئي ٿيو. هُن جو روح، شعور، خواب، خوابن جا رنگ، تصويرون ۽ لڪيرون تہ هُو سڀ اسان ۾ ئي ڇڏيو پئي ويو. تڏهن نما شام ۾ تبديل ٿيندڙ سانجهہ وقت پکين جا ولر الائي ڪهڙي پار ڏانهن اُڏامندا پئي ويا ۽ مون ان وقت سوچيو هو ع. ق شيخ صاحب گڏڙي جي جنهن چوٿري ۾ جنم ورتو هو. ان رات آسمان ۾ چنڊ جو 'اُهاءُ' الائي هو الائي نہ! پر جنهن وقت هُو لحد ۾ لهي چڪو هو ڪا گهڙي گذري تہ ڏٺم، بابن شاهہ ڪالونيءَ جي اُجاڙ ويران قبرستان مٿان، هُن جو فيوريٽ چنڊ، سندس لحد مٿان ڪنهن ازلي ابدي فانوس جيان، پوري آب و تاب سان چمڪي رهيو هو.

حيدرآباد

23.06.2010

❊

## ع.ق.شيخ

## نصير مرزا

☼

### آرسي

| | |
|---|---|
| نالو: | عبدالله شيخ |
| ادبي نالو: | ع. ق. شيخ |
| پئدائش: | 8 مارچ 1914ع |
| پئدائش جو هنڌ: | ڳوٺ ڳڏڙو تعلقو ڇاڇرو ٿرپارڪر |
| والد صاحب جو نالو: | حڪيم مولوي قادر بخش شيخ |
| والده صاحبه جو نالو: | ولايت خاتون |
| شيخ صاحب جا ڀائر: | ٻه- محمد عثمان شيخ ۽ احمد علي شيخ |
| ڀينرون: | ٻه- مريم شيخ ۽ حوا (ڏيلان) شيخ |
| گهرواريءَ جو نالو: | حميده بيگم. (وفات: 2005ع) |
| مدفن: | بابن شاهه وارو قبرستان حيدرآباد |
| والد صاحب جو ذريعءِ معاش: | استاد، تعليم کاتي ۾ سپروائيزر، حڪيم، مدرس، خطيب، پيش امام (جامع مسجد ميرپورخاص) ۽ ڪُتب فروش (دُڪان جو هنڌ: لڳ جامع مسجد ميرپورخاص). |

والد صاحب جي رهائش: غريب آباد ميرپورخاص

سُڄاڻپ جا شعبا: چترڪار، ڪهاڻيڪار، آرٽ ٽيچر، بُوڪ ڊزائينر، تاريخ نويسي.

اولاد: هڪ پُٽ- نذير حسين شيخ. (جيڪو دل جي تڪليف سبب 2008ع ۾ گذاري ويو.)

نياڻيون: ڇهه- رشيده يار محمد بلوچ، نجمه آفتاب علي شيخ، زرينه محمد فاروق صديقي، خورشيد شيخ، حُسنه شيخ، ڊاڪٽر ممتاز سلطان جنجهي (ڄام ساقيءَ جو ننڍو ڀاءُ)، نسيم محمد صديق ميربحر.

شيخ صاحب جي تعليم: ايم. اي. ايل. ايل. بي. پوسٽ گريجوئيٽ، ڊپلوما 'لئبريري سائنس'

درسگاهون: سنڌ يونيورسٽي.

جي. جي. اسڪول آف آرٽس بمبئي.

انگلينڊ اڪيڊمي آف آرٽ، برسٽل، برسٽل يونيورسٽي انگلينڊ.

ٻولين جي ڄاڻ: سنڌي، اردو ۽ انگريزي مهارت سان ڳالهائي سگهندا هئا.

جن رسالن ۾ سنڌن

ابتدائي افسانا شايع ٿيا: تماهي 'مهراڻ' (1955ع کان)، ماهوار 'نئين زندگي' ۽ ٻيا.

سنڌن مشهور ترين افسانو: حيدرآباد — 1947ع

پهريون فڪري سُونهون: محمد ابراهيم جويو صاحب

پوئين دور ۾ حُجائتو دوست: نور احمد ڪوجو

پهرين نوڪري: سنڌ زراعت کاتي ۾ ڪلارڪي

نوڪريءَ جا هنڌ: آرٽ ٽيچرس ٽريننگ سينٽر, ٽريننگ ڪاليج فار مئن حيدرآباد.
هيڊ آف آرٽ ڊيپارٽمينٽ پبلڪ اسڪول, لطيف آباد حيدرآباد.

سرڪاري نوڪريءَ مان رٽائرمينٽ: پاڻ مارچ - 1973ع تي گورنمينٽ ايليمينٽري ٽريننگ ڪاليج فار مئن جي ڊرائنگ ٽيچرس ٽريننگ سينٽر جي انچارج انسٽرڪٽر جي حيثيت ۾ رٽائر ٿيا.

سندن مشهور ڪتاب: اسان جي مصوري (ترجمو), تاريخ اسلام, داستان اندلس, نازڪ روح رهاڻ, ڪهه - ڪٿوري, محبت جي راهه تي, خط: ع. ق. شيخ. (پاڻ مصوريءَ جي فن بابت ڪيترائي تحقيقي مضمون لکيا ۽ ليڪچر پڻ ڏنا هئا.)

جن مشهور ڪتابن جا ٽائيٽل ڊزائين ڪيائون: چچ نامو ديوانِ قليچ, سائو پن يا ڪارو پنو اُهي ڏينهن اُهي شينهن, جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي, رڳون ٿيون رباب, ڪپر ٿو ڪُن ڪري, پؤنر پري آڪاس, وِڇون وسڻ آيون, لوڪ ڪهاڻيون, بلو کوکر, جنب گذاريم جن سين, جادو ۽ سائنس, دنيا جا عظيم افسانا, جنگناما, ڪلامِ بلبل, گل قل, سئر ڪوهستان, آفتابِ ادب, خوش خصلت خاتون, تماهي مهراڻ جي ڪيئي شمارن کان سواءِ پين به ڪيترن ئي مشهور ڪتابن جا ٽائيٽل ڪور ڊزائين ڪيائون.

سندن مصوريءَ

جون نمائشون: 1960_61ع ڌاري مصورن جي گڏيل نمائش ۾ سندن تصويرن جو نماءُ ٿيو. آخري ڀيرو 82_1981ع ڌاري سنڌ آرٽسٽ گِلڊ جي اهتمام هيٺ ٽريننگ ڪاليج ۾ مصورن جي گڏيل نمائش ۾ ع. ق. شيخ جي پئنٽنگس جي نمائش پڻ ٿي هئي.

جن ڪتابن تي تبصرا لکيائون: هُوءَ_ڪيرت ٻاٻاڻي، پريت پراڻي، ريت نرالي_ سُندري اُتم چنداڻي.

سندن مشهور شاگرد: ظفر ڪاظمي، دارا عالم ابڙو علي اڪبر سومرو، علي نواز قلپوٽو، فتاح هاليپوٽو، هارون چنا، منور ميمڻ، شيخ محمد بخش عادل ۽ ٻيا.

ناميارا چترڪار

جن وٽانئس اُتساهه ماڻيو: محمد علي پيتي، خدا بخش ابڙو ساجد قريشي، نظير قاسمي ۽ زاهد دارا ابڙو وغيره وغيره.

ايوارڊ: ماهوار ’نئين زندگي‘ پاران کين لائيف اچيومينٽ ايوارڊ ڏنو ويو.

اعزاز: کين 1981ع ڌاري سنڌ آرٽسٽ فورم جي باني چيئرمين طور چونڊيو ويو هو. وفات بعد گورنمينٽ ايليمينٽري ٽريننگ ڪاليج فار مئن ۾ سندن نالي سان آرٽ گئلري قائم ڪئي وئي آهي. علاوه ازين سنڌ ميوزيم ۾ سنڌ ثقافت کاتي پاران سندن نالي سان ’ع. ق. شيخ ڪارنر‘ پڻ قائم ڪيو ويو آهي.

سندن پسند جو رنگ: نيرو

وفات: 15 آگسٽ 1991ع

وفات جو سبب: ڪابه بيماري نه صرف جسماني ڪمزوري رات جو پيٽ ۾ هلڪو سُور ٿين، صبح جو هنڌ تي بي ساهه هئا.

مدفن: بابن شاهه ڪالونيءَ وارو قبرستان، نزد ٽنڊي سڙڪ حيدرآباد



ع. ق. شيخ صاحب جو پورٽريٽ

آرٽسٽ: هارون چنا

نثار حسيني

☼

# هڪ فنڪار جي ڪهاڻي
## مصور ع.ق. شيخ جي زباني

لطيف، رنگ جي دنيا جي اهميت کان متاثر ٿي هڪ هنڌ چيو آهي، ”ايئن سي اڻ انگيا جيئن سي چنيءَ چٽ“ ۽ ”ڪنڀ نہ ڪاري تنهن ڪي جو هالاري هوءِ.“ اجا ٻئي هنڌ فرمائي ٿو تہ: ”هُو جي رنگ رڱين سي ڪتي ڪنڀ ڪٽي ويا.“ يقينن اهي لفظ لطيف سرڪار ڪنهن فنڪار جي موت کان متاثر ٿي چيا هوندا. ڀلا سنڌ ديس ۾ فنڪارن جي ڪا ڪمي! هتي تہ هر فن جنم ورتو. ڪٿي ننڍاڪڙي نچڻي جي تخليق ٿي، تہ ڪٿي ”ڪوهياريءَ“ جي تانَ فضا ڪي جهوماين تہ ڪٿي تند جي تنوار ڪنڌ ڪيرايو. اج بہ ساڳيا سُر، ساڳيءَ چُنيءَ چٽ تي ساڳيا چترڪار، رنگَ ۽ انگَ جا صاحب موجود آهن. سنڌو ديس خود هڪ فن جو اعليٰ مظهر آهي، پر فرق صرف اهو آهي تہ اج ننڍاڪڙي نچڻيءَ جي بجاءِ ٿر جي بيحال ٻکن ۾ پاہ ٿيل، اداس اداس چهرن جي چِترڪاري ٿئي ٿي ۽ مها پوجاريءَ جي جاءِ تي هڪ پٽيوالي جي ڪنن جيون جو عڪس پيش ٿئي ٿو. فنڪار ساڳيو پر گهاڙيتا ٻيا! چترڪار ساڳيو پر چِٽ جو انداز آور. تماهي ”مهراڻ“ منهنجي سامهون آهي. پٽيوالو ۽ ان جي جِيوَن چِتر منهنجي اڳيان آهي، پر چترڪار جي ڳولا آهي. آءٌ ننڍو آهيان پر اها آس اٿم تہ انهيءَ پٽيوالي جي چترڪار انهيءَ

لُونگيءَ ۾ اجرڪ جي جوڙيندڙ کي ضرور ڏسان. هُو ضرور لطيف جي دور جو ماڻهو هوندو. ها... ها! اهو ئي تہ ننڍاڪڙي نچڻيءَ جو خالق آهي. آءٌ ڪيس ضرور ڏسندس ۽ پوءِ اهو ڏينهن بہ آيو ڪيس اجرڪ جي تِڳي شرٽ پيل هئي، بدن ۾ سنهو سادو... بلڪل سادو اڌيڙ عمر جو ماڻهو. مون کي هڪ دوست ساڻس تعارف ڪرائيندي چيو "هي آهي ع. ق. شيخ." منهنجي خوشيءَ ۽ تيرس جي حد نہ رهي. خوشي ان ڪري جو آءٌ پنهنجي تصور جي فنڪار، هيڏي وڏي ماڻهوءَ سان مليو هوس ۽ تيرس ان ڪري ٿيم. تہ ايڏو وڏو فنڪار ۽ ايترو سادو!! مون کي گلي مليو. مون ائين محسوس ڪيو تہ اسين آدجڳاد کان واقف آهيون. مون ايتري پنهنجائپ ۽ سادگي بئي ڪنهن بہ فنڪار ۾ اڄ ڏينهن تائين ڪانہ ڏٺي ۽ انهيءَ ڏينهن بہ دوستن سان گڏ وتس وياسين، ٻاهر آيو ساڳي دستوري مرڪ منهن تي هيس: اکين ۾ فنڪارانہ عظمت، جا مون پهرئين ڏينهن محسوس ڪئي هئي ۽ جڏهن بہ ساڻس ملندو آهيان تہ ائين محسوس ٿيندو آهي. هُو سيني سان ڀاڪرين مليو. خوش خير آفيت ڪرڻ بعد مون ڏانهن معلوماتي نهار ڪيائين. آءٌ سمجهي ويس. چيومانس تہ، 'سائين ڪتابي سلسلو ڇپيا ڪڍون، جنهن لاءِ توهان کان هڪ مصور جي حيثيت ۾ تجربو ۽ معلومات حاصل ڪنداسين.' هُو ڇرڪيو ۽ پوءِ کِليو چيائين تہ: "آءٌ هڪ مصور جي حيثيت ۾ اوهان کي تجربو ۽ معلومات ڏيان! آءٌ تہ مصوريءَ کان ڪوهين پري آهيان. سنڌ ۾ ڪافي سٺا فنڪار موجود آهن، انهن کان ڪا معلومات وٺو جنهن مان پڙهندڙ بہ ڪجهہ پِرائين. باقي اسان جهڙا پيٽ پالو تہ گهڻا ئي ملندا، اسان ڪهڙي فني خدمت ڪئي آهي؟"

دل ۾ سوچيم، تہ هي ٽيهہ چاليهہ سال خدمت ٿوري آهي. خير ڪافي زور کان پوءِ پاڻ راضي ٿيو. وقت مقرر ٿيو اسين سوال نامي سميت سندس جاءِ تي پهتاسين، چا ڏسون جنهن ڪمري ۾ اسان ويٺا هئاسون، هر شئي بلڪل نموني سان پنهنجي پنهنجي جاءِ تي رکيل هئي. پردا سادا پر ڊزائينون عمديون. ڪتابن جا ڪٻٽ، هڪ ٽيبل تي مطالعي جي ڪتابن جي ريڪ، جا ٽيبل تي پئي هئي. ڏاڍي سهڻي پئي لڳي. اسان شيخ صاحب کي سوال نامو ڏنوسين. سوال نامي ۾ اٽڪل ٻارنهن سوال هئا. جنهن جي جواب ڏيڻ ۾ بہ اٽڪل ٽي ڪلاڪ لڳي ويا. عجيب ڪيفيت هئي ان مهل.

ع.
ق.
شيخ

هڪ عجيب تاثر هو ان فنڪار جي جِيوَن ڪهاڻي ٻڌڻ ۾. اڃو تہ اوهان کي بہ ان تاثر جي ڪجھ چاش چکايون.

**ڪهاڻي سنڌو ۾ سِپجي ٿي:**

ع. ق. شيخ، ٽنڊي الهيار ۾ هڪ پرائمري استاد جي گهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم بعد ميرپورخاص ۾ انگريزي پڙهڻ ويٺو. مئٽرڪ جي امتحان ۾ بہ ٽي ڪاهون ڪيائين پر ڪاميابي نہ ٿي. واپس گهر پهتو... جتان ڪنڊياري شهر ۾ ائگريڪلچر کاتي ۾ نوڪريءَ ۾ گهڙيو پر ڪيس ڪو فائدو نظر نہ آيو. اسان جڏهن ڪانئس فن جي دنيا ۾ قدم رکڻ جو ذاتي سبب پڇيو تہ وراڻيائين، ”مون کي مصوري سان ڪابہ دلچسپي نہ هئي پر ائگريڪچر کاتي واري نوڪريءَ جي دوران ائين ٿي ڊرائنگ جي امتحان ۾ ويهي رهيس ۽ پاس ٿي ويس... پوءِ جڏهن ڏٺم تہ انهيءَ نوڪريءَ مان ڪو فائدو ناهي، تڏهن ڊرائينگ ماستريءَ لاءِ ڪوشش ڪيم، جا مون کي منيءَ ۾ ملي ويئي.“ منيءَ ۾ شيخ صاحب ٻڌايو تہ، ”هڪ ڊاڪٽر سان گڏ رهڻ ٿيو، جتي اڪثر ڪامورا ايندا رهندا هئا، جن کي پُرتڪلف پارٽيون ڏيڻ تمام ضروري هوندو هو ۽ جنهن لاءِ ٿيھ ربيا پگهار جو جاءِ ٻي مسوا ڙ ۽ پيٽ جي پورت بہ مس هو سو ناڪافي ٿي پيو. تنهن ڪري خيال ڪيم تہ سِکيا وٺڻ ضروري آهي، ڇوتہ سکيا وٺڻ کان سواءِ پگهار وڌڻ مشڪل آهي. سِکيا ان وقت بمبئيءَ مان وٺڻي پوندي هئي. انهيءَ ڪري آءُ ڪوٽڙيءَ آيس ۽ اچي مسٽر جئسواڻيءَ سان مليس. جو اهو ٽريننگ ڪورس ڪري آيو هو. هن مون کي ان سلسلي ۾ ڪافي معلومات ڏني ۽ واپس اچي بمبئيءَ وڃڻ جون تياريون شروع ڪيم.“

**ڪهاڻي بمبئي ۾:**

شيخ ٻڌايو تہ، ”هي زمانو 1938ع جو هو. آءُ بمبئي پهتس، جتي هڪ آرٽ انسٽيٽيوٽ ”ڪيترس انسٽيٽيوٽ“ ۾ داخلا ورتم جنهن جو اڳواڻ هڪ مرهٽو هو. مسلمانن لاءِ هڪ ”سبحاني“ نالي هاسٽل ۾ رهڻ جو بندوبست ٿيل هو. هن انسٽيٽيوٽ ۾ شاگرد ڏاڍا هوشيار هوندا هئا، جي ماڻهوءَ کي سامهون ويهاري پنجن منٽن ۾ اسڪيچ ڪڍي وٺندا هئا. هتي

ٽريننگ ڪورس ۾ مون سان گڏ سنڌ جا ٻه ٽي هندو گڏ هئا.“ ٽريننگ ڪورس امتيازي حيثيت سان پاس ڪرڻ بعد شيخ صاحب واپس وطن آيو ۽ ميرپور خاص ۾ نوڪريءَ ۾ گهڙيو. چند ڏينهن کان پوءِ ڪيس هڪ دوست ببلاڻي کان خط آيو جو بمبئيءَ ۾ ڊپلوما ڪورس ڪري رهيو هو. هن شيخ صاحب کي اهو ڪورس ڪرڻ لاءِ چيو ۽ انهيءَ ڪورس ڪرڻ بعد سٺي ترقي ملڻ جو به يقين هو. ان ڪري شيخ صاحب ڊپلوما ڪورس ڪرڻ جو ارادو ڪيو. هن چيو ته ”دوست جي خط ملڻ کان پوءِ ويتر وڌيڪ چاهه ٿيم ته اهو ڊپلوما ڪورس ڪري اچان. خيال ڪري گهر آيس. والد صاحب کان وڃڻ جي اجازت گهريم. پر جيئن ته والد صاحب هڪ سادو سودو مسلمان هو. تنهن ڪري ايڏي ڏوراهين پنڌ تي هڪ اڪيلي پٽ کي ۽ تصوير ڪشيءَ جي ڪورس لاءِ ڇڏڻ، سندس لاءِ ڏکي ڳالهه هئي. پاڻ صفا انڪار ڪيائون ۽ آءُ واپس اچي نوڪريءَ تي چڙهيس پر پُور پچائيندي پچائيندي اتان ئي نوڪريءَ کان موڪل وٺي وڃي بمبئيءَ پهتس. ڪيسي ۾ صرف ياڙي جا پئسا هئا، تنهن ڪري ٽي چار ڏينهن فٽ پاٿ تي گذارو ڪرڻو پيو. آخرڪار وري ساڳي ئي سبحاني هاسٽل ۾ رهڻ جو بندوبست ٿي ويو. باقي خرچ پکو ڪٿان اچي؟ انهيءَ مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ ڳوٺ خط روانو ڪيم. ڳوٺان هڪ سؤ رپيا به آيا ته ان سان گڏ هڪ خط، جنهن جي پڙهڻ سان هڪ ڏينهن سڄو ماني نه وٽي ۽ اهڙيءَ طرح پوءِ پنجاهه روپيا ان سان گڏ ان کان به وڌيڪ خط ۽ ان بعد 25 رپيا ۽ نمبر ٻئي کان به وڌيڪ شوخ خط آيو. پوءِ پائي به ڳوٺان نه آئي. مون سان گڏ سنڌ جا، مسٽر ببلاڻي، مسٽر پوڄواڻي ۽ مسٽر واسواڻي هندو دوست هوندا هئا. جن مان پهرين کي خيرپور رياست وارو مير پئسا ڏيندو هو ۽ ٻيا سَرنديءَ پُڄنديءَ وارا هئا. ڳوٺان پئسا نه اچڻ ڪري اتي ڪوشش ڪرڻي پيئي. ڪافي ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ورقي وارن وٽ ڪم مليو. جتي سازهين تي هند جا نقشا ۽ گانڌيءَ جون تصويرون ڪڍڻيون پونديون هيون. روزانه پنڌرهن ويهه رپيا ملي ويندا هئا، پر ڪاليج جي ڪم ۾ ڏاڍي دقت ٿيندي هئي. هٽي ڏٽي به سال ڪڍيم باقي به ٽي سال ڪورس اجا هو ته اوچتو ڳوٺان خط پهتو ته والد صاحب جي طبيعت خراب آهي سگهو اچ. پهرين ته پڪ نه آيم ڇو ته مون سمجهيو ته

والد ڪنهن بهاني مون کي گهرائڻ چاهي ٿو پر جڏهن سنڌ ۾ دوستن کي خط لکي پڇيم تہ حقيقت بہ ائين هئي. سامان سڙو بمبئيءَ ڇڏي ڳوٺ آيس. والد صاحب جي حالت سڌرڻ لڳي ۽ حالت سڌرڻ بعد وري اجازت ورتم، پر هن دفعي والد صاحب بلڪل نہ ڇڏڻ جي ڪئي ۽ سوچيم تہ والد صاحب بہ ڪافي عمر جا ٿي ويا آهن، تنهن ڪري کين ڇڏي وڃڻ بہ بهتر ناهي. ان ڪري وري واپس ڪونہ ويس اهو سامان وغيره سمورو اتي رهيو. نوڪريءَ جي تلاش ڪيم. ميرپورخاص ۾ هڪ جاءِ خالي ٿي هئي. هندن جو ڏاڍو زور هو سو سمجهيم تہ ڏاڍو محال آهي پر درخواست ڪٽي اسڪول پهتس. اسڪول جو هيڊ ماستر غلام حسين سومرو هو. هن ڏاڍي همدردي ۽ همت سان مون کي اها جاءِ ڏني. ڇهن ستن سالن کان پوءِ پاڪستان ٿيو ۽ مون اچي ٽرئننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد وسايو.“

اسان شيخ صاحب کان پڇيو تہ، ”ان کان پوءِ توهان مزيد تعليم ورتي يا نہ؟“ هن چيو تہ، ”مون انٽر پنجاب يونيورسٽي مان ڪيو آهي، اديب عالم ۽ فاضل اڙدو ۾ بي اي سنڌ مان ۽ ايم. اي سنڌيءَ ۾ ۽ ايل ايل بي بہ ڪئي اٿم.“

چيومانس تہ، ”سائين مئترڪ واري يڪي ڪسر هينئر ڪڍي ورتي اٿو.“ تہ پاڻ ۽ سيني دوستن کِلي ڏنو.

### برسٽل شهر جي ڪهاڻي:

اسان شيخ صاحب کان پڇيو تہ، ”هُو برطانيہ جو سير ڪري آيو آهي ان بابت بہ اسان کي ڪجھ ٻڌائي؟“ تہ پاڻ مسڪرايو ۽ چيائين، ”برسٽل جي هڪ ڪهاڻي نئين زندگيءَ ۾ پڙهي هوندوَ ۽ بي ڪهاڻي ٻڌو. اوچتو منهنجو نالو ولايت وڃڻ لاءِ اچي ويو. ان وقت مسٽر غلام رضا پتو جو تعليم کاتي جو ڊائريڪٽر / انسپيڪٽر هوندو هو. جيئن تہ حڪومت جي پاران موڪليو پئي ويو. تنهن ڪري پهريائين لاهور ۾ انٽرويو ڏيڻو پيو. برسٽل ۾ آءٌ بہ ٽي ڏينهن دير سان پهتس ڪلاس شروع ٿي چڪا هئا. اتي ڪم جو طريقو اهو هو تہ اسڪول ۾ وڃي پڙهائبو هو ۽ ان بابت رپورٽ تيار ڪبي هئي، جو ڪم مون ٽن ڏينهن اندر پورو ڪيو.“

اسان شيخ صاحب کان پڇيو ته، ”ولايت دوران ڪا اهڙي مزيدار ڳالهه توهان سان پيش آئي هجي ته اها ٻڌايو؟“ هن چيو ته، ”هڪ دفعي ڪاليج ۾ لنڊن يونيورسٽيءَ جي هيڊ جو ليڪچر رکيل هو. هُو صاحب آيو ۽ پنهنجي تقرير شروع ڪيائين. اجان سندس تقرير جا ابتدائي ڪلما هئا ته هن چيو ”آءُ مشرق ۽ آفريڪا چڱيءَ طرح گهميو آهيان. پر مون اتي ڏٺو آهي ته هُو صرف يورپين واري نقالي ٿا ڪن.“ اهي لفظ ٻڌي مون اعتراض ڪيو ۽ چيومانس ته، ’فن‘، علم ۽ ادب ڪنهن جي ميراث ناهي ۽ اها ڪنهن هڪ ماڻهو يا ڪنهن هڪ قوم جي ڪوشش ناهي، پر اها سڄي دنيا جي انسان ذات جي ڪوشش جو نتيجو آهي. توهان اها ترقي ڪٿان حاصل ڪئي، اوهان به سجاڳيءَ واري دور ۾ نقالي ڪئي آهي.“ منهنجي انهن لفظن چوڻ کان پوءِ هن پنهنجي ليڪچر جو موضوع بدلائي ڇڏيو. ليڪچر ختم ٿيڻ کان پوءِ اتي جي ڪاليج جي هيڊ مون کي آفيس ۾ گهرايو ۽ آءُ آفيس ۾ گهڙيس ته هُو اتي بيٺو پُٺي ٺپري چيائين ته ”مون کي توهان جي احساسِ برتري ڏسي خوشي ٿي آهي ۽ اوهان جا صحيح ڳالهه ڇئي تنهن تي مون کي فخر آهي.“

هن بعد اسان شيخ صاحب کان ڪجهه فني معلومات ۽ ان سان گڏ سنڌ جي ماضي توڙي حال ۽ مستقبل بابت سندس راءِ ورتي، جنهن جو اختصار پيش ڪجي ٿو:

**فني معلومات:**

شيخ صاحب کي فنونِ لطيفه بابت ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ پڇوسين ته هن ٻڌايو:

**لطيف فن:** لطيف فن جي مفهوم کي سمجهڻ لاءِ هڪ واڍي، يا لوهار کي ڏسو. جيتوڻيڪ هُو محنت ڪافي ٿا ڪن پر شيون وري ورو ساڳيون ٿا جوڙين. انهن شين جي ناهڻ ۾ هنن جي سوچ ۽ ويچار کي گهٽ دخل آهي، پر ان جي برعڪس فنونِ لطيفه جهڙوڪ، موسيقي، شاعري، رقص يا مصوري وغيره جي تخليق ڪرڻ ۾ هڪ قسم جي قوت ڪارفرما آهي، جنهن ۾ تجسس، تصور، امنگ، ڪائنات جو مطالعو نرم نازڪ دل، احساسات، محسوسات ۽ جذبات جو هجڻ لازمي آهي، پر جنهن تخليق ۾ مٿيان عنصر اڻ لڀ آهن ته اها تخليق ڇئي ڪانه سگهبي.

ع.
ق.
شيخ

**فن ڪهڙي قسم جو هجي:** اهو فن نہ آهي جو رڳو حسين تصويرون ناهي پئسي وارن ماڻهن لاءِ عيش جو سامان مهيا ڪجي، پر فن اهو آهي جو زندگيءَ جي حقيقتن مان اُپري، عوام جي زندگيءَ جي ترجماني ڪري.

**فن ۽ زندگيءَ جو تعلق:** زندگيءَ کي فن کان جدا ڪري نٿو سگهجي. فطري طرح انسان جي مزاج ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ذوقِ سليمي ۽ خوشنمائيءَ جو اثر چانيل آهي. ڪير بہ هجي پوءِ کٽي کهڙو بہ سادو ڪپڙو خريد ڪري، پر هُو ان جي ڊزائين ۽ رنگ کي ضرور پسند ڪري پوءِ وٺندو، پر هر هڪ ذهن فنڪارانہ نوعيت جو نہ هوندو آهي.

**فنِ مصوري جي ابتدا:** اجان تائين پوري معلومات نہ ملي سگهي آهي، پر اهو ماڻهو جنهن پهريائين پنهنجي لاءِ پيالو ناهي، ان ۾ پاڻي پيتو هوندو سو يقينن وڏو مصور هوندو.

**رنگ جي اهميت:** رنگ ڪنهن شئي جو روح آهي، رنگ بنا اها شئي بي جان آهي. هر شئي ۾ جاذبيت ۽ ڪشش رنگ جي ڪري آهي. رنگ سان مختلف معنائون مخصوص آهن، جيئن تہ ڳاڙهي رنگ مان خطرو، شوخي ۽ جذبات اپري ٿو. ڪارو رنگ ڏک جو اظهار ڪري ٿو. نيري رنگ مان سچ، سونهن ۽ سوپيا جي معنيٰ ورتي ويجي ٿي.

**رنگ جي پسندي:** شيخ صاحب چيو تہ کيس نيرو رنگ وڌيڪ پسند آهي.


**سنڌ ۾ فن مصوري:** سنڌ ۾ فن مصوري بابت شيخ صاحب ٻڌايو تہ "ماضي ۾ مسٽر جئسواڻي، پوڄواڻي ۽ واسواڻي عظيم فنڪار هئا. اهڙا فنڪار شايد سنڌ پيدا ڪري. انهيءَ جو سبب اهو هو تہ هنن کي هڪ تہ فن کي اپنائڻ جي لوچ هئي بيو تہ کين تجربي ڪرڻ ۽ سکڻ جا موقعا مليا. ان جي ڀيٽ ۾ هن وقت جي فنڪارن جي اڪثريت غريب آهي، انهن کي اهڙا موقعا ڪونہ ٿا ملن، تنهن کان سواءِ ڪي جوان اهڙن موقعن مان فائدو نٿا وٺن. شيخ صاحب هڪ مزيدار ڳالهہ ٻڌائي تہ ڪانئس ڪو فنڪار دوست هڪ ورلڊ نوڊ جو ڪتاب، جنهن جي قيمت 50 ربيا آهي. سو مطالعي لاءِ کڻي ويو. چند ڏينهن کان پوءِ شيخ صاحب خود ويو ۽ ان دوست کان پڇڻ تي

معلوم ٿيو تہ ان دوست مطالعو نہ ڪيو هو ۽ ڪتاب جي حالت اها هئي تہ ان جو پنو پنو جدا هو. هن ڳالھہ ٻڌائڻ مان شيخ صاحب چيو تہ منهنجي مراد اها آهي تہ، "اسان جا دوست جهڙوڪ ظفر ڪاظمي، علي اڪبر، عبدالفتاح، علي نواز ڦل پوٽو ۽ دارا ابڙو چڱا فنڪار آهن ۽ ڪم بہ ڪن پيا، پر سست آهن."

موجوده وقت جي فنڪارن مان شيخ صاحب گل محمد کتري کان وڌيڪ متاثر ٿو ڏسجي، ڇوتہ هن ڪم تمام گهڻو ڪيو آهي. شيخ صاحب سنڌ ۾ فنِ مصوري جي باري ۾ ٻڌائيندي چيو تہ، "ڪافي تعداد ۾ اهڙا نوجوان آهن، جن ۾ فني صلاحيتون موجود آهن، پر اسان وٽ ڪو اهڙو مرڪز ناهي، جنهن ۾ هنن جي پرورش ٿي سگهي. جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ بہ اهڙي قسم جا مرڪز هڪ لاهور ۾ ۽ ٻيو ڪراچي ۾ آهي پر اتي بہ صرف پنهجن جي پالنا آهن. هڪ هٽي آهي."

آخر ۾ اسان شيخ صاحب کان فنِ مصوري جي قدر ۽ دلچسپي بابت سندس راءِ معلوم ڪئي. هن چيو تہ گل محمد کتري، جيڪو هڪ تمام سنو فنڪار آهي تنهن ڪراچيءَ واري مرڪز ۾ ڪافي ڪوشش ڪئي، پر انهن ڪيس فنڪار مڃڻ کان ئي انڪار ڪيو ۽ هاڻي کتريءَ جي حالت اها آهي تہ هُو بک پيو مري."

*



ع. ق. شيخ جي پسنديده نيڪ ٽاءِ

س: پاڪستان کان اڳ ۾ ئي توهان جو واسطو ادب سان رهيو ورهاڱي کان پوءِ توهان شروعاتي ليکڪ رهيا آهيو. هن وقت ارتقائي ادب تي روشني وجهو؟

ج: ورهاڱي کان اڳ شڪارپور مان سنڌو رسالو نڪرندو هو ان ۾ مون ڪجهه آزاد نظم لکيا جيڪي شايع ٿيا. ان کان علاوه گهڻو مطالعو ڪندو رهيس ۽ لکندو هوس. انهن ڏينهن ۾ سردار گربخش سنگهه "پريت لڙي" رسالو ڪڍندو هو. ان ۾ به منهنجا ليک ڇپبا هئا. هن پنهنجي نالي سان هڪ مثالي ڳوٺ "پريت نگر" ناهيو هو. هن ڇيو ته سامارو ۾ محمد رمضان پروچ رهندو هو ان کي ڪتاب ڏيندو هيس. ڪامريڊ برڪت علي آزاد هڪ رسالو ڪڍندو هو جنهن ۾ پڻ مضمون لکيم. پارٽيشن کان پوءِ حيدرآباد هليو آيس ان وچ ۾ وڏو داستان آهي. منهنجو پيءُ مذهبي ماڻهو هيو ان ڇيو ته تصويرون نه ناهه پر مون ناهيون. بمبئيءَ مان ٽريننگ ڪري آيس. آئون پهريون سنڌي آرٽسٽ هيس جنهن ڊزائننگ ۾ ٽريننگ حاصل ڪئي هئي.

بمبئيءَ جي وقت واري دور ۾ هڪ افسانو لکيم "محبت جي راهه تي" جيڪو سهڻيءَ ۾ ڇپيو سنڌي ادبي سنگت ۾ مرزا مراد علي، قاسم شاز ۽ جويو صاحب... اسين سڀ هڪ ٻئي کي پنهنجيون لکڻيون ٻڌائيندا هئاسين. اهي سڀ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ مون وٽ گڏ ٿيندا هئا. ان دور ۾ ابن حيات پنهور به شامل ٿيو ان وقت ۾ سنڌي ادبي سنگت جون هر هفتي گڏجاڻيون ٿينديون هيون. مقبول ڀٽي پنهنجي اوطاق ۾ حيات لائبرري قائم ڪئي، جنهن ۾ سنگت جون گڏجاڻيون ٿينديون هيون. هن سنڌي ڪتاب گهر پڻ قائم ڪيو جتي ڪتاب وڪڻندو هو ۽ ڇپائيندو هو.

ايوب جي دور ۾ جڏهن اردو زبان لازمي ٿي ته مقبول ڀٽيءَ وارن ان جي خلاف وڏو ڪم ڪيو. سڄي سنڌ ۾ دستخط مهم هلايائون. پير حسام الدين جو ان تحريڪ ۾ وڏو رول هيو ته اردو ٻولي لازمي نه ڪئي وڃي. ڪراچي هوٽل (صدر چونڪ) ۾ مولانه گرامي، تنوير عباسي، جويو صاحب ريڊيو جا فنڪار اچي گڏ ٿيندا هئا. شام کان وٺي ويهندا هئا. اتي ادبي ڳالهيون

ع. ق. شيخ

ٽيندي‌ون هيون. منهنجي بهترين ڪهاڻي ” حيدرآباد ڪٿي آهي 1947ع“. ان وقت مون مهاجرن هٿان سنڌين خلاف ريمارڪ ٻڌا هئا تڏهن لکي هئي. دين محمد وفائي کي اهو ٻڌايو هئم تہ ڪائونس اڪين مان لڙڪ نڪري آيا هئا. هو ۽ مان توحيد رسالو ڪڍندا هئاسين، جنهن ۾ سيئي ڳالهيون هونديون هيون. ان کان پوءِ جيڪي افسانہ لکندو هئس، مهراڻ ۾ ڏيندو هئس ۽ ريڊيو تي پڙهندو هئس. ريڊيو تي جيڪو بہ ادبي پروگرام هلندو هو. مولانہ گرامي صاحب اهو ٻڌندو هو ۽ جيڪو افسانو پسند ايندو هئس، اهو مهراڻ ۾ شايع ڪري ڇڏيندو هو.

”شاهہ جو رسالو“ جيڪو شهواڻي مرتب ڪيو ان جو ڪور ڊزائين مون ناهيو ۽ هن کان سئو رپيا ورتم، جنهن خوشيءَ سان ڏنا. جڏهن رسالو ڇپجي آيو تہ سنو لڳو ۽ هن وري تي ڪاپيون بہ مون ڏي موڪليون. شهواڻيءَ کي مون صلاح ڏني هئي تہ شاهہ جو رسالو پاڪيٽ سائيز ۾ بہ شايع ڪيو پر هن ائين نہ ڪيو.

منظور چيمبر ۾ اردو مرڪزي بورڊ جي لائبريري ۾ ادبي گڏجاڻيون ٿينديون هيون، ”تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول“ جو شاعر نياز همايوني خانہ بدوش حيڪم هوندو هو. جيڪو پوءِ هن لائبريري جو لائبريرين ٿيو ۽ ادبي گڏجاڻيون ڪرائيندو هو.سنڌي ادبي ڪو آپريٽو سوسائٽي جي معرفت جيڪي ڏهہ ٻارنهن ڪتاب ڇپيا جن ۾ خاص ڪتاب، ”شاهہ سچل سامي“ آهي، مون بين ڪتابن جا بہ ٽائيٽل ناهيا.

مون هڪ ڪئلينڊر جيئي سنڌي جي نالي سان ۽ جي ايم سيد جي فوٽن سان ناهيو. ان تي جماعت اسلاميءَ وارن گوڙ ڪيو. جنهن ۾ نالو منهنجو ۽ عبدالفتاح هاليپوٽو جو هو. ڊي آءِ جي چيو تہ تون ٻاڻ کي گرفتار سمجهہ. رپورٽون هيون تہ هي سياسي ماڻهو آهن ۽ سياسي سرگرمين ۾ حصو اٿن نتيجي ۾ اسان کي سينٽرل جيل اماڻيو ويو جتي ڪجهہ سياسي ماڻهو بہ هئا. پٽي صاحب جي دور ۾ فتاح بہ گرفتار ٿي آيو. جيلر کي اسان تي قياس پيو ۽ اسان کي الڳ ڪوٺي ڏنائون. جنهن ڪئلينڊر ڇاپيو اهو تہ

غائب ٿي ويو. بعد ۾ ضمانت تي ٻاهر آياسين. هر مهيني شنوائي ٿيندي هئي. سال ڏيڍ لوڙيوسين. جيل ۾ ماني اهڙي هوندي هئي جيڪا جڻ انسان لاءِ نہ پر جانورن لاءِ هجي. مون کي ڊاڪٽر طبيعت خراب هئڻ جي ڪري گهرايو جنهن تي چيوسين تہ لکيل پڙهيل آهيون ماني سٺي ڏني وڃي. پوءِ کير ڊبل روٽي وغيره ڏيندا هئا. هڪ شاگرد جيڪو استاد سان وڙهڻ جي ڪيس ۾ آيو هو ڪيس چرس ملندو هو جنهن اسان کي بہ چرس پيياريو. جيل جي باري ۾ (ابابيل) افسانو لکيم. جيڪو تحريڪ رسالي ۾ ڇپيو ۽ بيحد پسند ڪيو ويو. (اهو افسانو هن ڪتاب ۾ پڻ شامل آهي.)

[روزانہ سنڌو اخبار
حيدرآباد جي ٽورن
سان. سال 1991]

❊

وزيٽر بوڪ مان ورق

## دوست کي خراج

مون کي نهايت خوشي ٿي محسوس ٿئي ٿي تہ هن اسڪولي ٻارن کي فني تربيت ڏيڻ جو خاص بندوبست ڪيل آهي. مون جيڪي ٻارن جون ڊرائنگس ۽ هٿ سان پينٽ ڪيل مورتون ڏٺيون آهن، اُهي نہ رڳو ٻارن جي تخليقي مضبوطيءَ جي شاهدي ٿيون ڏين پر اهو بہ ظاهر ڪن ٿيون تہ ان جي پٺيان ڪنهن وڏي استاد جي تربيت جو هٿ آهي ۽ مون کي خوشي آهي، تہ اُهو استاد سنڌ جو مڃيل آرٽسٽ ع. ق. شيخ آهي، جنهن جي نظرداريءَ هيٺ رهي هنن ٻارڙن هي شاندار ڪم ڪيو آهي.

**دادا گرداس واڌواڻي**

پبلڪ اسڪول حيدرآباد
26.04.1982

ع.
ق.
شيخ

ملاقات: امداد پتو

☼

## ع.ق. شيخ سان آخري رهاڻ

سوال: سائين عبدالله شيخ صاحب! توهان ڪهڙين حالتن کان متاثر ٿي آرٽ جي شعبي ۾ آيا ۽ ڇا محسوس ڪيو؟

جواب: اسان وٽ متاثر ٿيڻ جا هڪ سيڪڙو به موقعا ڪونهن، ڪنهن جي اختيار ۾ اهو ناهي تہ هُو پنهنجي مرضيءَ سان ڪو ڌنڌو يا شوق اختيار ڪري، پر حالتون ائين ڪري وجهنديون آهن. پڙهائيءَ جي سلسلي ۾ جيڪو هٿ ايندو آهي، سو پڙهندو آهيان، مون کي ڪو خاص شوق ڪونہ هو. اسان جي دور ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ امتحان ٿيندا هيا ۽ سال بہ سال استاد تياري ڪرائيندا هئا داخلا لاءِ، پوءِ اها مڙئي ڇُوٽ هوندي هئي تہ پنهنجي منهن پريڪٽس پلي ڪجي. ڪلاسز اٽينڊ ڪرڻ ڪو مسئلو نہ هيو. اهڙي نموني سان اهو امتحان پاس ڪيم ۽ آرٽسٽ بڻجي ويم.

سوال: شايد اوهان ميٽرڪ ۾ فيل ٿيا هئا؟

جواب: ها! ٽي دفعا فيل ٿيو هيم، ان ڪري مائٽن کي چيم تہ تعليم کاتي ۾ نوڪري وٺي ڏيو، سو هنن ڊرائنگ ماستري وٺي ڏني. پهريون پيرو منيءَ جي اسڪول ۾ جوائن ڪيم. ميٽرڪ انهن ڏينهن ۾ ڪرڻ

مشڪل هئي. بمبئي يونيورسٽيءَ سان واسطو هيو. ان ڪري هڪ سبجيڪٽ فيل تہ سيني ۾ فيل. منهنجو والد بہ تعليم کاتي سان لاڳاپيل هيو ۽ رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ حڪمت جو شغل ڪندو هيو. اسلامي ڪتاب رکندو هيو. مون کي بہ زور ڀريائين تہ حڪمت جو امتحان پاس ڪر. بابو استاد هيو DEO ٿي رٽائرڊ ڪيائين. سال ٻن کان پوءِ ٽريننگ لاءِ بمبئي ويس. بنا ٽريننگ جي ماهوار 30 رپيا ڏيندا هيا. اتي بمبئيءَ ۾ هڪڙو حيدرآباد جو سنڌي استاد هيو جيڪو مون کان ڪرايو يا خرچ پکو وغيره نہ وٺندو هو. ڪلب وانگي هڪڙو ماحول هيو جنهن ۾ آهستي آهستي Adjust ٿي ويس.

سوال: اوهان کي ايگريڪلچر کاتي ۾ بہ نوڪري هئي؟

جواب: بہ ٽي سال هوس، پر اتي فيوچر ڪونہ هيو نوڪري عارضي هئي، سينٽرل گورنمينٽ جو کاتو هيو. ان ۾ فيلڊ ورڪ ڪرڻو پوندو هو. تن ڏينهن ۾ سينٽرل گورنمنٽ انگ اکر پئي گڏ ڪيا. تہ سنڌ جو زميندار هفتي ۾ ڪهڙو ڪم ٿو ڪرائي ۽ هن جي خرچ لٿي ڪيتري آمدني آهي ۽ هاريءَ کي ڇا ٿو ڏئي؟ اهو ڪم ڪرڻو هو مزو هيو پر مون اها نوڪري ڇڏي ڏني.

سوال: بمبئي ڪيئن لڳي؟

جواب: بمبئيءَ ۾ هڪڙو سنڌي هيو K.K. Jaswani، جنهن اتان جو وڏي ۾ وڏو امتحان پاس ڪيو هو ان منهنجي سٺي مدد ڪئي. 'ممبئي اسڪول آف آرٽ' برصغير ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون ادارو هو جنهن ۾ آرٽ سان لاڳاپيل سڀ شعبا پڙهايا ويندا هئا. ان وقت ڊپلوما پنج سال هوندي هئي ۽ ڪمرشل آرٽ وڏي ۾ وڏو شعبو هو.

سوال: اوهان سان اتي گهڻا سنڌي رهيا؟

جواب: ان وقت داخلا جو طريقيڪار ڏاڍو ڏکيو هو، صرف ٻن ڄڻن کي داخلا ملي هئي. هڪڙو هو جي. ڪي. سبندي ۽ ٻيو هو جئپال ٻبلاڻي، سليڪشن لسٽ ۾ اهي نالا ڏسي منهنجي نوابشاهہ جي هڪ استاد

مون کي همٿايو مان ۽ هڪڙي ٻي ڇوڪري هئي، جن پوءِ اپلاءِ ڪيو. مون کان اڳ ڪيترا سينيئر استاد ٽريننگ ڪري آيا هئا.

سوال: انهن مان هن وقت ڪو زنده آهي؟

جواب: نه ڪوبه نه. ان کان پوءِ واري بيچ ۾ هڪڙو ڪونڙيءَ جو محمد عثمان هو جنهن کي ڏاڍو شوق هوندو هو اهو اڄا تائين زنده آهي.

سوال: اوهان بمبئيءَ ۾ گهڻو عرصو رهيا؟

جواب: ٻيو دفعو 1983ع ۾ ويو هيس ۽ پهريون 42-1941ع ۾ به اتي هيس. هي اهو دور هيو جنهن ۾ جناح ۽ گانڌيءَ جون پاڻ ۾ ڳالهيون شروع ٿيون هيون. وڏا بحث مباحثا ٿيندا رهيا. هڪڙا همراهه آيا ته اسان کي تصويرون ناهي ڏيو ته جلسي ۾ اوهان کي سيني کان اڳيان وهاريون.

سوال: پڙهائيءَ دوران اوهان جون ٻيون ڪهڙيون مصروفيتون هيون يا ڪي رڪاوٽون؟

جواب: مصروفيت... سواءِ پڙهائيءَ جي ٻي ڪا ڪانه هئي. منهنجو پيءُ ديني خيالن جو ماڻهو هيو. ان جو خيال هيو ته هي تصويرسازي گناهه جو ڪم آهي. ان ڪري ان جو تعاون ڪونه رهندو هو. ان دور ۾ منهنجي شادي ٿيل هئي. بمبئي وڃڻ کان پهريون دفعو ته ڪنهن ڪونه روڪيو، پر ٻئي ڀيري زوريءَ موٽرايائون. موٽي ڳوٺ آيس ۽ وري پئسا گڏ ڪري پاڻ واري سنگتي (جيڪو آسودو هو) سان گڏ هليو ويس، پر ڪنهن کي نه ٻڌايم. اتي وڃي گهر وارن کي خط لکيم ته مون کي سؤ رپيا موڪلي ڏيو (42-1941ع ۾ سؤ رپيا وڏي ڳالهه هئي). سؤ رپيا ته مني آرڊر ڪري موڪليائون، پر ان سان گڏ جيڪو خط مليو ان جي ڪري به ٿي ڏينهن ماني ڪونه کاڌم. آخر بيزار ٿي اتي ڪم ڪرڻ شروع ڪيم. هندو وڏا واپاري هئا، انهن وٽ ساڙهين ۽ ڪپڙن تي پرنٽنگ جو... فالتو وقت ۾ ڪم شروع ڪيم. وڏن رُومالن تي انڊيا جا نقشا ۽ ٻين ڪپڙن جا باردر ناهيندا هئاسين، انهن مان جَجهو پئسو ملندو هو. اڳتي هلي هڪڙي پرائيويٽ

اسڪول ۾ ماستريءَ لاءِ ڪوشش ڪيم. بابا ڏاڍو ناراض هيو پر پڇا
ڇڏي آيو هيس ۽ بابا بيمار به ٿي پيو هو ان ڪري هن خط لکيو ته
موٽي اچ. پر مان هتي صبح جو اسڪول ۾ ۽ شام جو پرنٽنگ جو ڪم
ڪندو هيس. اسڪول ڪان ٿي وري پنڌ سمنڊ جي ڪناري ويندا
هياسين. جتي دوڪان هوندا هيا. اتي اسڪيچنگ ڪري موٽي گهر
ايندا هياسين. ماني وغيره پاڻ ڪري کائيندا هياسين. اتي ڏاڍي
محنت ڪرڻي پوندي هئي ۽ سخت چوماسي ۾ به ڪم هلندو هو.

سوال: انهن ڏينهن ۾ مشهور آرٽسٽ (برصغير ۾) ڪهڙا هئا؟

جواب: اتي گهٽا ئي آرٽسٽ هيا. اسان جتي پڙهندا هياسين. اتي Co-Education هوندي هئي. گهڻو ڪري اميرن جا ٻار پڙهندا هيا. غريبن جا ٻار هڪ يا ٻه سيڪڙو هئا. ڇوڪرين ڪان ڇوڪرا گهٽا هئا. جن ۾ مرهٽي ۽ فارسي ڳالهائيندڙ ججها هيا. مسلمانن جو اسڪول صرف هڪڙو هيو ڇو ته مسلمانن جو هن طرف لاڙو به گهٽ هيو. هڪڙو اسلاميه هاءِ اسڪول بمبئي سٽي اسٽيشن جي سامهون هوندو هو جنهن ۾ مسلمان هوندا هئا. باقي ڪو نالي ونڊ جهڙو خاص آرٽسٽ ياد نٿو اچي.

سوال: اڄڪلهه آرٽ جي دنيا ۾ ايبسٽريڪٽ ازم تي وڌيڪ توجهه ڏنو ٿو وڃي بنسبت ريئل ازم جي. ڇا اها آرٽ ڪان فراريت آهي؟

جواب: شروع ۾ جڏهن انسان آرٽ نه سکيو هو ته صرف ليڪون ڪڍندو هو اهي تصويرون ريئلسٽ هونديون هيون ۽ انهن ۾ Symbolic انداز به هوندو هو جيئن دنيا ترقي ڪئي، تيئن تبديلي ايندي وئي. جيڪا به نئين شئي ايندي آهي. اُها تنقيد جو نشانو بڻبي آهي. اسان دور ورهايون ته ريئلزم جو دور پٿريلو دور هو پر اڳتي هلي تصويرن ۾ خوبصورتي پيدا ڪرڻ جو رجحان پيدا ٿيو. 1914ع ۾ پهرين عالمي جنگ ڪان پوءِ ماڻهن ۾ فرسٽريشن پيدا ٿي. هنن اها فراريت، بيچيني ۽ پريشاني تصويرن جي ذريعي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن کي اسان Abstract آرٽ سڏيندا آهيون. Abstract آرٽ جا به

ع.
ق.
شيخ

ڪيترا نمونا ٺيندا آهن. ھڪڙيون تصويرون رنگن جي ذريعي پنھنجي سڃاڻ ڪرائيندڙيون آهن ۽ ھڪڙيون تصويرون لڪيرن جي وسيلي پنھنجو مقصد ظاهر ڪنديون آهن، پر ماڻهو انهن کي سڃاڻي نہ سگهندا آهن. هيءُ ائين گهرجي تہ فن براءِ فن نہ هجي، پر فن براءِ Common Men (عام ماڻهوءَ لاءِ) هجي. هڪڙو بنگال جو آرٽسٽ، زين العابدين هيو هُو مس واري پين سان اهڙيون تہ تصويرون ٺاهيندو هو جو لڳ ڪاڻدارجي ويندا هئا... تہ سائين ماڻهو پيا آهن. هن جي تصويرن ۾ ڳجهون پيون ماس پٽين، ڪانگ پيا اکيون ڪائين، عورتن جون ڇاتيون اُگهاڙيون، سُڪل ٻار هنج ۾، تہ اهڙي آرٽ کي بلڪل ترتيب ۾ رکڻ ڪمال آهي، وڏي مشڪل جي ڳالھ آهي.

سوال: اوهان کي ڪهڙي قسم جو آرٽ پسند آهي؟

جواب: ان سوال جو ڪو صحيح جواب تہ نٿو ڏئي سگهان، پر منهنجي خيال ۾ آرٽ اهو آهي، جنهن مان ڏسندڙ کي ڪجھ حاصل ٿئي ۽ ڪجھ محسوس ٿئي. سچ ايري ٿو يا لهي ٿو ان جي اپٽار اهڙي نموني ٿيل هجي، جو ماڻهو ڏسي اندازو لڳائي سگهي. باقي بہ ابتا سبتا برش ڦيرائڻ سان آرٽ ظاهر نہ ٿيندو آهي Abstract آرٽ بہ هڪڙو فن آهي، جنهن جي لاءِ ڀرپور صلاحيتن جي ضرورت آهي.

سوال: توهان جي نظر ۾ چڱا آرٽسٽ ڪهڙا آهن؟

جواب: چڱي آرٽسٽ هجڻ لاءِ بہ چڱي Background جي ضرورت هوندي آهي، سنا امتحان پاس ڪرڻا پون ٿا ۽ ڀين مشڪل مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو. اسان جي دور ۾ بہ چار هوندا هيا، جن کي سنو آرٽسٽ چئي سگهجي ٿو هڪڙو هيو ڪي. ڪي. جيسواڻي، جيڪو سيني کان اعليٰ امتحان پاس ڪري وينو هو پيو هو آذواڻي ۽ ٽيون وري منهنجو هڪڙو ڪلاس فيلو هو جيڪو سينيمائن لاءِ ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي ڪم ڪندو هو خيرپور جو جيسواڻي بہ هو هُو ڪڙي تيل سان پورٽريٽ ٺاهيندو هو، هن کي مِيرَ سني ڀگهار ڏيندا رهيا.

ڪوهہ قاف شيخ

تنهن کان پوءِ اسان وٽ جيڪي چڱا آرٽسٽ ٿيا تن ۾ ظفر ڪاظمي، علي اڪبر، دارا ابڙو ۽ ٻيو گل محمد کتري آهي، جيڪو ويچارو گذاري ويو هي اسان سان اتي (هندستان ۾) گڏ ڪونه هو پر سنو ۽ ذهين هو فن جي دنيا هن کي ڪائي وئي. اهو معجزو هو جو سنڌ آرٽ گئلريءَ ۾ گڏيل ڪوشش سان نمائش جو بندوبست ٿيو ۽ اهو هن جي جيئري ٿيو جيڪڏهن ڪو گڏيل ادارو هجي ها تہ هُو ۽ هُن جهڙا ٻيا ڪيترا آرٽسٽ اڳتي وڌي اچن ها! ان کان پوءِ ذهن ۾ اچي ٿو رضوان عمراڻي، جيڪو توهان جي لاڙڪاڻي جو آهي. 'منيئچر' هڪڙو مغل دور جو آرٽ - اسٽائيل آهي، هي (رضوان) منيئچر فارم ۾ تصوير ناهيندو آهي، هن جو پنهنجو اسٽائيل آهي. هڪ دفعي اچي ٻڌايائين تہ مان ڳوٺ ٿو وڃان. چيومانس، اڙي خدا جا بندا حيدرآباد ڇڏي ڳوٺ ڇو ٿو وڃين سُڄ ۾؟ پر پوءِ اتان وڃي ڪراچيءَ ۾ هڪڙي نمائش ڪيائين، جيڪا پريس ڪلب ۾ ٿي، اها بہ جهڙي ٿي تهڙي نہ ٿي، ماڻهو ٿورا آيا سيل ڪونہ ٿي، هاڻي هن جو هڪڙو يار آهي، جيڪو هن جا عيد ڪارڊ ڇپرائي هلائيندو آهي، تہ هن ۾ جيڪو ٽيلينٽ آهي اهو هو شيئر نہ ڪري سگهيو يعني اهو هن جو پنهنجو اسٽائيل ڇئجي، جيئن استاد الله بخش چغتائي يا عبدالرحمان چغتائي. عبدالرحمان چغتائي، برصغير جو نہ، پر پوري ايشيا جو پهريون نمبر آرٽسٽ هو. پاڪستان کان اڳ رام ۽ ليلا جون تصويرون ناهيندو هو بعد ۾ هتي اچي پنجابي اسٽائيل ۾ فڪس ٿي ويو ۽ ان ۾ بہ ڀاڻ مچائي ورتائين.

سوال: هتان جي ڀيٽ ۾، يورپ ۾ آرٽ کي وڌيڪ اهميت ڇو آهي؟

جواب: اتي بہ ساڳي ڳالهہ آهي، يعني تخليقي فنڪار اتي بہ انهيءَ حال ۾ آهن، باقي جيڪي ڪمرشل آهن، اهي ئي ڪمائين ٿا، هنن کي موقعا خوب آهن. ان ڪري اڳتي نڪري اچن ٿا، يورپ مان چند نالا ملندا جيڪي مشهور ٿيا آهن. جيئن مائيڪل اينجلو وان گاف ۽ ٻيو هوندو هو جيڪو آفسٽ پينٽنگ ڪندو هو هُو بهتر پينٽنگ ڪندو هو. هن سان سدائين هڪڙي جوان ڇوڪري هوندي هئي ۽

اهڙا ٻيا ڪيترائي آهن، جن جو جيئري قدر ڪونہ ٿيو ۽ مري وڃڻ کان پوءِ انهن جون تصويرون سيل ٿيڻ لڳيون.

سوال: چوندا آهن تہ خوشحال ماڻهو آرٽ جو قدر ڪندا آهن، اوهان جو ڇا خيال آهي؟

جواب: صحيح ڳالهہ آهي، جيڪڏهن پيٽ گذر ۽ اجهي لاءِ ڪجهہ ڪونہ هوندو تہ ان کي ڪهڙي فن جي ساڃاهہ رهندي. شهنشاهت جي دور ۾ اسپين پنهنجو مٽ پاڻ هئو. اسپين اصلي عيسائين جو هو جنهن تي مسلمانن قبضو ڪيو. اسپين جو هڪڙو دور هو جنهن ۾ شاهي محل تائين رستا شيشن سان ٺهيل هئا. ان وقت يورپ ۽ انگلينڊ ۾ ماڻهو ڪتن وانگي ڏٻن مان پاڻي پيئندا هئا. هوڏي هنن وٽ (اسپين ۾) 'زرياب' جهڙو ماڻهو جيڪو بهترين سازندو هو هي جيڪي ڇريون ۽ ڪانٽا ڏسو ٿا، سي سڀ ان جون ايجادون هيون. هن جي فن جو قدر سڄي دنيا جا ماڻهو ڪندا هيا. هنن وٽ طبعي فن جا ماهر ۽ سنا حسابدان ٿيا. ڇاڪاڻ تہ هو خوشحال هيا. هنن وٽ ماهر پيدا ٿيا، پر جڏهن کان هنن ۾ اسان وانگر قبيلائي جهيڙا شروع ٿيا، تڏهن کان هنن جو مٿو خراب ٿي ويو اسان سنڌين وانگر پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا، نتيجو اهو نڪتو تہ نوي سال حڪومت کان پوءِ هنن جي (مسلمانن جي) تڏا ويڙهہ شروع ٿي، آخر هُو ڊپ کان عيسائي سڏائي جان بچائيندا هئا، پر پوءِ بہ عيسائين کين چونڊي چونڊي ماري ڇڏيو پر مسلمانن جا نقش اڃا اتي موجود آهن، ناياب ڪتاب آهن، محلن تي نقش نگار آهن، اهي سڀ اتي موجود آهن. ناياب ڪتاب جيڪي لائبريرين ۾ موجود هيا، انهن کي ساڙي ڇڏيائون، اهو تاريخي عمل رهيو آهي تہ هميشہ هيٺي ماڻهوءَ کي (پوءِ ڇو نہ اهو قابل هجي) ڏاڍي ۽ جاهل ماڻهوءَ اڇي تباهہ ڪيو آهي، اتي اسپين ۾ بہ ائين ٿيو.

سوال: اسان جي آرٽسٽ جو ڪهڙو مستقبل آهي؟

جواب: اسان وٽ ڪوبہ ورڪنگ يونٽ ڪونهي، هر ڪو پنهنجي منهن سان آهي، ڇيوسون، تہ اچو ڪا گڏجاڻي ڪيون، ڪچهريون ڪيون، ڪوهہ ڪا چونڊ وغيره ڪيون، تہ جيئن شور شغل رهي، پر همراهن دل نہ

ٻڌي هڪڙي ماڻهوءَ مون کان پڇيو تہ هاڻي اوهان افسانا ڇو نٿا لکو؟ ڇيومانس، ڪهڙو فائدو؟ ٻہ چار ماڻهو پڙهندا. واهہ واهہ ٿيندي ۽ بس- 'مٽيريل گين' تہ ڪو هجي نہ. بهرحال ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو آهن. مون پريس ڪلب ۾ هڪڙو همراهہ ڏٺو اتي رهيو پيو هوندو هو فوج ۾ هيو انڊيا ۾ رهيو هو بت سازي ڪندو هو هڪڙو بت هن ٺاهيو ماڻهو ڏسي حيران ٿي ويا. اڳتي هلي هن مختلف قدرتي رنگن وارن پٿرن کي گڏ ڪيو ۽ انهن کي تراشيندو رهيو تہ منهنجو مقصد آهي تہ ٽيلنٽ اسان وٽ آهي، پر پوءِ بہ سوچڻو ٿو پوي تہ رڳو واهہ واهہ مان تہ پيٽ نہ ڀربو نہ؟ هن جو قدر نہ ٿيو. نيٺ ٽنڊي باگي ۾ وڃي رهيو. اتي لوهہ جي تارن کي موڙي انهن مان فگرس ٺاهيندو هو شايد اهو بہ ائين زيان ٿي ويو.

سوال: اوهان جو استار ڪهڙو آهي؟

جواب: استار کي ڪونہ مڃان، هونءَ ڄائو ائين مارچ تي هئس، ان حساب سان 'پائيسس' جي فريم ۾ اچي وڃان ٿو.

سوال: علم نجوم تي توهان جو ڪيترو يقين آهي؟

جواب: مون کي ٿورو گهڻو شوق هو ڪتاب هيا جن مان صرف پنهنجو هٿ ڏسندو هيس. U.K ويم تہ اتي محسوس ٿيو تہ هي بہ هڪڙو فن آهي، جيڪو سؤ سيڪڙو صحيح تہ ناهي، بس مڙئي اتفاق ٿئي ٿو. هٿ ڏسي ڪنهن سان ڳالهہ ڪر، جي ڏکو لڳو تہ نيڪ، نہ تہ گهڻو ڪري ڳالهيون گول مول ڪبيون آهن.

سوال: اها نيوڊ پينٽنگ ڇا هي؟

جواب: U.K جي برسٽل يونيورسٽيءَ ۾ نيوڊ پينٽنگس جا ڪلاسز ٿيندا هيا. جنهن ۾ ماڊل کي آڏو رکي ڪم ڪرڻو پوي ٿو بهترين قدرتي صلاحيتن جي جوڙجڪ، جيڪا عورت جي جسم ۾ رکيل آهي، اها مرد ۾ ناهي.

سوال: يورپ وانگر يا ٻين ملڪن وانگر اسان جي فنڪارن جو قدر نٿو ٿئي ڇو؟

جواب: قدر ڪيئن ٿئي؟ هي گهرو فيلڊ آهي، ڪجهہ امير ماڻهو جي تصويرن ۾ دلچسپي وٺن ٿا تہ اهي بہ ڊيڪوريشن جي حد تائين، غريب ماڻهو تہ ويچارو صرف تصوير ڏسي سگهي ٿو. هاڻي ان حالت

۾ فنڪار وجي رحم ڪرم تي بيهي ٿو پر تنهن هوندي به اسان جا ڪيترا ڇوڪرا اڳتي نڪري آيا آهن ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪن ٿا. خدا بخش ابڙو ساجد قريشي ۽ علي اڪبر اهي سنو شوق رکن ٿا. علي اڪبر ته ويچارو سپورٽ نه هجڻ ڪري اڳتي وڌي نه سگهيو. ٻيو هڪڙو منور ميمڻ آهي، جنهن ۾ به سٺي صلاحيت آهي.

سوال: پلا اسان جي 'ڪلچرل آرٽ' جي باري ۾ ڇا خيال اٿو؟

جواب: ان جا به حال پورا ٿيندا ٿا وڃن. ڪي هڪ به همراه آهن، جن جي ڪري هي ڪاروبار هلندو رهي ٿو پر اصل ۾ هن شئي کي هڪڙي آرگنائيزيشن جي ضرورت آهي. ڪلچرل آرٽ کي مڪمل سرپرستيءَ جي ضروت آهي، نه ته هيءَ شئي به هٿن مان نڪري ويندي.

سوال: ۽ هينڊي ڪرافٽس؟

جواب: هي جنڊيءَ جو ڪم، لُونگي ۽ اجرڪ جو ڪم... اهي شيون اسان جون پنهنجون آهن، انهن ۾ ٻاهريون رنگ ڪونهي ۽ انهيءَ فن جي بقا لاءِ ضروري آهي، ته ان لاءِ سائنسي سوچ هجي. مختلف علائقن ۾ مختلف ڪلچر هجي ٿو ته ان لاءِ ڪلر ڪانبينيشن ڪيئن هجي؟ ان کي سمجهڻ ضروري آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسان جي ڪاريگرن ۾ ايڏي ته ڪلر ڪانبينيشن هوندي آهي، جو مان مجبور ٿيندو آهيان ته هيءَ شئي ونڻ گهرجي!

سوال: پلا اوهان جيڪو لنڊن ۾ ڪم ڪيو اهو محفوظ آهي؟

جواب: ڪلاٿ پرنٽنگ ڪٽي آيو هيس، پر اهي به هٿان چوري ٿي ويا. اها چادر لنڊن ۾ سئو پائونڊن ۾ وڪامندي هئي. جنڊيءَ جو ڪم اتي ڪيم، موهن جي دڙي جي ناچڻيءَ کي لنڊن ۾ مفلرن يا اسڪارف تي ڊزائن ڪيم، جيڪي ڏاڍا مقبول ٿيا.

سوال: اوهان آرٽسٽ نه هجو ها ته ڇا هجو ها؟

جواب: (کِلندي) اهو ئي حڪيم هجان ها! جيئن بابا چاهي پيو.

سوال: اوهان پنهنجي ڪم مان مطمئن آهيو؟

جواب: جيڪو آرٽسٽ هوندو آهي، اهو ڪڏهن به مطمئن نه ٿيندو آهي. جيڪو مطمئن ٿيندو آهي، اهو زوال ڏانهن موٽندو آهي، ته هڪڙي

ڪوهه قاف شيخ

قسمر جي جستجو هجڻ گهرجي. فنڪار جو قدر هجڻ گهرجي. مون وٽ گرافڪ پينٽنگس ۽ ڪوَر ڊزائنس هونديون هيون. اهو سڄو مجموعو ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ وٽ آهي.

سوال: ان کي ڪيڏانهن ڪيو؟

جواب: چيائين تہ سنڌالاجيءَ ۾ ڏيو رکان.

سوال: ڇا توهان کي فن جي حساب سان مانائتي موٽ ملي آهي؟

جواب ها! ملي آهي... قدردانن قدر ڪيو آهي. باقي نااهل ماڻهوءَ کي ڪهڙي خبر... منهنجي مناسب مدد ٿيندي رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄا تائين پبلڪ اسڪول ۾ ڪم پيو ڪيان.(ڏکوئيل انداز ۾) هاڻي اتان بہ نوٽيس مليو آهي. ڇاڪاڻ تہ...

سوال: اوهان بہ دفعا U.K ويا ۽ بہ دفعا بمبئيءَ ويا. توهان اتي ڪو اهڙو ڪم ڪيو جنهن جي ڪري اوهان کي بين الاقوامي شهرت ملي هجي؟

جواب: نہ. ايترو ڪم تہ ڪونہ ڪيو آهي.

سوال: ڀلا اوهان جا ڪي شاگرد جن کي بين الاقوامي طور ڄاتو يا سڃاتو ويو هجي؟

جواب: هڪڙو شاگرد آهي دارا ابڙو جيڪو آمريڪا مان ايم فِل ۽ پي.ايڇ. ڊي ڪري آيو آهي ۽ آفريڪا مان بہ ٿي آيو آهي. ٻيا ننڍا وڏا آرٽسٽ آهن. ظفر ڪاظمي... شڪارپور جو هارون چنو ۽ ٻيو لاڙڪاڻي جو رضوان عمراڻي آهي، اهي سڀ هڪبئي کي سيڪاريندا ۽ سکندا آهن. رضوان شوقيہ آرٽسٽ آهي ۽ ٻيو آهي فتاح هاليپوٽو. هڪڙي ڳالهہ آهي تہ فتاح ڏاڍو ذهين ۽ سٺين صلاحيتن جو مالڪ آهي. منظرنگاري سٺي ڪري سگهي ٿو ڪوَر ڊزائنس هن جهڙا ڪنهن گهٽ ناهيا آهن. پهريون ڪوَر ڊزائنس مون ناهيا. مون وٽ مڪمل البم آهي، ان کان پوءِ بهترين ڪوَر ڊزائنس فتاح ئي ناهيا آهن.Book Cover Design يا Graphic Design هن دور ۾ سٺو مقام پيدا ڪري چڪا آهن.

سوال: ائين چئجي تہ سنڌ ۾ ڪتابن تي Cover Design جو لاڙو فتاح وڌو؟

جواب: ان لاڙي جي شروعات مون ڪئي. مون وٽ سڄو البم آهي. مون کان پوءِ سنا ۽ گهڻا ڪوَر ڊزائنس فتاح ئي ناهيا آهن، ٻيا ان انداز سان

ع.
ق.
شيخ

ناهي بہ نہ سگھندا. چو تہ هي بہ هڪ فن آهي. هن آرٽ ۾ استاد ڪپي. پريڪٽس ڪپي، ڪا معمولي ڳالھ ناهي. هن آرٽ ۾ ڪمپوزيشن ۽ بيلنس جو خيال رکڻو پوي ٿو. باقي اها ڳالھ آهي تہ هن جو پنھنجو طريقو آهي ۽ منھنجو پنھنجو طريقو آهي. تصويرون فتاح بہ ٺاهيون آهن، تہ مون بہ ٺاهيون آهن. خاص ڪري شيخ اياز جون تصويرون هن بہ ٺاهيون ۽ مان بہ. پر مان پڙهي باقاعده متاثر ٿي پوءِ ٺاهيندو هيس. فتاح بہ ائين ڪري ٿو الائي نہ... پر مون کي لڳي ٿو تہ هُو Symbolic حقيقي ۽ ڪجھہ تصويرون Abstract ۽ ڪجھہ Semi Abstract بہ ٺاهي ٿو. فتاح هن وقت پنھنجي هڪڙي حيثيت ٺاهي آهي. استاد بہ سنو آهي، سيڪاري بہ سنو ٿو. ساجد قريشي، جيڪو فتاح جو شاگرد آهي، واهہ جو ڪم ڪري ٿو. پنھنجي عمر کان گھڻو ڪم ڪري ٿو. هن ۾ باقاعده ٽيلنٽ آهي. اسان وٽ ڪيترن کي خبر ئي ناهي، پر هن کي خبر آهي، ايناٽامي ڄاڻي ٿو ۽ ان مان ڪم وٺي ٿو ۽ ان ڪم ۾ جذب ٿي رزلٽ وٺي ٿو اها سٺي آرٽسٽ جي خوبي آهي.

سوال: آرٽسٽ ۾ ڪھڙين ڳالھين جي ڪري نکار پيدا ٿئي ٿو ڪنھن حادثي جي ڪري يا ڪنھن خوشيءَ جي ڪري؟

جواب: هڪڙو تہ هن جو شوق ان حد تائين هجي جو بيزاري نہ ٿئي ۽ هن جو شوق اڳتي هلي هن جي عادت بڻجي وڃي ۽ اهو بہ لازمي آهي تہ هن کي ماحول بهتر هجي ۽ عوام جون Demands بہ ٿين ٿيون تہ جيئن آرٽسٽ بهتر شئي ڏئي. جيڪڏهن آرٽسٽ ڪنھن جاءِ تي اچي ڦاسي ٿو پوي تہ سوني تي سهاڳ آهي.

سوال: ڇا ان جي ڪم ۾ نکار پوءِ ٿو اچي؟

جواب: نکار نٿو اچي تہ زوال تہ اچي ٿو نکار بہ اچي ٿو سگھي. هن کي اسٽڊي ڪرڻ گھرجي. فن، آرٽسٽ جي لاءِ هڪڙي قسم جي آڳ آهي، جيڪا جسم کي گرم رکي ٿي، جيستائين هُو تصوير ٺاهي بس نٿو ڪري، تيستائين هن کي چين آرام نٿو اچي. تصوير جي خوبصورتيءَ جو دارومدار ڪمپوزيشن، رنگ ۽ ميچنگ سان آهي، اهي سڀ ڳالھيون جي سٺي نموني ۾ رٽيل ۽ پيش ڪيل آهن تہ پوءِ

بهتر تصوير جي اميد رکي سگهجي ٿي. جيئن راڳ سکڻ لاءِ سرگم لازمي آهي، تيئن ئي آرٽسٽ ٿيڻ لاءِ رنگن جي ڄاڻ لازمي آهي، جيئن ڪارو رنگ آهي، اهو غم جي علامت آهي، نيرو رنگ، آسمان جو تصور اپاري ٿو ۽ سچائيءَ جو تصور به اپري ٿو. ڳاڙهو رنگ خطري، انقلاب ۽ رتوڇاڻ جو رنگ آهي. پيلي رنگ جا به قسم آهن، هڪڙو پيلو رنگ آهي، مريضن لاءِ ۽ ٻيو پيلو رنگ (Sun flower جهڙو رنگ) زندگيءَ لاءِ آهي، ته اهي سڀ شيون آهن جن کي نظر ۾ رکي هڪ شئي ناهڻي ٿي پوي.

سوال: ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته اوهان سرڪاري مهمان به ٿي رهيا آهيو؟

جواب: ها؟ (کِلندي) ڪم ته ڪو اهڙو ڏوهه جو ڪونه ڪيو هئم، پر مون کان هڪڙي غلطي اها ٿي جو هڪڙا اٺجاڻ ڇوڪرا مون وٽ هڪڙو ڪيلينڊر کڻي آيا، جنهن تي شاهه ۽ شيخ اياز جا شعر هيا. ان ۾ سنڌ جو نقشو به هيو. شعر انتهائي جذباتي انداز جا هيا. هُو اهو پڇڻ آيا ته هن ۾ رنگ وغيره نيڪ پريل آهن يا نه، توهان ڏسو... مون کي ڏيکاريائون ۽ مون ڏنا. ان ۾ اسان جو (فتاح جو ۽ منهنجو) ڪوبه Contribution ڪونه هو نه ان ۾ اسان جو ڪو هٿ هيو ۽ نه ئي وري ان ۾ اسان جي دلچسپي هئي. خبر تڏهن پئي، جو CID وارا اچي ڪڙڪيا. پڇا ڪيائون. اسان ٻڌايوسون ته برابر اسان ڪيلينڊر ڏٺو آهي، پر اسان ناهيو ناهي، هنن الائي ڪهڙي مٿي رپورٽ ناهي موڪلي. هوڏانهن وري ڇوڪرن اها غلطي ڪئي، جو ڪيلينڊر جي هيٺان منهنجو ۽ فتاح جو نالو لکيائون ۽ پاڻ وري انڊر گرائونڊ ٿي ويا. پٽي صاحب جو دور هيو. جماعت اسلامي وارن کي موقعو ملي ويو. هنن وٺي پروپيگنڊا ڪئي، ته هي جي ايم سيد جا پوئلڳ آهن وغيره وغيره... تن ڏينهن ۾ مان ٽريننگ ڪاليج جي هاسٽل ۾ رهندو هئس، ماستر ماڻهو هئس ۽ پوليس کي هٿ اچڻ ۾ سولو هئس پوءِ هڪڙي سنڌي DSP مون کي گهرائي گرفتاريءَ جا وارنٽ ڏنا ۽ پوليس کي چيائون ته هٿوس جيل ۾... ان دوران هڪڙو وڪيل نعمت الله قريشي به آيو. اسان هن کي سمجهايوسين ته اوهان صحيح نموني

ع.
ق.
شيخ

جانچ ڪيو تہ اسان ڏوهي بہ آهيون يا نہ. جيڪڏهن ڏوهہ ثابت ٿئي ٿو تہ ڪٽي ڦاهيءَ تي چاڙهيو. هي اسان جو ڪم ئي ناهي، اجايو ان ڏوهہ ۾ ڦاسايو اٿوَ جيڪو اسان ڪيو ئي ناهي. اهڙا ردي ڪئلينڊر اسان ڪونہ ناهيندا آهيون. توهان انهن کي وڃي جهليو جن اهو ڪئلينڊر ڇپرايو آهي.DSP ڇيو هاڻي اهي ڳالهيون ڇڏ، جيڪي پئسا، منڊي وغيره اٿئي پنهنجي عزيزن کي ڏي ۽ اندر ٿيءُ، ان دوران مون فتاح ڏي چتي مُڪي تہ تون ڳوٺان اچين تہ هاسٽل ۾ نہ ترسجانءِ ۽ هيڏانهن هوڏانهن ٽڙي وڃجانءِ، پر فتاح اتي هاسٽل ۾ وينو رهيو. خبر تڏهن پئي جو فتاح بہ اچي مون سان مليو... اتفاق اهڙو ٿيو جو جيلر دادو پاسي جو هو ان مڙئي ڪٽي سياسي قيدين سان گڏ اسان کي واڙيو. اتي ان جيل ۾ اسان مهينو کن هياسين. جيل ۾ رهڻ دوران مون هڪڙي ڪهاڻي 'ابابيل' لکي هئي، جيلر اسان کي سٺيون سهولتون ڏنيون هيون. اسان کي اتي رهايائين، جتي پير پاڳاري کي انگريزن قيد ڪري رکيو هو ۽ پوءِ ڦاهي چاڙهيو هئائونس. اها ڪوٺي چارئي پاسا کُليل هئي. هوا ايندي هئي ۽ ڏاڍي مزي سان رهياسين. باقي کاڌي جي تڪليف ڏاڍي هوندي هئي. آخرڪار اسان کي تڏهن ڇڏيائون، جڏهن اهي اصل ڏوهي هٿ آين.

سوال: نوجوان آرٽسٽن لاءِ اوهان جو ڪو پيغام؟

جواب: فن جي دنيا ۾ ڪوشش، مشق ۽ مشغولي کپي، باقي بہ چار تصويرون ماڻهوءَ کي آرٽسٽ نہ بڻائينديون آهن. مڪمل فن کي حاصل ڪري ۽ ان جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ رکي. مشاهدي جي قوت تيز هجي، جيڪڏهن ڪو آرٽسٽ اهي سڀ خاصيتون پاڻ ۾ پيدا نہ ڪندو تہ هُو بهترين آرٽسٽ نہ ٿي سگهندو هي فارمولا هر شعبي ۾ ڪم ڪندڙن لاءِ آهي، نہ ڪِي مصور لاءِ.

سوال: ڪو اهڙو واقعو جيڪو وسري نہ سگهيو هجي؟

جواب: (ٿوري دير خاموشي، ٿڌو ساهہ پريندي مايوسيءَ مان) بابا اها وڏي ڪهاڻي آهي. سڄي زندگي اڻ وسرندڙ واقعو آهي، سڄي زندگي ڪوهہ

قاف، شيخ

واقعن سان پريل آهي. ڪو هڪڙو هجي تہ ٻڌايان، ڪو هڪڙو سُور هجي تہ ان جي پچار ڪيان.

[هيءَ ڳالهہ ٻولهہ ع. ق. شيخ صاحب سان 14 جولاءِ 1991ع تي ڪئي وئي، جنهن جي ٻئي ڏينهن 15 جولاءِ تي پاڻ لاڏاڻو ڪري ويو.]

❊

وزيٽر بوڪ مان ورق

## دوست کي خراج

اڄ ٻيو ڀيرو پبلڪ اسڪول جي آرٽ گئلريءَ ۾ آيو آهيان. هر هڪ ڀيري هتي ماحول ۽ مورتن جي نواڻ ڏٺي اٿم. اتفاق آهي جو اسڪول جو سربراهہ حميد سنڌي توڙي هن گئلريءَ جو سربراهہ ع. ق. شيخ ٻئي منهنجا مهربان دوست آهن. ڪرم فرما آهن. ٻئي، تعليم جي ميدان کان سواءِ ادب جا شاهسوار پڻ آهن. تنهن ڪري هڪ طرف تہ هن اسڪول جي سموري ايراضيءَ اندر ۽ هن گئلريءَ جي سموري ماحول اندر پنهنجائپ جو احساسُ بہ منهنجي معائني ۾ شامل ٿي ويو آهي. گڏوگڏ ادب جي خوش ذوقي بہ اسڪول ۽ گئلريءَ ۾ سمائجي وئي آهي. انهيءَ ڪيفيت ۾ مون گئلريءَ جي تصويرن توڙي ٻين شين کي ڏٺو آهي تہ منهنجا تاثرات تمام گهڻي ڪشادگي گُهرن ٿا. دادا گرداس واڌواڻي، جيڪو مون سان گڏ آهي، سو تہ هلالِ پاڪستان ۾ ڪشادو ذڪر ڪري سگهندو پر مون لاءِ هت ايڏي گنجائش ڪانهي. مجموعي طرح ننڍيءَ عمر جي ٻارن ۾ سنڌن ذهني لاڙن پٽاندڙ رنگن، لِيڪُن ۽ مشاهدي جي تخليقي پاسن کي اُڀارڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، پر هتي هڪ اهڙو ماهر استاد (ع. ق. شيخ) موجود آهي، جنهن جي سموري ڄمار پنهنجي ذهني سفر سان گڏ همسفرن جي ذهني کوج ۾ گذري آهي. اها ڳالهہ بيحد اطمينان بخش آهي، جيڪا هر ڪنهن کي هتي ڇِتي نظر اچي ٿي. ٻارن ۾ تخليقي قوت پيدا ڪرڻ، تعليم جي هر شعبي جو بنيادي مقصد آهي، پر آرٽ ۽ مصوري جي ڏس ۾ اها ڳالهہ تهائين لازمي آهي. مون ڏٺو آهي تہ اهو مقصد هتي شاگردن جي رهنمائيءَ ۾ نمايان طور نظر ۾ رکيو پيو وڃي. رب پاڪ اسان جي سنگت ۽ ساٿ کي سلامت رکي ۽ کين پنهنجي ڌرتيءَ جي سپوتن کي ڏگ لائڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

شمشير الحيدري

پبلڪ اسڪول حيدرآباد
26.04.1982

فوٽو البم

# عڪس در عڪس




ع.ق شيخ

چونڊ


## نسيم شيخ




ع.ق شيخ




والده ع. ق شيخ، امان ولايت خاتون پنهنجي ڏوهٽن ۽ پوٽن سان.




ع.ق شيخ، حميده ع.ق شيخ، ڏيئون نسيم شيخ، زرينه شيخ، ڀائٽي ارباب شيخ ۽
ڀاٽيجي شاهين



ع.ق شيخ (هنج ۾) ڏهنو غلام مجتبيٰ، مسز حميده ع.ق شيخ، نسيم شيخ
۽ ڊاڪٽر ممتاز شيخ.




مسز ع.ق شيخ، ع.ق شيخ ۽ نياڻي زرينه شيخ.



ع.ق شيخ صاحب جو فرزند نذير حسين شيخ ۽ سندس شاگردياڻيون.



ع.ق شيخ صاحب پنهنجي نياڻي نسيم شيخ سان گڏ.




محمد ابراهيم جويو،
ع.ق شيخ ۽ ٻيا معزز.




ع.ق شيخ، ابنِ حيات پنهور
۽ ٻيا معزز.




ع.ق شيخ جي زندگيءَ جو آخري فوٽو.
1991 ڄامشوري ۾ پڪنڪ دوران نسيم شيخ، صبا، ڪلثوم، دريشان، فهد،
غلام مرتضيٰ، نجمہ شيخ ۽ مبينہ جاويد.



علي اڪبر، ع.ق شيخ ۽ مراد علي مرزا.



احسان علي شاهه، حميد سنڌي، ايچ.ايم خواجه، ع.ق شيخ
۽ محمد حيات ڪاڪا.




ع.ق شيخ، نياڻي زرينہ شيخ، ممتاز مرزا- ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي
پروگرام ”ٻارڙن جي باريءَ“ ۾.



نور احمد ڪوجو ڊاڪٽر حسن منظر ۽ ع.ق شيخ.


ع.ق شيخ ۽
فتاح هاليپوٽو
(شاگرد).





ع.ق شيخ ۽
منور ميمڻ
(شاگرد).

ع.ق شيخ ۽
هارون چنا
(شاگرد).



شيخ اياز

✡

# ع.ق. شيخ هڪ نهٺو انسان

...هي ع. ق. شيخ آهي جنهن منهنجي ڪجهه ڪتابن جا سرورق ٺاهيا آهن. هُن جي پيٽ ڍيلان... ريشم جي ساهيڙي هئي. ع. ق. شيخ سان منهنجون محمد ابراهيم جويي جي صحبت ۾ ملاقاتون ٿيون ۽ جڏهن مان وائيس چانسلر هئس، تڏهن مان، ابراهيم جويو، مراد علي مرزا ۽ آغا نورنبي گڏ ڪائيندا پيئندا هئاسين. ع. ق. شيخ هر روز پنهنجي ڪمري ۾ رکيل شيون ڦيرائي رکندو هو. تنهن ڪري ڪمرو هر دفعي نئون نظر ايندو هو. هُن جي ڪمري ۾ ٿوريون شيون هونديون هيون، ڪجهه ٺاهيل تصويرون، ڪئلينڊر ۽ ٻه ٽي چينيءَ جون شيون. انهن شين جي ترتيب کي ڏسي مون کي فيض جو اُهو شعر ياد ايندو هو جو منهنجو دوست مونس بار بار دهرائيندو هو:

پیو کہ مفت لگادی ہے خونِ دل کی کشید،
گراں ہے اب کہ مئہ لالہ فام، کہتے ہیں۔

هُو ڪٽ جي هيٺان ديسي ڄن جي بوتل ڪڍندو هو جيڪو الاؤالدين جي جن وانگر نڪري ايندو هو. مون کي اڌ پيگ ڏيندو هو. مان ديسي شراب نه پيئندو هئس. لاچار هُن جي دل رکڻ لاءِ پِي ويندو هئس. ع. ق. شيخ پنهنجي رهائش واري جاءِ پنهنجي پاڻيچيءَ کي موٽائي ڏئي وڃي بابن شاهه جي قبرستان جي پرسان جاءِ

ٺهرائي. جتي هُو جيئري ئي دوستن کان ڪٽجي ويو رهگو نور احمد ڪوجو هُن وٽ ايندو ويندو هو. جڏهن چنڊ قبرستان تي اُپرندو هو جنهن سان مصوريءَ جي دوران هُن محبت ڪئي هئي. اُن جون يادگيريون ڪنهن قبر جي ڪتبي وانگر ٻُڌائيندو هوءِ غالب جو غزل پڙهندو هو:

مدت ہوئی ہے یار کو مہماں کئے ہوئے،
جوشِ قدح سے بزمِ چراغاں کئے ہوئے۔

هُو هڪ نهٺو انسان هو پر زماني جي بي اعتباريءَ ۽ دوستن جي بيپرواهيءَ جو شاڪي هوندو هو. جڏهن مان منهنجي دوست ۽ اُن وقت جي ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل عبدالستار سان گڏ پڙهندو هئس، ته عبدالستار مون کي هُن جا ڪجهه نثري ٽڪرا پڙهي ٻڌايا هئا، جي جيڪڏهن سعادت حسن منٽو عصمت چغتائي ۽ راجندر سنگهه بيديءَ وارا ٻڌن ها ته هُنن کي پگهر اچي وڃن ها، پر هُن جي پيري تنهائيءَ ۾ ايتري مجبور هئي جو پٽائيءَ جو بيت ياد اچي ويندو هو:

پنڌ نه پنڌن جيترو ڪيئن سُجهندي ڪِيهَ،
جيڪر ڪريان رِيهه، پر چوندا مُنڌ چري هئي.

هُن پڇاڙيءَ تائين ڪِيهه نه ڪئي ۽ هُن جو پنڌ پُڄي ويو. مان هُن جي قبر تي ويو هئس، ته ڀٽائي جو هينيون بيت بار بار منهنجي چپن تي آيو هو:

پر پنجهوءَ ويهي، ڪهڙي ڪندين ڳالهڙي،
جاڃي ماڃي موٽيا، ور ونيءَ ڏيئي،
خبر نه پيئي، ته ڏاج ڏنائونس ڪيترو.

[شيخ اياز جي آتم ڪٿا
’ڪٿي نه پڄبو ٽڪ مسافر‘
مان ڪوريل]

ع.
ق.
شيخ

❊

مراد علي مرزا

☼

# ع.ق. شيخ: هڪ سڄو دوست

14 آگسٽ 1991ع ملڪ جي آزاديءَ جو ڏينهن هو ساري ملڪ ۾
خوشيون ملهائيون پئي ويون. پر حيدرآباد ۾ اسان جي هن شهر ۾ ڇڪتاڻ
پئي چيو پئي ويو تہ شايد ڪي اڻوڻندڙ واقعا ٿين. اهو ڏينهن جمعي جو هو.
ان ڏينهن مون ارادو ڪيو هو تہ ع . ق. شيخ سان ملاقات ڪريان. ان ڪري
بہ تہ ساڻس ملاقات ڪندي هڪ هفتي کان مٿي ڏينهن ٿي ويا هئا. اصل ۾
اسين هر هفتي ضرور ملندا هئاسين. ان ڏينهن شام ڌاري ڇڪتاڻ ۾ واڌارو
اچي ويو هو ۽ رستن تي عجب جهڙي صورتحال هئي. آئون حيدرآباد جي
وير ۾ ۽ ع .ق . شيخ اولهہ ۾. هن تائين پهچڻ لاءِ شهر کي اڪري وڃڻو هو.
پر شهر جي حالت کي ڏسندي مون پنهنجو ارادو ملتو ڪري ڇڏيو. پوءِ رات
جو ڪيتري وقت تائين مون کي اهو خيال ستائيندو رهيو تہ آئون ع . ق.
شيخ وٽ چوندو ويس صبح جو اجان ننڊ ۾ هئس تہ فون جي گهنٽي وڳي.
پئي پاسي کان ع . ق. شيخ جي ننڍي صاحبزادي روئيندي، سڏڪا ڀريندي
ٻڌايو تہ هن جو انتقال ٿي ويو هو. آئون بيبيءَ کي صبر جي تلقين ڪندو
رهيس، پر منهنجي ذهن ۾ پڇتاءَ جو پڙاڏو ٿيندو رهيو تہ آئون هن وٽ ڇو نہ
ويس، مون هن سان اها آخري ملاقات ڇو نہ ڪئي، جنهن سان منهنجي هڪ

ڊگهي عرصي جي دوستي ۾، سال 1949ع کان 1991ع تائين 46 ورهين جي لاڳيتي دوستيءَ جي هاڻي هميشہ هميشہ لاءِ پڄاڻي ٿي ويئي هئي.

فارسيءَ جي جڳ مشهور شاعر ۽ صوفيءَ مولانا جلال الدين روميءَ جو چوڻ آهي تہ هر انسان جي پنهنجي سُرهاڻ هوندي آهي. ع. ق شيخ جي بہ پنهنجي سرهاڻ هئي. هو هڪ بي حد انسان دوست انسان هو. هن جو انسانيت جي عظمت ۾ ڪامل يقين هوندو هو. مون هن کي هر انسان سان پوءِ هن جي حيثيت ڪٿي ڪهڙي بہ هوندي هئي، عزت سان پيش ايندي ڏٺو هو. هڪ صاحب دوست اديب هو. نظم توڙي نثر جو پارکو هو. هن پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات افسانن ۽ ڪهاڻين لکڻ سان ڪئي. هن رازي فقير جو ڪلام "کهہ ۽ ڪتوري" جي عنوان سان مرتب ڪيو. هن بي اي جي شاگردن لاءِ سوالن ۽ جوابن جي صورت ۾ تاريخ اسلام خلفاءِ راشدين، لکي هن اندلس ۾ اسلامي حڪومت جي تاريخ مرتب ڪئي. هن افسانا لکيا جيڪي سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي مهراڻ، نئين زندگي ۽ ٻين رسالن ۾ شائع ٿيا. ع. ق. شيخ جي انهن ڪتابن ۽ افسانن کي ڏسو. انهن ۾ ڪتب آيل ٻولي پڙهو ڪيڏي نہ سادي پر سهڻي ۽ دلپذير ٻولي آهي. هن جو اسلوب ئي پنهنجو آهي، سڀ کان جدا ۽ نرالو ع. ق. شيخ کي ڪيترائي سهڻا ۽ دل تي اثر ڪندڙ سنڌي، اردو ۽ سرائڪيءَ جا شعر ياد هوندا هئا، جڪي هو موقعي جي مناسبت سان ٻڌائيندو هو. هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ پاڪستان ٽيليويزن جي ادبي ۽ ثقافتي پروگرامن ۾ حصو ورتو. هن ۾ سنڌي اردو ۽ انگريزيءَ ۾ تقرير ڪرڻ جي مهارت هئي ۽ هن ڪيترن ئي موقعن تي ان جو مظاهرو ڪيو. بنيادي طرح ع. ق. شيخ هڪ فنڪار ۽ تخليقڪار هو. هن مهراڻ رسالي ۽ ادبي بورڊ جي ڪتابن جا ڊست ڪور ناهيا. ڪيترن ئي دوستن جا پورٽريٽ تيار ڪيا. انهن مان ٽريننگ ڪاليج فار مين ۾ سندس هڪ پٽيوالي، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ مولانا غلام محمد گرامي مرحوم جا پورٽريٽ اڄ بہ منهنجي اکين اڳيان پيا ترن، ڇاڪاڻ تہ اهي مون پنهنجي اکين اڳيان ٺهندي ڏٺا هئا. هن قدرت جي ڪيترن ئي نظارن کي

ڪاغذ تي نقش ڪري انهن کي ابدي زندگي ڏئي ڇڏي. هن برسٽل يونيورسٽي انگلينڊ مان ٽيڪسٽائيل ڊزائننگ جي سکيا ورتي ۽ ڪپڙي تي ڪيترين ئي ڊزائنون تخليق ڪيون. مون هن کي بت تراشي ڪندي به ڏٺو هن کي موسيقيءَ سان به دلي چاهه هوندو هو. سٺي موسيقي هن کي خوابن جي دنيا ۾ وٺي ويندي هئي ۽ هن جي دل جهومڻ لڳندي هئي. هو چنڊ ۽ چانوڊ ڪئيءَ تي مست هوندو هو. اسان ڪيترائي ڀيرا ڦليليءَ جي ڪناري تي ويهي چنڊ کي اوپر مان ايرندي ۽ چوڏاري چانڊاڻ پکيڙيندي ڏٺو هو. اهڙا نظارا ع . ق. شيخ تي ايترو ته اثر ڪندا هئا جو هو ڪيتري ڪيتري دير تائين ماٺ ويٺو هوندو هو.

حقيقت ۾ ع. ق. شيخ هڪ جديد ذهين جو انسان هو. هو جدت پسند هو. هر نئين ڳالهه ۽ هر نئين شيءِ کي پسند ڪندو هو ڇوجو سندس خيال ۾ نوان انساني ذهن جي اوسر جو اهڃاڻ هو. هو پاڻ به سٺو لباس پائيندو هو ۽ ٻين کي به سٺي لباس ۾ ڏسي هنن جي تعريف ڪندو هو. هو تعليم جي ضرورت ۽ اهميت جو قائل هو. هو پاڻ به تعليم يافته هو. بمبئي جي مشهور آرٽس اسڪول سنڌ يونيورسٽي لا ڪاليج ۽ برسٽل يونيورسٽي انگلينڊ جو هو. دوستن ۽ پنهنجن ٻارن کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ نه رڳو همٿائيندو هو پر پاڻ به هنن سان شريڪ ٿي ويندو هو. هو انساني نفسيات جو ڄاڻو هو ۽ دوستن جي ڪيترين ئي غلطين تي ڪلي ڏيندو هو ۽ چوندو هو ته اها انساني فطرت آهي هو دوستن کي وندرائيندو هو. ڳالهين ذريعي هنن جا هٿ ڏسي. هن جي مستقل جون پيش گوئيون ڪندي ۽ وري اهو به چوندو هو ته اصل ڳالهه انسان جو پنهنجو ارادو آهي، امرادي ۾ وڏي طاقت آهي.

انگريزيءَ جي هڪ اديب ڪولن ولسن لطيف فنن سان چاهه رکندڙن کي جادوگر سڏيو آهي. ان حوالي سان ڏٺو وڃي ته ع . ق. شيخ به هڪ جادوگر هو ۽ هن جي جادوءَ جي اثر ۾ جيڪو به ايندو هو ان جو اتان نڪرڻ محال هو.

اهڙو هو منهنجو دوست ع. ق. شيخ، جيڪو هنيئر ڏرتيءَ ماءُ جي هنج ۾ آرامي آهي. هڪ سٺي دوست ۾ بيو ڪهڙيون خوبيون هجڻ گهرجن؟ ان جو فيصلو آءُ اوهان تي ڇڏيان ٿو.

٭



ع. ق. شيخ جو ڪٽنب

ع. ق. شيخ، مسز حميده ع. ق. شيخ،
رشيده، نجمه، زرينه، نسيم ۽ خاندان جا ڪجھ ٻارَ

غلام رباني آگرو

☼

## وڏو مصور، وڏو ماڻهو

ع. ق. شيخ عام طرح آرٽسٽ جي حوالي سان مشهور آهي. سندس ناهيل ڪي شاهڪار تصويرون سنڌي ادبي بورڊ جي ”مهراڻ“ رسالي ۾ ڇپيل آهن ۽ انهيءَ ڳالهه جي نشاني آهن، ته پاڻ ڪيڏو نه وڏو مصور هو.

پر، سنڌي ادب ۾ به سندس دلچسپي مصوريءَ کان گهٽ ڪانه هئي. پاڻ سنو نثر نويس هو. خاص ڪري، فڪشن سنو لکندو هو. ورهاڱي وقت سنڌ ۾ جيڪي چار چڱا فڪشن لکندڙ پيدا ٿيا. هو انهن مان هو. سندس به ٽي ڪتاب ”کهه ۽ ڪتوري“، ”تاريخ اسلام“ ۽ ”داستان اندلس“ مشهور آهن.

ع. ق. شيخ پليءَ پيٽ ڄاڻندو هو ته سنڌ وڏيرن جو ملڪ آهي. جن جا شوق ۽ شغل رڳو ٽي ڪتن جي ٻچ ۽ ڪڪڙن جي ويڙهه آهن. يا وري ڪچريءَ جو ڳانو. اهڙي معاشري ۾ ڪنهن به نندي يا وڏي مصور جو جيڪو قدر ٿيندو سو هر ڪو سمجهي سگهي ٿو. تنهن ڪري ع. ق. شيخ ڏٺي نظر ڪري، پنهنجي پيٽ گذر لاءِ سرڪاري نوڪريءَ جو سهارو ورتو. عمر جو چڱو عرصو ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد سان وابسته رهيو.

ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فارمين، سنڌ جي قديم تعليمي درسگاهه آهي. انگريزن جي قائم ڪيل آهي. سنڌ ۾ ٿورڙين تاريخي درسگاهن جو مرتبو ان جيڏو آهي. سنڌ جا وڏا وڏا عالم ان جا پرنسيپال ٿي رهيا آهن.

ڪنهن زماني ۾ سائين محمد ابراهيم جويو صاحب ۽ مولانا گرامي صاحب بہ ٽريننگ ڪاليج فارمين سان بطور استاد وابستہ هوندا هئا. ع. ق. شيخ سنڌ جي روشن خيال اديبن جي حلقي سان سائين محمد ابراهيم جويي جي معرفت ئي متعارف ٿيو.

ٽريننگ ڪاليج ۾ ملازمت واري زماني ۾ ڪيس وڏيڪ سکيا لاءِ سرڪاري طرح ولايت وڃڻ جو موقعو مليو. غريب ماڻهوءَ لاءِ ولايت جو چڪر ڇڻ تہ خواب آهي! سو شيخ صاحب جڏهن ولايت مان ٽريننگ پوري ڪري موٽي آيو تڏهن ڪو زمانو تہ پنهنجن يارن دوستن کي اتان جا احوال، مزا وٺي، ٻڌائيندو هو. هڪ دفعي، مون کي خاص دعوت ڏئي، گهر سڏيائين، ولايت واريءَ رهائش جي زماني جي ڊائري پڙهي ٻڌايائين. جا چڱو موچارو ڪتاب هئي، هن ڪتاب ۾ ”هڪ رات“ عنوان هيٺ لکيل احوال، شيخ صاحب جي انهيءَ ئي ولايت جي دوري جو هڪ داستان آهي.

ع .ق. شيخ طبيعت جو مانيٺو ۽ يار ويس ماڻهو هو. سنڌي محاوري موجب، سفيد پوش ۽ نج اشراف ماڻهو هو. جنهن جي نيڪي هر ڪو ڪندو هو نندا ڪير ڪونہ ڪندو هو. هن هڪ باشعور انسان وانگر، پنهنجي اولاد جي تعليم ۽ تربيت ڏانهن توجهہ ڏنو. ڪتاب”محبت جي راهہ تي“ سندس نياڻيءَ محترمه نجمہ شيخ جي ڪوشش سان ئي شايع ٿيو ۽ اها ان ڳالهہ جي ثابتي آهي، تہ جيڪي والدين، پنهنجي اولاد جي صحيح تعليم ۽ تربيت ڪن ٿا، تن جو اولاد وڏو ٿي، نہ فقط پنهنجن پيرن تي بيهي ٿو پر پنهنجن نيڪ عملن جي ڪري والدين لاءِ عزت ۽ آبروءَ جو باعث پڻ ٿئي ٿو.

ع. ق. شيخ جي هن ڪتاب ۾ دلچسپ خاڪا، ڪهاڻيون. يادگيريون، تاثرات... سڀ ڪجهہ موجود آهي. بہ سو پندرهن (215)صفحن جو هي ڪتاب ايڏو تہ سهڻو لکيل آهي، جو ائين ڪٿي چئجي، تہ انگريزي محاوري موجب : This book is wroth is weight in gold هي ڪتاب سچ پچ سون ۾ تورڻ لائق آهي.

ع. ق. شيخ پورهيت ڪلاس ۾ پيدا ٿيو هو. اهڙا ٻار پينگهي مان پٽ تي لهي پنڌ ڪرڻ سڪندا هئا. ته هلڪو سلڪو ڪم ڪرڻ لڳندا هئا. غريب جو ٿيا، سو ع. ق شيخ به سڄي عمر هڪ پورهيت وانگر گذاري، پر سندس اندر ۾ جيڪو آرٽسٽ ۽ اديب هو. اهو سڄي عمر خواب ڏسندو رهيو. هونئن ته هر انسان اڌ عمر ننڊ ۾ اڌ جاڳ ۾ گذاريندو آهي. پر آرٽسٽ ۽ اديب ته سڄي عمر پنهنجا پنهنجا خواب اکڙين ۾ ڪٽي، گذاريندا آهن. نه رڳو ايترو پر، هو ڏکن جا ڏينهن ۽ سورن جون راتيون، انهن ئي خوابن جي سهاري گذاريندا آهن. ۽ پائيندا آهن. ته ڪڏهن ته سندن خواب سچا ٿيندا. ڪڏهن ته آسمان ۾ پورا پورا ڪڪر وسڻ جا ويس ڪري ايندا.

هن ڪتاب کي بين السطور (IN BETWEEN THE LINES) پڙهبو ته منجهس ورق، ورق تي، ع. ق. شيخ جا خواب انگورن جي ولين ۾ رس ڀريل ساون ۽ ناسي رنگ جي ڇڳن وانگر پريل ڪان نظر ايندا. شيخ صاحب وڏو آرٽسٽ هو. ڪيس خبر هئي ته جڏهن انگورن جا ڇڳا رسبا آهن، ۽ پچندا آهن، ته انهن جا رنگ ڪڏهن ۽ ڪيئن متبا آهن. سو هن پنهنجي قلم ڪان ڪمال ڪاميابيءَ سان آرٽسٽ جي برش وارو ڪم ورتو آهي.

ع . ق. شيخ جاسپ خواب سچا ٿيا، يا ڪوبه ڪونه ٿيو سو ڪيس ئي معلوم هوندو. شيڪسپيئر دنيا جي بي ثباتيءَ جو ذڪر ڪندي چيو هو ته، "اسان فاني انسانن جي زندگي ڪنهن اهڙي خمير مان جڙيل آهي، جيڪو خواب وانگر آهي."

تاهم، ع. ق. شيخ جي ذهن هن ڪتاب ۾ جن ڪردارن جا نقش چٽيا آهن، سي خيالي ڪونه آهن. نه وري اسان جي آسپاس گهمندڙ ڦرندڙ انسان ڪان مختلف آهن، بلڪ هوبهو انهن جا عڪس آهن. "فرشتو"، "ڦلتو صاحب"، ۽ "گلو بادشاهه"، انهن جا جيئرا جاڳندا مثال آهي.

ع . ق. شيخ جي لکڻيءَ ۾ هڪ قسم جي فطري سادگي ۽ رواني آهي. سو سندس هر تحرير، پڙهندڙ جي ذهن تي نقش وانگر چٽجي وڃي ٿي. ان

لحاظ کان ڏسبو. تہ هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ بلاشبہ هڪ قابل قدر اضافو تسليم ٿيندو.

[هيءَ تحرير ڪتاب "محبت جي راهہ تي" جي ابتدا ۾ ناشر جي نوٽ طور ڏنل آهي - 1998ع]

*



غلام رباني آگرو ڊاڪٽر الياس عشقي، سليم شيخ، منور ميمڻ، ع.ق. شيخ، عبدالرزاق چانديو نظير قاسمي ۽ ٻيا معززين مهراڻ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد جي هڪ تقريب ۾

**ممتاز مرزا**

✡

## سائين ع.ق. شيخ

ڪن ڪن ماڻهن ۾ بيشڪ 'بهار جي سرهاڻ' سمايل هوندي آهي، اهڙن سهڻن ۽ سيبتن ماڻهن مان هڪڙو ع. ق شيخ صاحب هو جنهن کي مرهيات يا مرحوم لکندي دل ۾ اصل ڪُندريون ٿيون ڪُپن. اهڙا مور جهڙا مڙس، جن نہ ڪڏهن ڪنهن کي رنجايو ڏکايو نہ ستايو! سدائين پنهنجن ننڍن وڏن ساٿين کي سَئين وات پسائي سنواريو سڌاريو. سي ائين اوچتا هلڻهارا! بس دنيا دم گذر وڃڻ وارا سپرين، جهلڻ جهڙا نہ هوندا آهن. سو هيءُ سائين بہ اسان کان ائين رُسي ويو.

عبدالله قادر بخش شيخ، جيڪو اسان جي ادبي دنيا ۾ ع. ق شيخ جي نالي سان مشهور آهي، ان جي پهرين تحرير مون، ”کهہ ۽ ڪتوري“ ڪتاب ۾ پڙهي ۽ ساڻس ملاقات پائو مراد علي مرزا سان، ٽريننگ ڪاليج فار مين جي مارڪيٽ واري هاسٽل ۾ ٿي. اهو ڏينهن اهو شينهن، آءُ سندس پريت واري ڳُنڍي ۾ اصل ڪڙجي ويس. ڪِلي ڪيڪارڻ، لکڻ ڏانهن راغب ڪرڻ ۽ هر ڪچي ڦڪي لکيت جي ساراهہ ڪري، سهڻي صلاح ڏيڻ تہ ڪو شيخ صاحب کان سکي. سندس ذهن ۾ هر دم اها ڳالهہ سمايل رهندي هئي تہ، جيڪڏهن سنڌي جديد ادب جي ڪا خدمت ڪرڻ آهي تہ مانا ڪائي چڙهيل ماڻهن مان هٿ ڪيڏي نئين ٿهيءَ جي نون لکندڙن جي ذهني سکيا

ڪجي. جيئن ادب ۽ زندگيءَ جي وچ ۾ ڪو ويڇو نہ پوي. سنڌي نئين ادب جو جيڪو ٿڏو پاڙ هنيو هئائون، اهو وڏي وڻ ٿئي، انهي جذبي ۽ اتساهہ سان سائين شيخ صاحب اسان جهڙن ڪيترن نون لکڻ وارن جي رهنمائي ڪندو رهيو ۽ جڏهن ڪيس ڪا تحرير لکي ٻڌائي وئي، تہ وچ وچ ۾ پنهنجي مخصوص انداز ۾ 'واهہ سائين واهہ' جا ٻول چئي پيو دل وڌائيندو هو. ان عمل ۾ اسان جهڙن جا حوصلا وڌندا هئا ۽ رات ڏينهن ڪري روز ڪانہ ڪا شئي لکي آڻي ڪيس پڙهي ٻڌائبي هئي. مجال آهي جو ڪڏهن ڪڪ ٿيو هجي، يا ڪو بيزاري ڏيکاري هجيس. سدائين هڪجهڙو. جڏهن تہ ادبي سنگت جي ڪچهرين ۾ ٿيندڙ تنقيدي نشستن ۾ اڪثر اسان جا نقاد اصل چوڏا لاهي ڇڏيندا هئا، لکڻ کان اهڙا ارواح ڪٽا ڪندا هئا، جو ڪڏهن تہ قلم کڻڻ جي بہ همت نہ ٿيندي هئي، پر اهو شيخ صاحب ئي هو جنهن اسان واري ٻاج کي بند ڏنا ۽ لکڻ لاءِ آماده ڪيو.

شخصي طور سائين شيخ صاحب نهايت منڙو انسان هو. سندس زندگيءَ جي بابت مشاهدو ڳوڙهو ۽ پختو. ماڻهن کي پيار سان پرکڻ وارو. من ۾ مڙني لاءِ محبت، مديءَ کان ڏور. عشق کي اوڏو. سدائين انهيءَ ڳالهہ تي ڪاربند تہ:

ڪو آهيس ڪوڙ، ٻاروچاڻي سَڱَ جو
جي هو چونس ٻوڙ، تہ جيءَ سڻائي جڳ کي.

سندس، ادب ۾ ڪيئي شاگرد تہ مصوريءَ ۾ بہ سوين سيڪاريل، ڪي تہ اڄ بہ وڏا نالا آهن ۽ رنگن سان راند پيا ڪن، تہ ڪي وري مٽيءَ جي مٽيا کي محسوس ڪري، ان جي سڳنڌ کي نوان نوان روپ بہ پيا ڏين. ان ڏس ۾ پياري بدر ابڙي ٻڌايو تہ، 'مان بہ ع. ق شيخ جو بہ ڏاهڙا شاگرد رهيو آهيان، جيڪڏهن شيخ صاحب جي ٻن ڏينهن وارو ساٿ مون کي ميسر نہ ٿئي ها تہ آءُ اڄ اهڙا بُت تراشي نہ سگهان ها!'

ع.
ق.
شيخ

❊

حميد سنڌي

☼

# فخر لائق سائين ع.ق. شيخ

ع. ق. شيخ کي آءٌ ادب ۽ مصوريءَ جي دنيا جو ’هيرو‘ تصور ڪندو آهيان. جنهن لڳ ڀڳ اسي ورهين جي ڄمار تائين، ادب ۽ آرٽ جي ميدان ۾ هر محاذ تان جدوجهد ڪري، پنهنجي فن جو علم بلند ڪيو ۽ ڪاميابي ماڻيندو رهيو. فن جو محاذ هجي يا ڪهاڻيءَ جو، آءٌ گواهه آهيان تہ هن پنهنجي فني شهپارن ۽ بهترين ڪهاڻين جي ذريعي رڳو ميدان ملهايا ۽ سرخرو ٿيندو رهيو. ڪيڏي نہ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ، ع. ق. شيخ صاحب جا پونئير وڏي فخر سان پنهنجي وڏي ۽ سنڌ جي عظيم فنڪار ۽ اديب جو ڏينهن، پنهنجي ليکي، دل جي تسڪين لاءِ ملهائي رهيا آهن ۽ ان لاءِ آءٌ هن جي خاندان کي شاباس ٿو ڏيان، جن هيءَ تقريب منعقد ڪري پنهنجو فرض نڀايو آهي.

ع. ق. شيخ صاحب بابت جيتري قدر منهنجو مشاهدو آهي، هُو هڪ ساده سياءُ انسان هو. بظاهر سنهڙو سيپڪڙو پر انهيءَ ڪمزور ۽ نحيف جسم ۾ هن وٽ وڏو فڪر ۽ فن هو ۽ ان حد تائين هو جو ڪهاڻي ۽ مصوريءَ ۾ مسلسل مصروف رهڻ جي باوجود، هن وٽ چوڻ ۽ ڪرڻ لاءِ اڃان گهڻو ئي ڪجهہ هو. هُن جي شخصيت هڪ مڪمل فنڪار جي شخصيت ڪوهہ هئي ۽ هن اڃان بہ گهڻو ڪجهہ ڪرڻ پئي چاهيو. اي ڪاش ڪو اهڙو

ادارو هجي ها. جيڪو هن جي اندر ۾ موجود سرمايي مان پورو پورو لاڀ ماڻي ها، ته اجان به گهڻو ڪجهه... جيڪو هُو پاڻ سان ڪٺي هليو ويو اهو به اسان وٽ محفوظ ٿي وڃي ها.

منهنجو ويساهه آهي، ته قوم پنهنجي مفڪرن، مصورن، قلمڪارن سان سڃاپبي آهي ۽ انهن جي ڪري ئي قوم سڏرائڻ جو حق رکندي آهي. جيڪي قومون پنهنجن مشاهيرن کي وسارينديون آهن، اهي پاڻ، تاريخ کان وسرنديون ويندريون آهن.

يقين سان ٿو چوان ته ع. ق. شيخ هڪ وڏو فنڪار هو آهي ۽ رهندو ۽ مون کي هن جي پايي جهڙو آرٽسٽ ويجهڙائيءَ ۾ ڪوبه بيو نظر نٿو اچي. مون کي خوشي آهي ته هن سان گڏ مون کي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو هو. منهنجي ڪهاڻين جي مجموعي 'ويريون' جو ٽائيٽل پڻ ع. ق. شيخ صاحب نهايت محبت سان مون کي ڊزائين ڪري ڏنو هو. گڏوگڏ پبلڪ اسڪول جي ڪيترن مئگزينس کي به پاڻ ڊزائن ڪيو هئائون.

ع. ق. شيخ صاحب، صرف هڪ شخص هڪ آرٽسٽ جو ئي نه، هڪ اداري... هڪ دور جو نالو پڻ آهي، جنهن جي خدمتن کي سنڌ ڪڏهن به وساري نٿي سگهي.

*

حسن منظر

☼

# ع.ق. شيخ کي سلام

منهنجي ع. ق. شيخ صاحب سان دلي عقيدت آهي. ياد نٿو پويم تہ
يخ صاحب سان منهنجي پهرين ملاقات ڪڏهن ٿي هئي. ها! ايترو ياد
ئم تہ هڪڙو پيرو هُو منهنجي ڪلينڪ تي آيو هو ۽ جيترو هُو خاموش
سم جو ماڻهو هو، اوترو ئي خاموشيءَ سان ڪلينڪ ۾ گهڙي آيو هو. هتي
ي بہ ٻڌائيندو هلان تہ 1973ع کان، آءٌ حيدرآباد شهر ۾ اچي رهيو هوس ۽
اٽي منهنجو گهر هن شهر ۾ آهي. منهنجي پٽ کي هن شهر جي جنهن
سڪول ۾ داخلا ملي، اهو پبلڪ اسڪول هو. ع. ق. شيخ اتي ڊرائنگ واري
عبي جو انچارج هو. ڀانئيان ٿو منهنجي ساڻس اُتي واقفيت ٿي هئي. هڪ
بي ويهڪ ۾ پاڻ اسان جي دعوت تي آيا ۽ پنهنجو هڪ افسانو بہ
ڙهيائون. ان ادبي ويهڪ کان اڳ گهر ۾ مون پنهنجي فرزند واتان، اڪثر
ن جو تذڪرو ٻڌو هو. چوندو پيئو هو سر ع. ق. شيخ هيئن چيو آهي. پاڻ
ن طرح سان هدايت فرمائي اٿن. عجيب اتفاق ع. ق. شيخ صاحب کي
بستائين مون روبرو اچان ڪونہ ڏٺو هو. پاڻ ادبي ويهڪ ۾ جنهن وقت
ڪهاڻي پڙهيئون پئي، آءٌ ڪمري ۾ آيس ويس پئي، تڏهن اوچتو مون کي
نهنجي پٽ ٻڌايو تہ بابا هي بزرگ، جيڪو ڪهاڻي پڙهي پيو اهو ئي تہ

منهنجو استاد ع. ق. شيخ آهي، جنهن جون آءُ اوهان سان اڪثر ڳالهيون ڪندو رهندو آهيان.

شيخ صاحب سان پوءِ آءُ جڏهن روبرو مليس. تڏهن ساڻس ملڻ ڪان پوءِ مون کي هڪڙي انگريزي مقولي جون هي سٽون عين سندس طبيعت تي ٺهڪندڙ لڳيون:

’نہ آءُ ڪنهن سان حسد ڪندو آهيان، نہ ئي ڪو مون سان حسد رکندو آهي.‘


مون کي خوشي آهي تہ منهنجي ٻن ڪتابن’رهائي‘ ۽ ’نديديءَ‘ جا ٽائٽل هن ئي ڊزائين ڪيا هئا ۽ ان لاءِ هن مون کي ٿوري بہ تڪليف نہ ڏني ۽ نہ ئي وري انتظار ڪرايو. حُجت ڪئيمانس تہ ٺاهي ڏيو ۽ مقرر وقت اندر ٺاهي ڏيئي ڇڏيائين. عمر جي جنهن حصي ۾ مون هن کي ڏٺو هن جي سياءَ ۾ هڪ عجب جهڙي لاتعلقي نظر ايندي هئي. مون کي ياد آهي عمر قاضي صاحب جي هندستان بابت سفرنامي جي ڪتاب لاءِ ڪين صدارت لاءِ سڏايو ويو هو. پاڻ جنهن وقت پنهنجي جهيڻي آواز ۾ صدارتي تقرير ڪيائون پئي، مون ڏٺو آڊينس پاڻ ۾ ڳالهين ۾ مصروف هئا. تڏهن پاڻ صرف ايترو چيائون تہ ’دوستو! مون کي ڪو بہ افسوس نہ ٿيندو جي آءُ ائين ئي توهان جي وچ مان هليو وڃان.‘

جنهن وقت پاڻ منهنجي ڪهاڻين جي مجموعي ’نديديءَ‘ جو ٽائٽل پئي ٺاهيائون، هڪ ڏينهن منهنجي ڪلينڪ ۾ لنگهي آيا. ٽائٽل ڏيندي چيائين: ڊاڪٽر صاحب! پسند اچي تہ شايع ڪرائي ڇڏجؤ نہ پسند اچي تہ ڪائي ڳالهہ ناهي. هن کي اڪثر دوست پيار مان آثارِ قديمہ شيخ سڏيندا هئا ۽ هُو جيڪو پنهنجي ذات ۾ اعليٰ مصور، ڪهاڻيڪار هو سچ تہ هن جي پوري نالي جي خبر مون کي اجوڪي هن ورسيءَ جي تقريب ۾ ئي اچي پئي آهي، تہ سندن اصل نالو هو عبدالله قادر بخش شيخ.

پوري يقين سان ٿو چوان تہ حيدرآباد اندر هم خيال دوستن جي وچ ۾، جڏهن بہ شيخ صاحب جو لفظ اچاربو هو تہ سمجهي ويندا هئاسين، تہ اهو

ڪر ع. ق. شيخ صاحب بابت آهي ۽ اها هڪڙي وڏي ڳالھ آهي. منهنجو
ن بابت هي بہ مشاهدو آهي تہ سڀ دوست، ننڍا وڏا هن جو بيحد احترام
ڪندا هئا، مڃانس سئو جان فدا پيا ٿيندا هئا. شخصي لحاظ کان ع. ق.
شيخ صاحب هڪڙو نهايت 'خاڪسار' قسم جو ماڻهو هو ۽ آءٌ هن جِي اهڙي
شخصي ۽ فني عظمت کي جُهڪي سلام ٿو پيش ڪريان.

❊



تصويرن جي هڪ نمائش دوران
جسٽس فيروز نانا، ع. ق. شيخ ۽ ٻيا معززين

رشيده حجاب

✡

# ع.ق. شيخ، هڪ آئيڊيل شخصيت

منهنجي خواهش آهي تہ شيخ صاحب جيڪو ڪجھ ڪيو آهي، ان ڪم کي اڳيان وڌائڻ جي لاءِ اسان جي ادارن ۾ خود ع. ق. شيخ فائونڊيشن کي جاکوڙ ڪرڻ گهرجي. مصوريءَ ۾ع. ق. شيخ صاحب جي اسڪول آف ٿاٽ کي اڳتي وڌائڻ گهرجي. شيخ صاحب جي جيڪا ورسي ملهائي وئي هئي، ان ۾ مون کي اهو ڏسي خوشي ٿي تہ اتي 18 نوجوان آرٽسٽن جو ڪم نمائش لاءِ رکيو ويو ۾ جن آرٽسٽن ۾ خود شيخ صاحب جي نياڻين ۾ ڏوهٽين جو ناهيل تصويرون بہ موجود هيون. ڪيڏي اطمينان جهڙي حقيقت آهي تہ اهو فن هن جي خاندان وارن ورثي وانگر سنڀاليو آهي. شيخ صاحب جتي پنهنجا ڊرائنگ ڪاليج وارا شاگرد پويان ڇڏيا آهن اُتي هن جا ڪيترائي روحاني شاگرد بہ آهن، جن هن جي ڪم مان اتساھ وٺي نالو پيدا ڪيو آهي. وڏي ڳالھ تہ هن جي فيملي وارن کي بہ اهو احساس آهي، تہ ان فن جي آبياري خاندان پاران بہ ضروري آهي. اسان جي سماج ۾ پيءُ جو نالو پٽ جي نسبت سان هلندو آهي، پر اها بہ ڪيڏي نہ خوشيءَ جي ڳالھ آهي، تہ ع. ق. شيخ جي نياڻين پنهنجي والد جي نالي جي مشعل کڻي، جهڙوڪر پاڻ سان گڏ پنهنجي پيءُ جي نالي کي بہ زماني ۾ زنده رکيو آهي. رشيده، نجمہ، ممتاز نسيمہ... هي هن جون اهي نياڻيون آهن، جيڪي سماج جون باوقار نياڻيون

آهن ۽ تعليم جي ميدان ۾ هُنن پنهنجو نالو ڪڍيو آهي. ع. ق. شيخ جون ڏوهٽيون بہ علم ادب ۽ فن سان شوق رکن ٿيون ۽ اهو سڀ ع. ق. شيخ صاحب جي اڻ سڌي تربيت جو ئي نتيجو سمجهي سگهجي ٿو. مون کي ياد آهي تہ اسان جي نڊيپڻ ۾، گلاس، ٽئبل، صوف، گلدان وغيره جي ڊرائنگ ڪرڻ کي ئي مصوري سڏبو هو پر ٿورا وڏا ٿياسين ۽ "تماهي مهراڻ" ۽ ادبي بورڊ جي ڪتابن تي سهڻا سهڻا ڊزائين ٽيل ٽائٽل ڏٺاسين، تہ سوچيوسين هي ڪير آرٽسٽ آهي، جيڪو اهي سڀ ڪجهہ ناهي پيو ۽ نهايت جلد خبر پئي، تہ انهن شاهڪار ٽائٽلس جو ناهيندڙ ڪو ٻيو نہ، اسان جو پنهنجو ع. ق. شيخ صاحب آهي.

56_1955ع کان ذاتي ڊائرين ۾ ڪهاڻيون لکڻ سان، مون پنهنجو ادبي سفر شروع ڪيو هو ۽ ان دوران ع. ق. شيخ صاحب نہ فقط بهترين مصور جي مون کي نظر آيو پر گڏوگڏ هن نهايت اعليٰ پايي جا افسانا بہ لکيا پئي. بعد ۾ خبر پيم تہ هُو آرٽ جو هڪ آئيڊيل استاد بہ آهي، انهن سيني حيثيتن ۾ هن جيڪي بہ خدمتون سر انجام ڏنيون آهن، انهن کي آءٌ سندن عظيم خدمتون سمجهندي، سلام تي پيش ڪريان.

❊

✡

## ع. ق. شيخ،

### جنهن جون تصويرون ڳالهائينديون آهن

شايد سال 1955ع جي ڳالهه آهي. آءُ هلال پاڪستان ماهوار ايڊيشن ۾ ته ملازم هئس، پر گڏوگڏ سائين ڏيپلائي صاحب جي پريس ۾ به ڪم ڪندو هئس. هڪ دفعي نهايت عجيب طبيعت جو انسان ڏٺم. پٺ تي ويٺو هو ۽ ڏيپلائي صاحب به سندس پرسان ويٺل هيو. ٿر جي پاسي جا احوال ڏئي رهيو هو. آءُ به سندن پاسي ۾ ويهي رهيس. ڏيپلائي صاحب کان پڇيائين ته هي ڇوڪرو ڪير آهي؟ منهنجي عمر ان وقت 20 سال کن هئي. ڏيپلائي صاحب، ڪيس مون بابت ٻڌايو. ها_اهو هلال پاڪستان وارو جنهن گذريل پرچي ۾ منهنجو مضمون شايع ڪيو آهي! اها مسڪين جهان خان ڪوسي جهڙي جاڪوڙي ۽ سنڌ توڙي ٿر جي مظلوم عوام جي خدمت ڪندڙ سچي پچي ڪامريڊ سان منهنجي پهرين ملاقات هئي، جيڪا پوءِ نيازمندي ۽ انڪساريءَ جي هن مجسمي سان سالن جا سال جاري رهي. هڪ دفعي مسڪين سان ملڻ ميرپورخاص ويس ته ڪتاب ۽ اخبار وٺڻ لاءِ اسٽيشن پرسان پپر جي وڻ هيٺان ٺهيل بوڪ اسٽال تي هڪ بزرگ سان ملاقات ٿي، جيڪو ملازم ته حيدرآباد ۾ هو پر انهن ڏينهن ۾ پنهنجي بوڪ اسٽال تي موجود هو ۽ اهو سنڌ جو ناميارو مصور، اڇي ڪوري ڪاغذ تي ليڪن سان تصويرون ٺاهي ان ۾ اهڙو ساهه وجهي ڇڏيندڙ چترڪار سائين عبدالله قادر بخش شيخ هو ۽ پنهنجي بوڪ اسٽال تي هن نهايت سادي مگر پُروقار شخص سان ع. ق. شيخ


ملاقات ٿي هئي. اهو سندن والد بزرگوار جي ملڪيت هو. شيخ صاحب سان پوءِ ٽريننگ ڪاليج فارمين جي ڊرائنگ هال ۾ منهنجيون گهڻيون رهاڻيون ٿيون. حيدرآباد مان هڪ رسالو نڪرندو هو ”فلمي دنيا“ ان ۾ بهترين ۽ چونڊ افسانن تي انعام پڻ ڏيندا هئا. ع.ق شيخ جا ڪافي افسانا نہ رڳو ”فلمي دنيا“ پر ”سارنگ“ رسالي ۾ پڻ شايع ٿيا. جيڪو بہ حيدرآباد مان نڪرندو هو. شيخ صاحب قلم جو ڌڻي هو. خدا تعاليٰ کيس وڏي ذات بخشي هئي. سنڌ جي مختلف تعليمي ادارن ۾ ڊرائنگ جا ڪلاسز شروع ڪرائڻ ۽ انهن ۾ نهايت محنتي، هوشيار ۽ فن جي قدردان استادن جي مقرري لاءِ پاڻ پتوڙيندو هو. سنڌي ادبي سنگت جي ادبي ڪچهرين ۾ بہ شريڪ ٿي افسانا پڙهندو هو ۽ نهايت معياري تنقيد بہ ڪندو هو. مون کي 1956ع ڏاري جڏهن ماهوار ايڊيشن لاءِ ٽائيٽل جي ضرورت پئي تہ نوجوان مصور ۽ پياري ساٿي ظفر ڪاظمي کي چيائين، جنهن ”ڪينجهر“ جي نموني تي ناهيل هڪ نهايت سٺي تصوير ڏني، جيڪا شايع ٿي ۽ سنڌ جي ماڻهن انهيءَ تصوير کي ڏاڍو پسند ڪيو.

شيخ صاحب سان 1985ع کان ملاقاتن جو وري نئون سلسلو شروع ٿيو جڏهن ته آءٌ محترم حميد سنڌيءَ جي حڪم تي پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾ پبلسٽي برانچ جو انچارج مقرر ٿيس ۽ شيخ صاحب ان وقت انهيءَ اسڪول ۾ ڊرائنگ جو استاد هيو. نياز هال جي مٿان سندس آرٽ گيلري هئي، جنهن ۾ ننڍڙن ٻارڙن کي ڪينواس وٺ بيهاري تصويرون ناهڻ ۽ ٺهيل تصويرن ۾ ڪچائين خامين کي پيو درست ڪرائيندو هو. نهايت مصروف زندگي گذاريندو هو. هرويرو اجاين ڪچهرين کان پري رهندو هو!! انهن ڏينهن ۾ جپان ۾ ٻارڙن جي تصويرن جو عالمي مقابلو ٿيندو هو. شيخ صاحب اسڪول جي ٻارڙن کي تيار ڪندو هو ۽ هر سال پبلڪ اسڪول جي ٻارڙن کي ڪيترائي پرائز ۽ سلور، گولڊ ميڊل ملندا هئا. جيڪا شيخ صاحب جي ذهانت، اعليٰ مهارت ۽ مصوريءَ جي دنيا ۾ پنهنجن نونهالن کي ڪامياب ڪرڻ جي ڏس ۾ نهايت اهم ڪوشش هئي. سندس وفات بہ اچانڪ ٿي. 14 آگسٽ 1991ع تي جڏهن مرحوم جمال رند اسڪول جو پرنسپال هو تڏهن مون ۽ جمال صاحب گڏجي سنڌ جي وزير اعليٰ جي ايڊوائيزر ۽ سنڌ جي ناميارې اديب ۽ صحافي علي نواز وفائي کي عرض ڪيو تہ اهو جشن آزاديءَ جي هن تقريب ۾ خاص مهمان ٿئي، وفائي صاحب آيو ۽ نهايت شاندار تقريب ٿي.

ٻارڙن جي پيءَ تي شو ڪان وڏيڪ وفائي صاحب جنهن ڳالهہ ڪان متاثر ٿيو اها هئي آرٽ گيلريءَ ۾ ٻارڙن جي هٿن سان ٺاهيل تصويرن جي نمائش!!

شيخ صاحب ڏاڍو خوش هو. سيني مهمانن سان چرچا ڀيو ڪري وفائي صاحب ڪان واعدو ورتائين تہ وڏي وزير کي هي نمائش ڏيکارڻ لاءِ ضرور وٺي ايندو. پرنسپال جي آفيس ۾ چانهہ پيئاتين ۽ ٻہ بجي ڌاري گهر روانو ٿيو. 15 آگسٽ تي اسڪول ۾ موڪل ڪئي وئي هئي. 16 تي اسڪول کليو تہ اها منحوس خبر ملي تہ سنڌ جو سچو عاشق، نماڻو ۽ نهٺو انسان سائين ع.ق شيخ اسان کان هميشہ جي لاءِ موڪلائي ويو ۽ ان روز بہ اسڪول کي موڪل ٿي وئي. اڌ صديءَ تائين ڪيل ڪچهرين، رهاڻين کي مختصر لفظن ۾ بيان ڪرڻ ايترو آسان تہ نہ آهي، پر سواءِ يادگيرين بيان ڪرڻ جي، ٻيو ڪري ئي ڇا ٿو سگهجي!

❊




ع. ق. شيخ جي استعمال هيٺ رنگن وارا ٽيوبَ

دارا عالم ابڙو

✡

## منهنجو سائين: ع.ق. شيخ

شام جا 7 وڳا هئا. ٻاهر هلڪن ڦڙن سان مينهن وسي رهيو هو مان
ٻنهنجي بلڊنگ جي ٽئين فلور تان لفٽ مان لهي ڪاريڊور ۾ هوس تہ فون
جي گهنٽي وڳي، موبائل کيسي مان ڪڍي ڪن تي لڳايم، ٻئي طرف کان
جانيءَ جو آواز آيو. بابا اوهان ڪٿي آهيو؟ مون جواب ڏنو مٺا آءُ گهر پهچڻ
وارو آهيان. جواب ۾ جانيءَ چيو اوهان جي طبيعت ڪيئن آهي؟ آءُ ڪالهہ
وهان کي فون ڪري ڪونہ سگهيس. مون جواب ڏنو مٺا اوهان فڪر نہ
ڪريو هتي سڀ ٺيڪ آهي. جاني وري وراڻي ڏيندي چيو بابا ڪالهہ ادا
نصير مرزا سان فون تي ڳالهہ ٿي، چيائون تہ... هن سائين ع.ق شيخ جن تي
ڪتاب مرتب ڪيو آهي ۽ چاهين ٿا تہ اوهان بہ جيڪڏهن شيخ صاحب
جي متعلق لکي ڏيو تہ ٻنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪن. مون کيس جواب ڏنو
آءُ ڪوشش ڪري ڪجهہ لکي ڏيندس. ٻئي طرف جاني فون بند ڪيو.

فليٽ تائين پهچندي پهچندي شيخ صاحب جون بيشمار يادگيريون
منهنجي اڳيان تري آيون ۽ ائين لڳو جهڙوڪ سائين مون سان گڏ منهنجو
مت جهلي هلي رهيا هجن ۽ فليٽ ۾ اسان ٻئي جيئن گڏ داخل ٿي رهيا
هجون. اندر اچي سائين سان گذاريل لمحا، جيڪي بيحد حسين، تمام گهڻا

خوشي ۽ راحت ڏيندڙ هئا. سندس يادن جا خاڪا هڪ هڪ فريم ٻڻجي اڳيان ايندا رهيا. اوچتو منهنجي وائيف جو آواز آيو ڇا سوچي رهيو آهين؟ مون جواب ڏنو تہ، تون ۽ مان ٿوري دير اڳ سائين شيخ صاحب سان ڊرائنگ جي ڪلاس ۾ هئاسون. حيرت ۽ غور سان ڏسندي چيائين، سائين شيخ صاحب؟ ڇا پيو چوين؟!

مون ڪيس جواب ڏنو جانيءَ جو فون آيو هيو چيائين پئي نصير مرزا سائينءَ تي ڪتاب لکيو آهي.

هُن جواب ۾ چيو سائينءَ جي خوبين جو تفصيل ڪنهن هڪ ڪتاب ۾ ممڪن ڪونہ آهي، ان لاءِ ڪيترائي ڪتابَ بہ گهٽ آهن.

نيڪ ٿي چوين. مون جواب ڏنو ۽ دل ۾ سوچيم تہ شيخ صاحب جهڙي قدآور شخصيت جي متعلق مون وٽ لفظن جي چونڊ ڪٿان ايندي؟ رائيٽر تہ آءٌ آهيان ڪونہ. پر سائينءَ سان گذاريل گهڙيون ياد ڪري انهن جو ذڪر تہ ڪري ٿو سگهان.

سڀ ڪان پهريائين تہ مون کي فخر آهي ان ڳالهہ جو تہ شيخ صاحب جن نہ صرف منهنجا بلڪہ ساڳي وقت منهنجي وائيف جا بہ استاد ٿي رهيا ۽ سندن شاگرديءَ جو شرف منهنجي پٽ، جنهن کي آءٌ پيار مان جاني سڏيندو آهيان، ان کي بہ حاصل رهيو ۽ هن کي تہ اسان ٻنهي کان وڌيڪ صحبت ملي. علاوه ان جي منهنجي سيني يائرن کي وقتن فوقتن سائينءَ جي رهبري پڻ حاصل رهي.

شيخ صاحب جي سڃاڻپ انهن اڻ لڀ انسانن مان آهي، جن جو ذڪر چند لفظن جي چونڊ سان، چند سٽن ۽ ڪجهہ جملن ۾ ڪري ڪنهن ڪتابي صفحن جي صورت ۾ بند ڪري نٿا سگهون. سائينءَ جي شخصيت منهنجي اڳيان هڪ تمام گهري سمنڊ جي مثان وڇايل اُڀي آسمان جيئان آهي ۽ ٻنهي صورتن ۾ هڪ جي گهرائي ۽ ٻئي جي بلندين تائين رسي ڪونہ ٿو سگهجي. منهنجي سوچن ۾ سائينءَ جي شخصيت جو تصور

خوشبوءَ جو من مهڪائيندڙ جُهوتو آهي، جيڪو ڏسي تہ نٿو سگهجي، پر محسوس ضرور ڪري ٿو سگهجي.

سائينءَ جي محبت جو هڪ مثال مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي. چاچو گلو جيڪو اسان جي ڊرائنگ ڪلاس جو گهڻي عرصي کان پٽيوالو هيو. وڏي عمر، سانورو رنگ، منهن ۾ جهريون، مٿيون چپ ڪٽيل، جنهن مان گلڻ جا ڏند ۾ هوڙون نظر ايندا هئا، مٿي تي اڇو پٽڪو پاتل هوندو هئس. ڊرائنگ ڪلاس سان گڏ هڪ 'ميوزم' نمائش گهر پڻ هيو جنهن ۾ گلڻ جو ڪم هيو ميوزم جي شين کي صاف ڪري، صحيح جاءِ تي رکڻ ۽ هر شيءِ کي نمايان ڪري ڏيکارڻ ۾ اهو ڪم چاچي گلو جي وس جو تي نٽي سگهيو پر شيخ صاحب جي محبت ۾ ڏنل تربيت، هن بلڪل ڳوٺاڻي اڻ پڙهيل انسان کي ميوزم جو ڊسپلي انچارج ٺاهي ڇڏيو جنهن لاءِ ماڻهوءَ کي خاص ٽريننگ وٺڻي پوندي آهي. ان کان علاوه بہ چاچو گلو ٻين ڪيترن ئي خوبين جو مالڪ هو ۽ سائين کيس تمام گهڻو پيار ڪندو هئو ۽ عزت ڏيندو هئو مون کي ٻنهي جي وچ ۾ ڪڏهن بہ آفيسر ۽ پٽيوالي جو فرق نظر نہ آيو.

منهنجي ڪلاس جو پهريون ڏينهن هيو ۽ خبر پئي هئي تہ اسان جو ڪلاس هن سال شيخ صاحب جن وٺندا ۽ هُو تازو يورپ مان هڪ سال جو تربيتي ڪورس ڪپڙي جي مٿان ڊزائين چٽڻ جو ڪري آيا آهن. ڪلاس ۾ هر شاگرد پريشان هو تہ سائين ولايت مان تي آيا آهن. سندن رويو اسان سان الائجي تہ ڪهڙو هوندو ۽ خبر نہ آهي تہ هي سال الائي ڪيئن گذرندو؟

نيڪ 8 بجي سائين ڪلاس ۾ داخل ٿيا، اسان وٽ اچڻ کان اڳ ميوزم ۾ چاچي گلو سان ڳالهہ ٻولهہ تي رهي هئي، کيس ڪجهہ هدايتون ڏئي رهيا هئا. ڪلاس ۾ هر شاگرد سائينءَ جو منتظر هو. جيئن شيخ صاحب ڪلاس ۾ داخل ٿيا... سڀ شاگرد اٿي بيٺا. ٻئي طرف کان ڪنن ۾ نرم لهجي وارو آواز آيو ويهو بابا ويهو اٿڻ جي ضرورت ناهي. منهنجي پهرين نظر شيخ صاحب تي ان وقت پئي، جڏهن هُو ميوزم مان ڪلاس ۾ داخل ٿيا هئا. بيحد

پُرڪشش قداور شخصيت. جسم تي خوبصورت گهري نيري رنگ جو ڊبل ڪالر وارو فل سوٽ پاتل هو، جنهن جي ڪابي پاسي واري ڪالر تي عالمي امن جو نشان ۽ ان جي بلڪل ويجهو ننڍڙو چنبيليءَ جو گل لڳل هو. ڪوٽ جي سامهون واري کيسي ۾ پارڪر پين لڳل هئي. ڍگهين ٻانهن واري ڊبل ڪف خميس جنهن ۾ سونهري رنگ وارا ڪفلنگ پيل هئا. ڳچيءَ ۾ پاتل ٽاءِ جا رنگ ڪوٽ سان ملندڙ هئا. جهڙوڪر پوري پرفيڪٽ آرٽسٽڪ سوچ رکڻ واري پُروقار شخصيت ڪلاس ۾ داخل ٿي هئي، جنهن جي اچڻ سان پوري ڪلاس ۾ خاموشي، خوشي ۽ فخرمند ٿيڻ جا مليل تاثرات طاري ٿي ويا. مان ڪجهه دير تائين سائين کي هيٺان ڪان مٿي تائين ڏسندو رهيس. پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهندي آواز آيو بابا توهان سڀ ٻيلي ڪري آيا، هڪ سال تائين اسان سڀ گڏجي ڪم ڪنداسون.

پهرين ڏينهن سائين پنهنجي مختصر تعارف ڪان پوءِ اسان مان هر هڪ کي پنهنجو پنهنجو تعارف ڪرائڻ لاءِ چيو ۽ اهڙي طرح ان ڏينهن آخر ۾ چانهه جي دور ڪان پوءِ ڪلاس ختم ڪري، ٻئي ڏينهن جون هدايتون ڏئي موڪل ڪري ڇڏي، هر شاگرد کي اسڪيچ بوڪ کڻي اچڻ جي خاص هدايت ڪئي ۽ ان سان گڏ اسڪيچ بوڪ تي ڪجهه اسڪيچز ٺاهي اچڻ لاءِ چيو اها هئي اسان جي سڃاڻ ته ڪير ڪيتري ڄاڻ رکي ٿو.

اهڙي طرح ڪلاسن جو سلسلو شروع ٿيو. آءٌ گهڻو ڪري ڪلاس ختم ٿيڻ ڪان پوءِ پنهنجي ڪيل ڪم متعلق سوال ڪندو هوس ته جيئن ڪيل ڪوتاهين جو سائين سان تفصيلي ذڪر ٿي. سائين پنهنجي ماهرانا مشوري جي شروعات ڪم ۾ ڪيل خوبين سان ڪندا هئا ۽ آخر ۾ اشارتن انهن خامين کي بيان ڪندا هئا ته جيئن مون کي خبر پئي ۽ خراب به نه لڳي ۽ ڪيل غلطين کي سڌارڻ لاءِ سوچي سگهان.

اهڙي طرح هڪ سال ۾ ڊرائنگ ڪلاس جا ڏاڪا چڙهندو ۽ هر ڏاڪي تي سائين جي ڪيل رهنمائي هڪ اهڙي جڳهه تي آڻي بيهاريو

ع.
ق.
شيخ

تڏهن لفظن جي ان ادائگيءَ ۾ پيار جي ستن سُرن جو جل ترنگ مو ۾ ان ڳالهہ جي خواهش پيدا ڪندو آهي تہ جيڪر هڪ دفعو وري چوي:

’ادا توهان ڪيئن آهيو؟‘

۽ چوندو ئي رهي...

❊



ع. ق. شيخ صاحب جو پورٽريٽ

آرٽسٽ: محمد علي ڀٽي

چام ساقي

☼

# منهنجو پنهنجو ع.ق. شيخ

شيخ صاحب هڪ پورو دور هو ۽ سندس دور ۾ ڪهڙو اهڙو ڪتاب هو
نهن تي سندس اتساهيندڙ ٽائيٽل موجود نہ نظر ايندو هو. اهو قومپرستي
رو دور هو ۽ پوري عروج تي هو جنهن ۾ شيخ صاحب جا ٽاهيل
لامتي ”ڪوَر ڊزائن“ ماڻهن جي جذبن کي جاڳائيندا ۽ جهنجوڙيندا هئا.

شيخ صاحب گهڻ رُخو تخليڪار هو مصوري، افسانہ، شاعري، آرٽ
ي سکيا ۽ دوستن جي تربيت ڪرڻ، اهي سڀ هن جي پسند جا موضوع
ئا ۽ هر پاسي کان هن جي شخصيت تربيتگاهہ مثل لڳندي هئي. هن جو
. تخليقي عمل سجاڳيءَ جو سڏ هو ۽ ان جيءَ جاڳائيندڙ لاءِ نہ فقط اسين
ڻ پر ايندڙ صديون ۽ پيڙهيون بہ هن جا ٿورا نہ لاهي سگهنديون.

منهنجو تہ شيخ صاحب سان ابتدا کان وٺي نينهن جو ناتو رهيو آهي.
ياءُ الحق جي ظالمانہ دور ۾ جڏهن مون روپوشي اختيار ڪئي، تہ زندگي
ء وڏو ۽ چڱو خاصو عرصو آءٌ شيخ صاحب جي گهر ۾ لڪل رهيس. مون
. فخر آهي تہ شيخ صاحب جي گهراڻي سان پوءِ اسان جي خاندان جي
ڻتي بہ ٿي ۽ منهنجو ياءُ ڊاڪٽر سلطان جهنجهي، هن جي نياڻي ممتاز
. سان پرڻيو. ان رشتي جڙڻ کان پوءِ تہ آءٌ جڻ هن جي گهر جو ياتي ٻڄي
س.

آءُ پانئيان ٿو تہ ڪو ماڻهو جي صرف هڪ پيرو شيخ صاحب سا
ملندو هو تہ اها ان جي لاءِ فخر جي ڳالهہ هوندي هئي. تصور ڪريو تہ آ
ڪيڏو نہ ڀاڳوند آهيان، جو مون کي هر وقت هن جي صحبت ميسر هوند
هئي. اهڙين سيني گهڙين ۾ مون هن کي ڪيئن ڏٺو؟ ان لاءِ ڇا چوان! سواءِ ا
جي:

تنين سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي.

معنيٰ تہ شيخ صاحب جي مون کي هر وقت زيارت بہ حاصل رهي
ساڻس ڪچهري ڪرڻ جا بہ، گهڻن ماڻهن کان، گهڻا موقعا ميسر ٿيا. ه
سراپا شفيق انسان هو. هن جي سهڻي صورت، سهڻي گفتگو... ۽ آواز اڃ
منهنجي ڪنن ۾ اڪين جي آڏو پيا ڦرن. هُو ڳالهائڻ ۾ نهايت نماڻو هوندو هو
هن وٽ ادب، تاريخ، ثقافت ۽ فن جي باري ۾ وڏي معلومات هوندي هئي. هُ
سياست جي رمزن کي بہ سمجهندو هو. ڪيترين ئي سياسي تنظيمن ه
کان پنهنجين پارٽين جا مونوگرام ٺهرايا هئا ۽ ائين ئي بہ ڪيترين ئ
ادبي، سماجي ۽ ثقافتي تنظيمن جا مونوگرام گهڻو ڪري هن ئي ڊزائي
ڪيا هئا ۽ اهي مونوگرام ڇاڪاڻ تہ شيخ صاحب جهڙي آدرشي آرٽس
جا تاهيل آهن، ان ڪري انهن ۾ ڪا نہ ڪا معنيٰ ۽ پيغام هر حالت
پوشيده نظر ايندو هو.

❊

ع.
ق.
شيخ

پروفيسر علي نواز ڦلپوٽو

✡

## منهنجو سائين ع.ق. شيخ

منهنجو سائين ع.ق شيخ سنڌ جي مصوري جي سکيا جو بنياد وجهندڙ آرٽسٽ هو جنهن آرٽ کي سنڌ ۾ باقاعده پروموٽ ڪيو ۽ جنهن جي موٽ ۾ وڏا وڏا ناليوارا شاگرد پيدا ٿيا. مثال طور علي اڪبر، ظفر ڪاظمي، لعل محمد پناڻ، فتاح هاليپوٽو، عظيم چانڊيو. . معنيٰ ته ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ جي جيڪي به وڏا وڏا مصور پيدا ٿيا، اهي ع.ق شيخ صاحب جائي شاگرد هئا. ان کان اڳ سلسلو ايئن هو ته سنڌ ۾ آرٽ ٽيچر ئي آرٽسٽ سمجهيا ويندا هئا ۽ هو ئي پيا پاڻ کي آرٽسٽ سڏرائيندا هئا. آرٽ جي سکيا لاءِ جيتري قدر سنڌ جو سوال آهي ته، هتي هڪ ئي ادارو هو "گورنمينٽ ايليمينٽري ڊرائنگ ٽريننگ ڪاليج". شيخ صاحب جي حيثيت اها هئي ته سنڌ ۾ استادن کي مصوري جي بنيادي سکيا ڏيندڙ استاد طور هو سامهون آيو جنهن شاگردن کي آرٽ جي سکيا به ڏني ۽ پروموٽ به ڪيو. قطع نظر ان جي، اسان وٽ هتي ٽرئجڊي اها به هئي ته آرٽ ٽيچر ئي آرٽسٽ سڏائيندا هئا ۽ چاڪاڻ ته هيو ڪو اهڙو ادارو هو ئي ڪو نه، جتان ماڻهو آرٽ بابت تعليم حاصل ڪري، ان ڪري ڊرائنگ ٽيچر ئي آرٽسٽ سڏبا هئا. لاهور ۾ جيڪو"ميو اسڪول آف آرٽ" هو 1958ع ۾، ان جو درجو مٿي

ڪري، ان کي ”نيشنل ڪاليج آف آرٽ“ جو درجو ڏنو ويو. ان ئي سال 1958ع ۾ مون ٽريننگ ڪاليج فار مين ۾ آرٽ جي سکيا لاءِ ڊرائنگ سينٽر ۾ داخلا ورتي. منهنجي لاءِ اهو عجب جهڙو ڏينهن هو ۽ اهو هن حوالي سان، ان زماني ۾ ايڊميشن ٽيسٽ لاءِ هڪڙو Standard هوندو هو ۽ ان لاءِ ٽيسٽ ۾ پاس ٿيڻ کانپوءِ ئي داخلا ملندي هئي. جيئن اڄڪلهه سسٽم رائج آهي. معنيٰ ته 1958ع ۾ ايڊميشن لاءِ اهو اسٽينڊرڊ هوندو هو.

هي ٽيسٽ اُن ئي هال ۾ ٿي هئي جتي سائين ع.ق شيخ سکيا لاءِ اينڊڙ شاگردن جو ڪلاس وٺندو هو عجب اتفاق، سائين اڪيلو ئي استاد هوندو هو جيڪو آرٽ سبجيڪٽ جا سڀ ڪلاس وٺندو هو، ۽ all one in هوندو هو. جيئن مدرسن ۾ هڪ ئي مدرس، فقهه جا سڀ ڪتاب درجي به درجي پڙهائيندو آهي، سائين ع.ق شيخ به ايئن ئي سڀ سبجيڪٽ پڙهائيندو هو. ان سان ايئن ٿيو ته، هر شاگرد جي ذهن ۾ آرٽ جو هڪڙو ئي concept ڊولپ ٿيو. مختلف خيالن جا استاد پڙهائيندا آهن ته ان سان وري ڪنٽراڊڪشن پيدا ٿيندو آهي، ان ڪري چئي سگهان ٿو ته ابتدا ۾ ٽريننگ ڪاليج مان جيڪي به آرٽ جا شاگرد تيار ٿي نڪتا ۽ جيڪو به آرٽ جو concept کڻي نڪتا ۽ جتي به ويا، هو ع.ق شيخ جا سيڪاريل ٿي اتي پهتا. صرف آرٽ جي سکيا ئي نه. شيخ صاحب سنڌ ۾ ميوزيم جو به بنياد رکيو ۽ هن ئي سينٽر ۾ ميوزيم قائم ڪيو. اهڙي طرح سان شين کي سليقي سان Display ڪرڻ جو طريقو به ماڻهن کي هن ئي سيکاريو. آرٽ جو ڪلاس ۽ ميوزيم گڏوگڏ هونداهئا، ان ڪري آرٽ سڪنڊڙ استادن کي هر طرح سان اتي آرٽسٽڪ ايٽماسفيئر ملندو هو. ان ڪري چئي سگهان ٿو ته ”سنڌالاجي“ ۽ سنڌ ۾ باقائده ”سنڌ ميوزيم“ قائم ٿيڻ کان پهرين ميوزيم جو concept به ع.ق شيخ صاحب جي ئي مرهونِ منت سمجهي سگهجي ٿو. ان ڪم لاءِ ع.ق شيخ صاحب جي، جسٽس فيروز نانا ۽ ان جي مسز شيرين فيروز نانا (نادر بيگ مرزا جي ڏيءَ) وڏي مدد ڪئي ۽ ڪيترين ئي ناياب شيون هن ميوزيم لاءِ مهيا ڪري، شيخ صاحب کي ڏنيون. نتيجي ۾ هي ميوزيم Build up ٿيو.

توهين ڏسندو تہ ٻيون تہ ڪيئي شيون هن ميوزيم ۾ آهن پر يوناني
اسڪلپچرز جا رپليڪا بہ اتي موجود نظر ايندا. جهڙا ٻئي هنڌ سنڌ ۾ گهٽ
ئي نظر ايندا. انهن کي ڏسي اسين ڊرائنگ سڪندا هئاسين ۽ اهو ميوزيم
هر طرح سان هڪڙو ڪمپليٽ ۽ ڀرپور ميوزيم هو. هي ميوزيم ان وقت
تائين ئي، پنهنجي اصلي صورت ۾ رهيو جيستائين شيخ صاحب ان اداري
سان وابستہ هو. سندس ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ هر ڪا شئي، لٽ مار ۾ گم
ٿيندي وئي.

منهنجو مشاهدو آهي تہ شيخ صاحب جي پنهنجي هڪڙي منفرد
طبيعت هئي، هو نهايت شفيق استاد هو. پڙهائڻ وقت الرٽ هوندو هو پر
جنهن وقت ڪلاس روم ۾ اسين پنهنجي ڊيسڪس تي ويهي ڪم پيا
ڪندا هئاسين، هو وري ٽئبل آڏو رکيل ڪرسي تي ويٺل هوندو هو ۽
پنهنجي ذات ۾ گم ٿيل پيو نظر ايندو هو. اهڙي صورت حال ۾ هن جي آڏو
اسان ڪا شئي کڻي بہ وڃندا هئاسين تہ هن کي ان جو پتو ئي ڪو نہ پوندو
هو. يعنيٰ هو ان وقت ايڏو تہ محو هوندو هو پنهنجي سوچن ۾، جو ان
صورتحال ۾ هن جو اڪيلو پٽ ننڍڙو نذير بہ جي ايندو هو ۽ اچي هن جي
سوچن ۾ خلل وجهندو هو تہ، هو ان کان بہ خفي ٿي ويندو هو. معنيٰ تہ سوچ
دوران هن کي ڊسٽربنس قطعي پسند ڪو نہ هوندي هئي. ان دور جي سندس
سٺن دوستن ۾ جيڪڏهن آئون Count ڪريان تہ سڀ کان اول تہ محمد
ابراهيم جويي صاحب جو نالو وٺندس، پوءِ مراد علي مرزا، مرزا توسل. . . ۽
اهي سڀ دوست هن وٽ هال ۾ باقاعده ايندا رهندا هئا. ڪاليج جي جنهن
هاسٽل روم ۾ آئون رهندو هوس، هو اتي بہ اچي ساڻس ويهي ڪچهري
ڪندا هئا.

مون کي ياد آهي، 1958 ۾ مارشلا لاڳو ٿيو ۽ ان کانپوءِ ون يونٽ قائم
ٿيو هو سڀ انهن موضوعن تي اڪثر پاڻ ۾ ويهي ڳُٽتي جو اظهار بہ ڪندا
هئا. ان ئي زماني ۾ مون شيخ صاحب کي تنوير عباسي صاحب جي پهرين
شعري مجموعي "رڳون ٿيون رباب" جو ٽائيٽل ڊزائن ڪندي بہ ڏٺو هو سنڌي

ادبي بورڊ جي آفيس ان زماني ۾ تلڪ چاڙهي حيدرآباد ۾ هوندي هئي، جتي جويو صاحب سيڪريٽري جي حيثيت ۾ ان اداري سان وابستہ هو. بورڊ مان ان زماني ۾ جيڪو ”گل ڦل“ ٻارن وارو رسالو نڪرندو هو شيخ صاحب جي سفارش تي جويي صاحب مون کي ان رسالي ذريعي بطور آرٽسٽ . . . انٽروڊيوس ڪرايو. ان ڪري چوندس تہ بطور استاد جي ع.ق شيخ جو اهو بہ مون تي وڏو احسان ٿيو تہ آئون آرٽسٽ جي حيثيت ۾ سنڌي علم ادب ۾ متعارف ٿيس ۽ هڪ عرصي تائين ”گل ڦل“ رسالي لاءِ تصويرون ٺاهيندو رهيس. ان کان پوءِ شيخ صاحب هڪ پرائيويٽ پبلشر کي آمده ڪري مون کي عمر خيام جي باتصوير رباعين وانگر، شاهہ لطيف جي شاعري تي اسڪيچ ٺهرائڻ جو ڪم وٺي ڏنو سندس اتساهڻ تي مون اهو ڪم بہ ڪيو. معاوضو مليو تہ سڌو وڃي شيخ صاحب جي آڏو رکيم، چيائين نہ. . . . هي تنهنجي محنت جو ڦل آهي ۽ ان کي هٿ بہ نہ لاتائون. اها 59ع جي ڳالهہ آهي. چوڻ جو مقصد هي تہ علي اڪبر کان پهرين استاد محترم جي اتساهڻ تي مون ئي شاهہ لطيف سرڪار جي بيتن کي پينٽ ڪيو هو. منهنجو اهو پراجيڪٽ چاليهہ تصويرن تي ٻڌل هو. علي اڪبر جي اهڙي ڪم کان پهرين گل محمد کتري بہ ان اسٽائيل جو ڪم ڪيو هو پر ان جون بہ، ان موضوع تي تصويرون، تعداد جي لحاظ کان يقينن تہ چاليهن کان گهٽ آهن.

ع. ق شيخ صاحب وٽ شاگرديءَ واري ان زماني ۾ سٺا سٺا ماڻهو ۽ آرٽسٽ ملڻ ايندا هئا. گل محمد کتريءَ کي بہ پهريون دفعو مون اتي ئي ڏٺو. سائين ع.ق شيخ هر اهڙي آرٽسٽ سان اسان کي ملرائيندو هو. ٺٽي آغا جي مرزا خاندان مان مرزا عباس علي بيگ صاحب وٽ پنهنجي خاندان جي خطاطي جا نمونا ۽ ميرن جي دور جون ڪجهہ پينٽنگس هونديون هيون، جيڪي پڻ شيخ صاحب جي توسط سان اسان ڏٺيون. اها ڳالهہ هتي ڪرڻ جو مقصد، اهو تہ ع.ق شيخ صاحب پنهنجي شاگردن کي هر پاسي کان inrich ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

ع.
ق.
شيخ

تصويرن ۾ ڊرائنگ ورڪ ٿيل هو ڪي تصويرون سائين جي پورٽريٽ ورڪ تي ٻڌل هيون ۽ ڪجهه لينڊ اسڪيپس هئا.

علاوه ازين شيخ صاحب واٽر ڪلر ۽ پيسٽل چاڪ سان جيڪي شيخ اياز جي ڪتابن لاءِ ٽائٽل ڊزائن ڪيا هئا. انهن جا اوريجنل ۽ اهي سڀ تصويرون اڄ الائي ڪٿي آهن. سندس اهڙي ڪم کان پوءِ هڪ زماني ۾ هن جي فن ۾ ايبسٽرڪٽ ٽچ به آيو جيڪو شروع ۾ هن وٽ بحرحال نه هوندو هو. 1958ع کان پوءِ يا ان دوران هو ماڊرن آرٽ ۽ ايبسٽريڪٽ آرٽ کي به پسند ڪرڻ لڳو هو. اها هن جي طبيعت جي نواڻ ۽ جدت پسندي هئي جيڪا ظاهر آهي ته هڪ منفرد آرٽسٽ لاءِ ضروري به هوندي آهي. اسان شاگرد جي حيثيت ۾ اهڙو ڪجهه جي ڪندا هئاسين ته پاڻ ان کي پسند ڪندو هو ۽ وڌيڪ ڪري ڊيڪارڻ لاءِ پڻ اتساهيندو هو. سياويڪ ته اسين جنهن ڊرائنگ اسڪول ۾ سکڻ لاءِ داخل ٿيا هئاسين، اهو هڪ ڊرائنگ جو اسڪول هو پر آئون چوندس ته، ان اسڪول ۾ شيخ صاحب ۽ ان جو فن ئي اسان لاءِ ”اسڪول آف ٿاٽ“ جو درجو رکندو هو.

شيخ صاحب جي انگريزي به شاندار هوندي هئي، ان ڪري سڄي دنيا جي پئنٽرس جي باري ۾ پڻ هن وٽ، هڪ وڏو ڪتاب-خزانو هوندو هو، جيتري قدر اتساهه سان ڪن مشهور مصورن جي تذڪري جو تعلق آهي ته سائين گهڻو ڪري انڊين پينٽرس کي وڌيڪ پسند ڪندو هو ”جي-جي اسڪول آف آرٽ“ جتان هو پڙهي ۽ سکيا حاصل ڪري آيا هئا، سائين جي ڪم تي ان جو وڌيڪ اثر نظر ايندو هو ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هو بنيادي طرح سان آرٽ جي ان اسڪول آف ٿاٽ جو نمائنده مصور هو. اگرچه هن يورپ جي مارڊرن آرٽ موومينٽ يا ڊزائن موومينٽ مان به استفادو ڪيو هو. مون کي ياد آهي ته برسٽل مان ٽريننگ ڪري واپس آيا هئا ته آئون ساڻن ملڻ لاءِ ويس، تڏهن مون کي، هڪڙي پينسل گفٽ طور ڏنائون اتي جيڪو ڪم ڪيو هئائون، اهو به ڏيکاريائون. آئون سائين وٽ 1958ع کان 1959ع تائين پڙهيس ۽ اها سکيا پوري ٿي ته ساڻن عقيدت ۽ محبت جو




ع.
ق.
شيخ

سلسلو پوءِ بہ جاري رکيم. آئون خيرپور ميرس جو آهيان ۽ سال ۾ بہ چار دفعا
اتان هتي ايندو هوس تہ سائين سان ملاقات ڪرڻ، هر حالت ۾ منهنجي
پروگرام ۾ شامل هوندي هئي. هن لاتعداد ٽائيٽل ڊزائن ڪيا هئا. پر هن جي
پنهنجي ٺاهيل ”اوريجنل پئنٽنگس“ جو تعداد 25 کان 30 آهي.

شيخ صاحب جي حوالي سان، هتي آئون ايترو بہ چوندس تہ ، هو سنڌ ۾
رهيو ۽ سنڌ ۾ آرٽ کي چاڪاڻ تہ پروموٽ ڪرڻ لاءِ ڪو بندوبست يا خيال
ڪو نہ هو ان ڪري اسان وٽ شيخ صاحب جو پنهنجي دور ۾ ڪو جوڳو
قدر نہ ٿي سگهيو جيڪو هن جو حق هو. ڪيس جيڪڏهن ان دور جي وڏن
پاڪستاني آرٽسٽن سان Compare ڪيو وڃي تہ هو انهن مان گهٽ کان
مٿانهين سطح تي نظر ايندو. 1965ع ۾ آئون نيشنل ڪاليج آف آرٽس لاهور
۾ پڙهندو هوس، جتي شاڪر علي صاحب جهڙو آرٽسٽ ڊائريڪٽر هو
دعوي سان ٿو چوان تہ، اتي مون وڏن وڏن ۽ سينيئر آرٽسٽن جو ڪم ڏٺو هو
پر انهن جي مقابلي ۾ دل سان ٿو چوان تہ ع.ق شيخ صاحب جو ڪيل ڪم
مون کي سيني کان مٿانهون نظر ايندو هو.

❊



آرٽ: ع. ق. شيخ

هارون چنا

✡

# هُو جي رنگ رنگين

سنڌ جي ريڊيائي ۽ ادبي دنيا جي پياري پرين محترم نصير مرزا سا
پياري تاج جوئي جي ٻچڙن جي شاديءَ ۾ ملڻ جو اتفاق ٿيو. ڪيس ملڻ وقت
پنهنجي نالي جو تعارف ڪرايم ته چرڪ ڀري چيائين ته سائين مان ت
توهان کي آسمان تي پئي ڳولهيو. چڱو ٿيو جو تاج جي ٻچڙن جي شاديءَ
ملڻ جو سونهري موقعو مليو. وڌيڪ چيائين ته سائين ع.ق شيخ صاحب تي
ڪتاب ترتيب هيٺ آهي. سائينءَ جي شاگردن ۾ اوهان جو نالو به اچي ٿ
سو عرض آهي ته ساڻس گهاريل گهڙين جون سارو ٽيون لکي ڏيو ته جيئ
ڪتاب ۾ شامل ڪري سگهجن. منهنجي خواهش آهي ته سائينءَ تي جام
ڪتاب هجڻ گهرجي ۽ سڄي سنڌ ۾ ڦهليل سندس شاگردن جو منجهس
ڀاڱو هجڻ گهرجي. مون کيس هائوڪار ڪندي پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ ڏ
ته دير ڪريان ته يادگيرو ڏيارجو.

ڳوٺ اچڻ سان "سنڌو آرٽ گئلري" ۾ قائم "سپي ڪتاب گهر"
رکيل ڪتابن ۾ ساڻ محترم ع.ق. شيخ متعلق مواد ڳُند ڏي ڳولڻ وينس
جتان ٻه رسالا ملي ويا. جن ۾ سائينءَ جا ڏنل ٻه انٽرويو نظرن مان گذريا
ٽئين رسالي ۾ جناب ممتاز مرزا جي مضمون "هينئڙو مون لوڻ ٽئي"
سندس فوتوءَ سان گڏ ذڪر پڙهيم. ٻن رسالن مان هڪڙو هو "تن

تنوار“ ڪتابي سلسلو جيڪو جناب نثار حسيني صاحب پريات پبليڪيشن ڦليلي حيدرآباد مان ڪڍندو هو ۽ هي پرچو اپريل 1970ع ۾ ڪڍيو هئائين ۽ جنهنجو عنوان رکيو هئائين ”ذات-جي لات“ ۽ ان ۾ سلسلو ”رنگ ۽ انگ“ ۾ ”هڪ فنڪار جي ڪهاڻي مصور ع.ق. شيخ جي زباني“ نالي سان سندس ترتيب ڏنل مضمون پڙهيم. ان مضمون نما انٽرويو جي شروعات ۾ مٿئين عنوان واري سٽ پڙهيم. جيڪا دل ۾ چُڀي وئي ۽ خيال ڪيم تہ سائينءَ تي مضمون جو عنوان تہ ملي ويو. شاهہ جي رسالي جا سٽ کن نسخا مون وٽ موجود هيا, انهن ۾ ڳولهيم تہ اِها سِٽ نہ ملي پر پوءِ بہ سٽ جاندار لڳي هئي, ان ڪري سائينءَ تي لکڻ لاءِ ان سٽ جو سهارو وٺندڙ لڳو. هن انٽرويو ۾ جناب نثار حسيني شيخ صاحب سان پهريون دفعو مليو آ ۽ سياءُ ڪان ايترو تہ متاثر ٿيو آ جو ڪيس تمام وڏو ماڻهو ۽ سادو انسان ٿو سمجهي ۽ اهو سچ آ تہ منهنجو سائين ع.ق. شيخ واقعي وڏو ماڻهو ۽ انتهائي سادي زندگي گذاريندڙ صاف سٿرو انسان هو.

مون کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ آءٌ سائينءَ جي هڪ هٿ جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترن, انهن شاگردن مان آهيان جيڪي سائينءَ جي ٻچڙن جي منهن پوندا هئاسين ۽ سائين ڪو بہ عار محسوس نہ ڪندو هو.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي آ تہ آءٌ سائينءَ سان هيرآباد واري گهر ۾ ملڻ ويس تہ ڀيڻ نسيم (جيڪا A.T.C ۽ M.D ۾ ڪلاسي رهي آ) اها ساڻس ڪروڌ ڪري رهي هئي تہ آنءَ تنذي ڄام اڪيلي نہ ويندس. ادي نسيم جي تنذي ڄام گرلس هاءِ اسڪول ۾ بدلي ٿي هئي ۽ ڪيس (Join) ڪرڻ لاءِ سائينءَ کي هلڻ لاءِ زور ڀري رهي هئي. مون ڪائنس سوال ڪيو تہ سائين مسئلو ڇا آهي؟ ڪاوڙ ۾ چيائون تہ ”ادا هارون! تون ڏس. مان ڪيترو وقت جيئرو رهندس جو هنن جي چوڪيداري ڪندس. آخر هنن کي پنهنجي زندگي گذارڻ لاءِ همت ڪان ڪم وٺڻو پوندو. هنن کي پنهنجي عزت جي حفاظت پاڻ ڪرڻ گهرجي. هنن جي عزت هنن جي هٿ ۾ آهي. عورت جي عزت واريءَ جي مُٺ جيان آهي, اگر مُٺ ڀڪوڙيندي تہ عزت محفوظ رهندي,

پر جي ڍري ڪندي تہ عزت واري جيان وهي ويندي. تنهنڪري هنن کي جيون جي جنگ اڪيلي سر بهادري ۽ شرافت سان وڙهڻ گهرجي. سو هن کي پاڻ اڪيلو ٽنڊوڄام وڃي ڊيوٽي join ڪرڻ گهرجي ۽ بس!!

ادي نسيم منهنجي موجودگيءَ جو فائدو وٺندي سائينءَ کي چيو تہ توهان ٿڌا هلو تہ ادا هارون کي چئو تہ مون کي ٽنڊوڄام Joinڪرائڻ لاءِ وٺي هلي. ائين سائينءَ حڪم ڪيو تہ "ابا پيءُ کي وٺي Join ڪرائي اچينس." مٿئين ذڪر جو مطلب تہ اڪبر سائين، فتاح سائين ۽ آءٌ تقريباً سائين شيخ صاحب جا پُٽيلا هئاسين ۽ جهڙوڪر گهرجا ڀاتي هئاسين. اهو سڀ سائينءَ جي شخصيت ۽ قرب جو مظهر هوجو سائينءَ پنهنجي گهر جو ڀاتي بنائي ڇڏيو هو. منهنجو منڍ سائين ع.ق. شيخ جو اصل ڳوٺ تہ ميرپورخاص آ پر سڄي سنڌ پرينءَ جو پاڇو لڳندي آ، ڇو تہ سڄيءَ سنڌ ۾ سائين شيخ صاحب جا شاگرد ڦهليل آهن، جن سائينءَ جي نقشِ قدم تي هلندي مصوريءَ ۾ نمايان مقام حاصل ڪيو آهي.سائينءَ جا هيٺيان شاگرد جيڪي پنهنجي فني دنيا ۾ نهايت شاندار ناماچار رکن ٿا. انهن ۾ محترم ظفر ڪاظمي، دارا ابڙو علي اڪبر سومرو علي نواز ڦلپوٽو محمد وريل سومرو دادو محمد عيسيٰ ملاح دادو عبدالستار ملڪ پنوعاقل، مرحوم شمس الدين شاهہ عرف جن بابا سکروارو، محترم جناب سائين اختر روهڙي وارو شاهہ صاحب پريالي وارو محترم سائين فتاح هاليپوٽو، منور ميمڻ حيدرآباد وارو لعل محمد پناڻ ميرپورخاص وارو ۽ هارون چنو چڪ ضلعي شڪارپور وارو. مٿئين مصورن سائينءَ جي فن کي جهڪو ٿيڻ نہ ڏنو آهي ۽ هڙني مصورن پنهنجي ذهن ۽ ضمير جا رستا سنڌ ۽ سنڌواسين سان سلهاڙي پئي رکيا آهن ۽ انهن لاءِ ڪم ڪندا رهن ٿا.

سائين شيخ صاحب جو فني پورهيو ادبي بورڊ جي ڪتابن تي نظر ايندو خود سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي جو مونوگرام بہ سائينءَ جي شاهدي ڏين ٿا. سائين ٻنهي ادارن مان ڇپجندڙ ڪتابن جا ٽائيٽل ڊزائن ڪيا جيڪي نهايت جاذب نظر لڳندا آهن.

ع.
ق.
شيخ

سائينءَ جي ياريءَ جي چوڪڙي ۾ مرحوم مانوارو گل محمد ڪتري، سائين محمد ابراهيم جويو، جناب مراد علي مرزا ۽ ڪوڙ سارا شاگرد آهن. گل محمد ڪتريءَ سان تہ خاص رغبت هوندي هئس. سائين ڪِل يوڳ ۽ چرچا بہ ڪندو هو.سائين فتاح، يعقوب صاحب ۽ اسين سڀ پنهي جي يوڳ چرچن مان محظوظ ٿيندا هئاسين.

سائين شيخ صاحب پنهنجي شاگردن سان انتهائي مشفقانہ ورتاءُ هلندا هئا. پاڻ سياءُ ۾ نهايت قربائتا ۽ ٻاجهارا رهيا. ڳالهائڻ ٻولهائڻ، اٿڻ ويهڻ ۽ ٻئي کي پنهنجو ڪرڻ واري صلاحيت جا مالڪ هئا. ٻئي جي ڏک سک ۾ آرام جو خيال رکندڙ شخص هئا.

A.T.C ٽريننگ دؤران مون کي ڪلاس جو گهرو ڪم ڪرڻ لاءِ رات جو وڳڙو پسند هوندو هو. آءٌ رات جو دير تائين پرئڪٽس پيو ڪندو هئس.سائين شيخ صاحب رات جو نڪري هاسٽل جو چڪر هڻندا هئا ۽ اهو چيڪ ڪرڻ ايندا هئا تہ ڪير جاڳي ٿو ۽ ڪير ستو پيو آهي، جڏهن منهنجي ڪمري جي بتي ٻريل ۽ مون کي جاڳندي ڏسندو هو تہ اندر هليو ايندو هو ۽ پهريائين تہ ڪم ڏسندو هو جي ڪم وڻندو هئس تہ همت افزائيءَ لاءِ چوندو هو تہ ”واهہ واهہ!! مَٿَ يجي چڏيئہ- واهہ جو خيال ٿاهيو ٿئي، پر ٻُڌ هن ۾ هيءَ شئي بہ وجهہ تہ تصوير جو تصور واهہ جو لڳندو.“ فني ٽيڪا ٽپڻيءَ کان پوءِ سائين حڪم جي انداز ۾ چوندو هو تہ، ”بابا هاڻي، آرام ڪر. بند ڪر ڪم ۽ بتي وسائي سُمهہ!“ سائينءَ جو حڪم اکين تي رکي ڪم بند ڪري بتي وسائيندو هوس. سائينءَ جي گهر وڃڻ کان پوءِ وري بتي ٻاري سائينءَ جي ڏسيل هدايتن تي ڪم شروع ڪندو هوس ۽ ائين تصوير کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هئس. سائين بتي ٻريل ڏسي وري اچي ڪاوڙ ڇنڊيندو هيو تہ بابا سُمهين ڇو نہ ٿو؟ مان کيس عرض جي انداز ۾ چوندو هوس تہ سائين ننڊ بہ نٿي اچي ۽ اوهان تصوير ۾ جيڪا ڳالهہ Addڪرڻ لاءِ چئي هئي اها بہ Add ڪئي اٿم. پوءِ تصوير ڏسي وري بہ واهہ واهہ مَٿَ يجي چڏيئہ. ڏس هاڻ تصوير جو تصور ڪيڏو نہ سهڻو ٿي ويو.

ادب ڪنهن جي ميراث ناهي ۽ اها ڪنهن هڪ ماڻهو يا هڪ قوم جي ڪوشش ناهي، پر اها سڄي دنيا جي انسانذات جي ڪوشش جو نتيجو آهي. توهان اها ترقي ڪٿان حاصل ڪئي. اوهان به سجاڳي واري دؤر ۾ نقالي ڪئي آهي.“ منهنجن انهن لفظن چوڻ کان پوءِ هن پنهنجي ليڪچر جو موضوع بدلائي ڇڏيو. ليڪچر ختم ٿيڻ کان پوءِ اتي جي ڪاليج جي هيڊ مون کي آفيس ۾ گهرايو ۽ آءٌ آفيس ۾ گهڙيس ته هُو اتي بيٺو پنهنجي نپرينڊي چيائين ته، ”مون توهان جي احساسِ برتري ڏسي خوشي ٿي آهي ۽ اوهان جا صحيح ڳالهه چئي تنهن تي مون کي فخر آهي.“

هڪ ٻئي مذيدار ڳالهه ٻڌائيندو هلان ته خانواهڻ جو مختيار احمد ملاح ( جيڪو منهنجو شاگرد آهي) سو مون کي بابا ۽ منهنجي استاد محمد الدين ڪوڪر ( جيڪو درويش ـ نائچ لڳ ميرپور ماٿيلو وارو) کي ڏاڏو چوندو هو ۽ سائين فتاح هاليپوٽي کي پڙڏاڏو ۽ سيني جي استاد سائين ع.ق. شيخ کي تڙ ڏاڏو چئي ڪاليج ۾ ٺهڪڙا مچائي ڇڏيندو هو ۽ سائين شيخ صاحب کيس سڏ ڪري پيار ڏئي خوب کلندو هو.

هڪ ٽئين مزيدار ڳالهه: اُها اِها ته ڪاليج جون اونهاري جون مُوڪلون ٿي چڪيون هيون، مان ۽ سائين فتاح ڪاليج ۾ رهيل هئاسين، ڇو ته ٻنهي وٽ ڳوٺ وڃڻ لاءِ پئسا نه هئا. پگهار به نه ملي هئي، سو ڪاليج ۾ رهيل هئاسين. سائين فتاح کي مون چيو ته سائين اڄ موڊ ٿيو آ ته سائين شيخ صاحب ۽ يعقوب صاحب وارن سان يوڳ ڪجي. سائين فتاح صاحب چيو ته ڪهڙو يوڳ ڪندين. مون کيس پلان ٻڌايو ته فقيراڻو ميڪ اپ ڪيو ته سائين جن جي گهران پني تو اچان ۽ پوءِ سائين وارن (شيخ صاحب ۽ يعقوب صاحب) کي گهرائي گڏجي ماني کائجي ۽ پوءِ سائين فتاح کلندي مون کي تيار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ منهنجو ميڪ اپ ڪيو. مٿي تي ڇتين واري ٽوپي پاتم. ٽوپيءَ کان پوءِ باقي ٽوپيءَ کان بچيل وارن کي ۽ ڏاڙهيءَ کي اڇي ٽيپ سان ميڪ اپ ڪيو. پنيءَ اگهاڙو رلهي ڪلهي تي، هڪ هٿ ۾ وٺو ٻئي ۾ لٺ. سائين يعقوب جي گهر (جيڪو مارڪيٽ واري هاسٽل ۾

فرسٽ فلور تي رهندو هو) ڏاڪڻ ٽپي مٿي پهتس. فقيراڻي صدا هنيم. ايتري ۾ ان هاسٽل ۾ رهندڙ هڪ نامعلوم ماڻهو مٿي ڏاڪڻ تي چڙهي مون کي ڏسندي ڏسندي ٻانهن کي پڪڙي چوڻ لڳو تہ ڪير آهين ڙي؟ مون کيس چيو تہ ٽپ نہ هڻجان. اوڏانهن هيٺ ڏاڪڻ ڏانهن اشارو ڇيومانس تہ اهي ماڻهو ڏسين ٿو. اهي سڀ اسان نارمل آرٽ ڪاليج جا شاگرد آهيون، سائين محمد يعقوب سومري سان يوڳ ڪرڻ آيا آهيون. تون قرب ڪري دروازو کڙڪائي چوين تہ فقير بينو اٿو ماني ٿو گهريوَ. ٿوري دير کان پوءِ ٿوري دير کان پوءِ ٽالهي چانورن جي ۽ ٻہ انب سائينءَ جي ننڍڙي نياڻيءَ کڻي مون کي ڏنا. اهي اچي فتاح صاحب کي ڏنم، مٿان چيم تہ هي اچي رکو تہ سائين شيخ صاحب جي گهران ٻہ پني اچان. سائين شيخ صاحب آرٽ هاسٽل جي اولهہ ۾ ڪنڊ واري بنگلي ۾ رهندو هو. اتي وڃي پناڻڪي لهجي ۾ مانيءَ جي صدا هنيم، اندران امڙ دَٻ پٽي تہ "اهو وري ڪهڙو فقير آ جو هيڏي پنڻ آيو آ." ايتري ۾ ادي نسيم در تي ڏسڻ ۾ آئي، ادي مُشڪي، مون کيس آڱر چپن تي رکي خاموش رهڻ جو اشارو ڪيو ۽ وڃي امڙ کان ٽالهي چانورن جي ۽ ٻہ انب وٺي اچڻ لاءِ چيو ۽ ادي وٺي آئي ۽ اچي کلندي مون کي ڏنائين. مان ٻہ ڪل ۾ ڀوتيو اچي سائين فتاح کي ٽالهي ۽ انب ڏنا ۽ کيس چيو تہ "سائين اسان جي هوندي توهان بک نٿا مري سگهو اسان سان هوندا تہ اهڙا مزا هوندوَ." ماني جيڪا پنهنجي هئي اها ٻہ ٽيبل تي رکيسين. مون سائين فتاح کي چيو تہ سائين يعقوب صاحب ۽ سائين شيخ صاحب کي گهرايو تہ گڏجي ماني کائجي، پوءِ ٻئي سائين جن آيا ۽ مان ساڳئي ئي فقير واري روپ ۾ موجود هوس، ڏنائون ۽ چيائون تہ اچا! تہ اهو فقير تون هئين!! مان ٻہ چوان تہ ڪاليج ۾ فقير ڪڏهن ٻہ نہ آيو آهي، هي فقير ڪٿان آيو؟ ائين کلن جا ٽهڪڙا مچي ويا ۽ سڀني گڏجي ماني کاڌيسين ۽ چيومانِ تہ سائين اسان ٻچن هوندين بُک تي رهو اهو تي نٿو سگهي، اسان سان هوندؤ تہ اهڙا مزا هوندوَ.

ع.
ق.
شيخ

يا نہ. جيڪڏهن ڏوهہ ثابت ٿئي تہ ڪٽي ڦاهي تي چاڙهيو. هي اسان جو ڪم ئي ناهي، اجايو ان ڏوهہ ۾ ڦاسايو اٿوَ جيڪو اسان ڏوهہ ڪيو ئي ناهي. اهڙا ردي ڪئلينڊر اسان ڪو نہ ناهيندا آهيون. توهان انهن کي وچي جهليو جن اهو ڪئلينڊر ڇپرايو آهي. ASP چيو اهي ڳالهيون ڇڏ. جيڪي پئسا، منڊي وغيره اٿئي پنهنجي عزيزن کي ڏي ۽ اندر ٿيءُ. ان دوران مون فتاح ڏي چٺي مُڪي تہ تون ڳوٺان اچين تہ هاسٽل ۾ نہ ترسجانءِ ۽ هيڏانهن هوڏانهن ٽري وڃجانءِ، پر اتي هاسٽل ۾ وينو رهيو خبر تڏهن پئي جو فتاح بہ اچي مون سان مليو.اتفاق اهڙو ٿيو جو جيلر دادو پاسي جو هيو ان مڙئي ڪٽي سياسي قيدين سان اسان کي واڙيو اتي ان جيل ۾ اسان مهينو کن هياسين.

جيل ۾ رهڻ دؤران مون هڪڙي ڪهاڻي ”ابابيل“ لکي هئي، جيلر اسان کي سڀني سهوليتون ڏنيون هيون، اسان کي اتي رهايائين، جتي پير پاڳاري (سورهيہ بادشاهہ) انگريزن قيد ڪري رکيو هو ۽ پوءِ ڦاسي چاڙهيو هئائون.اُها ڪوٺي چار ئي پاسا کُليل هئي. هوا ايندي هئي ۽ ڏاڍي مزي سان رهياسين، باقي کاڌي جي تڪليف ڏاڍي هوندي هئي. آخرڪار اسان کي تڏهن ڇڏيائون، جڏهن اهي اصل ڏوهي هٿ آين.

مون نصير مرزا سائينءَ کي فون تي ٻڌايو تہ اهو تاريخي ڪئلينڊر مون وٽ موجود آهي. چيائين تہ پوءِ واهہ واهہ ان جو فوٽو ضرور موڪلجو. ان ڪئلينڊر مٿان هي شعر لکيل آهي تہ:

نئون نياپو آيو آهي، ماضي هاري موٽي ويندو
جيڪي ٿيندو اج ئي ٿيندو اج ئي ٿيندو.


وچ ۾ تصوير ڏنل آهي، جنهن ۾ ڪلاشنڪوف هٿ ۾ ۽ چوڏاري باهہ جا اولانيا آهن. اهو منظر سنڌ جي نقشي ۾ ڏنل آهي. باردر ۾ زنجيري ڏنل اٿس. هينيان ڇپائيندڙ شاگرد پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ. منتظمين درگاهي شيخ ڏنل آهي ۽ آرٽسٽ نجيب. صلاحڪار: عبدالفتاح ۽ ع.ق. شيخ ڏنل آهن.

آپ چاهين تو ميرا سامان جو بهي آپ ڪا هي ليجائين.“ ۽ ائين سائين
ڪيس معاف ڪري ڇڏيو.

۽ تنهن بعد سائين هير آباد جي جاءِ ۾ خير سان وڃي وينو. جتي ساڻس
ڪوڙ سارڙيون روح رهاڻيون رهيون. اڄ جڏهن هيرآباد مان گذرندو آهيان
ته ”هُو جي رنگ رنگين، سي ڪتي ڪُنيءَ ڪٽي ويا“ جو منظر ياد اچي ويندو
اٿم. منهنجي سائينءَ جي ڪُنيءَ جا رنگ اسان سيني آرٽسٽن تي آهين. اهي
اهڙا رنگ رنگي ويو آهي جو موت به فنا نٿو ڪري سگهي. ساڻس آخري
ملاقات 909 بابن شاهه ڪالوني ۾ ٿي هئي، جيڪا مون لاءِ نه وسرندڙ
يادگيري آهي. رب سائين شل پنهنجي ٻاجهه ۾ رحمتن سان نوازيس.

(آمين)

*



سنڌ جو نقشو جنهن جي ٺاهڻ تي شيخ صاحب کي ون يونٽ دوران سزا طور جيل موڪليو ويو

ع.
ق.
شيخ

وينا شرنگي

# لطيف فن سان سرشار: ع.ق. شيخ

اکين کان نہ اوجھل ٿين تا اباڻا

جڏهن هي سِٽون لبن تي ايندڙيون آهن تہ يادن جي ساگر جون ڇوليون من جي شانت ساگر ۾ اٿل پٿل مچايو ڇڏين, ويجهڙائيءَ ۾ تعليمدان سائڻ نجمہ شيخ سان فون تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي, هن ٻڌايو تہ سندس والد صاحب ع. ق شيخ جي علمي ادبي خدمتن جي احترام طور هڪ ڪتاب شايع ٿي رهيو آهي, اگر توهان ڪو مضمون لکي ڏيو تہ سٺو ٿيندو. سچ پچ منهنجي اها خوشقسمتي آهي, جو مون کي ان قابل سمجهيو ويو. پهريون ڀيرو 1986ع ۾ منهنجو سنڌ وڃڻ ٿيو بعد ۾ 1989ع ۾ سچل ڪانگريس ۾ شرڪت ڪرڻ جو موقعو مليو جتي ڪيترن اديبن, ڪلاڪارن ۽ ٻين شخصيتن سان ملاقات ٿي. مون کي لڳي ٿو پهريون ڀيرو 1986ع ۾ حيدرآباد ۾ ڏات ڏٺي ع. ق شيخ سان ڪنهن ادبي ڪچهري ۾ ملاقات ٿي هئي. نجمہ شيخ ۽ سندس فرزند حيدر ٻئي 2008ع ڌاري دهليءَ, 'مارئي - سيمينار' لاءِ آيا تہ يادن جا اڻٽٽ ٻي ٻها سلسلا بہ جڙي ويا.

ع. ق شيخ صاحب کي لکڻ پڙهڻ جو شوق گهر جي ماحول مان حاصل ٿيو. سندن والد, استاد ۽ عالم هئا. ع. ق شيخ صاحب پنهنجي محنت ۽ لگن سان ڳوٺ ڳڌڙي جي ماحول مان نڪري پنهنجي فني صلاحيت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪشالا ڪڍي بمبئي پڙهڻ لاءِ ويو. 1938ع واري دور ۾ جڏهن

ايتريون سهوليتون ڪونہ هونديون هيون، تڏهن هڪ غريب ترڪيءَ جو بمبئيءَ وڃڻ تمام وڏي ڳالهہ هئي. شيخ صاحب تعليمدان ۽ تمام سٺا آرٽسٽ پڻ هئا. ڪلا جي ديوي هن فنڪار تي گهڻو مهربان هئي. مارئي جي ملڪ ٿر جي مٽيءَ جي مهڪ سندس فن ۾ بخوبي نظر ايندي هئي. پاڻ سٺا ڪهاڻيڪار، افسانہ نگار ۽ مضمون نگار بہ هئا. سندن تصويرون مهراڻ رسالي ۾ ڇپيل نظر ايندي هيون. سندس تخليقن ۾ بہ فن جي جهلڪ نظر ايندي. اسين سندن ڪهاڻين ۽ افسانن تي نگاهہ وجهون ٿا تہ انهن ۾ بہ لفظن سان تمام سهڻي منظرڪشي نظر ايندي. پڙهڻ سان اهي ڪردار اسان جي اکين آڏو تري ايندا آهن.

"سنڌي ڪهاڻيءَ جو عبوري دور ۽ ع. ق شيخ" مقالي ۾ پروفيسر ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو تہ، "قيام پاڪستان بعد ع. ق شيخ يقيني طور هڪ معتبر نالو آهي. پاڻ ڪهاڻيڪاريءَ جي ذريعي زندگيءَ جا ڪجهہ رنگ پرڙڻ ۽ نقش ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪامياب ٿيو." اهي رنگ، اهي چِٽَ سندس ڪتاب، "محبت جي راهہ تي" جي ڪهاڻين ۾ پسجي سگهن ٿا. "حيدرآباد، ڊسمبر 1947ع" جنهن ۾ هُن ورهاڱي ڪان يڪدم پوءِ جي حالتن ۽ منظر کي چٽيو آهي، تہ ڪيئن ٻاهرين لوڏ، حيدرآباد جي سونهن ۽ نزاڪت تي وار ڪيو. ان ۾ لکن ٿا، "ماڻهو وڃي رهيا هئا، ڪلها ڪلهي سان هڻندا، هي اجميري آهي، هو ڪانياواڙي آهي، هي گجراتي آهي ۽ هو جوڌپوري، ٿڪل، بيمار، ضعيف، ڏٻرا، بي رونق، گدلا ۽ بي روح، سيئي جهڙا سُڪل ڪرڙ جا لتاڙيل ڍنگر. شاهي بازار رستو ساڳيو ئي هو گنڀير، بردبار، رازدان، پر خاموش." ڌرتيءَ جي اصل وارثن جي دل تي ان وقت ڇا گذري رهي هئي، ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو.

چون ٿا: "بازار جو هُل بکيڙو الائجي ڪيڏانهن گم ٿي ويو. اهي ماڻهو جن سان رونقون هونديون هيون، سي ڪيڏانهن ويا"؟

ڪهاڻي "هڪ شام، هڪ رات" ۾ بليڪ مارڪيٽنگ، غريبن جو رت چوسڻ، صرف پنهنجا کيسا ڀرڻ وارن انسانن جي روپ ۾ شيطانن کي درشائي ٿي، ان وقت دوائن جي قلت ڪري معصومن مٺان ڇا پيو گذري، ان جي پرواهہ ڪرڻ بنا صرف پئسو حاصل ڪرڻو هو اهڙن ڪردارن کي چٽيو ويو آهي. ڊاڪٽر، جيڪو زندگي بچائڻ وارو سو مجبوري ۽ لاچاريءَ جو ڪهڙي نموني فائدو وٺي ٿو اهو بيان هيئن ڪيل آهي، "وچولي طبقي جي ٻچڙيوال... معمولي پگهاردار جي نياڻيءَ کي جڏهن نمونيا ٿي تہ ڊاڪٽر کي کيسي ڀرڻ سان ڪم هو نہ ڪہ معصوم زندگيءَ کي جيئدان ڏيڻ جي."

ع. ق. شيخ

مراد علي مرزا سندن باري ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ”حقيقيت ۾ ع. ق شيخ هڪ جديد ذهن جو انسان هو. هو جدت پسند هو. هر نئين ڳالهہ ۽ هر نئين شئي کي پسند ڪندو هو ڇو جو سندس خيال ۾ نواڻ، انساني ذهن جي اوسر جو اهڃاڻ هئي.“

اسان جي وڏي بدقسمتي اها آهي تہ هند سنڌ ۾ ڇپجندڙ سنڌي ادب هڪ ٻئي تائين پهچي نٿو ان ڪري اسين هڪ ٻئي جي ويچارن کان بہ محروم ٿي وڃون ٿا. جنهن ڪري معياري ۽ تحقيقي ادب تائين پُهچ نہ هئڻ ڪري ڪيترين حقيقتن کان محروم ٿي وڃون ٿا. مون جڏهن ع.ق شيخ تي هيءُ مضمون لکڻ چاهيو ۽ ڪي مقالا نظر مان ڪڍيا تہ مون کي سندن ڪتاب ”داستان اندلس“ جي ڄاڻ پئي. محترمہ ممتاز پٿو هڪ هنڌ لکي ٿي: ”تاريخي اسلام تي سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي بہ ڪتاب لکيا ويا آهن، انهن ۾ ’داستان اندلس‘ بهترين ڪتاب آهي. اگر جناب ع. ق شيخ جو اهو عظيم شاهڪار، منهنجو اڳوات پڙهيل هجي ها تہ هن شهر بابت منهنجي ڄاڻ ۾ وڌيڪ اضافو ٿئي ها.“

اڄ جڏهن دنيا جا ڪلاڪار هند ۾ اچي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪن ٿا، تڏهن ڇا اسان ڪڏهن اهو سوچيو آهي تہ ع. ق شيخ جي ڪلا جو نماءُ هند ۾ رکون تہ ٻئي طرف مهراڻ مامتاڻي، ماسٽر هريرام جي چترن جو نماءُ سنڌ ۾ رکون، اي ڪاش ڪڏهن ائين ٿئي!

قلم ذريعي شيخ صاحب پنهنجي افسانن ۾ جيڪي چِتر چٽيا آهن، تن مان سندس نفيس جذبا، فني قابليت لِياڪا پائينديءَ نظر اچي ٿي. سندس اهڙو فن، ’بهار‘، ’اها رات‘، ’تون وساري ڇڏ‘ ۽ ٻين افسانن ۾ پسي سگهجي ٿو. افساني ’اها رات‘ مان هتي ڪجهہ تصويرون ڏيڻ چاهيندس جيڪي قلم ذريعي چٽيل آهن. ”رات هئي ۽ اونداهي رات، اوڙتهين رات جي ڪاراڻ پنهنجي پوري پهچ سارُو ذري ذري کي اونداهو ڪيو هو. دنيا ننڊ جي آغوش ۾ بي پرواهہ آرامي هئي. آسمان ڪڪرن سان ڇانيل هو. آءٌ ڪنهن جي وسريل يادگيريءَ کي سيني ۾ دل وانگر لڪايو... اڪيلو شهر کان ٻاهر... درياهہ جي ڪنڌيءَ تي بيخبر... ڪنهن جي خيالي پوڄا ۾ محو هوس، آبشارن جو آواز منهنجي دل کي بيچين ڪري رهيو هو.

هي مضمون ڪنهن بہ چترڪار کي، پنهنجي برش ۽ رنگن جي سنگم سان جيارڻ لاءِ، پريڻا ڏئي سگهي ٿو بقول پٿائي صاحب جي:

رڇي جي ريٿو ٿيا، ڪينَ اُباٽجن اوءِ،
توڙي ڏوٻي ڌوءِ، تہ بہ لالائي نہ لهي.

✻

فتاح هاليپوٽو

✡

## ع.ق. شيخ- هڪ جديد مصور

پاڪستان ۾ جديد مصوريءَ جي حوالي سان جيڪي نالا آهن، انهن ۾ شاڪر علي، زبيده آغا، احمد پرويز ۽ آزر زوبي نمايان نالا آهن. جڏهن تہ ٻيا بہ ڪيترائي نالا آهن. ورهاڱي جي دَز هٽڻ کان پوءِ يا تورو اڳ ۾ سنڌ ۾ بہ اهڙي مصوري جو بنياد وجهندڙ ع. ق شيخ موجود هئو... پوءِ اڳتي هلي اي آر. ناگوريءَ جو نالو شامل ٿئي ٿو. سائين ع. ق شيخ ذاتي ڪم کان سواءِ پنهنجي ڄمار مُصوريءَ جي تعليم ڏيندي گذاري. سندس ڪم ۾ سڀ Mediums ملن ٿا. خاص طور آئل، واٽر ۽ پوسٽر ڪلر نمايان آهن. 1961ع ۾ جڏهن مان هڪ سال جي سکيا لاءِ آرٽ ٽيچرس ٽريننگ سينٽر حيدرآباد ۾ آيل هوس، تہ اُن سڄي سال ۾ مون سائينءَ جو ڪافي ڪم ڏٺو ۽ اهو بہ ڏٺو هو تہ پاڻ شاگردن کي واٽر ڪلر جي تربيت ۾ هلڪا ۽ مشڪل tips آسانيءَ سان ڏيندو هو. مثال طور ٻارهون نمبر برش کڻي، تصوير ۾ گهربل جاين تي رنگ ڀرڻ لاءِ بہ ٽي رنگ، هڪ ئي وقت کڻي پاڻيءَ سان فل لوڊ ڪري ڪنهن ڏار پني تي يا اُنهيءَ شيٽ تي (جنهن تي شاگرد ڪم ڪندو هو)، رنگ لڳائيندو هو. جنهن ۾ پاڻيءَ جي مدد سان گهربل effects ۽ beauty نمايان ٿي پوندا هئا. جيتوڻيڪ اهو عمل اسان لاءِ ڏکيو هوندو هو پر جڏهن سکڻ ۽

سمجهڻ جو شوق هجي تہ وري وري ڪرڻ سان اُهي tips ڪافي حد تائين سمجهہ ۾ اچي ويندا هئا.

هڪ پورٽريٽ آئل ڪلر ۾، سينٽر جي پٽيوالي گلوءَ جو ڏنو هوم. گلوءَ جو مٽيون چپ ڪٽيل هوندو هو، جنهن مان مٽيان ڏند صاف نظر ايندا هئا. اُهو پورٽريٽ بہ باءِ ڏيڊ فوٽن جو هيو. اُن وقت جي لحاظ سان جديد انداز ۾ تيار ڪيو ويو هو. پورٽريٽ ۾ اها تبديلي سائينءَ ضرور ڪئي هئي جو گلوءَ جو مٽيون چپ مُڇن سان گڏ اهڙي نموني پينٽ ڪيو هئو جو پينٽنگ ۾ ماڊل ٻئي خوش ٿي ويا هئا. هڪ اسٽل لائف (still life) جيڪا سَنهي ڳُتيل ڳوڻ تي ٺهيل هئي ۽ ڪلاس ۾ لڳل هئي، سا ڪنهن بہ ٻاهرئين يا برِصغير جي مصور کان گهٽ ڪانہ هئي. سندس ڪم غاليچن جي ڊزائينن تي بہ ڏٺل اٿم. جيڪي ڪمال فن جو نمونو آهن. ڪجهہ ٻيون بہ شاهڪار تصويرون آهن. هڪ بوگن ٻَيلا ول جي تصوير هئي، جنهن ۾ بہ ٽاريون هوا ۾ جهومندي ڊيڪارينل هيون، جن ۾ نارنگي ۽ پَرپَل ڪلر جا گل، ساوِن پنن ۾ ڏاڍو مزيدار ۽ وڻندڙ نظارو پيش ڪري رهيا هئا. اُها تصوير خوبصورت واٽر ٽيڪنڪ ۾ ٺهيل هئي. مون پهريون دفعو سائينءَ وٽ اهڙو تازو ۽ چمڪدار واٽر ڪلر ڏٺو هو.

هڪ محرابي طرز جي روايتي ڊزائين، جيڪا پوسٽر ڪلر ۾ هئي، اُن ۾ رنگن جي توازن کان وٺي روايتي patterns جو خوبصورت ميلاپ نظر ايندڙ هو. اُن کان سواءِ سائينءَ جي book cover designs جيڪي اُن وقت جي لحاظ کان سنڌي ادب ۽ فن کي ڳنڍي، رنگن ۽ اکرن کي پاڻ ۾ ملائي پيش ڪندا هئا. 1959ع کان 1990ع تائين هي اُهو دور آهي، جنهن ۾ تقريباً سيني پاڪستاني مصورن بُڪ ڪوَر ڊزائينس تي ڪم ڪيو جنهن ۾ آذر زوبي، حنيف رامي، بشير موجد، شاڪر علي، عبدالرحمان چغتائي، جميل نقش، صادقين، پڪاسو اسلم ڪمال ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪي ۽ غير ملڪي مُصورن ڪم ڪيو.

ڪوهہ
قاف
شيخ

پينٽنگ جي معاملي ۾ سائينءَ جو نقطهءِ نظر روايتي مصوريءَ کان هٽيل هئو. اُن معاملي ۾ سائينءَ ۽ گل محمد کتريءَ وچ ۾ جديد ۽ روايتي مصوريءَ تي اڪثر بحث ٿيندا هئا. هونئنءَ بہ اُن سلسلي ۾ سائينءَ جو ڪم واقعي بہ هڪ ثبوت آهي. جڏهن تہ سنڌ جو مزاج هر معاملي ۾ روايتي رهيو آهي، جيڪو اڄ سوڌو جاري آهي. جن اديبن ۽ شخصيتن جي ڪتابَن جا سائين ڪوَر ڊزائين تيار ڪيا، اُنهن ۾ سائين جي.ايم سيد، شيخ اياز رشيد ڀٽي، حميد سنڌي، سراج ميمڻ ۽ ٻيا بہ ڪيترا ئي نالا شامل آهن.

اسان وٽ ملڪي سطح جي مصوريءَ ۾ پذيرائي حاصل ڪرڻ خاص طور 1950ع کان وٺي 1990ع جي ڏهاڪي تائين مشڪل ترين مسئلو رهيو جنهن جا خاص متاثر سائين ع. ق شيخ، گل محمد کتري ۽ ٻيا ڪيترائي آرٽسٽ رهيا. اُن کان سواءِ سنڌ ۾ مصوريءَ جي حوالي سان هڪ نئون دور شروع ٿئي ٿو (ٿورو گهڻو سهي)، جنهن ۾ بہ سائين ع. ق شيخ جو اهم ڪردار رهيو.

هتي مان ڪجهہ صفحن تي صرف سائين ع. ق شيخ جي حوالي سان لکي رهيو آهيان، پر ساڳئي وقت سائينءَ جي دور ۾ ۽ اُن کان پوءِ هتان جي جن مصورن ڪم ڪيو ۽ جيڪي ساڳي وقت فائن آرٽس ڊپارٽمينٽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ پڻ پنهنجيون خدمتون ڏئي چڪا آهن انهن جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. انهن مان ڪافي مصورن جون ملڪي ۽ غير ملڪي ليول تي تصويري نمائشون رڪارڊ ٿيل آهن. اُنهن ۾ اي. آر. ناگوري، مسرت مرزا، انجم پيرزاده، محمد علي ڀٽي ۽ علي نواز قلپوٽي جا نالا اچن ٿا. اِنهيءَ ڊپارٽمينٽ، جنهن جو نالو هاڻي انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ ڊزائين آهي، اُتي ڪجهہ نوجوان استاد ڪم ڪري رهيا آهن، جن جو پڻ سٺو ڪم رهيو آهي، انهن ۾ نعمت الله خلجي، وحيده بلوچ، محمد قاسم خاصخيلي، نادر جمالي ۽ نجيب راشدي قابل ذڪر آهن. جڏهن تہ سينٽر آف ايڪسيلنس آرٽ اينڊ ڊزائن ۾ علي عباس جعفري، نظام ڏاهري، امجد ٽالپر، ڄام ڏيپر، نصرت منگي، شوڪت کوکر ۽ ٻيا پڙهائين ٿا. انهن مان بہ

علي عباس ، نظام ڏاهري، امجد ٽالپر ۽ شوڪت ڪوکر جون سنڌ ۽ ملڪي ليول تي ڪافي تصويري نمائشون رڪارڊ تي آهن.

هتي ڪجهه نوان نالا، مٿي ذڪر ڪيل ڪجهه نالن سان گڏ ڏجن ٿا. جن گريجوئيشن ۽ ماسٽرس، نيشنل ڪاليج آف آرٽس لاهور مان ڪئي. اُنهن ۾ ساجد قريشي، احمد علي مگٽهار، محمد علي ٽالپر، نظام ڏاهري، امجد ٽالپر، عمران چنا، اياز جوکيو شامل آهن. جن جون تصويري نمائشون ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ ٿيون ۽ سنڌ جو نالو مٿاهون ٿيو. (نوٽ: ساجد قريشيءَ جي اڃان تائين ملڪي ۽ غير ملڪي ليول تي ڪابه نمائش رڪارڊ تي ناهي.)

رضوان عمراڻي، جنهن کي ع. ق شيخ، ڪافي همٿائيندو هئو. رضوان جو موجوده ڪم، جيڪو سندس حيدرآباد ۾ رهڻ واري دور ۾ تخليق ٿيو. محترم بينظير ڀٽو شهيد 1994ع ۾ سندس اسلام آباد ۾ منعقد ڪرايل تصويري نمائش جو افتتاح ڪيو هو. اُن کان سواءِ ٻيون به تصويري نمائشون، مُلڪي ۽ سنڌ سطح تي سندس رڪارڊ تي آهن. هي self taught artist آهي، هن جا ڪجهه شاگرد به آهن. موهن داس تقريباً 1995ع کان مون وٽ ڊرائنگ ۽ واٽر ڪلر سکندو رهيو. هن 2002ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان فائن آرٽس ۾ گريجوئيشن ڪئي. تازو ڪراچيءَ ۾ ”فاختنا اسڪول آف آرٽ“ جي نالي سان ننڍو سينٽر کوليو آهي. هن جا ڪجهه گروپ شو ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ رڪارڊ تي آهن. هن سيني ميڊيمس ۾ ڪم ڪيو آهي. پاڻ پورٽريٽ ۾ مهارت رکي ٿو. هن جا ڪافي شاگرد آهن.

سائين ع. ق شيخ جي دور ۾ مان هتي خاص سنڌ جي پسمنظر ۾ ويندس، ته ڪهڙو اهڙو مصور ڪونه هو جيڪو هتان جي مزاج کي سمجهندي مصوريءَ واري ڪم جي ذميواري يا جوکَم کي قبولي، پاڻ ڪم به ڪيائون، پوءِ ڀلي اُن جو ڳاڻيٽو گهٽ هجي، پر اهو ٿورو ۽ سُني واري ڳالهه تي ٺهڪي ٿو اچي. سندن شاگردن جي فهرست وڏي آهي، پر ڪجهه نالا ڏجن ٿا: مثال طور: ظفر ڪاظمي. علي اڪبر سومرو علي نواز ڦلپوٽو لعل

محمد پناھڻ، محمد عيسيٰ ملاح، مُنور ميمڻ، رضوان عمراڻي، هارون چنا ۽ فتاح هاليپوٽو وغيره.

سائينءَ جي فن ۽ شخصيت جي باري ۾ ڪجهه سٽون لکندي هڪ واقعو ياد اچي ويو. جنهن کي هتي لکڻ ضروري ٿو سمجهان. هونئن ته سائينءَ جي شخصيت جا ڪافي اهڙا پهلو آهن، جن تي گهڻو لکي سگهجي ٿو. هي واقعو اُن وقت ٿئي ٿو جڏهن پاڻ مارچ 1973ع ۾ ريٽائر ٿين ٿا. اُن وقت سندن گهر جو سامان هاسٽل واري گهر مان شفٽ ٿي رهيو هو. اُن وقت ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال (جنهن جو نالو لکڻ ضروري ڪونه ٿو سمجهان) سائين ع. ق شيخ جي سامان تي اعتراض واري چيو ته اُن سامان ۾ ڪجهه ڪاليج جو سامان به آهي. بهرحال جاچ ڪان پوءِ ڪجهه به نه نڪتو. اُن وقت شيخ صاحب جن پاڻ به موجود هئا. پرنسپال کي مخاطب ٿي چيائون ته، ”تي سگهي ته شلوار جو اُبداڻو به چيڪ ڪيو وڃي، متان اُن مان ڪا ڪُرسي يا ٽيبل نڪري اچي.“ جنهن تي پرنسپال صاحب ڳاڙهو ٿي ويو هو. هتي اِن ڳاله ڪرڻ جو مقصد صرف اهو آهي، ته جيڪي ماڻهو پنهنجي سڄي ڄمار نيڪ نيتي ۽ ايمانداريءَ سان گذاري ٿا اچن، ته پوءِ انهن سان ائين ڇو ٿو ٿئي!!

❊



فتاح هاليپوٽو

ولي رام ولڀ

✡

## ع.ق. شيخ:

## هڪ گهڻ رُخو فنڪار

جَسُ هجي سائين حميد سنڌيءَ کي، جيڪو نہ رڳو پنهنجي ذات ۾ نجمن آهي، پر انجمن ساز شخصيت آهي، جنهن سان سال 2001ع کان، بنان ساهيءَ جي هر آچر ڏينهن، پنهنجا ڪم ڪار ڇڏي، پنهنجي گهر ني ”بزم روح رهاڻ“ جون رهاڻيون رچائي، ادبي اُڃ اُجهائڻ جو لاڳيتو انتظام ڪيو آهي ۽ ادبي ٻيڙيءَ کي هاڪاري هلي ٿو. هن صاحب، دستوري ڳڏجاڻين جو بہ سلسلو جاري رکيو آهي ۽ لاڏاڻو ڪري ويل اديبن توڙي جيئرن ذات ڏڻين کي جوڳي جاءِ ڏيئي ياد ڪندو رهندو آهي.

هن پيري مرهيات ع. ق شيخ جي فنڪارانہ ۽ ادبي شخصيت جي ڪارنامن جي ميجتا ۾، هيءَ ڳڏجاڻي ڪوٺائي اٿس، جيڪو چترڪاريءَ جي ميدان جو هڪ وڏو نالو آهي ۽ جنهن پنهنجي فن جي دنيا جا ڪيترائي شاگرد پوئتي ڇڏيا آهن ۽ سنڌس باريل لات مان ڪيترائي ٻيا پنهنجي وات اهي اڳيرو وڌندي نظر اچن ٿا.

مون کي ع. ق. شيخ صاحب جي سموري وجود ۾ وڏ ۾ وڏ سندس هٿ وٽندا هئا, اُهي هٿ جن جون آڱريون بظاهر هڪ ٻيئي کان ويڳاٽيون پيون لڳنديون هيون, پر جڏهن ڪو اسڪيچ ناهڻ لاءِ پينسل يا رنگ ڀرڻ لاءِ ڪو بُرش ڪٽنديون هيون تہ ڪنول جي ڪڙيل گُل جهڙو ڏيک ڏينديون هيون.

شيخ صاحب ۽ سندس سمورا پيارا شاگرد, مارڪيٽ ۾ موجود هڪ ڪشادي ايراني هوٽل مان يا تہ چانهہ گهرائي پيئندا هئا, يا اتي وڃي پِي ايندا هئا, چوں تہ ان چانهہ ۾ وڏو سُرور هوندو هو. جنهن هڪ پيرو اُن ڪير ۾ نهيل (ڏوڏ پتي) چانهہ جو پريل ڪوپ چپن تي رکي سُرڪ پري, سو وري ان چانهہ جي چاهہ کان پاڻ کي آزاد ڪرائي نہ سگهندو هو. ٻڌو آهي تہ ان چانهہ ۾ هڪ خاص مقدار ۾ ڏوڏيءَ پيل هوندي هئي.

شيخ صاحب ڪاوڙ ۾ ٻنهين گهٽ ايندو هو پر جڏهن ڪنهن شاگرد جي ناهيل سهڻي پينٽنگ تي ڪنهن هنڌ ڪو برش جو غلط اسٽروڪ لڳل نظر اچي ويندو هوس, تہ نهايت بيزاريءَ مان نڪ ۾ ناگوار گهنج وجهي فقط هڪ ئي جملو اچاريندو هو: ”ڪارو مُنهن ڪري ڇڏيوئيس.“ ۽ ان سڄي جملي ۾ فقط لفظ (منهن) تي لهجي جي مَدوجزر جو تاثر وڏيڪ ڀرپور تي پوندو هوس.


بُڪ پراڊڪشن جي حوالي سان ع. ق. شيخ صاحب خاص طور ٽائيٽل ڊزائيننگ ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپرايل تحقيقي ڪتابن جي ٽائيٽلز تي گهڻي ڀاڱي فري هينڊ ڊزائينن ۽ ٽائيٽلز جي پيٽرنز کي هرواسي ڪيو آهي. جنهن ۾ ڇچ نامو وغيره اچي وڃن ٿا, پر ساڳئي وقت مرزا قليچ بيگ جي سوانح ’سائو پن يا ڪارو پنو‘ جي ٽائيٽل ۾ سندس جدت طرازي صاف نظر اچي ٿي, بعد ۾ پيسٽل ڪلر مٿان واٽر ڪلر جا واش ڏئي, سائين ع. ق. شيخ جيڪي شيخ اياز ۽ حميد سنڌيءَ جي ڪتابن جا ٽائيٽلز تخليق ڪيا آهن, سي آرٽ جي حوالي سان مثالي ۽ تخليقي ٽائيٽل آهن.

ع. ق. شيخ صاحب ادب ۽ آرٽ جي دنيا ۾ هڪ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو هن جيڪڏهن ڪهاڻيون بہ لکيون تہ بيحد منفرد, تڪيل

توريل ۾ مڪمل لکيون ۾ جيڪڏهن ڪو اسڪيچ بہ جوڙيو تہ اُن جو هر اسٽروڪ بامعنيٰ هنيائين.

شيخ صاحب پنهنجي تخليقن ۾ تہ برابر ماڊرن ايپروچ رکندو هو پر سندس روح اهڙي ترقي پسند شخص جو هو جيڪو پنهنجي ماڻهن ۾ مٽيءَ سان بي لوث محبت ڪندو هو. سندس خدمتن ۾ محبتن کي سنڌ ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندي.

٭



ع. ق. شيخ صاحب جو پورٽريٽ

آرٽسٽ: قاضي خضر حيات

رضوان عمراڻي

✡

## سائين ع.ق. شيخ

ع.ق. شيخ سان ڪڏهن مليو آهيان، تاريخون، ڏينهن، حساب ڪتاب، ماضي حال مستقبل پاڻ ۾ رَليل مَليل ۽ لاڳاپيل آهن. لفظَ منهنجي اظهار جو ذريعو ناهن... محبت آهي اُن شخص سان جيڪو وڇڙي ويو آهي ۽ يادون ڇڏي ويو آهي. زنده شخصن ۾ شيخ صاحب پهريون مصور آهي ۽ فن جو پارکو مردم شناس ۽ مضبوط اعصابن جو مالڪ... شاهه لطيف جيئن سچل لاءِ پيشنگوئي ڪئي، ائين ع.ق.شيخ مون لاءِ.

مصوريءَ جو محرڪ درد آهي، جيڪو امڙ جي وڇوڙي بخشيو آهي... امڙ هلي وئي ته اڪيلو ٿي پيس. خلائن جو مسافر گم ۽ غلطان... امڙ جي جدائيءَ سچ پچ ويڳاڻو ڪري ڇڏيو. دنيا جي معنيٰ 'بڪواس' ٿي پئي. سُرت ۽ سمجهه موڪلائي وئي... پر رنگن ۾ پناهه ملي وئي. امڙ جي ياد ۾ Mother گيلري 1997ع ۾ جوڙيم... 11 ڊسمبر 1999ع 21 صديءَ جي شروع ٿيڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ افتتاح ٿيس. نينهن جي هٺن سان امڙ کي قبر مان ٻاهر ڪڍي آيس. هاڻ هُوءَ مون سان آهي... منهنجي آس پاس... منهنجيون اکيون آليون آهن... سڀ ڏنڏلو ڏسان ٿو سپني جيئن... ماڻهو سمجهن ٿا پاڻ سان ٿو ڳالهائي... پر ائين ناهي... اُهي بي خبر آهن... امڙ سان روح رهاڻ ٿيندي رهي ٿي. قدرت جو کيل آهي. مون کي هڪ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ڏات

بخشي وئي. حڪم تيو ذات امانت آهي ان ۾ خيانت ڪئي وئي تہ ڪسي ونڊاسين. امڙ گيلريءَ ۾ امڙ سان آهيان ۽ شيخ صاحب جون ڪي ڳالهيون شيئر ڪرڻ خاطر لکي رهيو آهيان.

1980ع ۾ لڳ ڀڳ چاليهہ ورهين جي عمر ۾ لقاءُ ٿيو. اوچتو آءٌ مصور ٿي پيس. حيرت حيراني... هي تصويرون ڪيئن ٺهيون آهن! ڪا سُڌ ڪا خبر نہ پئي، بس ڏسندو رهجي ويس. تصويرون، جيڪي آئل پيسٽل ۾ آهن. ڏيڪاريم... سوال ڪيا ويا ڪيئن ٺاهيون آهن؟ هي عجيب ۽ انوکو اسٽائيل آهي. فتاح چيو ڪجهہ تصويرون فريم ڪرائي منهنجي ڪمري ۾ لڳائي ڇڏ... سنگت جي ڏسڻ جي لاءِ. 1958ع کان فتاح دوست آهي. ع. ق. شيخ، فتاح جو استاد آهي. فتاح 1959ع ۾ D.T.C ڪئي آهي. شيخ صاحب جو ويجهو ۽ پيارو شاگرد آهي. شيخ صاحب جڏهن لنڊن، آرٽ جي تعليم لاءِ ويو تہ فتاح ڏي ڪيترائي خط لکيائين. مون کي ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ پڙهي ٻڌايائين، مون پاڻ بہ ڪي پڙهيا، انهن خطن مان شيخ صاحب جي شخصيت ۽ ان جي مزاج، حوصلي، انصاف پسندي، نيڪ نيتي، نفاست، ارڏائپ، رومانس، تضادن جي ائپروچ ۽ Vision جي ڪجهہ خبر پئي. اڪثر فتاح پنهنجي استاد جي شخصيت متعلق ڳاليهون ڪندو رهندو آهي.

ٽريننگ ڪاليج فار مين جي آخري ڇيڙي وارو بلاڪ. آرٽ جي استاد لاءِ آهي، فتاح بہ اُتي رهي ٿو ۽ جوهيءَ کان بدلي شيخ صاحب ڪرائي اٿس. پاڻ سان گڏ استاد مقرر ڪرايو اٿس. ڪڏهن، جڏهن حيدرآباد ايندو هئس، اهو زمانو 70 جو ڏهاڪو هو. فتاح وٽ وسرام ٿيندو هو ۽ شيخ صاحب سان دعا سلام ڏيگهہ ويڪر گهٽ رکندو هو. شيخ صاحب سان مان بہ ڳل نہ پوندو هئس. ڳالهہ اتي ۾ رهجي وئي... تہ ڪيئن شيخ صاحب فنِ مصوريءَ جو وڏو پارکو آهي مون لاءِ يا جيئن مون ڏٺو آهي. يادگيري اٿم 1980ع ڌاري حيدرآباد جي ڪنهن هاءِ اسڪول ۾ ٽيچر آهيان، فتاح سان سندس ڪمري ۾ ڪجهہ مهينا ساڻ گذاريا پئي، ائين تہ دادو جوهي، هيٺو حيدرآباد... فتاح جت بہ نوڪري ڪئي آهي، ساڻس ملڻ ويو آهيان. ويجهو

ع. ق. شيخ

۽ پيارو دوست آهي. مان فتاح جو باڊي گارڊ بہ رهيو آهيان، هٿيار کان بنا باڊي گارڊ.

هاڻي هاڻي فتاح جي ڪمري ۾ داخل ٿيو آهيان. شام جا 8 ٿي رهيا آهن. ڪمري ۾ شيخ صاحب ۽ فتاح ويٺا آهن، پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿي رهي آهي.سلام ڪيم. شيخ صاحب شگفتہ نگاهن سان نهاريو مون ڏانهن... سائين ع.ق. شيخ... فتاح جي ڪمري ۾ منهنجون لڳل تصويرون ڏسي چڪو آهي ۽ فتاح کان معلوم ڪري چڪو آهي.

چيائين، "بابا هي توهان ناهيون آهن؟"

هيسيل جواب، "ها سائين!"

شيخ صاحب سان دوبدو ڳالهہ ٻهريون پيرو ٿي آهي، حالانڪ شيخ صاحب جن کي 1960ع کان خطن ۾ پڙهيو ۽ ٻڌو هئم فتاح کان...

تاريخ اسلام ۽ اندلس جي تاريخ نصاب طور پڙهيل آهن ۽ شيخ صاحب جي ڪهاڻي 1947ع حيدرآباد ۽ آرٽ تي ڪجهہ مضمون بہ... شيخ صاحب چوي ٿو "رضوان تو ڪمال ڪيو آهي ۽ مختلف انداز آهي تنهنجو! هيڏانهن اچ." (آءُ ڪرسي سوري ويجهو ويهان ٿو.)

شيخ سائين، "هٿ ڏيکار." هٿ وڌائي شيخ صاحب جي هٿ ۾ ڏيان ٿو ۽ سوچيان ٿو تہ شايد قسمت جون ريکائون ڏسندو، جو تورو گهڻو مشهور آهي تہ شيخ صاحب پاميسٽري وغيره جي ڄاڻ رکندو آهي. شيخ صاحب منهنجي هٿ کي ابتو ڪيو ۽ مٿي ڪٽي چپن جي ويجهو آڻي چُميو منهنجو هٿ... واهہ ڀائي واهہ! تو لاجواب ڪم ڪيو آهي." اهو ٻڌي اندر ۾ مان ڀيهي ويم.

شيخ صاحب ڀهريون وڏو ماڻهو آهي مصوريءَ جي دنيا ۾، ان جو اڄ تائين ٻيو مثال ڪونهي.

شيخ صاحب جي ڏنل چُمي ۽ ان حرارت... سائينءَ جي ڳالهہ جو مانُ شانُ... زندگي روان دوان... مانَ ۽ آنَ سان مرڻ جي آرزو... هٿن ۾ لڦون، ڪپڙا

رنگن ۾ تڦيل... شايد مصور بڻجي ويو آهيان... ٻي ڳالهه ڏانهن ڌيان ناهي رهيو... ع. ق. شيخ جا چيل لفظ منهنجي لاءِ سرمايو آهن.

"اسان وٽ تو جيان ڪوبه ڪم نٿو ڪري. تون وڏو مصور ٿيندي ڪنهن جي ڳالهه نه ٻڌجانءِ، ڪم ڪندو رهجانءِ."

هڪڙي شام فتاح ڏانهن ويس، چيائين، "شيخ صاحب نياپو ڪيو آهي تولاءِ ته ملي وڃي."

سگريٽ دُکايو... ڊگها ڪش... فتاح کان موڪلايو... جيل روڊ ڏانهن روانو ٿيس. انهن ڏينهن ۾ شيخ صاحب جن جي جيل روڊ مڊوي جي پويان رهائش هئي. ننڍڙي بينڪ، هڪ بيڊ، سامهون ٻه چار ڪرسيون... وچ ۾ ٽيبل... بيڊ تي ع. ق. شيخ... نيم دراز... سيرانديءَ کان ڊگهو اسٽول... ڪاٺ جو نفيس نقش نگار ان مٿان تازن گلن جو گلدستو. پيلا، ڳاڙها، اڇا، گلابي گل جڻ پينٽنگ هئي. سائينءَ جو چهرو فريشم هشاش بشاش... حالانڪ ڪجهه ڏينهن اڳ، باٿ روم ۾ سلپ ٿي پيو هو ٽنگون ۽ ٻانهون ٽڙڪي پيون هئس. اٿڻ کان لاچار... پر حوصلو ۽ نفاست برقرار. مون کي وٽيو ۽ حوصلو مليو... زندگي زنده دلي آهي، هي هر حال ۾ مست... ائين آءُ پاڻ رف ٽف آهيان ۽ منهنجو جِيوَن رف نوٽ بوڪ آهي. منهنجي آتم ڪٿا جيڪا نامڪمل آهي.

شيخ صاحب چانهه جو چيو ڳاڙهي گلابي پاٽي پيئڻ جي پڻ صلاح ڪئي. هن جي شخصيت ڳنڀير آهي. ڌيرج سان گفتگو ڪري ٿو. شيخ صاحب چيو "ابراهيم جويي وارا، دوست رشيد ڀٽيءَ جو ترجمو ڪيل 'چتر ليکا' ناول ڇپرائين ٿا، مون کي چيو اٿائون ته ٽائٽل ناهي ڏي، منهنجا هٿ ٻانهون اڃا پوري طرح ڪم نٿا ڪن، تون ٽائٽل ناهي ڏي. تنهنجو ڪم مون کي پسند آهي. حالانڪ فتاح. دارا، ظفر ڪاظمي، اڪبر سومرو ۽ ٻيا ڪيترائي شاگرد آهن. هڪدم ها ڪيم. ابراهيم جويو صاحب به شيخ صاحب وٽ آيو نور محمد خوجي فوٽوگرافر سان. ابراهيم جويي صاحب

انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيل برنش جو ڇاپو ڏيندي چيو ته، ”هن مثان ڊانسر جو اسڪيچ آهي، ان ڪي به ڏس ۽ هي ڪتاب ڪٽي وڃ.“

اتفاقاً 1973ع ۾ جُنگشاهي ۾ ٽيچر آهيان. شِوارام مون کي ’چتر ليکا‘ اردوءَ ۾ ترجمو پڙهايو آهي ۽ ان کان متاثر آهيان، فلم ’چتر ليکا‘ به ڏٺي آهي. مينا ڪماري، اشوڪ ڪمار، محمود، پرديپ ڪمار، ساحر جي شاعري خير سان مان ڪتاب ڪٽي واپس ٽيس.

ٻن ڏينهن جي هڻ هٽان کان پوءِ نچڻي ناهيم. شيخ صاحب ڏانهن ڏيکارڻ لاءِ ويس، ڏسي چيائين، ”نيڪ آهي ٿورو هينئن هجي.“ بردبار، محبت وارو سائين ع. ق.شيخ صاحب، پسند ۽ ناپسند جو اظهار ائين ڪري ٿو مون وري ٻي نچڻي ڪجھ ڏينهن جي جاکوڙ کان پوءِ ناهي... جيڪا شيخ صاحب پنهنجي انداز ۾ ناپسند ڪئي.فرمائش ۽ ٻئي جي مرضيءَ تي تخليق نه ٿي سگهندي آهي. ڏهه ڏينهن کن شيخ صاحب وٽ ائين ويندو رهيس. آخر ٿڪجي پيس. جنهن اعتماد ۽ پسنديدگيءَ جو شيخ صاحب اظهار ڪيو گذريل ملاقاتن ۾ ، ان جو ماڻ رکڻ ۽ جبر ڪرڻ پاڻ تي. سڀ قربان ڪري سگهڻ آزاديءَ خاطر... سو ائين ڪيم. رنگ ۽ نائيف سان ويهن منٽن ۾ هڪ نچڻي ناهيم، جا مون کي پسند آئي ۽ سوچيم ته جيڪڏهن شيخ صاحب اها ناپسند ڪئي ته پنهنجي مجبوري ٻڌائيندس.

حيدرآباد ۾، ان زماني ۾ تلڪ چاڙهي پرسان دادن شاهه جي پاڙي ۾ مسواڙي ڏيڍ ڪمري ۾ رهندو آهيان، اڻ پوريون شيون، پگهار گهٽ، ڪمرشل ڪم ڪي جواب، ٽيوشن کي جواب. آوارگي ۽ سگريٽ... پينٽنگ کان سواءِ ٻيو ڪجھ به نه ڪري سگهان پيو. سو تواڻيءَ ۾ اُها نچڻي اخبار ۾ ويڙهيم ۽ روانو ٿيس شيخ صاحب ڏانهن ۽ پينٽنگ سائين شيخ صاحب کي ڏيکاريم. ڪي گهڙيون ڏسندو رهيو. چيائين، خوب آهي، ڀرپور تاثر آهي، نچڻي ’چتر ليکا‘ جو ڪلر اسڪيم به بيلنس آهي. ڪو وقت گذريو ابراهيم جويو به اچي نڪتو. شيخ صاحب ساڻس هلڪو ڦلڪو حال احوال ڪيو ۽ پينٽنگ وڏائي جويو صاحب کي چيو ته، ”ڏس من ڪيئن

آهي؟" اٽلائي پٽلائي ڏسڻ بعد ع. ق. شيخ کي چيائين، "شيخ صاحب اکين ۾ ڪجهه ڦير اٿس." شيخ صاحب ٻڌايو "جويا صاحب توهان کي آرٽ جي ڪهڙي خبر آهي، ڇا مصور نڇٽي کي جامد ڪري، گل گجرا لڳائي، ڪجل اکين ۾ وجهي، توهان سامهون بُت بڻائي ويهاري. ڏس... هيءَ تاثراتي پينٽنگ آهي، ڀرپُر آهي، ڀرپور تاثر آهي... جو محسوس ٿئي ٿو."

ڪجهه گهڙيون ماحول سانت۽... خالي خالي سڀ چُپ.

نور احمد فوٽوگرافر اچي ماحول کي ٽوڙيو. ابراهيم جويو صاحب اضطرابي انداز ۾ نورمحمد سان مخاطب، "ڏس هن تصوير جي اکين ۾ ڦير آهي." ۽ ان ڳالهه تي مون کي توائي آئي ۽ چيم، "جويو صاحب ائين نه ٿيندو آهي، جو توهان پنهنجي راءِ مڙهي ڪري نور احمد کان معلوم ڪيو ٿا. هن کي پاڻ ڏسڻ ڏيو پوءِ راءِ معلوم ڪيو."

وري جيل روڊ واري جاءِ تي شيخ ڏانهن وڃڻ نه ٿيو نه وري ابراهيم جويو صاحب سان ملڻ. ڪتاب 'چتر ليکا' جي مهورتي تقريب ۾ مون کي نظر انداز ڪيو ويو... نه گهرايو ويو. خير ائين ٿيندو آهي. اسان جا رويا ئي ترجمان آهن. سچاٽپ آهن. هر ڪنهن جي پنهنجي نظر آهي ۽ اپروچ آهي، ڇا چئي سگهجي ٿو ڇا ڪري سگهجي ٿو!


ع. ق. شيخ جامع ۽ ڀرپور شخصيت جو مالڪ آهي. اهڙو مصور آهي، جو پنهنجي بصيرت سان گل جي خوشبوءِ کي ڏسي وٺي ٿو ۽ رنگ ڳالهيون ڪن ٿا هن سان. شيخ صاحب، جنهن پنهنجي تحرير ۾ فڪر، نظريا، احساس، جذبا، رشتا ناتا ۽ روين کي ڪردارن جي هٿان جهڙي انداز سان پيش ڪيو اهو شيخ صاحب ئي ڪري سگهي ٿو.

شيخ صاحب منهنجي خيال ۾ 1960ع ۾ حيدرآباد لڏي آيو ۽ ٽريننگ ڪاليج ۾ نوڪري ڪيائين. آرٽ جي دنيا جو ڀهريون بهترين استاد ۽ استادن جو بہ استاد آهي. هن جو ڏانءُ... سيکارڻ جو انداز... سيني اندر ڳالهه پهچائڻ وارو آهي. هُو شفيق ۽ مهربان، آزاد خيال، محبتي، طبقاتي سسٽم جي خلاف ۽ برابريءَ جو علمبردار آهي.

ع.ق. شيخ مصور... تاريخ دان... حساس... صوفي... سوشلسٽ... عاشق
زاج (Feminist) آهي.

سائينءَ جي تحرير پڙهجي ٿي تہ محسوس ڪجي ٿو تہ هن جي نگاهہ
رپار گذري گهڻو ڪجهہ ڏسي ٿي ۽ اثر رکي ٿي. هُو نفسيات، سياست،
ذهب، سماج جي اونچ نيچ، طبقاتي روين، عشق و محبت، افسانو ۽
حقيقت، تصور خيال فڪر و نظر سڀ سموئي سگهي ٿو.

*



رضوان عمراڻي، محمد علي پٺي، سندن هڪ دوست، ع. ق. شيخ ۽
فتاح هاليپوٽو

## ڊاڪٽر محمد علي پٺي

✲

# ع.ق. شيخ: فن ۽ فنڪار

يادگيريون لکڻ جو فن اچي تہ ڪونہ ٿو پر جيڪو وقت ع. ق شي
صاحب سان گذاريو. اهو مون کي چڱي ۽ چٽيءَ طرح سان ياد آهي. جڏه
مان سنڌ يونيورسٽي ۾ فائن آرٽ جو شاگرد هوس. اها جستجو هوندي هئ
تہ سنڌ ۾ ڪهڙا آرٽسٽ ۽ مصور آهن. انهن جو فن ڏسڻ جو بيحد شو
هوندو هو. ع. ق شيخ صاحب ان وقت "ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج" ۾ آر
جي شعبي جو سربراهہ هو. ڪجهہ دوستن ذريعي ٽريننگ ڪاليج جي آر
ڊپارٽمنيٽ ۾ جڏهن سائين ع. ق شيخ صاحب سان پهرين ملاقات ٿي، تہ اه
بلڪل ائين ئي نظر آيو هو جيئن دوستن شيخ صاحب جي باري ۾ ٻڌايو ه
چاڪاڻ تہ انهيءَ وقت منهنجا فائن آرٽ جا دوست مختلف اسڪولن
آرٽ جا ٽيچر رهي چڪا هئا ۽ شيخ صاحب سان گهڻو وقت گذار
ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ۾ DTC ۽ MTC ڪري چڪا هئا ۽ شيخ صاح
سان گهڻو وقت گذاري چڪا هئا. تنهن ڪري هر وقت شيخ صاحب ج
باري ۾ ڳالهائڻ انهن جي هلڻ چلڻ کان وٺي سگريٽ پيئڻ جي انداز تائي
مان ع. ق شيخ صاحب جي شخصيت کان واقف ٿي چڪو هوس، پر جڏه
مان ٽريننگ ڪاليج ۾ ساٿس مليس تہ مون شيخ صاحب کي ائين ئي ڏ
جيئن اسان جا دوست ٻڌائيندا رهيا هئا.

نوراحمد ڪوجو

✡

# ع.ق. شيخ- ڪوهہ قاف شيخ

مون کي چٽي يادگيري آهي، هيرآباد ۾ جتي منهنجو ”ٽائيم فوٽو
اسٽوڊيو“ هوندو هو. ع.ق شيخ اُتي ڪٿي قريب ئي رهندو هو. آئون ڏسند
پيو هئس تہ تقريبن روز شام جو منهنجو اسٽوڊيو ڪراس ڪندي هو احم
ميڊيڪل اسٽور ڏانهن پيو ويندو هو جتان هو شايد ”ڪُپي“ وٺڻ ويندو ه
چاڪاڻ تہ شيخ صاحب جي مالي حالت اهڙي نہ هوندي هئي جو هو ڪ
سٺو ۽ ڪوالٽي وارو شراب افورڊ ڪري سگهي ۽ ڪُپي، چاڪاڻ تہ سست
هوندي هئي ان ڪري شايد شيخ صاحب جي پورائي ان مان ٿي ويند
هوندي.

_ تہ گمان گذري ٿو تہ هڪڙي عرصي کان، شيخ صاحب کي مون ائي
ايندي ويندي ۽ اهڙي روٽين ۾ تقريبن روز ڏٺو پئي. ان کان پوءِ آئون سمجها
ٿو تہ غالبن مراد علي مرزا صاحب شيخ صاحب کي منهنجي اسٽوڊيو ت
پهريون ڀيرو وٺي آيو هو. ظاهر آهي تہ ادب ۽ فنونِ لطيفہ سان منهنجو پڙه
جي حد تائين چاهہ تہ هو ان ڪري مراد صاحب ۽ ع.ق شيخ صاحب ڪ
شخصي طرح سان آئون اڳ ئي سڃاڻيندو هوس ۽ مراد صاحب سان ا
ناتي سان اڳ ئي منهنجي پراڻي واقفيت هئي ۽ ساڻس ملاقاتون ٿينديو
رهنديون هيون. مراد صاحب سان وري منهنجي پهرين ملاقات پريو ناش

گهاٽا گهرا ٽيندا وياسين. جو سيني موضوعن تي ڳالهائيندا هئاسين. ان زماني ۾ شيخ صاحب کي وڌيڪ ويجهو ٿيڻ ۾ پنهنجي قربت جي اظهار طور هن لاءِ آءُ. گُتي تان شراب جي بوتل بہ ڪڏهن ڪڏهن وٺي ايندو هوس. شيخ صاحب ظاهر آهي تہ جيڪا ڪُپي پيئندو هو اها پنهنجي مالي حالتن جي مدِنظر ئي پيئندو هو. جيڪا بلڪل سَستي ملندي هئي. علاوه ازين هڪڙي تہ منهنجي ان خدمت چاڪري ۾ ٻيو شيخ صاحب کي منهنجي ادبي ذوق جي خبر ۾ شعر و شاعري سان رغبت جو پتو پيو تہ هو مون کان هاٽي اڪثر ڪي شعر ٻڌڻ جي فرمائش بہ ڪندو هو (ان ڪري جو هن کي پاڻ گهڻو ڪري شعر وغيره ياد ئي ڪونہ رهندا هئا) زندگيءَ ۾ ڪي اهڙا شعر جيڪي مون. ع.ق شيخ صاحب کي ٻڌايا ۾ انهن مان جيڪو گهڻو هن کي پسند هو اهو پوءِ هن ياد بہ ڪري ڇڏيو هو ۾ اڪثر موقعي تي پاڻ بہ پڙهندو رهندو هو. ان شعر ٻڌائڻ جو بار بار موقعو ڪين ائين بہ ملندو هو جو ڪانئن جڏهن ڪو طبيعت ۾ صحت جي باري ۾ پڇندو هو يا چوندا هوس تہ توهين تہ فٽ فاٽ لڳا پيا آهيو زبردست!!... تہ ٻُڌي، يڪدم اهو منهنجو ٻڌايل شعر پڙهڻ شروع ڪري ڏيندو هو:

ہوش وحواس وتاب وتواں "میر" جا چکے،
اب ہم بھی جانے والے ہیں، سامان تو گیا۔

هن شعر کان قطع نظر. مون شيخ صاحب کي سدائين ڪٿ ۾ ڏٺو هميشہ ويل ڊريسڊ. هميشہ فل سوٽ ۾. ان جي هيٺان واسڪيٽ. ڳلي ۾ ٽاءِ ۾ اکين تي ريبن جو چشمو. مٿان بدن بيهڪ بہ شيخ صاحب جي سٺي هئي. ڇهري جا ڪٽس آرٽسٽڪ ۾ اندر ۾ موجود... هڪ باقائده آرٽسٽ. معنيٰ تہ پرسنيلٽي جي لحاظ کان. هو بهرحال هڪڙو گڊلُڪنگ ماڻهو هو ۾ مزاجن وري هو سخت همدرد Humble ۾ نهايت حساس سياءُ هوندو هو. ڏکوئيندو ڪڏهن بہ ڪنهن کي بہ ڪونہ هو. بلڪ ڪنهن کي ڏک ۾ ڏسندو هو تہ ڏکوئجي ويندو هو. پبلڪ اسڪول ۾ پوئين دور ۾ ريٽائرمينٽ وٺڻ کان پوءِ حميد سنڌي صاحب هن کي ان اسڪول ۾ آرٽ شعبي جو انچارج ڪري

رکيو هو. اتي پڻ هن جي آفيس (ڪلاس روم) ڏاڍو آرٽسٽڪ هوندي هئي. جتي ڪي شاگردياڻيون اينديون هيون ته، هڪڙو ته انهن کي اتي انهيءَ روم ۾ ڏاڍو آرٽسٽڪ ماحول ميسر ٿيندو هو ۽ ٻيو انهن کي پيئڻ لاءِ خوشبودار چانهه به آفر ٿيندي هئي. جيڪا شيخ صاحب اتي پنهنجن پئسن سان تيار ڪرائيندو هو. شيخ صاحب جي ان آرٽسٽڪ آفيس ۾ به خواتين ته هن جي ڏاڍيون ويجهو رهيون. هڪڙي (ڪهاڻيڪاره) فهميده بلوچ ۽ ٻي ان جي ننڊي ڀيڻ فرح بلوچ. اهي ٻئي خواتين پبلڪ اسڪول جي هاسٽل ۾ رهنديون هيون ۽ ڏاڍيون سلڇڻيون ڇوڪريون هونديون هيون ۽ وڏگهراڻي سان انهن جو تعلق هوندو هو. سندن والد صاحب جي ذوالفقار علي ڀُٽي صاحب سان دوستي هوندي هئي. اهڙيون تصويرون انهن نياڻين اڪثر اسان کي ڏيکاريون به هيون... ته شيخ صاحب به انهن نياڻين کي ڏاڍو ڀائيندو هو. مٿان اهي جڏهن اچي ويهنديون هيون ته انهن سان جڻ شيخ صاحب جي آرٽسٽڪ ڪلاس روم ۾ رونق به وڌي ويندي هئي. آءُ به شيخ صاحب سان ڪيئي ڀيرا اتي ملڻ لاءِ ويو هوندس. حميد سنڌي صاحب اتي پرنسپال هوندو هو ۽ مون کي ياد آهي ستر واري ڏهاڪي، جنهن ۾ رسالي "روح رهاڻ" ۽ "جشنِ روح رهاڻ" جا چوٻول هوندا هئا. "جشنِ روح رهاڻ" جي هڪ اهڙي شاندار تقريب اسان پنهنجي اباڻي ڳوٺ تلهار ۾ به منعقد ڪئي هئي. هن جشن ۾ رسول بخش پليجو صاحب، حميد سنڌي صاحب، پروانو ڀٽي صاحب، نياز همايوني صاحب ۽ ٻيا به ڪيئي اهم شاعر ۽ اديب ان جشن ۾ اچي شريڪ ٿيا هئا. خير... مون ڳالهه ڪئي پئي ته ع. ق شيخ صاحب نهايت حساس هوندو هو ۽ جنهن زماني ۾ هُو پبلڪ اسڪول ۾ هو هڪ ڏينهن هن فون تي (هو اڪثر فون تي نهايت مختصر گفتگو ڪندو هو) ڪنهن سان ڳالهائي رهيو هو ته هڪ محترم شخصيت هن کي فون تي ڳالهائيندي ڏسي ٽوڪيندي چيو هو ته، "بس ڪيو شيخ صاحب! بند ڪيو فون...!" شيخ صاحب ان ڳالهه جو ذڪر ڪيئي ڀيرا ذڪ مان مون سان ڪندو رهندو هو. ان واقعي ٻڌائڻ جو مقصد اهو آهي ته شيخ صاحب ڏاڍو

جڏهن ستر واري ڏهاڪي ۾ مصوريءَ ۾ ڊپلوما ڪرڻ لاءِ پاڻ لنڊن ويو
تہ برسٽل ۾ هن کي چار سال رهڻ جو موقعو مليو. هن کي مغربي دنيا جي
مشاهدي وڏي ذهني وسعت ڏني، ذهني طرح سان اتان نهايت روشن خيال ٿي
آيو. بيحد سٺي نثر لکڻ تي هن کي اڳ ئي عبور حاصل هو. جنهن جو ثبوت
هن جو ڪتاب ”تاريخ اندلس“ آهي. هي ڪتاب نهايت ضخيم تاريخي
ڪتاب آهي ۽ تاريخ جي موضوع تي Grip ۽ جاڻ سان لکيو ويو آهي. شيخ
صاحب هن ڪتاب ۾ ”تاريخ اندلس“ کي ائين ناهي بيان ڪيو جيئن
روايتي نموني سان ٻين مؤرخن ان کي بيان ڪيو آهي. بلڪ ائين چوان تہ
پاڻ ان کي هڪ خاص نقطءِ نگاهہ سان تحرير ڪيو آهي. سندس نثر جو
انداز بہ هن ڪتاب ۾ دلڪش آهي ۽ پڙهڻ وٽان آهي، ڪهاڻيون تہ شيخ
صاحب 1946ع کان ئي لکڻ شروع ڪري ڏنيون هيون ۽ ان ڏس ۾ خاص
ڪري سندس ڪهاڻي ”حيدرآباد 1947ع “ اڄ بہ تروتازه ڪهاڻيءَ جي روپ
۾ اسان جي آڏو آهي ۽ لڳي ٿو تہ اُها اڄ جي حالتن تي ئي لکي وئي آهي. ان
ڏس ۾ هن جنسي موضوعن تي بہ ڏاڍا مختصر پر ڏاڍا چُونڊ افسانا لکيا آهن
جن ۾ ڪي سندس ڪهاڻين جي مجموعي ”محبت جي راهہ تي“ ۾ موجود
آهن، شيخ اياز پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکيو آهي تہ سنڌي افساني ۾ اهڙي
جرئت ع.ق شيخ ئي ڪئي آهي. جيتري قدر منهنجو مطالعو آهي شيخ
صاحب، ان موضوع کي هڪ سبجيڪٽ طور افسانن ۾ ”ڊسڪرائب“ ڪيو
آهي. هُو چوندو هو ماڻهن جا ڏک سک، ترقي، تنزلي، ذاتي ڪردار ۽ گفتگو
جو گهڻي ڀاڱي، بُڻ بنياد، ان ئي شئي تي آهي، ان ڪري، ان موضوع تي
افسانن جي ذريعي سجاڳي ڏيڻ جي بيحد ضرورت آهي.

جيتري قدر شيخ صاحب جي مصوريءَ جي ڳالهہ آهي تہ ياد پيو اچيم تہ...

شيخ صاحب سان جنهن زماني ۾ منهنجي شناسائي شروع ٿي هئي
هن جي پئنٽ ڪرڻ وارو پيرئڊ البتہ پڄاڻيءَ ڏانهن وڌي رهيو هو ۽ هن جا
ڪينواس گهر مان گم ٿيندا پئي ويا ۽ گهر ۾ يا ان بيٺڪ واري ڪمري اندر
پيالين ۾ رنگ سُڪندي ۽ برش هيڏانهن هوڏانهن وکرندي مون اڪثر ڏٺ

هئا. ان زماني ۾ شيخ صاحب هاڻي صرف آرٽ ٽيچر وجي رهيو هو ۽
اسڪول ليول وارن ٻارن جي فني سِکيا پيو ڪندو هو. جيتري قدر سندس
ماضيءَ واري آرٽ جو تعلق آهي تہ ان بابت منهنجو مشاهدو هو تہ هن جي
آرٽ ۾ تاثريت پسندي ۽ تجريديت جو تڇ مون کي گهڻو نظر آيو هو.
هڪڙي پيري پڇيومانس، توهان جي نظر ۾ وڏو آرٽسٽ ڪير آهي؟ تڏهن
چيو هئائين، هونئن تہ دنيا ۾ ڪيئي وڏا مصور آهن: مثال طور وان گاگ،
ليونارڊو ڊاونچي وغيره پر مون کي سڀ کان وڌيڪ جيڪو آرٽسٽ پسند
آهي ۽ متاثر بہ ڪيو اٿس، اهو آهي روسي آرٽسٽ "ريپن". پوءِ منهنجي
اصرار تي هڪ ڏينهن نہ فقط ٻاڻ مون کي ان آرٽسٽ جا فني شهپاره
ڏيکاريائين، پر گڏوگڏ ان آرٽسٽ جي باري ۾ هڪ ڪتاب بہ ڏنائين جيڪو
بعد ۾، شيخ اياز صاحب مون کان، گفت طور وٺي ڇڏيو هو.

۽ هاڻي مون کان قصو ٻڌو شيخ صاحب جي گهرن جو. "بابن شاهہ
ڪالوني" ۾ وڃي رهائش اختيار ڪرڻ کان اڳ، هيرآباد ۾ شيخ صاحب
جنهن گهر ۾ رهندو هو، اول تہ اهو ڪنهن مهاجر کي ڪِلَيم ۾ مليل هو ۽ ٻاڻ
ن ۾ بطور مسواڙيءَ جي رهندو هو. اهو گهر بعد ۾ جڏهن ان گهر جي مالڪ
وڪڻڻ چاهيو تہ شيخ صاحب پنهنجي ڀاڻيجيءَ (جنهن کي ماءُ پيءُ مري
وڃڻ سبب هن ئي پاليو نپايو ۽ پڙهايو هو ۽ جيڪا پڙهي لکي ڊاڪٽر ٿي ۽
سعودي عرب هلي وئي هئي ۽ اتي وڃي هُو خوشحال ٿي ۽ هڪ غير سنڌيءَ
سان شادي ڪري ڇڏي هئائين.) اها نياڻي ڇاڪاڻ تہ خوشحال هئي. شيخ
صاحب کيس خط لکيو تہ مالڪِ مڪان هي گهر وڪڻڻ چاهي ٿو ۽ مون وٽ
ڇاڪاڻ تہ ڏوڪڙ ناهن، تون خريد ڪري وٺ ۽ دستور مطابق جيڪا مسواڙ
ڀيندي اها تنهنجي نالي سان بئنڪ ۾ آءٌ جمع ڪرائيندو رهندس. آءٌ گواهہ
آهيان تہ هُو ائين ئي ڪندو رهيو. اها ڊاڪٽر ڀاڻيجي، هڪ ڏينهن سعودي
عرب مان آئي ۽ پنهنجي گهر وارِي جي اصرار تي، ان گهر کي وڪڻڻ
چاهيائين، شيخ صاحب جي سمجهائڻ جي باوجود هُوءَ بضد رهي ۽ ائين
بيٺ شيخ صاحب کي اهو گهر ڇڏي، هاڻي بابن شاهہ ڪالونيءَ واري ان

پروفيسر نظير قاسمي

✡

# ع.ق. شيخ: منهنجو سائين

موبائيل فون جي گهنٽي وڄي ٿي ۽ اسڪرين تي نصير مرزا جو نا
اچي ٿو فون رسِيو ڪرڻ تي نصير جي مخصوص ۽ پنهنجائپ واري اندا
۾ ”يار نظير! ع.ق شيخ صاحب تي مضمون/ آرٽيڪل ڪپي“ وارو جما
ٻڌان ٿو.

ع.ق شيخ...! نالو حيرت منجهان ورجايان ٿو ۽ نصير ورنديءَ ۾ چو
ٿو ها، ع.ق شيخ. سوال ٿو ڪريان تہ شيخ صاحب ڪيئن ۽ ڪنهن ڪي ي
آيو؟ ڇو جو اهڙن ماڻهن ڪي زندگيءَ ۾ ايترو مانُ نہ مليو جيتري جا هُو حقد
هئا، تہ دنيا مان وڃڻ ڪان پوءِ ڪين ڇو ۽ ڪير ياد ڪندو.

نصير چوي ٿو تہ آغا سليم صاحب ياد ڏياريو آهي ۽ ڇپيو اٿائين تہ ع.
شيخ صاحب تي ڪتاب تيار ڪري ڏي.

نصير پارِان ع. ق شيخ صاحب تي آرٽيڪل جي گُهر، مون ڪي نندي
جي يادگيرين ۾ وٺي ٿي وڃي، منهنجي اسڪولي تعليم (مانٽيسوري ڪ
نائين ڪلاس تائين) ٽريننگ ڪاليج فار مين سان لاڳاپيل اسڪول ۾
آهي. ان اسڪول ۾ منهنجي خاص دلچسپيءَ وارين جاين مان اولهہ طر
سرفراز چاڙهيءَ واري پاسي موجود هڪ ڪنڊائتي ٻاڙهين سرن وارو گهر آه

آواز ڳلي ۾ ٿئي قاتل آهي، پر ڪنڌ سان هائوڪار ڪريان ٿو ۽ همٿ ڪري نالو ٿو پڇانس. جواب ٿو ملي تہ قاسمي صاحب ڪي هدايو تہ ع. ق شيخ ملڻ آيو آهي.

بابا، مصوريءَ لاءِ منهنجي چاهہ ڪي ڏسندي، شيخ صاحب سان منهنجو تعارف ٿو ڪرائي، شيخ صاحب مسڪرائيندي ڪجهہ سوال ٿو ڪري، تنهن کان پوءِ بنيادي رنگن ۽ انهن مان نهندڙ ٻين رنگن جي ڄاڻ ٿو ڏي، گڏوگڏ اها هدايت بہ ٿو ڪري تہ ڪتاب ”اسان جي مصوري“، (جنهن جو مترجم شيخ صاحب آهي) وٺي پڙهو ۽ ان ۾ موجود ڳالهين تي عمل ڪريو. اهو ڪتاب اڄ بہ مون وٽ موجود آهي.

اها هئي، ع.ق شيخ صاحب سان روبرو پهرين ملاقات!

شيخ صاحب جي چترن ۽ ڊزائنس سان تہ واقفيت گهڻو اڳ جي هئي. مصوريءَ جي جيتري ڄاڻ اٿم، تنهن جي آڌار تي چئي ٿو سگهان تہ شيخ صاحب جي چترن ۽ ڊزائينس ۾ سادگي ۽ انفراديت موجود آهي ۽ انهن ۾ سنڌيت جو عڪس وڌيڪ چٽو نظر اچي ٿو.

ع. ق شيخ جو ڪيل ڪم آئل ڪلر ۾ هجي يا واٽر ڪلر ۾، انڪ ورڪ هجي يا وري پيسٽل ورڪ، هر لحاظ کان منفرد نظر اچي ٿو سندن چترن ۾ نيرو ۽ ڳاڙهو رنگ، ٻين رنگن کان سرس نظر ايندو آهي. اهي ٻئي رنگ اسان جي ثقافتي سڃاڻ، اجرڪ جا بہ رنگ آهن.

مهراڻ رسالي جا پراڻا پرچا کڻجن يا ادبي بورڊ جا ڇپيل ڪتاب ع ق شيخ جي هنر ۽ اسٽائيل سان سينگاريل نظر ايندا.

شيخ اياز صاحب جي شاعريءَ جي شروعاتي ٻن مجموعن جا ٽائيٽل ع .ق، شيخ صاحب جي پيسٽل ڪلر ۾ تاهيل اعليٰ ڪمال جي عڪاسي پيش ڪن ٿا.

وقت گذرندو ويو شيخ صاحب، ٽريننگ ڪاليج مان رٽائر ڪرڻ کان پوءِ پبلڪ اسڪول حيدرآباد سان لاڳاپجي ويو. جيتوڻيڪ شيخ صاحب جي صحت ۽ ڄمار ان لائق نہ هئي تہ هُو ايترو پورهيو ڪري، پر هُو حالتن هٿان

1975ع ڌاري، جڏهن ”گلن جهڙا ٻارڙا“ تنظيم پاران سنڌ جي جونيئر آرٽسٽن جي نيشنل سينٽر تلڪ چاڙهي حيدرآباد ۾ تصويرن جي نمائش ۽ مقابلو منعقد ٿيو تنهن جا جج، ع. ق شيخ صاحب ۽ ظفر ڪاظمي صاحب هئا ۽ منهنجي خوشقسمتي جو انهن شخصيتن منهنجي ڪم جي واکاڻ ڪئي ۽ ٻئي انعام جو حقدار مون کي قرار ڏنو ويو.

1981_82 ڌاري سنڌ جي سينيئر ۽ جونيئر آرٽسٽن هڪ پليٽ فارم ”سنڌ آرٽسٽ گلڊ“ نالي سان قائم ڪيو. ان گلڊ جي اهتمام هيٺ ٽريننگ ڪاليج فار مين ۾ يادگار تصويرن جي نمائش ٿي هئي. تنهن ۾ ع.ق شيخ، گل محمد کتري، علي اڪبر سومرو، فتاح هاليپوٽو محمد علي پٺي، آغا نادر، منور ميمڻ، منصور عالم ابڙو وغيره سان گڏ منهنجو ڪم به ڊسپلي ٿيو هو.

ع. ق شيخ صاحب سان منهنجي محبت ۽ عقيدت واري حد تائين هئي ۽ آهي ۽ ياد اٿم ته شيخ صاحب جو انڪ ورڪ ۾ اسڪيچ، امداد حسيني صاحب کي، جڏهن پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو مهراڻ رسالي ۾ ڇپڻ لاءِ ڏنو هئم، پاڻ چيائون ته بهتر ٿيندو ته اسڪيچ، آرٽيڪل يا مضمون سان گڏ ڇپجي، افسوس جو نه آرٽيڪل مليو ۽ نه ئي اسڪيچ ڇپيو ۽ پوءِ اهو ادبي بورڊ جي ڪاٺ ڪٻاڙ ۾ گم ٿي ويو.

ع. ق شيخ لاشڪ هڪ تاريخ هو ۽ جيڪڏهن سندس پورهئي جي ڪٿ ڪئي وڃي ته هُو سڀ کان مٿيرو ۽ منفرد نظر ايندو.

ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته ع. ق شيخ صاحب جي ڪيل ڪم کي هٿيڪو ڪيو وڃي، پوءِ اهو جتي به هجي، آپا نجمه شيخ صاحبه (شيخ صاحب جي نياڻي) ان ڏس ۾ ڪافي ڪوششون ورتيون به آهن، ان کي گڏ ڪري شيخ صاحب جي نالي سان ”ع. ق شيخ آرٽ گئلري“ ۾ Display ڪيو وڃي ته جيئن ايندڙ نسل ان مان رهنمائي وٺي سگهي.

٭

ع.
ق.
شيخ

**خادم حسين بلوچ**

✲

# رنگن جو رانديگر

ع . ق. شيخ جو پورو نالو عبدالله ولد قادر بخش شيخ هو. هي سنڌ جو
وف مصور ۽ اديب ٿي گذريو آهي. سندس ولادت 8 مارچ 1914ع تي ٽر
هڪ ننڍڙي ڳوٺ گدڙو ۾ ٿي.

ع. ق. شيخ ٿوري تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ زراعتي کاتي ۾ نوڪري
ي، ٻن ٽن سالن کان پوءِ کيس ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڊرائنگ ماستريءَ جو
ـ ملي ويو. ان جي ٽريننگ لاءِ هن کي انهيءَ زماني ۾ هندستان جي
ور اداري سر جي. جي. اسڪول آف آرٽ بمبئيءَ ۾ وڃڻو پيو. اتان هڪ
جي ٽريننگ ڪري 1939ع ۾ واپس موٽي آيو. وڌيڪ فن سکڻ لاءِ
1ع ۾ وري بيهر ساڳئي اسڪول ۾ داخلا ورتائين. پر ڏيڍ سال کان پوءِ
جي بيماري سبب واپس هليو آيو ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول
ورخاص ۾ ڊرائنگ ماستر مقرر ٿيو. جتان سندس بدلي، ٽريننگ
ليج فار مين حيدرآباد ۾ ٿي. هتي هُو ڊرائنگ ٽيچر ۽ ميوزم جو انچارج
حيدرآباد ۾ رهندي شيخ صاحب مئٽرڪ، بي اي، ايم اي ۽ ايل ايل بي
متحان پاس ڪيا ته لئبريري سائنس ۾ ڊپلوما پڻ حاصل ڪيو. انهيءَ
ر سنڌ تعليم کاتي طرفان سن 1960_61ع ۾ کيس هڪ سال لاءِ انگلينڊ

ڪوهه
قاف
شيخ



ع.ق. شيخ

موڪليو ويو جتي ويسٽ آف انگلينڊ اڪيڊمي آف آرٽس بر
يونيورسٽي ۾ فن جي وڌيڪ سکيا حاصل ڪيائين.

ع.ق شيخ سڄي عمر قلم، ڪاغذ، رنگ ۽ برش سان وڙهي جدو.
ڪندي، غربت ۽ سادگيءَ واري زندگي وڏي شڪر ۽ اصول سان گذا
جيتوڻيڪ وڏي ڄاڻ هوندي، علم و فن جي مڃيل شخصيت هوندي بہ .
اصل مقام ملي نہ سگهيو هر دور جي حڪومتن سندس لياقتن جو قد
ڪيو ۽ سندس اعليٰ صلاحيتن کي عوام آڏو اُجاگر ٿيڻ جو موقعو نہ مليو
پوءِ بہ هن ڪڏهن ان جي پرواهہ نہ ڪئي ۽ پنهنجي دنيا ۾ پنهنجي واٽ و
سفر جاري رکندو آيو.

ڪيس ڪوَر ڊزائين ٺاهڻ ۾ مهارت حاصل هئي. سنڌي ادبي بورڊ، س
الاجي، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۽ ٻين ڪيترن ئي ادارن جي ڪتابر
مهراڻ رسالي جون ڪور ڊزائينس سندس فني ڪاريگريءَ جو ثبوت آهن

ع. ق. شيخ مصور سان گڏ اديب بہ هو. افسانوي ادب سان خا
دلچسپي هئس، هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون. ان کان علاوه مخت
موضوعن تي نثر ۾ ڪجهہ ڪتاب لکيائين جن جا نالا هن ريت آهن:

کِهہ - ڪٿوري، اسان جي مصوري، داستان اندلس، تاريخ اسـ
سماجي اڀياس، سنڌي سٽون ڪتاب، نازو روح رهاڻ ۽ محبت جي راهہ
وغيره.

❊

دادا سنڌي

✡

## اسان جا سنڌي مصور

سنڌي سونهاري ۾ مصورن جي کوٽ نہ آهي، هت هر دور ۾ ڪيترائي
ـور پئدا ٿيندا پئي رهيا آهن. جن سنڌي تهذيب ۽ تمدن جي، گونا گون
ڪشين کي مصوري جي رستي منظر عام تي آندو آهي. سنڌ جي تهذيب
تمدن سان سنڌ جي فنڪارن کي هميشہ محبت پئي رهي آهي. ماضي
ـب ۾، اسان وٽ مستر جئسواڻي، پوجواڻي ۽ واسواڻي عظيم فنڪار هيا،
ن جهڙا فنڪار بقول ع. ق شيخ شال "سنڌ پئدا ڪري". جديد دور ۾ بہ
ڪيترائي سنڌي فنڪار، پنهنجي عظيم الشان تهذيب ۽ تمدن جي
ڪاسي ۽ ترجماني ڪري رهيا آهن. انهن وٽ قوم لاءِ پيار بہ آهي تہ فني
لاحيتون بہ آهن – هتي ڪن سنڌي مصورن جو تعارف پيش ڪجي ٿو:

(1) ع. ق شيخ: سنڌ جو مشهور افسانہ نگار ۽ بهترين ڊزائنيون تيار
ڪندڙ مصور، محترم ع – ق شيخ سنڌ جو جاتل سڃاتل چترڪار آهي. هو
ـدائي تعليم ڪانپوءِ ڪنڊياري ۾ ايگريڪلچر ڪاتي ۾ گهڙيو. ڪجهہ
ت کان پوءِ مني ۾ ڊرائنگ ماستر مقرر ٿيو. 1938 ۾ بمبئي جي "ڪيترس
ـنٽيٽيوٽ" مان امتيازي حيثيت سان، ٽريننگ ڪري ميرپور خاص ۾
ـٽنگ ماستر مقرر ٿيو. بمبئي مان وري ڊپلوما ڪرڻ بہ ويو، مگر ڪن

ڪوهہ قاف شيخ

جي فڪر ۽ احساس سان گڏ سنڌي ڪلچر بہ نمايان ٿئي ٿو. انهن تصويرن ۾ جذبي ۽ احساس کي تحرڪ جي صورت ۾ آندو ويو آهي. سندن فن مان هن مصور جو مستقبل روشن نظر اچي ٿو. جنهن مان سنڌي ثقافت کي وڏو فائدو رسندو.

هنن مصورن کان سواءِ بيا بہ ڪيترائي نوجوان چترڪار پنهنجي فن سان سنڌي تهذيب جي عڪاسي ڪري رهيا آهن. جن جون خدمتون بہ رنگن جي دنيا ۾ هميشہ زنده رهنديون.

[سلسلي وار "تندتنوار" پريات آرٽ پبليڪشن. ڦليلي حيدرآباد جي ٽورن سان. مرتب: نثار حسيني. آگسٽ 1970]

*



ع. ق. شيخ جي استعمال هيٺ آيل بُرش

**تاج صحرائي**

✡

# ع.ق. شيخ

ڪنهن بہ وڏي يا ننڍي ماڻهوءَ جو ڏينهن ۾ ورسي ملهائڻ جو مقصد اهو هجڻ گهرجي تہ، ان ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي حالتن، واقعن، حادثن، وارداتن، ڪمن ڪارين ۾ ڪارنامن تي روشني وجهي، انهن جي ياد کي تازو ڪيو وڃي. مرحوم جي پيغام تي عمل ڪيو وڃي ۾ هن جي ڏيکاريل واٽ تي ڪي قدم ڪٽي، منزل ڏانهن وڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي يا مرحوم جي رهيل ڪم ۾ مقصد کي پورو ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ هر ڪنهن کي حق آهي تہ چوي، نشستن، گفتن، خوردند و برخاستند يعني سڀ ڪجهہ بي معنيٰ، بي مقصد ۾ بي نتيجي.

اسان اڄ هتي محترم ع. ق. شيخ مرحوم جي ڇهين ورسي ملهائي رهيا آهيون، مرحوم شيخ صاحب جي گهرو زندگيءَ تي تہ فقط شيخ صاحب جي گهراڻي جي ڀاتين کي ڳالهائڻ جو حق آهي. سندس ٻاهرين زندگيءَ بابت سندس گهٽگهرو پيارو ۾ ڏک سک ۾ حال ڀائي دوست محترم سائين محمد ابراهيم جويو ميان مراد علي مرزا صاحب، محترم محمد علي پٺي، محترم عبدالفتاح شرجيل، محترم عاشق عارباڻي ۾ ٻين ڏاڍو سنو ڳالهايو آهي. مان هتي حُڪم جي پوئواري ڪندي، شيخ صاحب جي هڪڙي ڪتاب تي

ڪي اکر، لفظ ۽ جملا ڳالهائيندس. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل مصوريءَ جي فن تي جيڪو ڪتاب هن مهل تائين منهنجي مطالعي ۾ آيو آهي. سو آهي، 'اسان جي مصوري'.

اهو ڪتاب اردو زبان ۾ اردو اڪيڊمي سنڌ وارن سيپٽمبر 1945ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. ڪتاب ۾ 129 صفحا آهن ۽ قيمت ڪل ڇهه ربيا چاليهه پئسا اٿس.

اردوءَ ۾ اهو ڪتاب، گورنمينٽ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ڪراچيءَ جي هڪ استاد جناب خواجه منظور احمد صاحب لکيو آهي ۽ ان جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو محترم ع. ق. شيخ مرحوم ڪيو هو. هڪ درسي ڪتاب آهي ۽ هن وقت شايد ته ناپيد آهي، ڪتاب هيٺين ترتيب سان لکيو ويو آهي:

| | | |
|---|---|---|
| 1 | پنهنجي پچار | 11 صفحا |
| 2 | ڊرائنگ جو سامان ۽ استعمال | 24 صفحا |
| 3 | لطيف فن ۽ اسان جي زندگي | 70 صفحا |
| 4 | مصوري جي ڪهاڻي | 20 صفحا |
| 5 | مصوري جي فن جا بنيادي جزا | 43 صفحا |
| 6 | حقيقت نگاري يا ظاهري مصوري | 22 صفحا |
| 7 | باطن نگاري يا اظهاري مصوري | 17 صفحا |
| 8 | آرائشي وسيلا | 20 صفحا |

ڪتاب ۾ آرٽ پيپر تي 31 صفحا رنگين تصويرن جا شامل ڪيا ويا آهن. جن ۾ گل، ٻوٽا، پکي، جانور انسان، وڄت جا ساز ۽ فني زندگيءَ جون تمام سهڻيون ۽ زيبائتيون شڪليون ڏنيون ويون آهن. باقي قدرت جي نظارن انڊلٺ ۽ پاڻيءَ ۾ رهندڙ زندگيءَ جي ڪا هڪ به تصوير ۽ شڪل نه ڏني وئي آهي.

ڪتاب ۾ ڪن ماهر مصورن جي زندگيءَ جو احوال ته ڏنو ويو آهي، پر انهن مان ڪنهن هڪ جي ڪا به تخليق، نموني طور نه ڏني وئي آهي.

عبدالرحمان چغتائي، استاد الهہ بخش، زبيده آغا ۽ صادقين جو احوال پيش ڪيو ويو آهي. ڪتاب ۾ زين العابدين، ايس احمد ۽ انوارالحق جون تخليقون پيش ڪيون ويون آهن ۽ هڪ تخليق زبيده آغا جي بہ شامل آهي.

هن ڪتاب جا مکيہ مفيد ۽ وڏيڪ معلوماتي بہ باب آهن:

1. لطيف فن ۽ اسان جي زندگي
2. مصوري جي ڪهاڻي

انهن ٻنهي بابن مان ڪي ٽڪرا هيٺ پيش ڪجن ٿا:

**فن ۽ زندگي:**

"اوهين جيڪڏهن ڪنهن قوم ۽ ملڪ جا فني شاهڪار ڏسو ٿا تہ انهن جي وسيلي انهيءَ قوم ۽ ملڪ جي ماڻهن جي زندگي ۽ سندن دماغي لاڙن جي خبر پوي ٿي. انهن جي فن ۾ جيڪڏهن اوهين ڪي خوبيون ڏسو ٿا تہ پنهنجي خيال ۾ ڪم ڪي سڌاريو ٿا. اهڙي طريقي تي ٻين سان خوشگوار تعلقات پيدا ٿين ٿا ۽ اهڙي معلومات جي وسيلي انسانيت، اخوت ۽ همدرديءَ جو جذبو پيدا ٿئي ٿو تنهن کان سواءِ انهن کان سبق سکڻ جو وجهہ پڻ ملي ٿو. انهيءَ ڪري ذاتي ۽ اجتماعي زندگيءَ کي وڏيڪ سڌاري سگهجي ٿو. انهن ڳالهين ڪري اسين نہ رڳو پنهنجي وطن جا، پر ساري دنيا جا بهترين باشندا ٿي ٿا سگهون.

مصوري جي تخليقي مصروفيت ۾ دل کي محسوس ڪرڻ لاءِ، دماغ کي سوچڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ۽ هٿن کي دل ۽ دماغ جي صحيح ترجماني ڪرڻ جو موقعو ميسر ٿئي ٿو.

**مصوريءَ جي تاريخ:**

"مصوريءَ جي ڪهاڻي ايتري پراڻي آهي، جيتري خود دنيا جي قومن جي تاريخ، انساني فطرت ابتدا کان ئي مصوريءَ ڏانهن مائل آهي. انسان پنهنجي اڻ جاڻائي واري دور ۾ پڻ پنهنجي هن فطري تقاضا جو هڪ نہ ٻئي نموني اظهار ڪيو آهي. غارن جي ڀتين واريون تصويرون انهيءَ حقيقت جو جاڳندو مثال آهن.

شروعاتي دور جي فني نمونن مان اها خبر ٿي پوي ته انسانن اهي شيون مذهبي عقيدن ڪري ٺاهيون. مصر، روم، يونان ۽ بابل کان وٺندي انڊو پاڪستان جي قديم نقاشيءَ مان رڳو اهو هڪڙو جذبو ظاهر ٿئي ٿو.

انگريزن جي اچڻ کان پوءِ مغل، راجستاني ۽ پهاڙي طرز واري مصوريءَ کي ڌڪ لڳو. انگريزن جي سياسي شطرنج بازي انهن کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو. انگريزن بمبئيءَ ۽ ڪلڪتي ۾ آرٽ اسڪول کوليا، جتي مغربي اصولن مطابق آرٽ جي تعليم ڏني ويندي هئي.

هن وقت پاڪستان جو فن، مصوري توڙي خطاطي، هڪ هنگامي دور مان گذري رهيو آهي، اهو غلط نه ٿيندو جو اسين هن دور کي نئين ۽ پراڻي طرز جي ڪشمڪش جو زمانو چئون. نوجوان فنڪار پراڻن فني نظرين کي ڇڏي، جديد تخليقي آرٽ جي تجربن ۾ مصروف آهن.

بهرحال ڪتاب اسان جي مصوري هڪ سٺي ڪوشش آهي، جيتوڻيڪ ان ۾ اصلاح جي ڪافي گنجائش آهي.

سچ ته شيخ صاحب حليم ۽ مانيٺي طبيعت جو مالڪ ٿڌي مزاج وارو انسان هو. شيخ صاحب سونپيل ڪم کي عبادت سمجهي پورو ڪندو هو. شيخ صاحب، اسان وانگر زماني جو ماٺو نه هو. هُو ڏاهو هو. سچ ڳالهائڻ ۽ سچ ٻڌڻ پسند ڪندو هو:

پلئه پايو سچ، آچيندي لڄ مران

⁂

ڪوهه قاف شيخ

ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل

☼

# ع.ق. شيخ: حيات ۽ خدمتون

سنڌ جي برک مطصور اديب ۽ ليکڪ ع.ق شيخ مرحوم جي ائين ورسي جي موقعي تي اسين هتي گڏ ٿيا آهيون ته جيئن شيخ صاحب جي علمي، ادبي ۽ مصوريءَ جي دنيا ۾ ڪيل خدمتن تي کيس خراج عقيدت پيش ڪري سگهون.

ع.ق شيخ جو پورو نالو عبدالله ولد قادر بخش شيخ هو پر پاڻ کي هميشه ع. ق. شيخ سڏائڻ پسند ڪندا هئا.

شيخ صاحب ضلعي ٿرپارڪر جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڳڊڙي ۾ 8 مارچ، 1914ع تي ڄائو. سندن والد محترم مولوي قادر بخش پرهيزگار ۽ متقي انسان هو. سندن مشغلو حڪمت هو ۽ تعليم و تدريس سان به سندس واسطو هو. اهو ئي سبب هو جو شيخ صاحب جي ابتدائي تربيت ۽ نشونما پنهنجي والد محترم جي زير نگراني ٿي ۽ قرآن شريف جو درس ۽ ديني تعليم به وٺائن ورتائين. ان بعد پرائمري تعليم ٽنڊي سومري ۽ ٽنڊي الهيار ۾ ورتائين. شيخ صاحب جو ننڍي هوندي کان ئي فن ۽ ادب ڏانهن لاڙو هو. هو لکي پيو ڪتاب پڙهندو هو ۽ ابتا سبتا ليڪا ڪڍي پيو انهن ۾ رنگ ڀريندو هو يا تصويرون پيو ٺاهيندو هو. شيخ صاحب جڏهن هاءِ

خلاقيءَ سان ملندو هو. سيني سان کيس بي لوث پيار هو. سندس روزمره جي زندگي وڏي منظم هئي.صبح جو سوير اٿندو هو. عبادت بعد ورزش ڪندو هو. پاڻ وهنجي سهنجي نيرن ڪري پوءِ ڊيوٽي تي هليو ويندو هو. سمهڻ مهل تسبيح ضرور پڙهندو هو. سمهڻ کان اڳ گهر جون بتيون وسائي، دروازن تي تالا ڏئي، گهر جي پکڙيل سامان کي هڪ پاسي ڪري پوءِ سمهندو هو. شيخ صاحب پنهنجي خاندان جي دل کولي مدد ڪئي، پائرن پينرن، پائيٽن پاڻيجن کي پڙهائي روزگار تي لڳايو. اولاد سان کيس والهانہ محبت هئي.

شيخ صاحب جي خاص دوستن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي مرحوم، غلام محمد گرامي مرحوم، رشيد ڀٽي مرحوم، مراد علي مرزا، سائين محمد ابراهيم جويو الياس عشقي مرحوم، يار محمد پنهور، گل محمد کتري مرحوم، شيخ اياز مرحوم جا نالا قابل ذڪر آهن.

ع. ق شيخ مرحوم جو لکيل عظيم شاهڪار ”داستان اندلس“ آهي. هن ڪتاب جي لکڻ لاءِ مواد گڏ ڪرڻ ۽ ڪتابي صورت ڏيڻ ۾ تقريبن شيخ صاحب ڏهہ سال لڳايا. ”داستان اندلس“ وڏي سائيز جي 736 صفحن تي مشتمل آهي، هن ڪتاب جا ڪل يارهن باب آهن. هي ڪتاب اندلس جي مسلمانن جي عروج و زوال جو داستان آهي. شيخ صاحب جنهن محنت ۽ جستجو سان هي داستان لکيو آهي. انهي مان اهو صاف واضح ٿئي ٿو تہ شيخ صاحب جو مطالعو بي حد وسيع هو ۽ تاريخ تي بہ کيس دسترس حاصل هئي. تاريخي واقعات، تاريخي پس منظر ۾ دلچسپ انداز ۾ بيان ڪيل آهن. ڪتاب ۾ ٻوليءَ جي رواني، فصاحت ۽ بلاغت جو عالمانہ انداز اظهار ڪيو ويو آهي.

تاريخ اسلام تي سنڌي ٻولي ۾ جيڪي بہ ڪتاب لکيا ويا آهن. انهن ”داستان اندلس“ کي، بهترين ڪتاب چوڻ ۾ قطعن وڌاءُ نہ ٿيندو.

اندلس ۾ مسلمانن اٺ سو سال حڪومت ڪئي. مسلمانن جنهن رواداري ۽ ڪشاده دلي جو مظاهرو ڪيو انهي جو مغربي مورخ بہ اعتراف ڪن ٿا. اسپين کي مسلمانن پنهنجو وطن سمجهي، ملڪ کي ترقيءَ جي

شاهراهہ تي ڳامزن ڪيو. فنونِ لطيف جو هر پهلو ادب، موسيقي، نقاشي ۽ عمارت سازي، تاريخ، طب، سائنس ۽ فلسفي ايڏي تہ ترقي ڪئي جو انگلينڊ، فرانس، جرمني ۽ يورپ جي ٻين ملڪن مان لاتعداد ماڻهو اسپين جي تعليمي ادارن ۾ اچي علم حاصل ڪندا هئا. ان وقت اسپين اعليٰ تعليم جو عظيم مرڪز هو ۽ علم هيئت، علم نباتات، تاريخ، فلسفو قاعدو قانون، طب ۽ جراحي جا شعبا اسپين ۾ هئا جتي اعليٰ تعليم جو بهترين انتظام هو. پوک ۽ زرعي آبادي جا طريقا، جهاز راڻي، ڌاتو سازي، جڙت ۽ اُڪر جو ڪم، نفيس ۽ ناياب ڪپڙا، مسلمان هنر مندن جي نگراني ۽ سرپرستي ۾ هتي شروع ڪيا ويا ۽ آهستي آهستي اسپين نين ايجادن جو مرڪز بڻجي ويو.

اسپين کي مسلمانن پنهنجو وطن بنائي، ترقي جون اعليٰ منزلون زندگيءَ جي هر شعبي ۾ طئي ڪيون ۽ ان وقت جي اونداهي ۽ گمنام مغرب کي سائنس جي اعليٰ تعليم سان روشناس ڪرايو ۽ انسانيت جو سبق سيکاري روشنيءَ سان همڪنار ڪيو.

دراصل عرب مسلمانن اسپين ۾ اهڙي شاندار تهذيب جو بنياد رکيو جنهن جو مثال دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي. جنهن جو اثر سندن حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ بہ ٻن سئو سالن تائين رهيو. مسلمانن جا جانشين عيسائي بادشاهہ ٻہ سو سالن تائين عربي لباس استعمال ڪندا رهيا ۽ عربي ٻولي ڳالهائيندا رهيا. مسلمانن جي حڪومت جي خاتمي کانپوءِ اسپين ۾ پروفيسر صاحبان، عربي لباس پائي عربي علوم پڙهائيندا هئا ۽ يورپ جي مختلف ملڪن جا عربي علوم جا شائقين، وڏا فاصلا طئي ڪري عربي درس گاهن ۾ اچي علم حاصل ڪندا هئا.

ع.ق شيخ جو لکيل ڪتاب ”داستان اندلس“ پڙهڻ کانپوءِ پڙهندڙن تي مسلمانن جي يورپ ۾ قائم ڪيل عظيم الشان سلطنت ۽ اسلامي عهد جي اندلس جو ذرو ذرو تصوراتي دنيا ۾ واضح ٿي وڃي ٿو. مصنف تاريخي واقعا پيش ڪري اهو ٻڌايو آهي تہ جيستائين مسلمانن ۾ اتفاق ۽ اتحاد هو

۾ منجهن خوفِ خدا هو تہ هُو اقليت جي باوجود اڪثريت تي غالب رهيا. ليڪن جڏهن هنن ذاتي مفاد کي اجتمائي مفاد تي ترجيح ڏني تہ دشمنن کي سندن خلاف سازشون ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. آخر اهو بہ وقت آيو جو هن اسلامي سلطنت جو هميشہ لاءِ خاتمو ٿي ويو ۽ اڄ اسپين ۾ مسلمانن جو نامُ و نشان بہ نظر نٿو اچي.

ع.ق شيخ پنهنجي هن تاريخي شهہ پاري ۾، اسپين ۾ مسلمانن جي تاريخ، تفصيل سان قلبند ڪئي آهي. اها تاريخ پڙهڻ سان ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ اسان جا حڪمران بہ اهي ئي غلطيون ڪري رهيا آهن، جيڪي غلطيون اسپين جي دورِ زوال جي حڪمرانن ڪيون هيون. ليڪن بدقسمتي سان هر حڪمران پنهنجو پاڻ کي "عقلِ ڪُل" سمجهندو آهي ۽ تنقيد ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي.

اندلس جي مسلمانن جي عروج ۽ زوال جي تاريخ اسان لاءِ سبق آموز آهي. اسان کي گهرجي تہ "داستان اندلس" جو مطالعو ڪريون تہ جيئن اندلس ۾ مسلمانن جي تباهي ۽ بربادي جا سبب معلوم ڪري سگهون ۽ ان بعد اهي غلطيون ٻيهر ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي لاءِ اهڙي منزل متعين ڪريون جو موجوده اقتصادي بحران مان نڪري وڃون.

ع.ق شيخ جي ڏهن سالن جي هيءَ محنت، تڏهين ساب پوندي جڏهن هر پڙهيل سنڌي، هن ڪتاب "داستان اندلس" جو مطالعو ڪندو.

"داستان اندلس" جي پڙهڻ کان پوءِ ع.ق شيخ جي تاريخي شعور ۽ عظيم ليک هئڻ جو احساس اجاگر ٿئي ٿو ۽ پڙهندڙ جي دل ۾ ع.ق شيخ لاءِ عقيدت جو جذبو اڀري ٿو.

"داستان اندلس" کي جيڪڏهن تحقيقي حوالي سان جانچيو وڃي تہ هي ڪتاب تاريخي حقيقتن جي روشني ۾ هڪ معياري تاريخ آهي ۽ "مددگار ڪتابن" جي فهرست ڏسڻ بعد هي حقيقت مڃڻي پوندي تہ ع.ق شيخ ڏهن سالن جي سخت محنت ۽ تحقيقي مواد جي تقابلي مطالعي بعد


کوهہ قاف شيخ

هي هڪ اهڙو شاهڪار تخليق ڪيو آهي، جنهن تي اسين جيترو بہ فخر ڪريو گهٽ آهي.

”داستان اندلس“ اهڙو تاريخي ڪتاب آهي جو گهڻو اڳ هن ڪتاب جو بين ٻولين خصوصن اردو ۽ انگريزي ٻولي ۾ بہ ترجمو ٿيڻ کپندو هو ۽ بهتر ايئن ٿيندو تہ هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ يا سنڌالاجي طرفان پهريائين اردو ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيو وڃي ۽ پوءِ وري انگريزي ٻولي ۾ شايع ڪرڻ جو پڻ انتظام ڪيو وڃي.

هن عظيم مصور، اديب، ليکڪ ۽ تاريخ نويس ع.ق شيخ کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جو اهو ئي هڪ بهترين طريقو آهي.

❊



ع. ق. شيخ صاحب جو اوورڪوٽ

## پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو

✲

# ع.ق. شيخ ۽ داستانِ اندلس

محترم ع. ق. شيخ سنڌ جي هڪ ڄاتل سڃاتل شخصيت آهي. مصوريءَ جي تاريخ ۾ سندس وڏي حيثيت آهي. ان کان سواءِ ادب ۽ تاريخ ۾ به روشن نالي سان ياد ڪيا ٿا وڃن. ذاتي طور منهنجو هن جي فيمليءَ سان تعلق رهيو آهي، پر اسلامي تاريخ جي هڪ اهم موضوع In Muslim Rule Spain تي سندس لکيل تاريخي ڪتاب "داستان اندلس" جي ڪري منهنجو هن سان گهڻو تعلق رهي ٿو. جنهن ۾ سندن محنت، ذهني پختگي ۽ سندس صلاحيتون ظاهر ٿيون ڪن ته هن جو academic رجحان ڪيترو نه پختو هو.

History Of Spain جو Subject، شعبءِ تاريخ ۾، گريجوئيٽ ۽ ماسٽرس ڪلاسن ۾ پاڪستان جي تقريباً سڀني يونيورسٽين ۾ پڙهايو ٿو وڃي. منهنجا به ڪيترن ئي تاريخدانن جا لکيل ڪتاب پڙهيل آهن، جهڙوڪ: Lane Pool جو Moor's In Spain فلپ. ڪي. هٽي جو History Of Arabs، سيد امير علي جو تاريخ اسلام، مولانا اڪبر علي شاهه نجيب آباديءَ جو تاريخ اسلام وغيره. سنڌي زبان ۾ ٻن نامور شخصيتن جا ڪتاب ملن ٿا، جن ۾ بدوي صاحب جو لکيل "تاريخ اسپين" ۽ محترم ع. ق شيخ جو لکيل "داستان اندلس".

Muslim Rule In Spain منهنجو پسنديده Subject رهيو آهي ۽ تقريباً
ويهن سالن کان مان اهو بہ يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن کي پڙهائيندي آهيان.
منهنجي خيال ۾ هسٽري آف اسپين تي هر تاريخدان سٺي محنت ڪئي
آهي، پر جيڪو طريقيڪار محترم ع. ق. شيخ جو استعمال ٿيل آهي، ان ۾
پڙهندڙ جي دلچسپي وڌي ٿي، جڏهن دلچسپي وڌندي تہ توجهہ ڏني ويندي ۽
جڏهن توجهہ ڏبي تہ ڄاڻ ۾ اضافو ٿيندو. منهنجي خيال ۾ منهنجي هن
Subject سان دلچسپي بہ "داستانِ اندلس" کي پڙهڻ کان پوءِ وڌي. مون
ڪجهہ Topics تي Research Articles لکيا آهن، جيڪي مختلف ميگزينن ۾
ڇپيا ۽ منهنجي هڪ شاگردِ منهنجي Supervisory ۾ ان Topics مان Ph.D
ڪري رهي آهي.

"داستان اندلس" گهڻن جو ئي پڙهيل هوندو ۽ هُو بخوبي اندازو لڳائي
سگهندا تہ محترم ع. ق. شيخ ڪيتري نہ خوبصورتيءَ سان واقعات، ڪردار
بيان ڪيا آهن. سهڻي سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت اکرن جي ميلاپ سان
وقت جو هر لمحو اوج ۽ ڪمال، ترقي ۽ ڪامراني بيان ڪئي آهي، جو
پڙهڻ وارو پاڻ کي يا تہ قرطبہ جي شهر يا غرناطہ جي وادين ۾ پيو محسوس
ڪري، ان کان پوءِ جنهن ڏک، حسرت ۽ تڪليف سان مسلمانن جي زوال
تباهي ۽ نيڪاليءَ جو بيان ڪيو آهي، اهو عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ
ڪافي آهي.

مون کي يقين آهي تہ "داستان اندلس" لکڻ وقت محترم ع. ق. شيخ
ضرور اسپين ويجي، اتان جي مسلمانن جي ماضيءَ جا شاندار محل، انهن جي
نقش نگاري اکين سان ڏسي، فنونِ لطيفہ جي هر پهلو ادب، سائنس، موسيقي
۽ علم جي هر موضوع کي سمجهيو هوندو ۽ قرطبہ جي يونيورسٽيءَ ۾ ويجي
تعليم جي هر شعبي، جنهن جي وسيلي يورپ ۾ تعليم عام ٿي، ان کي ڏسي
اسپين جي تهذيب ۽ تمدن جو اندازو لڳايو هوندو پر جيڪڏهن ائين ناهي
تہ مان سمجهان ٿي تہ ان کان مٿي ڇا محنت ٿيندي، جو هڪ مؤرخ ڪتابن

ع.
ق.
شيخ

بنو اُميہ خاندان جو زوال جڏهن مشرق ۾ آيو تہ سندن هڪڙو ٺي شهزادو مختلف طريقن سان ڀڄي آفريڪا پهتو ۽ ساڳي 'بربرن' جي ذريعي اسپين تي قبضو ڪري، پنهنجي خانداني حڪومت جو بنياد وڌو. هن خاندان جي حڪومت 756ع کان 1031ع تائين قائم رهي. ان کان پوءِ هنن جو زوال شروع ٿيو ۽ اسپين ۾ مسلم خاندان جي ننڍين ننڍين خودمختيار رياستن جو دؤر هليو آخر اهو وقت بہ آيو جو سنہ 1236ع ۾ مسلمانن جي حڪومت صرف غرناطہ تائين وڃي بچي. 1492ع ۾ مسلمانن کان غرناطہ بہ کسيو ويو.

عبدالرحمان اول جنهن کي تاريخ ۾ 'الداخل' جو لقب مليل آهي جڏهن اسپين کي فتح ڪيو ۽ پنهنجي هڪ مضبوط حڪومت قائم ڪئي پر پنهنجي وطن اندلس ۾ مسلمان حڪومت جي ترقيءَ تي تمام خوبصورت انداز ۾ روشني وڌي آهي، سندن علمي ترقيءَ لاءِ لکيو آهي تہ مسلمانن هن ملڪ ۾ پهچندي ئي هتي جي ڪايا پلٽ ڪري ڇڏي. هر طرف علم کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اسڪول، مدرسا ۽ درسگاهون تعمير ڪرايون. اسپتالون ۽ شفاخانہ کولرايا. زراعت جي ترقيءَ لاءِ حيرت انگيز ايجادون ڪيون. گهر هنر ۽ حرفت، علم و فن، سائنس ۽ ايجادات جو ايترو تہ تفصيلي ذڪر ملي ٿو جو هن مختصر ڪتاب جي مختصر صفحن ۾ وسعت ناهي، جو اهي سڀ حقيقتون سمائي سگهجن. ع. ق. شيخ صاحب مسلمانن جي ترقي ۽ فر تي اهڙي نموني روشني وڌي آهي، جو ڄڻ جنت جو عڪس چٽيو آهي.

ان کان پوءِ جڏهن مسلمان حڪومت جو زوال شروع ٿيو ۽ هُو ننڍين ننڍين رياستن ۾ ورهائجي وڃڻ کان پوءِ عيسائين جي حملن جو شڪار ٿيا ۽ آخر وڃي غرناطہ تائين محدود ٿيا، تہ غرناطہ کي هنن هر قسم جي ترقي سان استوار ڪيو ۽ غرناطہ جي محل الحمراء جي سونهن کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

ع.
ق.
شيخ

مسلمانن جي ان دؤر متعلق محترم ع. ق. شيخ لکي ٿو تہ: "مسلمانن جي سڄي تاريخ ۾ ان جهڙو مثال نہ ڪو ٿيو نہ ڪو ٿيندو: انهن خودساخ

ڏوهن ۽ سزائن جي آخري دؤر ۾ بهادري، قومي آزادي، آبرو ۽ وطن جي بچاءَ تي جان قربان ڪرڻ جا نظارا نهايت نرالا ۽ دلسوز آهن. انهن قربانين ۾ خوددار پر زوال پذير قوم جي آخري ڪشمڪش جو درديلو داستان آهي. انهيءَ حڪايت جا ڪردار تہ اهي ئي هئا، جن آسودگيءَ ۽ عظمت جا منارا، عشق ۽ رفعت جا محلات: ها اُهي ساڳيا ئي جن جي تهذيب ۽ تمدن، صدين جون صديون سڄي دنيا کي سيڪاريندڙيون رهيون، هنن جي فن، علم، ڪمال ۽ هنر جنهن بي نيازيءَ سان هر ڪنهن کي نوازيو، تن تي قدرت ڪهڙو قهر نازل ڪيو، هنن کان سڀ ڪجهہ آهستي آهستي ڪيئن ڦُرجي ويو پوءِ اهو زمانو آيو پوءِ اهو انقلاب آيو جو مسلمانن وٽ رڳو وڃي غرناطہ باقي بچيو.“

تاريخ جو شاگرد اهڙي قسم جو اعتراف جڏهن پڙهي ٿو تہ هن جا لڱ ڪانڊارجي وڃن ٿا.

غرناطہ ۾ مسلمانن جي تباهي ۽ نيڪالي متعلق ٻڌايو اٿس تہ غرناط انهيءَ لحاظ کان هڪ دلڪش ۽ دلنشين روح جو آخري آرامگاهہ هو جو اٺ سئو سالن کان اسپين جي سموري سرزمين تي ڇانيل هو. هتي محلاتن مان ”الحمرا“ وارو محل هڪ عظيم الشان قوم جي عروج جو لافاني يادگار آهي. هتي جي مڪتبن، مدرسن، درسگاهن ۽ يونيورسٽين سڄي يورپ کي علم ۽ فن سيکاريو پر سنہ 1491ع ڌاري غرناطہ، دوستن، خير خواهن، سرپرستن، فنڪارن، عالمن، فقيهن ۽ حقيقي وارثن کان محروم ٿي ويو. هر پاسي کان عيسائي فوجون يلغار ڪري وڌنديون آيون ۽ غرناطہ کي گهيرو ڪري ويهي رهيون. هنن پنهنجي اصلي ۽ اباڻي وطن کي آزاد ڪرائڻ تي چاهيو الحمرا جي عظمت، انهن جي رهواسين جي حشمت ۽ هيبت عيسائين کي روڪي نہ سگهي، اهڙي ريت اسپين جي سرزمين تي مسلمانن جي خاڪي جسم جا ازلي روح پنهنجا پر پکيڙي هميشہ لاءِ پرواز ڪري هليا ويا.

ڪوهہ قاف شيخ

٭

سليم چنا

✡

## مصور ڪهاڻيڪار

عبدالله ولد قادر بخش شيخ (ع.ق شيخ) 8 مارچ 1914ع تي ڳوٺ گڏڙو ٿرپارڪر ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم ڳوٺ ٽنڊي سومري ۾ هاءِ اسڪول جي تعليم ٽنڊي الهيار هاءِ اسڪول مان ورتائين.

ڊرائنگ جي ٽريننگ 1938ع ڌاري بمبئيءَ جي سر جي. جي. اسڪول آف آرٽ مان ورتي، بي اي ۽ ايم اي سنڌ يونيورسٽي مان ڪري، ايل ايل بي سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪري. لائبريري سائنس ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پوسٽ گريجوئيٽ ڪيائين.

سال 1960ع ۾ انگلينڊ جي برسٽل آرٽس يونيورسٽي مان ٽريننگ ۽ تعيلم حاصل ڪري 1961ع ۾ واپس سنڌ اچي پنهنجو صلاحيتون اجاگر ڪيائين.

ع.ق شيخ، مايه ناز مصور ۽ ڪهاڻيڪار طور شهرت ماڻي ۽ مصوري ۾ زندگي جا حقيقي رنگ پريندڙ ۽ ڊزائيننگ جا اعليٰ نقش ۽ نگار رنگن ۽ برشن وسيلي ڏيئي وڏي شهرت ماڻيائين. سندس تصوير ڪشي جون لياقتون ڏسي ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس ٿرپاڪر پاران ڪيس

ع. ق. شيخ

ع.ق شيخ کي ننڍپڻ کان ئي ڪتابن پڙهڻ ۽ ليڪون-شڪليو
ڪڍي تصويرون ٺاهڻ جو شوق هو. جنهن ۾ هو رنگ ڀري خوش ٿيندو
هو. سنڌس مصوري واري جنون ڪيس 1942ع ۾ بمبئي پهچايو پر ڏيڍ سا
ڪانپوءِ پيءُ جي بيماري جو ٻڌي هو سنڌ موٽي آيو. جنهن لاءِ ڪيس ڪيتر
وقت کان مائٽن ۽ تعليم کاتي وارن منٿون پئي ڪيون. ع.ق شيخ ريڊي
پاڪستان حيدرآباد تان مراد علي مرزا جي چوڻ تي گيتن ڀريون ڪهاڻيو
لکي ٻه تمام گهڻي شهرت ماڻي. ”ڪهه ڪٿوري“ ٻه سنڌس هڪ مشهور ڪتاب
آهي. پاڻ اٽڪل 25 سال انچارج آرٽ ٽيچر ٽريننگ سينٽر اينڊ آرٽ ٽيچ
ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ هڪ آرٽسٽ طور ٻن سالن کان مٿي ڪ
ڪيائين. پبلڪ اسڪول لطيف آباد حيدرآباد ۾ ڪجهه سال آرٽ ٽيچ
طور بهتر خدمتون سرانجام ڏنائين. جنهن جي ڪري پبلڪ اسڪول ج
شاگردن، پاڪستان نيشنل سينٽر حيدرآباد پاران 4 نومبر 1975ع ت
ڪرايل تصويري نمائش ۾ ستن مان 5 انعام کٽيا. جيڪي پڻ سنڌس ئ
محنتن جو ثمر هئا.

سنڌ جي هن ناميارو مصور ڪهاڻيڪار ۽ تاريخ نويس 65 ورهين ج
ڄمار ۾ 15 آگسٽ 1991ع تي وفات ڪئي.

سنڌ پنهنجي هن انمول هيري کي سدائين ياد ڪندي رهندي.

*

زاهد دارا ابڙو

☼

# منهنجو سائين: ع.ق. شيخ

سائين شيخ صاحب سان منهنجي پهرين ملاقات شايد 1976ع ۾ ٿي،
ن بابا سان گڏ سائينءَ سان ملڻ ويو هوس، سول اسپتال حيدرآباد ۾.
ان کان پوءِ مان ۽ سائين 1977 کان 1999 تائين چوڏنهن سال هڪ ٻي
نوان تعلق ۾ گذاريا. ٻي عنوان ان ڪري جو سائين منهنجو استاد هو ۽ مان
، سان دوستي ڪرڻ چاهي، پر هن مون کي ڪڏهن به پنهنجو دوست نه
مجهيو.

سائين جو پورو نالو به مون کي سدائين حيران ڪندو هو (مولوي عبدالله
.ر بخش شيخ) سائين ڪنهن به زاويي کان شيخ نه هو ۽ مولوي ٿيڻ جو ته
وال ئي پيدا نٿو ٿئي پر...؟

سائين سان جيڪي چوڏنهن سال مان گذاريا، اُهي منهنجي حياتيءَ
ي گيت جو مکڙو ۽ سائينءَ جي زندگي جي انقلابي نظم جو انترو هئا.

سائين سدائين مون کي تصويرون ٺاهڻ کان روڪيندو هو ۽ چوندو هو
پڙهه ۽ ڊاڪٽر، وڪيل يا ڪو ڪامورو ٿي، تصويرون نه ناهي. مان جڏهن
. . پهرين تصويرن جي نمائش لاءِ سائين کي افتتاح لاءِ چيو هو تڏهن
سائين انڪار ڪندي مون کي چيو هو ته ڊپٽي ڪمشنر يا ڪنهن وزير
سڏ، ته تنهنجون تصويرون به خريد ڪندا.

هاڻ سمجهان ٿو تہ! جنهن وقت مان سائين سان مليو هوس، هو پنهنجي زندگي گذاري چڪو هو ۽ هن جو شين ۾ ڪو انٽريسٽ باقي نہ رهيو هو.

آرٽ جي حوالي سان سائين جون ڪي گهٽيون پينٽنگس، گهٽ ۽ گهٽ مون ناهن ڏٺيون. مان سمجهان ٿو تہ سائين جو وڏو تخليقي ڪم سنڌ ۾ مصورن جي تربيت ڪرڻ هو. شيخ صاحب اسان جو آرٽ ٽيچر هو ۽ هر شاگرد جي تصوير جي پٺيان ڪو نہ ڪو رمارڪ لکندو هو ( Fair, Good Very Good) هڪ پيرو منهنجي تصوير جي پٺيان لکي موڪليائين تہ اچي مل، مان خوش خوش ملڻ ويم تہ شايد منهنجي تصوير ڪا ڏاڍي وڻي وئي آهي سائين کي، جڏهن مليومانس تہ چيائين، هن ۾ هي هي رنگ ٺيڪ ناهن ۽ هي شئي هيئن هجي ها تہ وڌيڪ سٺو. مان ڏاڍو دل برداشتا ٿي سنڌ آفيس مان نڪتس ۽ تصوير اڇلائي ڇڏيم. ٻئي ڏينهن سائين وري مون کي سڏايو. مان پڳس تہ پڇيائين، تصوير ڪٿي آهي؟ جيڪا دراصل مون اُڇلائي ڇڏي هئي، سو ٻڌايومانس تہ گهر پئي آهي... ۽ ائين چوڻ تي سائين جي هٿ جي تري، منهنجي ڳٽي سان هڪ شديد قوت سان اچي ٽڪرائي. جيسين تائين مان هوس سنڀاليان تيسيتائين شيخ صاحب پنهنجي هينڊ بيگ مان منهنجي اُها ئي تصوير ڪڍي مون کي ڏني ۽ چيائين، وري ان کي نہ اڇلائجانءِ.

٭

وفا مولا بخش

☼

## سنڌ آرٽسٽ گِلڊ

1981ع

سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ ۽ روشن خيالي جي اثر هيٺ سنڌ
ـي چترڪاريءَ به اکين ۾ ڳاڙهاڻ پيرڻ شروع ڪئي ۽ سنڌ آرٽسٽ گلڊ جو
بام عمل ۾ آندو ويو.


8۔ هلال احمر هائوس حيدرآباد ۾ ان جي مکيه آفيس قائم ڪئي وئي
ان جي پليٽ فارم تان پهرين ڪُل سنڌ مصوريءَ جي نمائش جو اهتمام
ڻ ڪيو ويو.

حيدرآباد جي هڏ ڏوکي، مهربان، ادب دوست ۽ فن نواز عبدالله جي
بمڻ صاحب کي ان گلڊ جو مکيه سرپرست مقرر ڪيو ويو ۽ جنهن جا
يادي ميمبر ٿيا: سائين ع. ق. شيخ (جنهن اِن گلڊ جو منشور به لکيو)، ظفر
ڪاظمي، فتاح هاليپوٽو اي. آر. ناگوري، دارا ابڙو خدا بخش ابڙو منصور
لم، منور ميمڻ، پير شفقت شاهه، پير بخش لاڙڪ ۽ آغا نادر سنڌ آرٽسٽ
ڊ جا بنيادي عهديدار مقرر ٿيا. صدر ع. ق. شيخ، نائب صدر دارا ابڙو
نرل سيڪريٽري محمد علي پٺي، جوائنٽ سيڪريٽري منصور عالم،

ماليات سيڪريٽري فتاح هاليپوٽو ۽ اطلاعات سيڪريٽري بٽيو خد
بخش ابڙو.

هن گلڊ، سنڌ ۾ فائن آرٽس جي تعليم. کي عام ڪرڻ ۽ فنِ مصوري
وسيلي سنڌ جي ثقافت کي وڌائڻ ويجهائڻ ۽ محفوظ ڪرڻ لاءِ جاکوڙ جو
سلسلو شروع ڪيو. ڪنهن وڏي سا ڀيا ماڻڻ لاءِ ننڍڙين اکين وڏو خواب ڏٺو
پر هي خواب بهرحال سا ڀيا نہ ماڻي سگهيو ۽ سنڌ آرٽسٽ گلڊ جو قافلو ڇ
وچڙتي ويو ۽ ڪم اڌ ۾ رئي رهجي ويو.

❊




سنڌ آرٽسٽ گلڊ جو مونوگرام

ع.
ق.
شيخ

پروفيسر رشيده بلوچ

☼

## بابا سائين

بابا سائين جن کي ع.ق شيخ جي نالي سان سڏيندا هئا. اصل نالو
بدالله شيخ هو. پاڻ هڪ غريب پرائمري اسڪول جي هيڊ ماستر جو ٻيو
ٻبر پٽ هو ۽ سندن پيءُ جو نالو قادر بخش شيخ هو. بابا سائين جن جو وڏو
ءُ عثمان شيخ ۽ ننڍو ڀاءُ احمد علي شيخ هئا ۽ کين ٻه ڀينرون هيون مريم
حوا! ۽ ٻئي اسڪول ۾ ٽيچر هيون. بابا سائين جن پهرين هاءِ اسڪول
برپورخاص ۾ ڊرائنگ ٽيچر هئا. پاڻ بمبئي مان ماسترس ڊگري وٺي آيا ۽
ۼ جلدي حيدرآباد ۾ ٽريننگ ڪاليج ۾ شفٽ ٿيا. اتان-ايل-ايل-بي،
م-اي اردو ۾ لاهور مان پاس ڪيائون. انهي عرصي ۾ برسٽل مان سال جي
يننگ وٺي آيا. پاڻ انگريزيءَ ۾ ماهر هئا ۽ آفيس جي خط و ڪتابت
ڱگريزي ۾ ڪندا هئا. انهي سبب ڪري سڀ آفيسر مٿس مهربان رهندا
ئا.

مان پروفيسر رشيده يار محمد بلوچ، بابا سائين جن جي وڏي ۾ وڏي
ٻءَ آهيان، اسين پاڻ ۾ پنج ڀينرون ۽ هڪ ڀاءُ نظير شيخ هو هن ڪتاب
ۦ مون کي چيو ويو آهي تہ بابا سائين جن تي ٻہ اکر لکي ڏيان، سوچيان پئي
چا لکان.

بابا سائين هڪ پيءُ جي حيثيت سان سراپا محبت هئا. بابا جن ننڍن وڏن، اوڙي پاڙي، دوستن سان بيحد محبت ڪندا هئا بلڪ سڄي خاندان سان محبت ڪندا هئا ۽ پنهنجي هٺ هيٺ، گهر جي گهٽن پاتين ۽ دوستن جي پيئرن کي پڻ گهڻو سڏاريائين، جن مان گهڻا ڊاڪٽر ٿيا، ڪي پروفيسر ته ڪي ٽيچر ٿيا.

بابا سائين سنڌ جو ناميارو آرٽسٽ، فنڪار ڪهاڻيڪار افسانه نگار ۽ تاريخ دان هو. آزاد نظم به لکيا اٿن. بابا سائين جن جي اڪثر لکڻين مان خبر پوي ٿي ته هو ڪيڏا نه سنا پيءُ هئا. اسان کي سٺين سٺين صلاحن سان نوازيندا هئا. زندگي جي هر موڙ تي سمجهائيندا هئا ۽ ڪيڏانهن به وڃڻ لاءِ روڪ، ٽوڪ نه ڪندا هئا. Broadminded هوندا هئا ۽ اڪثر چوندا هئا ته ڪيڏانهن به وڃو ته پنهنجي ماءُ کي ٻڌائي وڃو. انهي لحاظ ڪري اسين پنج ڀينرون ۽ ڀاءُ ڪڏهن به ڪنهن بري سنگت ۽ خراب عادت ۾ ڪو نه ڦاسيون. هميشه صلاح ونڻ مهل ڀاڻ سٺي صلاح ڏيندا هئا.

بابا سائين جي اڪثر لکڻين مان خبر پوي ٿي ته ڪيڏا نه سنا پيءُ هئا. سندس "اسلامي تاريخ"، "ڪهه ڪٿوري"، "نازو" "داستان اندلس"، "محبت جي راهه تي" تنهن ڪانسواءِ نئين زندگي جي ٽائيٽل ڊزائين، شيخ اياز جي ڪجهه ڪتابن جي ڊزائينن، شهواڻي صاحب جي "شاهه جي رسالي" جي ڪور ڊزائين، حميد سنڌي، محمد عثمان ڏيپلائي جي ڪتابن جا ٽائيٽل، سندس ناهيل مشهور ٽائيٽل ڪور سمجهيا ويندا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن ايئن لڳندو آهي ته ڄڻ بابا سائين جن جيئرا جاڳندا روبرو سامهون ويٺا آهن ۽ چپ چاپ محبت سان اسان سيني کي ڏسي رهيا آهن.

❊

ع.
ق.
شيخ

نجمہ شيخ

☼

## منهنجو بابا...!

اج جو ڏينهن 15 آگسٽ بابا سائين ع.ق شيخ مرحوم جي يادگيرين کي
زه ڪرڻ جو ڏهاڙو ان جي نانءُ. ان ڪري سڄو وقت بابا سائين جي
دائي ڪري شدت سان اکيون آليون رهيون ۽ من ۾ اڻ مٽ ڏک، سور تازه
 پيا آهن، ۽ ڪنهن پل بہ چين ۽ آرام نہ پيو اچي.

اڄوڪي ڏهاڙي تي، بابا جون ڪوڙ ساريون ساروڻيون نسري نروار ٿين
ون آهن، ۽ اهڙي ڪيفيت رڳو منهنجي ئي نہ اسان جي سڄي ڪٽنب جي
تي پئي آهي، بابا سان جنهن بہ ٿوري دير لاءِ رهاڻ ڪئي هوندي سو اڄ
ئين ڪيس وساري نہ سگهيو هوندو. منهنجو تہ اڃا تائين ساهہ سامت ۾ نہ
ي، دل ۾ ڪيتريون ئي پيڙائون آهن، جيڪي اکين کي روڄ راڙي جي رڻ
رولائيندڙيون پيون رهن.

سڪون آرام اچي تہ ڪيئن اچي؟. اِبي جهڙو آسرو آٿت ڪير ڏيندو!
ين، سڪون، چت کي ڪيئن ملي؟ جو صدما، ساهہ ۾ سيبائيجندا پيا
جن؟ بابا سائين جي وفات اسان سڀني کي جدائي جو داغ ڏئي هن پري دنيا
اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي. بابا سائين جي جدائي ڪانپوءِ چاچا ابراهيم

جويي، چاچا مراد علي مرزا، الانا صاحب، حميد سنڌي صاحب، تنوير عباسي صاحب، ڊاڪٽر منظر حسن صاحب، رسول بخش پليجو صاحب، ادا ظفر ڪاظمي، ادا فتاح هاليپوٽو ڊاڪٽر قمر مرزا، ادا امداد حسيني جن جون شفقتون اسان جي لاءِ وڏي آٿت جو سبب بڻيون آهن.

اڄ جڏهن چوڌاري نگاهہ ٿي ڦيرايان تہ بابا جي ياد ۾ سنڌي ادبي بورڊ، ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، سنڌالاجي، سنڌ ميوزم، ٽريننگ ڪاليج، پبلڪ اسڪول ۽ ريڊيو پاڪستان بہ اداس تا نظر اچن !!! ۽ گڏوگڏ بابا جا سوين مصور شاگرد بہ ڳوڙها ڳاڙيندا پيا نظر اچنم..

منهنجي بابا سائين، (عبدالله شيخ) سنڌي ادب ۽ سنڌ جي مصوري ۾ اڻ مٽ رنگن جا نقش چٽيا آهن. سنڌ ۽ هند جي برک اديبن سان گڏ جي ادب ۽ مصوريءَ جي دنيا کي پڙ هن نئون شعور ڏنو ۽ پنهنجا انيڪ همعصر اديب پيدا ڪيا. سنڌي ٻولي جي جياپي لاءِ جشن روح رهاڻ، سنڌي رائيٽرس فورم، سنڌي ادبي سنگت جي ادبي گڏجاڻين ۾ شيخ اياز مخدوم طالب المولى، محمد عثمان ڏيپلائي، سائين جي ايم سيد، غلام محمد گرامي، پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، جام ساقي، محبوب چنہ، سڪندر بلوچ ۽ ممتاز مرزا جهڙين انمول شخصيتن سان گڏوگڏ ادبي دنيا جي ترقي لاءِ هن بہ جاکوڙيو هو. ۽ پنهنجي مصوري ذريعي سجاڳي ۽ جاڳرتا جو ڪم دل سان ڪيو هو.

هن هميشہ پنهنجن ۽ پراين کي محبت جو سبق ڏنو ۽ سچ جو ساٿ ڏنو. اِهي ئي خوبيون، هو پنهنجي اولاد ۽ شاگردن ۾ بہ ڏسڻ چاهيندو هو. ڪيس سنڌي زبان جي بقا جو بہ هر وقت اونو رهندو هو. سنڌ وطن جي نقشي ناهڻ جي سزا ۾ هن کي هڪ دفعو جيل بہ وڃڻو پيو هو. مون هن کي ڪڏهن ”اسلامي تاريخ“ لکڻ ۾ تہ ڪڏهن ”شاهہ جي رسالي“ بابت ٽائيٽل ناهڻ، تہ ڪڏهن ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ درس و تدريس ڏيندي ڏٺو. هن جي سڄي زندگي ادب ۽ مصوري لاءِ وقف هئي.

ع.
ق.
شيخ

بابا سائين جي خواهش هئي تہ سندن اولاد مان ڪو هڪڙو اولاد هن وانگر ”مهان“ بڻجي، پر سندن اها خواهش اڻپوري ٿي رهي. البتہ سندن صحبت ۽ نگهداشت سبب اسان سڀ نياڻيون تعليم جي زيور سان آراستہ ٿيون سين ۽ ادب سان بہ اسان جو چاهہ رهيو. ان ڏس ۾ اسان جي والده بہ بابا جو ساٿ ڏنو. جيتوڻيڪ هوءَ گهڻو پڙهيل لکيل نہ هئي پر هڪ بيحد سگهڙ ۽ سياڻي ماءُ هئي، جنهن اسان سڀني ڀينرن ۽ ڀاءُ نظير کي مسلسل جدوجهد ڪرڻ ۽ تعليم پرائڻ جو درس ڏنو.

...۽ اسان جو هي عظيم بابا 15 آگسٽ صبح جو فجر مهل موڪلائي ويو. هي اهو بابا هو جنهن پٽن وانگر ٿي اسان نياڻين تي اعتماد ڪيو ۽ اسان جي شخصيت جي تعمير ڪئي. اڄ سندس وفات واري ڏينهن تي بي اختيار شيخ اياز صاحب جو هي بيت چپن تي اچي ويو اٿم:

چني گل گلاب جو ڪيئي ڏارون ڏار،
اڙي موت ميار ايڏو ساڙ سڳنڌ سان.

٭



داڪٽر ممتاز جنجهي

☼

## منهنجو بابا...!

اج بہ جڏهن سوچيندي آهيان تہ منهنجي زندگي جي اها ڪهڙي گهڙ
هئي جنهن منهنجي مستقبل کي سنوارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو تہ هڪ د
بابا سائين جي اها تڦڙ ياد اچي ويندي اٿم جيڪا هن مون کي اسڪو
(مانٽيسوري) مان پيچڻ تي هنئي هئي. انهي ڏينهن کان وٺي پنهنجي پڙهائ
واري سڄي دور ۾، نہ مون پوءِ ڪڏهن اسڪول يا ڪاليج کان گسايو ۽ نہ ٻ
وري ڪڏهن پڙهائي جي ڪري ڪنهن استاد کان مار تہ پري رهي، ڏڙڪا
نہ کاڌم. ڳالهہ در اصل ايئن هئي تہ اسان انهي زماني ۾ ٽريننگ ڪاليج ف
مين ۾ رهندا هئاسين. بابا مون کي ڪاليج جي مانٽيسوري ۾ روز ڇڏڻ ويند
هو. جيئن بابا مون کي ڇڏي پنهنجي ڊيوٽي تي ويندو هو تہ پڇي گهر هل
ويندي هيس. ايئن پورو هفتو گذري ويو. ٻئي هفتي بابا ڪلاس ٽيچر کا
پروگريس پڇڻ آيو تہ هن ٻڌيو سائين ڪڪي تہ ڪلاس ۾ ويهي ڪو نہ ٿ
پوءِ جيڪي ٿيو سو مان لکي چڪي آهيان. ليڪن اها ڳالهہ آئون پنهنج
ٻچن کي ورجائي ورجائي ٻڌائيندي آهيان تہ ٻچا، ماءُ پيءُ جي هڪ ٿ
ڪيئن منهنجي زندگي سنواري ڇڏي جو آئون اج ڊاڪٽر آهيان ۽ انه
شيخ سان گڏوگڏ انسان دوست پڻ.جيتري قدر منهنجي ڊاڪٽر ٿيڻ جو سوا
ع.
ق.

آهي تہ دراصل ادي زرينہ مرحومہ کي بابا امان ڊاڪٽرياڻي ڏسڻ پئي چاهيو ليڪن هن کي علم، ادب ۽ آرٽ سان لڳاءُ هو. مئٽرڪ جي نتيجن اچڻ کانپوءِ امان ۽ بابا کي چيائين تہ بابا آئون پڙهڻ ضرور چاهيان ٿي پر ڊاڪٽري نہ ۽ مون اوڏي مهل سندن چهرن تي هڪ اڻ لکي مايوسي محسوس ڪئي، جنهن کي ڏسي پڪو پهہ ڪيم تہ هڪ ڏينهن ڊاڪٽر ٿي سندن چهرن تان اها اڻ لکي مايہسي ختم ڪنديس ۽ جيڪا پوءِ مون، ڪري ڏيکاري.

بابا جون اسين اٺ نياڻيون (چار اڳ ئي فوت ٿي ويون) ۽ هڪ پٽ هئاسين. هن اسان کي پٽ سمجهي نپايو پڙهايو ۽ زماني ۾ اٿڻ ويهڻ سيکاريو. ظاهر آهي تہ اهو ڪم هن امان جي مدد سان ئي ڪيو پر جيڪا ڳالهہ سمجهڻ جهڙي آهي سا هي تہ هن ڪڏهن بہ اسان کي پاڻ تي بار نہ سمجهو بلڪ فخر ڪيو. اسان کي چوندو هو تہ بابا توهان تعليم تي ڌيان ڏيو تہ جيئڻ مردن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلي سگهو. بابا هڪ Self-made انسان هو. هڪ انتهائي نفيس ۽ حساس دل رکندڙ پيءُ هو. اسان سيني ڀينرن جي ساڻس دوستي هوندي هئي. اسان جا وڏا اصل ۾ ٿرپارڪر جي ڳڙي ڳوٺ جا رهواسي هئا. جتان پوءِ لڏي اچي ميرپورخاص ۾ سڪونت پذير ٿيا. بابا سڀي جمار علم حاصل ڪرڻ جي نصيحت ڪندو هو. ميرپورخاص کان حيدرآباد لڏي اچڻ پڻ انهي سلسلي جي ڪڙي آهي جو انهي وقت ۾ حيدرآباد ۾ ڇوڪرين جي تعليم جا موقعا ميرپورخاص کان بهتر هئا. بابا اسان سيني ڀيڻن کي اسان جي پنهنجي طبيعتن مطابق تعليم ڏياري. منهنجي خيال ۾ اهو تمام گهٽ والدين ڪندا آهن. سو اها بابا جي گهڻين خوبين منجهان هڪ خوبي هئي. اڄ بابا جي هن دنيا مان وڃڻ بعد ويهي سوچيان ٿي تہ هو ڪيڏو نہ عظيم انسان هو. سندس ڪهڙين ڪهڙين خوبين تي لکان سو بہ مان، جيڪا هڪ ليکڪ ۽ چترڪار جي ڌيءَ هوندي بہ نہ تہ اديب آهيان ۽ نہ ئي وري ڪا چترڪار (اها خوبي ادي نجمہ ۽ ادي نسيم ۾ آهي) پر پوءِ بہ بابا جيڪو منهنجو آدرش، دوست ۽ شفيق پيءُ آهي

تنهن جي باري ۾ ازخود قلم پني تي هلڻ لڳي ٿو. بابا جي اسان سيني کي
ڪيل نصيحت اڄ بہ ياد اچي ٿي تہ. بابلا!تعليم سان گڏ هن دنيا ۾ ڳاٽ
اوچو ڪري هلڻ لاءِ خاص طور تي توهان ڇوڪرين لاءِ ضروري آهي تہ
توهان منجهہ خود اعتمادي هجي ۽ اها تڏهن ايندي، جڏهن توهان نصاب
جي ڪتابن کان سواءِ، ٻيا ڪتاب بہ پڙهو ۽ سمجهو.

هن تاثر جي آخر ۾ آئون ادي نجمہ جي ٿورائتي آهيان جو هو سدائين
بابا جي ڪيل ڪم، ساروڻين ۽ يادگيرين کي گڏ ڪرڻ ۽ سندس نالو نئين
نسل تائين پهچائڻ لاءِ، پتوڙڻ واري پنهنجي ڪوشش جاري رکندي پئي
اچي.

٭



نذير حسين، امان، نسيم، رشيده شيخ ۽ پويان ممتاز شيخ.

## نسيم شيخ

✡

# ع.ق. شيخ: منهنجو بابا...

ع. ق. شيخ صاحب جن تر جي هڪ ننڍڙي پراڻي ڳوٺ گدڙي ۾ 8 مارچ 1914ع ۾ ڄاوا. سندن والد، عبدالقادر شيخ صاحب جن، متقي، پرهيزگار ستاد، عالم، فاضل ۽ حڪيم هئا. انهن جي صحبتن جي نظر فيض اثر هيٺ ٻاڻ ديني ۽ دنياوي تعليم حاصل ڪيائون. ڪجهہ مدت ٽنڊي سومري ۾ ۽ ٻوءِ ٽنڊي الهيار ۾ سندن تعليم ۽ تربيت ٿي. ننڍي هوندي کان وٺي سندن ڙو فن ۽ ادب سان گهڻو هو. پهريائين پهريائين ڪيئي ڪتاب پنهنجي الد صاحب جن جا پڙهيائون، ۽ پوءِ سنڌيءَ توڙي انگريزيءَ ۾ ابتيون سبتيون ليڪون ڪڍڻ ۽ رنگن سان چٽ چٽڻ سندن ننڍپڻ جو ذوق هو شيخ صاحب جي هن ذوق سندن زندگيءَ ۾ هٽي وڃي هنڌ ڪيو ۽ کين صوريءَ جي دنيا ۾ هڪ اعليٰ مقام مليو.

آرٽ کي سکڻ ۽ آرٽ کي پرکڻ هر هڪ نٿو ڪري سگهي. هن ميدان ر فنڪار تڏهن اعليٰ مقام حاصل ڪري سگهي ٿو. جڏهن ليڪُن مان اُوري ڪُوري پنهنجي اندر جي اڌمن، احساسن ۽ جذبن کي مختلف رنگن جي چٽن سان، تخليق جي صورت ۾ دنيا آڏو پيش ٿو ڪري، ۽ پوءِ ئي هو وڃي اڻ صحيح معنيٰ وارو ۽ صحيح مقام وارو فنڪار سڏائڻ جهڙو ٿئي ٿو.

ع. ق شيخ صاحب جن فن جي دنيا ۾ اهڙي ئي درجي ۽ اوچائيءَ تي رسيل ۽ سرفراز ٿيل هئا.

ع. ق شيخ اديب آهي ۽ مصور بہ. هو ڪيئي افسانن جو خالق آهي. سندس سنڌي افسانن ۾ حقيقت نگاريءَ کان ڪم ورتل آهي

ع. ق. شيخ جن کي ساڳئي وقت ڊزائين ۾ مهارت حاصل هئي. سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ۽ ٻين ڪيترن ادارن جي ڪتابن ۾ ۽ خاص طرح مهراڻ رسالي ۾ پيش ٿيل ڊزائينون، ع. ق. شيخ جي فني ڪاريگريءَ جو ثبوت آهن.

هن ”ڪهہ ڪٿوري“،” نازو“، ”تاريخ اسلام“ ”داستان اندلس“ جهڙا ڪتاب پڻ لکيا. سندن ڪتاب ”محبت جي راهہ تي“ سندن مختصر افسانن جو مجموعو آهي.

ع. ق. شيخ کي بحيثيت استاد جي هڪ آئيڊيل استاد جي روپ ۾ بہ ڏسي سگهجي ٿو. پاڻ فن جي تعليم ۾ وڏي مهارت رکندا هئا. فن متعلق شاگردن کي سمجهائي انگريزيءَ ۾ توڙي فارسيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ واضح طور سمجهائي ڏئي سگهندا هئا. ۽ ان دائري ۾ وڏي شخصيت جا مالڪ استاد بہ سندن برابري نہ ڪري سگهندا هئا.

جيڪڏهن ڪنهن شاگرد کي شوق نہ هوندو هو تہ پاڻ انهيءَ کي شفقت، پيار ۽ محبت سان ڪم ڪرڻ تي همٿائيندا هئا. ڪين پڙهڻ جون نصيحتون ڪندا هئا، صلاحون ڏيندا هئا، ۽ اڳتي وڪ وڌائڻ جي تلقين ڪندا هئا.

ع. ق. شيخ جي اعليٰ شخصيت ۽ بلند ڪردار تي جيترو لکجي اوترو گهٽ اهي. هو يارن جو يار، ٻارن جو ٻار جوانن سان جوان ۽ پوڙهن دوستن جا پڳ مٽ يار هئا.

بحيثيت پيءُ پاڻ محبت جا پندار هئا. سندن پڳهار گهٽ هو پاڻ ان گهٽ پڳهار مان اولاد کي پاليائون، پائٽين، پاٽيجن ۽ پنهنجن مٽن مائٽن ۽ پنهنجين نياٽين کي خوب پڙهايائون ۽ اعليٰ مقام تي پهچايائون، انهن مان

ڪي پروفيسر، ڪي ڊاڪٽرياڻيون، ڪي ماستر تہ ڪي ماسترياڻيون ٿيون ۽ انهن کي پڙهائيندي نصيحتن جا گفتا ٻڌائيندا هئا. جي دل ٺاريندڙ هئا. پاڻ اڪثر پنهنجين نياڻين کان صلاحون وٺندا هئا. ۽ ائين سيني نياڻين ۽ پٽن کي پيرن تي بيهڻ سيکاريائون ۽ انهن منجهہ خوداعتمادي پيدا ڪيائون. پاڻ وسيع نظر رکندا هئا. پاڻ هميشہ سچ ڳالهائڻ، محنت ڪرڻ ۽ پڙهڻ جي تلقين ڪندا هئا. ۽ هميشہ چوندا هئا تہ "پڙهو ۽ لکو نہ تہ توهين هڪ ڪني پاٽي جي ڍُبي وانگر تي ويندا." پاڻ تمام حساس، نازڪ طبع، نفاست پسند، ۽ وڏي جگر ۽ دل وارا هوندا هئا.

گهر ۾ ڪي بہ مهمان ايندا هئا تہ ڪڏهن منهن ڪونہ گهنجائيندا هئا. افسوس آهي، جو سندس ناياب ڪتابن جي وري اشاعت نہ ٿي آهي، جهڙوڪ "تاريخ اسلام"، "داستان اندلس"، "نازو" ۽ "کهہ ڪتوري" وغيره صد افسوس تہ سندن دوستن تہ ان ڏس ۾ ڪجهہ نہ ڪيو پر سندن شاگردن بہ ڪين وساري ڇڏيو.

❊



نسيم شيخ پنهنجي گهر وارن سان گڏ.

## دريشا زرينہ صديقي

✡

# منهنجو نانا بابا

پهرين نظر ۾ تہ هر انسان خاص نظر ايندو آهي پر انهن مان رڳو اهي ماڻهو پنهنجي اها خاص اهميت آخري نظر تائين برقرار رکي سگهندا آهن جيڪي واقعي خاص هوندا آهن. مون هميشہ سمجهيو آهي تہ انسان جي اندر اها طاقت موجود آهي جنهن سان هو پنهنجي زندگيءَ سان لاڳاپيل هر شئي کي بدلائي سگهي ٿو مون اهو جاتو آهي تہ اسان کي پنهنجي سپنن کي ساپيا ۾ بدلائڻ لاءِ جيڪي وسيلا گهرجن, اهي اسان جي اندر ۾ موجود آهن انتظار رڳو ان ڏينهن جو هوندو آهي جڏهن اسان انهن وسيلن يا صلاحيتن کي اپارڻ جو پنهنجو پيدائشي حق استعمال ڪريون.


مان سڀ ڪجهہ پنهنجي نانا بابا جي ڪري آهيان.

مان جيتوڻيڪ وات ۾ سون جو چمچو کڻي پيدا نہ ٿي هئس پر مان هڪ سون جهڙي شخصيت يعني پنهنجي نانا بابا جي ڏوهٽي هجڻ سبب پاڻ کي هميشہ خوش نصيب سمجهندي آهيان. منهنجي نانا بابا جي فرشتہ صفت شخصيت هميشہ منهنجي لاءِ اتساهہ جو ذريعو بڻيل رهي. هو هڪ وڏي شخصيت هجڻ باوجود هميشہ پنهنجي خاندان جي ميمبرن ۽ دوستن جي مدد ڪندا رهيا ۽ اها ئي ڳالهہ سندن شخصيت کي عظيم کان عظيم تر بڻائي ٿي.

بابا جي روپ ۾ هڪ انعام ڏنو ۽ مون کي پنهنجي ناني ۽ نانيءَ جي شفقت نصيب ٿي. هنن نهايت محبت ۽ توجهہ سان منهنجي تربيت ڪئي ۽ منهنجي شادي ڪرائي.

هاڻي مون کي هڪ نهايت پياري ڌيءَ آهي. ان جي ڄمر جي تاريخ 9 مارچ آهي ۽ منهنجي نانا بابا جي ڄمر جي تاريخ 8 مارچ هئي. هنن ٻنهي ۾ هڪجهڙائي اها آهي تہ منهنجي ڌيءَ بہ پئنٽنگ ڪندي آهي، جيتوڻيڪ سندس عمر صرف ستن سالن جي آهي پر مان سمجهان ٿي تہ منهنجي يا منهنجي اولاد جي هر ڪاميابي جو ڪريڊٽ منهنجي نانا بابا ۽ منهنجي نانيءَ ڏانهن وڃي ٿو.

مان الله پاڪ جو شڪر ٿي ڪريان تہ هن مون کي منهنجي نانا بابا جي خاندان ۾ پيدا ڪيو ۽ سندس شفقت ۽ ساٿ نصيب ڪيو.



مرحومہ زرينہ شيخ، والده دريشہ صديقي

ع.
ق.
شيخ

گذارڻ خاطر پنهنجي ايندڙ وقت جي جاچ حاصل ڪرڻ لاءِ ع.ق شيخ کي منٿ ميڙ ڪري ٿو. اهو افسانو پڙهڻ جهڙو آهي. ع.ق شيخ جڏهن انگلينڊ مان آرٽ جو ڪورس پورو ڪري واپس آيو هو تڏهن هن اهو واقعو اسان کي چانهه جي ڪوپ پيئڻ وقت ڪيترائي ڀيرا ٻڌايو هو. بلڪل اهڙي طرح جيئن هن افسانيءَ ۾ ٻڌايو آهي. اها هن جي اسٽائيل هئي، هن جي طرز تحرير هئي، صاف، ساديءَ روان.

ذڪر پئي ڪيم هن جي ان چاهه جو جيڪو افسانن سان هو هن جو. هڪڙي ڀيري ٽريننگ ڪاليج ۾ وڪيشن ٿي، سيئي شاگرد پنهنجن پنهنجن ڳوٺن ڏانهن روانا ٿي ويا. هاسٽلون خالي هيون. هڪدم فيصلو ٿيو تہ افسانا لکبا ۽ هر هفتي افسانن پڙهڻ جي ڪچهري اتي ٽريننگ ڪاليج جي ميوزيم واري هال جي پر واري ڪمري ۾ ٿيندي جتي هو شاگردن کي ڊرائنگ جي سکيا ڏيندو هو. اهڙي ريت هو نہ رڳو افسانن لکڻ جا وجهہ ڳوليندو رهندو هو پر پنهنجن دوتن کي پڻ هر ڪائيندو هو تہ افسانا لکو. پنهنجي وقت ۾ پنهنجين حالتن کي قلمبند ڪريو. هن ان سلسلي ۾ اسان کي ٻڌايو تہ ان لاءِ بهتر وسيلو ڊائري آهي. هو هر سال نيئن ڊائري خريد ضرور ڪندو هو ۽ اسين بہ هن جي پيروي ڪندي هر سال ڊائري وٺندا هئاسين. پوءِ ان ۾ ڪي نہ ڪي يعني ڪڏهن پنهنجي وارتا، ڪڏهن ڪنهن ٻئي جو ذڪر، ڪڏهن ڪو گيت، ڪو غزل، مطلب تہ ڊائري جا اڇا پنا ڪارا ضرور ڪبا هئا ۽ اتفاق وري اهو جو انهن ڪارن پنن مان ڪنهن وقت افسانہ بہ نڪري نروار ٿيندا هئا. ع.ق شيخ وٽ بہ ڊائري هوندي هئي پر ان ۾ اسان وانگر وارداتون درج ٿيل نہ هونديون هيون. بلڪ هڪ بنهہ غير ادبي تحرير نظر ايندي هئي. ع.ق شيخ ان ڊائري ۾ هر روز جو خرچ پکو لکي رکندو هو. ان ۾ هن ڪڏهن بہ ڪا ادبي تحرير داخل نہ ڪئي. ادبي تحرير لاءِ جدا ڪاغذ هوندا هئا.

ع.ق شيخ بنيادي طرح هڪ نقاش هو هڪ مصور هو هن کي ليڪن ۽ رنگن جي پوري پرک هئي. ورتي ممبئي جي مشهور ڪاليج جي سکيا سون

ڪولي ۾ هو ابابيل ڏسي ٿو ڪيترائي ابابيل، اهي ڪولي ۾ اندر اچن ٿا ۽ ڦير
پايو ٻاهر نڪري وڃن ٿا. البته هڪ جوڙو اتي ڪوليءَ جي ڪنهن چير ۾
لڪي ويٺي ٿو. نيٺ ڦيدين جي ڪوشس سان اهو جوڙو بہ پنهنجي ولر سار
گڏجي ان ڪوليءَ مان ٻاهر اڏامي وڃي ٿو.

ع.ق شيخ انهن افسانن کان سواءِ سنڌ جي هڪ لوڪ داستان کي بہ
پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. اهو لوڪ داستان آهي، ”موکي ۽ متارو
جو“ ان داستان جي خوبصورت ۽ دل ۾ پيهي وڃڻ واري ٻولي پڙهي هڪ بي
انتها تسڪين جو احساس ٿئي ٿو. اوهان بہ ضرور پڙهو.

مجاز جي ميدان ۾ وک وک تي رڪاوٽون ۽ رنڊڪون، سر جو سانگو ڇ
جو بس هڪڙي تن ۾ تار ويهڻ وهہ ٿيو پوي ناامیدي ڇا جي، هو سوز ۽ ساڙ ۾
سڙندا، لڇندا وتن، پر نڪي ڪڇن نڪي پڇن، سوريءَ تي سڏ ٿئين تہ هلي
وڃيو سر اڏيءَ تي ڏرين ۽ مري پوءِ ماڻين جانب جو جمال، حسن هر ڪنهن
کي هرڪائي، جنهن ڪجهہ ڏنو تنهن کان سڀ ڪجهہ وسريو لاڳاپا لاهي
نڪريو پون... جن مشاهدو ماڻيو سي سدا ئي ساوا... عشق جا فائدا پنهنجا تہ
ان جا نبيرا ۽ فيصلا بہ پنهنجا“

اها آهي ع.ق شيخ جي سوچ ۽ اهو آهي ان کي اثرائتو بنائڻ جو
سنڌس طريقو.

*

پيلا، ميرا ۽ آسماني ۽ ڏک ۽ مايوسيءَ جا رنگ انهن ڪروڙن جي اُس ۾ لهساتيل جسم جا رنگ، جن کي ڏسڻ لاءِ ڪڏهن ئي ڪنهن ڪا ضرورت محسوس ڪئي هوندي، ٻين لفظن ۾ نظر انداز ٿيندڙ حقيقتن جا رنگ.

هتي آءٌ چند لفظ ع.ق شيخ جي ڪهاڻي جي باري ۾ لکندس، جيڪي بظاهر هڪ ماٺي سمنڊ جو روپ لڳنديون آهن ليڪن انهن ۾ اندر لڪل طوفان صرف ڪو ڪو محسوس ڪري سگهي ٿو يا وري وقت ئي ان مدو جزر کي موقعي اچڻ تي پڌرو ڪيو ٿو وجهي. منهنجو مطلب سندس ڪهاڻي ”حيدرآباد ڊسمبر 1947“ سان آهي.

هن ڪهاڻي کي پڙهندي لڳي ٿو تہ جڻ اها ڪهاڻي اڄا تازو هاڻي لکي وئي هجي. جڏهن اسين شهري سنڌي، واقعي پنهنجي شهرن ۾ ئي اجنبي ٿي ويا آهيون. هن ڪهاڻي ۾ ليکڪ جنهن سادگي سان پاڪستان ٺهڻ ۽ ڌارين جي يلغار کان پوءِ حيدرآباد جي شاهي بازار جو نقشو چٽيو آهي، تنهن جو دل تي نهايت گهرو اثر ٿئي ٿو. هن ڪهاڻي ۾ مارواڙ گجرات ۽ ٻين علائقن مان آيلن جو واپار تي ٿيندڙ قبضو خاص ڪري جو هنن کي هتان ملڪ بدر ٿي ويل هندن جون جايون جڳهيون ۽ دڪان سامان سان سٽيل ملي ويا هئا. تنهن ڪري سنڌي مسلمان، جيڪي اڳ ئي شاهي بازار ۾ نہ هئڻ جيترا هئا، صرف ڪي ميمڻ، نانارا ۽ ٽوپين وغيره جي دڪانن وارا هئا، باقي سڀ ڪاروبار هنن جي هٿ ۾ هليو ويو. اهڙي طرح هن جي اها ڪهاڻي ايندڙ ڏينهن لاءِ هڪ اڳ ڪٿي ثابت ٿي ان جو ڪلائميڪس نوي واري ڏهاڪي ۾ لساني فسادن جي صورت ۾ ٿيو.

هن ڪهاڻي ۾ ٻاهران آيلن جو حليو ۽ چال ڍال جنهن ريت شيخ صاحب بيان ڪئي آهي، تنهن مان هنن سان نفرت بجاءِ پنهنجن سان محبت جو اظهار نظر ٿو اچي، جيڪي چاهي ڪهڙي بہ مٽي ۽ مذهب جا هئا پر سنڌي هئا. هن ڪهاڻي جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ اها سنڌي ادب ۾ ڌارين جي غلبي خلاف هڪ ايف آءِ آر جي حيثيت رکي ٿي. ان ڪهاڻي مان سنڌي سماج جو هڪ ٻيو پهلو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪارا برقعا ۽ چادريون سنڌ ۾ پناهگيرن آنديون، ليڪن هُو اِهو پردي کان وڌيڪ فئشن لاءِ

استعمال ڪندا هئا. ٻيو تہ هنن سنڌ کي مسلمانن جو منڪ ئي نہ ٿي سمجهو تنهن ڪري مذهبي نالن تي هوٽلون کوليو، مذهبي نالن جي کُھلم کُلا گھتتائي ڪرڻ کان بہ ڪو نہ رهيا.

جيئن علامہ آءِ آءِ قاضي جا ورهاڱي کان اڳ محترم جي ايم سيد ڏانهن لکيل خطن ۾ پاڪستان ٺهڻ جي صورت ۾ ڌارين جي اچڻ ۽ ڌارين ٻولي جي قبضي ڪرڻ جو خدشو ڏيکاريل آهي، اهو ساڳيو نقشو شاهي بازار جي ذڪر مان پڻ ظاهر ٿئي ٿو. ان ڪري جو ملڪ تي قبضو انهن جو هوندو آهي، جن جو واپار تي قبضو هوندو آهي، جي ورهاڱي کان پنج مهينا پوءِ ئي احمد آباد جو ڪپڙو حيدرآباد سنڌ جي مارڪيٽ ۾ مٿانهون درجو رکي ٿو تہ اڳتي هلي ڇا ٿيڻو هو؟

آءِ شيخ صاحب جي هڪ ٻي ڪهاڻي ”گلو بادشاهہ“ جو بہ ذڪر ڪندس، جيڪا سنڌي ۾ لکيل ڪرداري ڪهاڻين ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. ان ڪري جو هر اديب گهٽيون نہ تہ هڪ اڌ ڪرداري ڪهاڻي ضرور لکي آهي، اياز قادري جي ”ٻلو دادا“ جو آئون ذڪري ڪري آيو آهيان، ائين جمال ابڙي جو ”پشو پاشا“ راقم الحروف جي ڪهاڻي ”جيجي سارو“ ۽ ڪيئن ٻيون ڪهاڻيون سنڌي ادب جو شان آهن، ”گلو بادشاهہ“ بہ اهڙين ڪهاڻين مان هڪ آهي، جنهن مان ليکڪ جي دوربين نگاهن ۽ انساني فڪر ۽ سوچ جي گهرائي تي نظر جي خبر پوي ٿي.

جيئن مون اڳ لکيو آهي تہ شيخ صاحب ڌيمي انداز ۾ لکندڙ اديب هو. تنهن ڪري سندس لفظ لفظ توريل تڪيل ٿو لڳي. هو ڪو اجايو لفظ يا بيڪار جملو استعمال نٿو ڪري ۽ نہ ئي لفظن جي اجائي پرمار (Extravagance) جو ئي قائل هو. ان ڪري هو گلوءَ جو حليو، رنگ روپ، ڳالهائڻ ۽ اٿڻ ويهڻ خوش طبعي ۽ ٻين سان همدردي جي جذبي جو بيان نهايت سادن لفظن ۾ ڪري ٿو ۽ ڪٿي ڪٿي هن ۾ جيڪا قدرتي ڏاهپ آهي، جيڪا هڪ ثقافتي انسان ۾ هوندي آهي، تنهن جو بہ ذڪر ملي ٿو خاص ڪري هو پنهنجي صاحب کي وقت جي باري ۾ جيڪي جملا چوي ٿو اهي نهايت معنيٰ خيز آهن. واقعي وقت ڪنهن ڏنو آهي؟ وقت جي گذري

وچڻ جي خبر صرف واچ ڏسي ئي پوي ٿي، پل پل ۾ ئي صديون گذريو وڃن. منهنجو، هڪ شعر آهي:

زندگي ڪيڏي نہ آهي، مختصر،
چاهي گذرڻ ۾ لڳنس سالن جا سال.

لمحا ڪيئن ڏينهن، مهينن، سالن ۽ صدين جو روپ حاصل ڪن ٿا ۽ انسان ڪيئن وقت جي زير اثر رهي ڪڏهن ٻار تہ ڪڏهن جوان تہ ڪڏهن:

"ڪڏهن ٻاڙهو گهوٽ تہ ڪڏهن مڙهہ مقام ۾"

واري حالت ۾ پهچي ٿو پوءِ بس اهي يادون آهن، جيڪي مرڻ گهڙي تائين انهن لمحن ۽ پلن کي، محفوظ رکيو ويٺيون آهن وقت جو گذري ويو اهو موٽڻ محال آهي.

گلوءَ جي زندگي ۽ موت جي وچ ۾ هن جيڪي واقعا بيان ڪيا آهن، اهي اصل ۾ سنڌ جي ثقافت جا اهي عظيم مثال آهن، جيڪي هڪ انسان کي هن جي مالي حيثيت توڙي دنوي طور طريقن کان نرالو ڪري پيش ڪن ٿا. هو بہ غربت جي ڪي وهم وسوسن ۾ وڪوڙيل آهي، تڏهن تہ پنهنجي غريب دوست جي دوا لاءِ اسپتال کان اهو نيڪ سيرت حڪيم و ليڪ اهم تو لڳيس جنهن جي پرهيز گاري ۽ نيڪ نيتي ۾ هن کي ويساهہ آهي ۽ انهيءَ دوست لاءِ هلندڙ ريل مان لهڻ جو جوکو کڻي جان ڏئي ٿو ڇڏي.

ع. ق. شيخ جي ڪهاڻين ۾ اسان کي ويهين صديءَ جي پوين اڌ جي وقت جو ماحول ملي ٿو. جڏهن اڃا عام ماڻهو کي ايتريون سهوليتون ميسر نہ هيون، جيتريون هن وقت آهن. ليڪن پنهنجي محدود وسائل ۽ غريباڻي زندگيءَ تي بہ هو قانع آهن ۽ انهي جو سندن فطرت تي ڪو خاص اثر ڪو نہ تو ٿئي. اهڙا ڪردار خاص ڪري ع.ق شيخ جهڙي نرم دل مصور لاءِ وڏي وٿ ٿا نظر اچن، جنهن تي هو قلم کڻڻ پسند ٿو ڪري. خاص ڪري اهڙي دور ۾ جڏهن ترقي پسند تحريڪ ذريعي قلم جو رخ بادشاهن، اميرن ۽ دولتمندن کان هٽائي انقلاب ۽ عوام ڏانهن موڙيو ويو هجي، هي ڪهاڻي انهن جي تناظر ۾ تمام وڏي اهميت رکي ٿي.

آءُ وري بہ چوندس تہ سٺو ڪهاڻيڪار اهو ناهي جنهن گهڻيون ڪهاڻيون لکيون آهن بلڪ سٺو ڪهاڻيڪار اهو آهي جنهن چاهي گهٽ

جن سنڌي ڪهاڻيءَ جي فن کي ٻين سينن صنفن کان سنڌي ٻوليءَ ۾ وڌيڪ مقبول بنائي ڇڏيو. آخرڪار اها ڪهڙي خاصيت هئي جنهن جي باعث سنڌي ادب افساني جي نسبت سان سجاپجڻ لڳو؟ ورهاڱي بعد آيل اٿل پٿل سبب سنڌي ادب جي حالت مخدوش ٿي وئي، نہ فقط ايترو بلڪ سنڌي ٻوليءَ جي اشاعت جون راهون بہ گم ٿيڻ لڳيون هيون. سڀ ڪنهن ائين پئي محسوس ڪيو تہ، اجهو ٿي ساري جي ساري عمارت ڊهي پٽ ٿي. اهو ٿي دور هو جنهن ۾ اسان جو سنڌي قلمڪار ڪر کڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ان دور ۾ اچانڪ سنڌي ڪهاڻيءَ جو ظهور ٿيو ۽ لکندڙن ڪهاڻيءَ جي فن ۾ روح عصر جي سيني اهڃاڻن کي سمائي ڇڏيو. سنڌي ڪهاڻيڪارَ زندگي بخش عنوانن تي لکي، نہ فقط پاڻ مڃايو بلڪ ساري ملڪ ۾ سنڌي ادب کي ڪامياب ترين ادب قرار ڏياريو. هن پنهنجي ڪهاڻين جا پلاٽ معاشري جي حقيقتن يا سماجي واقعن مان کنيا. سنڌي ڪهاڻيڪار عوام جو جدوجهد ۾ ويساهہ پيدا ڪيو.

هن دور جي ڪهاڻين باعث ترقي پسند سوچ پوري زور سان ايري ٻاهر آئي ۽ اهو ئي ڪهاڻيءَ جي طاقتور هجڻ جو راز هو. ان دور جي سنڌي ڪهاڻيءَ جو فن خيال بدران افادي هو ۽ ان ۾ ڪنهن نہ ڪنهن مقصد يا عمل بابت اشارو سمايل هوندو هو.

عبوري دور ۾ گهڻن سنڌي قلمڪارن لکڻ کي هڪ فريضو ڪري ورتو هو. چنانچہ هُو جنهن بہ پيشي سان هو يا طبع جو ميلان زندگيءَ جي ڪنهن بہ شعبي طرف هو. هُو آمدن نہ مگر ارادتاً ڪهاڻيءَ جي فن ۾ قلم آزمائڻ لڳو.

ڪو جج هو يا وڪيل... ڪو ڊاڪٽر هو يا ڪو شاعر هو... ڪو استاد هو يا تہ صرف دڪاندار... ڪنهن کي انتظاميا جو پرزو ٿي رهڻ جي خواهش هئي... ڪو لطيف فن جو دلدادو هو يا محض ڪنهن هنر جو مشققتڪار... آءُ ائين ڪونہ ٿو چوان تہ ڪنهن شعبي سان لاڳاپي باعث انسان ادبي اظهار جي قابل بنجي نٿو سگهي. نہ هرگز نہ. منهنجي چوڻ جو مقصد صرف اهو آهي تہ ڪجهہ شخص ادبي طور جينيس نہ هئا، تہ بہ لکڻ

سندن شوق يا مجبوري بنجي پيو. دراصل ان دور ۾ بہ اڪثر لکندڙن ڪهاڻيءَ کي آرٽ بجاءِ ڪرافٽ طور آزمايو آهي. هنن صرف ڪنهن مشغوليءَ ۾ ڪهاڻيءَ جي فن کي پڙهيو ۽ سمجهيو. هنن ڪهاڻيءَ کي تخليق نہ ڪيو بلڪ ان کي ڪرافٽ جي طرز تي لکيو. اهو ئي سبب آهي جو عملي زندگيءَ ۾ هُو پنهنجي رغبت واري پيشي سان وابستہ هئڻ باعث، ڪهاڻيءَ سان ٿورو وقت نيائي سگهيا ۽ پوريءَ طرح فنڪار ۽ ڪهاڻيڪار بڻجي نہ سگهيا. جيئن تہ پيشي جو ميدان بہ هيو اختيار ڪيائون. ان ڪري باقاعدگيءَ سان ڪرافٽ مين ٿيڻ بہ سندن وس جي ڳالهہ نہ هئي. ڇو تہ ان لاءِ بہ پورو وقت ڏيڻ درڪار رهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو اسين ڏسون ٿا تہ ان وقت سنڌي افسانيءَ ۾ جيڪي بہ وڏا نالا يا فقط لکندڙ جي حيثيت سان معروف ٿيا، تن افسانہ نگارن مان ڪي اٺ تہ ڪي وڌ ۾ وڌ هڪ ڊزن ڪهاڻيون سنڌي ادب کي ڏئي سگهيا، ورنہ گهڻن جو اسڪور رڳو پنج يا ڇہ يا ٽي ڪهاڻيون رهيو آهي. ڪن تہ هڪ ڪهاڻي بہ لکي رت وهائي شهيدن ۾ نالو ڳڻايو. تاهم عبوري دور جي ڪهاڻي ايتري تہ زوردار Force full ثابت ٿي جو پڙهيل لکيل عوام ان جو ديوانہ وار شائق بڻجي پيو ۽ ادب جي ميدان ۾ ڪيترن ڪهاڻيڪارن کي قدر ۽ منزلت جي نگاهہ سان ڏٺو ويو. اهڙن ڪهاڻيڪارن ۾ ع. ق شيخ بہ يقيني طور هڪ معتبر نالو آهي. هن کي اديب کان علاوه هڪ ڪميٽيڊ استاد، منتظم، فنڪار، فن جو دلداده ۽ قدردان جي حيثيت ۾ بہ معاشري ۾ رتبو حاصل هو. هُو صاحب رغبتن بہ هڪ فنڪار هو ۽ مصوريءَ جهڙي فنِ لطيف کي پيشو ڪري اختيار ڪيو هئائين. هن ڪهاڻيڪاريءَ جي ذريعي زندگيءَ جا ڪجهہ رنگ پيرڻ ۽ نقش ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيتوڻيڪ ع. ق. شيخ متعدد اديبن وانگر صرف چند ڪهاڻيون لکيون آهن، تاهم ان ڳالهہ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ هن جو فنڪارانہ اجهل جذبو مصوريءَ سان گڏ ڪهاڻيءَ ۾ بہ اٿلي پيو هو.

آءٌ سمجهان ٿو تہ هن دور جي ڪن نامور ڪهاڻيڪارن جو هت ذڪر ڪرڻ موضوع کان بعيد نہ ٿيندو. خاص ڪري عبوري دور جي

ڪريڊٽ ملي ٿو جو هنن هڪ اهڙي قوم جيڪا روايت ۽ دقيانوسي سوچ
کان هڪ قدم به اڳتي وڌڻ لاءِ تيار نہ هئي، جيڪا عقيدي ۽ رسم پرستي
جي ظلمت ۾ ڌڪيل هئي، تنهن کي زندگي بخش نظرين جو آشفتہ بڻائي
ڇڏيو ۽ اها عمل ۽ جدوجهد جي ميدان ۾ يڪدم نڪري پئي. عبوري دو
جي سنڌي ڪهاڻي خيالي بدران مقصدي ۽ افادي آهي. ان دور جي ڪهاڻ
جيڪي نشان ڇڏيا، ان ڏس ۾ اڳتي هلي سنڌي ڪهاڻي ڪاميابي جو
منزلون طئي ڪيون. ڇا ان ۾ صرف چند نامور ڪهاڻيڪارن جو ئي حصہ
آهي. نہ هر گز نہ! بلڪہ انهن ۾ يقينن ع. ق. شيخ جهڙي فنڪار ۽ ٻي
ڪهاڻيڪارن جي بہ ڪنٽريبيوشن آهي. جن جي تند ۽ تيز خيالن درياءَ ۾
موج اٿاري.

غور و فڪر جا عادي ۽ سنجيده ذهن ان ڳالهہ کي بخوبي ڄاڻن ٿا ت
ادب فقط سڪڻي تفريح نہ، بلڪ هڪ حقيقي مسرت ۽ گهري ڄاڻ بخشيند
وٿ آهي، جنهن جي ع. ق. شيخ پنهنجي ڪهاڻين ذريعي نہ فقط حفاظت
پرپوري پوري پوئواري بہ ڪئي.

❊

ع.
ق.
شيخ

**الطاف آگرو**

✡

## محبت جي راھ تي

ع. ق شيخ بنيادي طرح سان چترڪار هو. سندس ناهيل ڪيترين ئي
اهڪار تصويرون مختلف رسالن ۾ ڇپيل آهن. جن ۾ تماهي 'مهراڻ' ٻه
امل آهي، مصوريءَ جي ميدان ۾ ع. ق شيخ وڏي مڃتا ماڻي. پر سندس
خصيت جو ٻيو رخ ٻه هو. اهو تہ پاڻ سنڌ جا مڃيل ڪهاڻيڪار پڻ هئا.
ندس شمار صفِ اول جي ڪهاڻيڪارن ۾ ٿيندو هو. سندس لکيل تي
ڪتاب گهڻو مشهور ٿيا: 'تاريخ اسلام'، 'تاريخ اندلس' ۽ 'کهہ ۽ ڪتوري'

سنڌي ادبي بورڊ، سندس انين ورسيءَ جي موقعي تي سندس ياد ۾
ڪهاڻين جو ڪتاب شايع ڪيو آهي: 'محبت جي راھ تي' هي ڪتاب
مي سائيز ۾ ٻہ سؤ پندرنهن صفحن تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ ڪل چوٽيهہ
ڪهاڻيون آيل آهن. ڪتاب جي ڇپائيءَ جي نگراني سائين محمد ابراهيم
ويي ڪئي آهي ۽ ڪتاب جو مختصر تعارف ڪتاب جي مُهڙ ۾ 'ناشر جو
ٺ' جي سِري سان سنڌ جي مشهور نثر نگار جناب غلام رباني آگري
و آهي. رباني صاحب ع. ق شيخ جي ڪتاب جي واقفيت هن ريت
ڪرائي تو:

'ع. ق شيخ جي هن ڪتاب ۾ خاڪا، ڪهاڻيون، يادگيريون، تاثرات ڪوھ
ي ڪجهہ موجود آهي، ٻہ سؤ پندرنهن صفحن جو هيءُ ڪتاب ايڏو تہ



قاف
شيخ

ع. ق. شيخ

✲

# حيدرآباد۔ ڊسمبر 1947ع

”حيدرآباد، حيدرآباد ڪٿي آهي، يار؟ مارواڙ آهي مارواڙ!“

شاهي بازار ونيو پئي ويس تہ مٿيون پڙلاءُ منهنجي ڪَنن تي پيو. پڙاڏي وانگر اهو آواز دل ۽ دماغ تي اوٽ موٽ ڪرڻ لڳو. نامعلوم خوف لامارا ڏيڻ لڳو. جهڙو ڪجهہ ٽيڻ وارو هجي. بي آرامي وڌندي رهي. خيال پڪڙبا ويا. ارادا ۽ جذبا هستيءَ جا جوانيءَ جا، معصوم محبت جي جنت جا، تصور جي دنيا مان ڦيرا پائيندي حقيقت جو روپ وٺڻ لڳا. پاٺهي ئي پاٺهي چَپَ چُريا ۽ ازخود زبان مان اکر نڪتا: حيدرآباد، حيدرآباد ڪٿي آهي يار!“

اڳيان هڪ ڪاري شيرواني ۽ جناح ٽوپيءَ سان ماڻهو وڃي رهيو هو. سامهون برقعن سان، مُنهن کُليل عورتن جو ٽولو اچي رهيو هو پاسي کان، ”هلو سائين هلو!“ جي بي ڊوليءَ ۽ پرائيءَ رڙ واڪو ڪيو چار ٽڪل پناهگير ڪبٽ ڪٽي وڃي رهيا هئا.

”هلو سائين هلو“ سنڌي ٻوليءَ جا اکر آهن. پنهنجي ٻوليءَ جا اکر ٻُڌي ڪير رنج ٿيندو؟ پر منهنجي سيني تي اهي اکر ائين ڪريا، جيئن زمين تي آسمان ڏانهن اڇلايل پٿر واپس ڪرندو آهي. پاسن کان ماڻهو وڃي رهيا هئا، ڪُلها ڪُلهي سان هٽندا. هيءُ اجميري آهي، هُو ڪانياواڙي آهي، هي گجراتي آهي ۽ هُو جوڌپوري ـ ٽڪل، بيمار ضعيف، ڏٻرا، بي رونق، گدلا ۽

پاسي ڪان، ’پاڪستاني اسٽور‘ وٽ ڀراڙيءَ جا ڪارن ڪپڙن سان ماٺھو بانٺي جو ڪپڙو ڏسي رهيا هئا. منهنجو روح به نه رهيو. اڳتي وڌي مون به ڪپڙي کي هٿ لاتو ۽ اگهه پڇيو. چي، ”صرف تين روپيه گز“ تاڪئي کي اٿلائي ڪٽي ڏسان ته احمد آباد جي ڪارخاني جو ٺپو نظر آيو ۽ مال هلندڙ مهيني جوئي نڪتل هو وري عجب ته اهو جو ان جي ريزڪي وڪري جو اگهه ڏهه آنا وال هو.

بيٺلن مان هڪڙي جٽي چيو ”شڪر آهي ڪپڙو مليو ته ٿو سهانگو يا مهانگو نه ته ڪنٽرول جي زماني ۾ ته ڪپڙو ڪيڏانهن گم ٿي ويو هو.“ وري ٻئي ڦٽل ڦٽل اردوءَ ۾ چيو ’دو رپيه ونيگا؟‘ اهي اکر ٻڌندي دڪاندار جي چهري جو رنگ بدلجي ويو. ڳوناٽن کي هيٺ مٿي نهاري، چرئي وانگر رڙ ڪري چوڻ لڳو: ’جائو جائو بڙي آئي ليني والي، دو روپئي مين تو ٽاٽ ڪي بوري ڀي نهين ملتي... جا، جا! تمهاري باپ داد ني ڀي ڪپڙا پهنا ٿا.“ هن جو آواز هن جي چهري وانگر ڦري ذري گهٽ جانور جهڙو ٿي پيو.

هُو ويچارا هڪا ٻڪا ٿي، دڪان ڇڏي، پاڻ ۾ گڏجي ٻاهر ٿي بيٺا، جهڙيءَ طرح ڪارا ٿنڊڻ ننڍين ٻارن جي ستائڻ تي چرڙهٽي ڏٽُ ڪندا آهن.

ڪي لانگهائو وري پاڻ ۾ چوندا ويا: ”وه ديکو ڪالي شلوار والي سنڌي هين!“ ٻئي چيو ”سب سنڌي ڪالي شلوار پهنتي هين.“ نه ڄاڻان ڇو منهنجو دماغ پينگهه وانگر لوڏا کائڻ لڳو. اکين اڳيان بنهه ڪاري ڪاري اونده اچي وئي. اها اونده، اها ڪاراڻ، وڌندي، وڌي ٿيندي رهي. بازار جي رونق نظارو هُل بکيڙو الائجي ڪيڏانهن ڪا گهڙي گم ٿي ويا. ايسين تائين، جو منهنجي ڪنن هڪ منو منو آواز ٻڌو چوڌاري ساڳي دنيا جاڳي اٿي، ساڳيا رستا، ساڳيون محلاتن جهڙيون جايون هيون، پر اهي ماڻهو جن سان اها رونق هوندي هئي، سي ڪيڏانهن ويا؟ منهنجي پر سان ڪي ڪارن برقعن سان ۽ ڪي مُنهن اگهاڙيون عورتون ڪِلنديون، ٺهڪ ڏينديون، ڀڙڪو ڏيئي هليون ويون ۽ اهي ڪارن ڪپڙن وارا سنڌي، هيڏانهن هوڏانهن ڏٺم، پر نظر نه آيا.

ع.
ق.
شيخ

*

ع. ق. شيخ

✡

## ابابيل

صفا! اڄو صبح تي ويو هو ٻاهران انب جي وڻ تي ڪوئل رکي رکي ڪُوڪاري رهي هئي. اولهہ پاسي واريون نم جون ٽاريون ٽڏڪار واريون هوائون ۾ جهوٽن ۾ لڏي لَمڪِي هيٺ مٿي تي چڙهي ڪنهن کي اشارا ڪري رهيون هيون. اوڀر طرف سونهري سج جو شعاع پکڙجڻ شروع ٿيو هو. سپاهي پهريدار ڇهن جا ٽڪاءَ هنيا. انهاري جي موسم هئي. صفا صبح ٿي ويو هو. سينٽرل جيل جي ڪوٺي جو شيخن وارو دروازو جمعدار ڪولي ڇڏيو هو پر چارئي قيدي اڃا ننڊ جي نشي ۾ هئا. هُو ڪڏهوڪو جاڳيا تہ هئا, پر جڻ موڳاٽيل موڳاٽيل هئا, بس ائين ليٽيا پيا هئا. هڪڙي قيديءَ جون اکيون کُليل هيون, باقي ٽن قيدين جون اکيون معصوم مُکڙين وانگر بند هيون. اوچتو هڪ منڙو چرڙاٽ ٿيو.

چر-چر-ر ر- سجاڳ قيديءَ رڙ ڪري چيو "اڙي مٿي تي ڏسو" مٿان ڇت جي هيٺيان ويهن پنجويهن ابابيلن جو ولر گُهمرا ڏئي رهيو هو. هڪڙو آواز ٻيو قيديءَ جي رڙ- ٽيئي قيدي اکيون کولي ڏسڻ لڳا. واقعي ابابيلن جو ولر بلڪل منظم طريقي تي ڪوٺيءَ جي اندر طواف ڪري رهيا هئا.

قيدي نمبر پهرئين گهبرايل آواز ۾ چيو "سائين, سائين منهنجا ساٿي اڇي ويا آهن, ڪو سبق ڏيونِ يا ڪجهہ سيکاريونِ." ٻي قيديءَ چيو "ڏسين

نٿو پاڻ ۾ سڀ ابابيل گڏ ۽ هڪ ئي ٽولي ۾ آهن.“ ٽئين قيديءَ چيو ”رنگ تہ ڏسونِ ڪارا آهن ڪارا، ڪارو بہ ڪو رنگ آهي، پر پيٽ ۽ سينو تہ اڇو اٿن. اندر جا تہ اڇا آهن.“ ۽ ”اهو رنگ جنهن کي اوهين ڪارو چئو ٿا، سو ڪارو نہ پر گهاٽو نيرو آهي ۽ نيري کنين کي جانچي تہ ڏسو سونهري نہ پر مٿن سوني دز جو جڙاءُ ٿيل آهي. واقعي سندن کنين ۾ سونهري شعاع آهن. پر پڇ تہ ڏسونِ. جهڙا عاج جا جپاني پنکا.“ چوٿون قيدي اهو سڀ ڪجهہ بنا هبڪ جي چئي ويو.

ابابيل مٿي ڇت هيٺان باقاعدي ڪنيڙاتيون تڪڙيون هٽي ڪنهن خاص ترڪيب سان پرواز ڪري رهيا هئا. ڄڻ تہ ڪنهن سائنسدان ننڍڙا ۽ ڦرندڙ راڪيٽ ٺاهي اڏاريا هئا. يا تہ وري اهي اڏامندڙ ابابيل ائين ٿي لڳا، جيئن ڪنهن جوهريءَ ڪو ٽڙڪندڙ هيرن جو هار ڇت هيٺان گولائي ۾ پاٽاري ڇڏيو هو.

چر-ر -چر-چين-چين جو آواز رکي رکي ڪوليءَ ۾ گونجڻ لڳو. سڄ ۽ پڙاڏي وارو قصو هو. خبر نہ آهي تہ هُو قيدين کي خوش ڪرڻ لاءِ نعم سرائي ڪري رهيا هئا يا ماڳهين ڪنهن تارن واري ساز کي ڪنهن معصوم اوچتو ئي اوچتو هلڪو ڏڪ هٽي لوڏي لرزش ۾ آڻي ڇڏيو هو. عجيب وايومنڊل هو. فضا دم جهلي گهٽجي رهي هئي. چارئي قيدي ابابيلن کي ڏسندا ئي رهيا.

ڪا مهل گذري وئي. ابابيل ڪوليءَ ۾ چڪر لڳائي رهيا هئا ۽ چارئي قيدي ڪين ڏسندا رهيا تہ پهرئين قيديءَ چيو. ”اي ابابيلو! ابابيلو توهان فرعون جهڙي ظالم بادشاهہ کي شڪست ڏني هئي. قرآن شريف ۾ بہ توهان جو ذڪر آهي. توهين پڪي پلي پار جا ساٿي رهيا آهيو. مرحبا ڀلي آيا، ڄڻي آيا. اسان جي لاءِ ڪهڙو پيغام آندو اٿوَ؟ توهين سياڳا آهيو اڄهو اسان جي آزاديءَ جو پروانو پهتو ڪِي پهتو. شل اسين چارئي ڇُٽي وڃون. ڇُٽي آزاد ٿي وڃون، آمين آمين.“

ع.
ق.
شيخ

ٻئي قيديءَ چيو ”نوجوان ٿلهو سڪٽين دعائن مان ڪجهہ ڪينَ ورندو توکي، توهين آزاد ائين سولائيءَ سان ٿي نہ سگهندا. آزادي دعائن سان ڪنهن بہ بني بشر کي اڄ ڏينهن تائين نہ ڪا ملي آهي نہ ڪا ملندي ڏس هيءَ اهي ابابيل سيئي گڏ آهن، گڏ آهن هڪ آهن. بابلا ڪُتيءَ جي مجني کي ڪڏهن ڪجهہ حاصل ٿيو آهي. پهريائين سيئي گڏجي هڪ تہ ٿيو. توهان جون ڪيتريون جماعتون آهن۔ـچو؟ بس، رڳو عهدن، پئسن خرچڻ ۽ اخبارن ۾ ٿلها بيان پيا ڇپايو ۽ پوءِ پاڻ ۾ ئي وڙهي هڪٻئي جو خانو خراب ڪيو... آزاديءَ جا پروانا ٿيو. پنهنجا پراوا سڃاڻو تہ پوءِ آزادي ۽ وطن ٻئي اوهان جا آهن، پوءِ دنيا جون نعمتون ازخود اوهان کي عطا ٿينديون وينديون.

”بس بس، هاڻ اهو واعظ بند ڪرُ.“ ٽئي قيديءَ چيو ”هتي نہ پبلڪ جلسو آهي، نہ ڪو وري ڪا اسٽيج آهي. موقع پرست اقتدار لاءِ رڳو پيا واجهہ وجهو. توهان مطلب پرست سياستدانن تہ عام ماڻهن کي دوکو ۽ فريب ڏنو آهي. مڪار توهان ڇا ڪيو آهي؟ 25ـ26 سال گذري ويا آهن. آهي ڪا اسان جي فقط هڪڙي منظم ۽ سياسي جماعت... چو؟... چو؟ ڏنا اٿئون توهان جا سياستدان، ڪُتي کي ٽُڪر پور ڏيو تہ پڇ لٽڪائيندو. اڄ توهان مان ڪيترا انهيءَ ٽُڪر پور ڪري ڪرسيون والاريو ويٺا آهن. بي شرم ۽ بي حيا!“ ٽئي قيديءَ جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون هيون. انهن مان بي انتها ڪاوڙ ڪروڌ ۽ نفرت جو اظهار پئي ٿيو. هُو اتي ويهي ٻئي نمبر قيديءَ ڏانهن گهورڻ لڳو. ٻيو نمبر قيدي ماٺ ٿي ويو.

پلڪ بہ ڪينَ گذري تہ قيديءَ نمبر ٽئي پاڻمرادو کِلي ڏنو ۽ کِلندي چوڻ لڳو ”يائو معاف ڪجانءِ. دل ۾ مٿان ڪرين. آءٌ نهايت جذباتي آهيان. مصور جو ٿيس. مُوڊ ئي خراب ڪري ڇڏيئہ. ڏس ڏس ڪهڙا نہ سهڻا آهن اهي ابابيل، سندن سفيد سينا ڪيئن نہ پيا جرڪن. قدرت سندن ڪهڙو نہ خوبصورت جسم ٺاهيو آهي ۽ پوءِ ڪين آزاد فضا ۾ آسمان جي وسعتن ۾ آزاد اڏامڻ جي اجازت بہ ڏيئي ڇڏي آهي... ۽...اهي...“

چارئي قيدي خبر ناهي ڪڏهوڪو اُتي ويهي رهيا هئا. سيني ڳالهايو هو پر چوٿون پيرسن قيدي خاموش... سيني کي ٻُڌندو بہ رهيو تہ هر هر ڪنڌ

ڪٽي هن اڏامندڙ ابابيلن کي پٽي ڏنو. هن چيو "يارو ڳالهيون تہ ڪافي ٿي چڪيون، ڳالهين سان ڳوٽ ڪينَ ٻڌبا. ڪو قياس ڪريو. هيءُ نوجوان شاگرد خون جي ڪوڙي ڪيس ۾ چار سال جيل ڪاٽي چڪو آهي. هيءُ دوست غير منظم سياسي پارٽيءَ جي ليڊريءَ ڪري ٽي مهينا بي دريافتو پيو آهي ۽ اسان ٻئي وطن جا دشمن سمجهايا ويا آهيون... پر هي جيڪي بيقصور ابابيل اڻ ڄاڻائيءَ ڪري هتي اچي ڪوٺيءَ ۾ ڦاٿا آهن. اڻ ڄاڻائي وڏو عذاب ۽ وڏو گناهہ آهي. اُٿو پاسن کان ٿي بيهو تہ هنن کي ڪوٺيءَ مان ٻاهر ڪڍون. اُٿو اُٿو. دروازو کُليل آهي، پاسن کان ٿي بيهو."

"هُش هُش، هو هو هلو هلو. وڃو وڃو." چئني قيدين هوڪرا ڪري، ٻانهون مٿي اُلارڻ شروع ڪيون. ويرم ڪانہ ٿي تہ ابابيل پڙڪو ڪائي ٻاهر نڪتا. پريشان جيڪي بروقت پوئتي رهيل هئا، پر ابابيل رهجي ويا. اهي ابابيل- جوڙو تيز تيز ڦرڻ لڳا، پر مجال آهي جو هيٺ لهن يا ٻاهر نڪرن. چارئي قيدي هوڪرا ڪري، ٻانهون اُلاري اُلاري ٿڪجي پيا. ويهي رهيا ۽ ابابيل بہ ڇت جي ڇيرن ۾ ليڪ گم ٿي ويا.

اهو ابابيلن جو جوڙو پورا ٽي ڏينهن ڪوٺيءَ ۾ اندر ٻين قيدين وانگر قيد هئو. صبح ۽ شام ابابيلن جو ولر ور ور ٻاهران ورانڊي ۾ چڪر لڳائي لڳائي وري آزاد فضائن ۾ گم ٿي ويندو هو. ڪوٺيءَ وارا ابابيل بہ اڪثر ڪوٺيءَ جي ڇيرُن مان ٻاهر نڪري اندران ئي اندران پرواز ڪندا هئا، پر جنهن وقت بہ قيدي کين ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، تہ ڪنيڙاٽيون هٽي هٽي ٿڪجي ڇت جي ڇيرُن واري پناهگاهہ ۾ اَجهو وٺندا هئا. قيدين نيٺ گڏجي صلح ڪئي. گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ فيصلو اهو ٿيو تہ جنهن مهل ٻاهر ورانڊي ۾ ٻيا ابابيل اچن. انهي وقت ڪيئن بہ ڪري انهيءَ جوڙي کي ٻاهر ڏڪي ڪڍجي، جيئن نڪرن تہ وڃي پنهنجي ولرن سان ملن.

فيصلي موجب چوٿين ڏينهن جيئن ٻاهر ورانڊي ۾ ابابيلن جو ولر آيو چئني قيدين هٿن ۾ ٽوال ۽ چادرون ويڙهي ڪنيون ۽ پوءِ هوڪرا ڪري اُلرون ڪري ويڙهيل ٽوال چادرون مٿي اڇلايا ۽ ائين باقي رهيل ابابيلن جو جوڙو آزاد بہ ٿيو تہ وڃي پنهنجي وڳر سان مليو.

اڄ چارئي قيدي خوش هئا. پر تعجب انهيءَ ڳالهه جو آهي تہ انهيءَ ينهن ڪان پوءِ ابابيلن جو ولر. وري وري اچڻ وارو ولر جيل جي ڪوٺيءَ ۾ ريا اهر وري اصل ڪينَ آيو. شايد هنن جي اڻ ڄاڻائيءَ وارو شعور سجاڳ ٿي يو هو.

*

ع. ق. شيخ

✲

# ڦُلتو صاحب

هن سان، منهنجي ملاقات ۽ واقفيت هڪ دوست ڪرائي هئي ۽ جڏهن مون هن کان سندس نالي متعلق عجب مان پڇيو تہ، ”واقعي، توهان جو نالو ڦلتو صاحب آهي،“ تڏهن هن فخر سان جواب ڏنو هو هائو ڦلتو صاحب منهنجو ئي نالو آهي، پر نالن ۾ رکيو ڇا آهي؟ سڃاڻپ جي اها نشاني آهي ۽ بس. اها ڪٽي کهڙي بہ هجي. وڏن، سهڻن ۽ تمام ڏگهن نالن سان جن کي توهين واقعي سنا سمجهندا آهيو تن ۾ دراصل کهڙي حڪمت ۽ کهڙو ڪرشمو آهي؟ اصل نالو آهي ماڻهوءَ جا پنهنجا عملي ڪمَ، جيڪي هُو زندگيءَ ۾ ڪري. اسان جا نالا تہ اسان جا مائٽ ئي رکندا آهن، پر منهنجو نالو مون پنهنجي پاڻ تي پاڻ رکيو آهي. آءُ دنيا کي ثابت ڪري ڏيکاريندس تہ نالي ہالي ۾ سچ پچ تہ ڪجهہ بہ ڪونهي. ماڻهو هرون ڀرون خسيس ڳالهين ۾ الجهي پنهنجو قيمتي وقت ٿا ضايع ڪن. اڃوڪا انسانَ، ڪيڏا نہ رسمن ۽ ريتن جا غلام ٿي پيا آهن.“

محترم ڦلتو صاحب جي مٿين تڪڙي گفتگو اهڙي هئي، جنهن مون کي ڳالهائڻ جو موقعو ئي ڪونہ ڏنو هو. ”معاف ڪجو“ چئي اٿيو ۽ ويو هليو. هن جا وار اٿيا ۽ ڪپڙا ميرا هئا، جڻ تہ ٻن مهينن کان وهنتو ئي ڪونہ هو. ڦلتو صاحب ڇا ڪندو هو؟ کهڙو ڌنڌو هوس، تنهن جي تہ مون کي خبر

هڪ وصيعت ڪئي هئي تہ منهنجو دماغ ڊاڪٽرن ۽ طبي ماهرن کي ڏنو وڃي تہ پلي اهي تحقيقات ڪن ۽ ڏسن تہ ان ۾ ڪهڙي غير معمولي مٽيا آهي. آئنسٽائين دنيا کي ڇا ڏنو؟ اضافيت جو نظريو! ڇا ٿي پيو؟ منهنجي دماغ ۾ هڪ تجويز آهي. آءٌ سوچيان پيو تہ ڇو نہ... توکي خبر آهي سياڻي سقراط جي... يوناني فيلسوف هو. دنيا الائجي ڪيس ڇا پئي سمجهي؟ منهنجي پيٽ ۾... نهيو انهيءَ مان ڇا ورندو... تون مشڪين ڇو پيو؟" هن مون ڏانهن عجب وچان نهاريندي چيو ۽ وري شروع ٿي ويو.

"سقرط چيو هو تہ آءٌ عقل بيوقوفن کان سکيو آهيان. اسان جي ملڪ جي مشڪلاتن ۽ تڪليفن جو حل هيءُ آهي ۽ بلڪل آسان طريقو بہ اهو آهي تہ اسان جي هر هڪ فرد کي بيوقوفيءَ جو سبق شروعات کان وٺي اسڪول ۽ ڪاليج ۾ نہ، پر يونيورسٽيءَ تائين سيکاريو پڙهايو لکايو ۽ ياد ڪرايو وڃي. منهنجو مقصد آهي تہ جڏهن اهو علم زور شور سان سيکاريو ويندو تہ اسان جا سيئي ماڻهو ماهر، سياڻا ۽ عقل وارا ٿي ويندا، پوءِ اسان جا سماجي، معاشي سياسي ۽ ٻيا سيئي مسئلا حل ٿي ويندا."

آءٌ هن جي گفتگوءَ جي انداز ۽ هن جي تجويز تي پوريءَ ريت ويچاري بہ نہ سگهيو هوس، تہ هُو اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ويندي ويندي چوڻ لڳو "يار هتي ڪهڙو بهترين حجام آهي؟ سنوارت نهرائڻي اٿم!"

ٻئي ڀيري ملاقات ٿي تہ هُو بلڪل فُل سُوٽ ۾ هو. رسمي عليڪ سليڪ کان پوءِ ٻانهن ۾ ٻڌل واچ ڏانهن نهاري چيائين، "جلدي ڪر، اڄ تہ فلم ڏسڻ هلون، گئلريءَ جون بہ ٽڪيٽون اٿم، جايون رزروڊ آهن، تو سان تہ مزو ئي پيو ٿيندو."

جڏهن ٻاهر نڪتاسين تہ هُو ڪجهہ وَٽَ کائي رهيو هو. مون کان رهيو نہ ٿيو ۽ ڏانهس نهاريندي ڪانئس پڇي ويٺس، "محترم ڦلٽو صاحب، ڇا ٿي ويو اٿوَ؟"

"ڪجهہ ڪونهي، ڪجهہ ڪونهي! او ٽانگي وارا، اي اي رڪشا! بيهہ بيهہ، هل هل، جلدي، واچ، واهُ ۽ مينهن، شاهڪار سئيما هائوس!" خير

ع.
ق.
شيخ

ع. ق. شيخ

# محبت جي راهہ تي

اج سواءِ ڪنهن انتظار جي تنهنجو خط مليو. مهرباني! دراصل تنهنج
خط جو نہ، پر توسان ملڻ جو انتظار هو. هن کان اڳ تہ ڪڏهن بہ ائين نہ ٿ
آهي، جو تون سواءِ ٻڌائڻ جي هليو وڃين ۽ ميار لاهڻ لاءِ بہ چار سٽون لک
صفائي پيش ڪرين، پوءِ معافيءَ جي تقاضا ڪرين. تنهنجي غير حاضر
جيتوڻيڪ حيرت جو سبب هئي، پر پوءِ بہ مون سوچيو تہ شام جو وڃ
تنهنجي گهران خبر چار وٺندس. ائين ڪريان ئي ڪريان، تنهن کان اَ
تنهنجو خط مليو. تو دوستيءَ ۾ وري بہ پنهنجو ئي پاسو ڳرو ڪيو. شاباس
اٿئي، ايترو وقت مليئي ۽ دوستن کي ياد ڪري سگهيو آهين. تون تہ د
چوٽيءَ کي بہ غلط ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ’ عشق ۽ جنگ ۾ سڀ ڪجهہ
آهي!‘.

شڪر آهي، جو تون جنگ جي ميدان ڏانهن ڪونہ ويو آهين، الب
ڪنهن خاص ڪشش جي ڪري ڇڪجي، ٻئي ڪنهن هنڌ وڃي نڪ
آهين۔ اهڙي هنڌ، جتي جي دلڪشي دوستن کان وڌيڪ ۽ سرس
پيانئجي. محبت، سيني معاملن کان بي نياز ڪيو ڇڏي پر، اج جو انس
جنهن جي سامهون صدين جا سوين انساني تجربا ۽ نتيجا اکين اڳيان آه
اُهو جنگ جي ڀيانڪ نتيجن کان پوريءَ طرح آگاهہ آهي. اهو سو

اج تنهنجي مختصر خط منهنجي ماضيءَ جا ڪجھ وسريل داستان ياد ڏياري ڇڏيا آهن. اج تہ انهن مان هڪ ڪهاڻي توکي بہ ٻڌايان- اها اڪين سان ڏٺل روئداد, جيڪا سالن کان منهنجي يادگيرين جي نگارخاني ۾ ستي پئي هئي; اڄهو هينئر ڪر موڙي پاسا ورائي رهي آهي- توسان ۽ هن سان ڪيترو نہ نهڪي ٿهڪي ٿي اچي. گويا اها, شايد اها, ساڳي سون ورني ڪهاڻي آهي, جا تو مان ئي, نئين سر نئون پساهہ کڻي, سجاڳ ٿي, سورنهن سينگار ڪري ويهي رهي آهي.

***

1944ع وارو زمانو هو. باک ڦٽي هئي, بمبئي جي بندرگاهہ تي هڪ سانت واري فضا ڇانيل هئي. هوا مانئي هئي. البت ڪيڏيءَ ڪيڏيءَ مهل ڪناري تي بيٺل ٻيڙيون, رکي رکي, آهستي آهستي هڪٻئي سان ٽڪرجي, جدا ٿي, وري ٽڪرجي رهيون هيون. ٿورڙو ڌنڌ هو. مهاڻن جون ٻيڙيون جيڪي واپس پئي وريون, سي ڪناري ڏانهن وڌندي نظر ٿي آيون. ڪٿي ڪٿي ايڪڙ ٻيڪڙ جل ديوتا جا پوڄاري سيس نمائي, پوڄا ۾ مگن هئا, ۽ آسپاس ۾ ڪي ٿورڙا ماڻهو هوا خوري ڪري رهيا هئا.

سج ڪني ڪڍي, ڌنڌ ۽ غبار غائب ٿي ويو. سمنڊ ۽ بندر جڻ ننڊ جي ڪِهر مان سجاڳ ٿي اُٿي بيٺا هئا. بندر جي اوير پاسي نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا ٽولا اچڻ لڳا- ٿيلها, ٽفن باڪس, پُڙا, نوٽبڪ, پنا ۽ رنگ-هر ڪنهن جي هٿن ۾ هئا. هي سڀ آرٽ ڪاليج جا شاگرد هئا. هر ڪنهن جي مُنهن تي سرهائي هئي ۽ هڪٻئي سان کل مذاق ۾ مصروف هئا. وقت پنهنجي رفتار سان گذرندو ٿي ويو تہ شاگردن جا ٽولا آهستي آهستي هلندا هڪ هنڌ اچي ڪنا ٿيا. ٽهڪڙن ۽ هوڪرن جو آواز وڌندو رهيو. پرپاسي ۾ شهر جا ڪي ٻيا ماڻهو بہ ڏسجي رهيا هئا.

جهاز سيٽي هنئي تہ سيئي شاگرد ٻڪرين وانگر ٽپ ڏيندا, جهاز ۾ سوار ٿيندا ويا. شاگردن جو گوڙ جيئن پوءِ تيئن وڌندو ٿي ويو. جهاز هاڪاريو تہ شاگرد جتي آين اتي ويهي رهيا. گوڙ ازخود گهٽجڻ لڳو. ڪي

مشاهدي جي چِڪ ڪري مظاهري جي دعوت ڏني هئي. شاگردن جا مختلف ٽولا مورتين اڳيان پنهنجي پنهنجي نگاهه ۽ ذوق مطابق حيرت جي دنيا ۾ هئا: ڪي پنڊ پهڻ ٿيو بيٺا هئا، ڪي سيس نمائي پنهنجي شرڌا سان سجدا ڪري رهيا هئا، ڪي وري نوٽبڪ کولي اسڪيچ ڪري رهيا هئا. ته ڪن وري رنگن جون پيتيون کولي، بُرش ڪڍي، پينٽنگ شروع ڪري ڏني هئي.

ايلفنٽا جي غارن ۽ شِوَ جي هن مندر ۾، جيڪو بمبئيءَ جي ساحل کان دور ۽ ويران پيو هو تنهن ۾ اڄ هڪ نئين قسم جي هلچل ۽ رونق نظر اچي رهي هئي. جيئرا جاڳندا انسان صدين جي هن پراڻي مندر ۾ ساڳئي خلوص ۽ محبت سان، گنڀير مورتين جي پروقار ماحول ۾، ذري ذري جو جائزو وٺي رهيا هئا. دروازي وٽ ٻه نوٽيس بورڊ هئا هڪڙي تي لکيل هو: ’مندر جي مٿان ماکيءَ جي مکين جا مانارا آهن، انهن سان هٿ چراند نه ڪريو!‘ ۽ ٻئي بورڊ تي لکيل هو ته ’مهرباني ڪري گهڙڻ کان اڳ داخلا جي ٽڪيٽ ضرور وٺو.‘ ٻئي بورڊ کي پڙهي، هڪ نوجوان وراڻيو ”شِوَ جي ديوتا جي ارداس آهي، ارداس!“ هڪ ٻئي ڄڻي چيو ”اهو ته پوڄاريءَ جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي. جيڪي وٺيس سا ڀيٽا ڏي“ ٽئين ڄڻي ٽوڪ ڪندي چيو ”مندر ۾ وڃڻ جي قيمت ٻه آنا! جن وٽ آنا نه هجن، اهي ٻاهر ڪڪڙ وانگر آرو ڪري ويهي رهن.“ چوٿين ڄڻي رڙ ڪئي، ”مانارا، مانارا....ماکي....ماکي!“

مندر جي وچ ۾ هڪ ننڍي چئن دروازن واري ڪوٺي هئي. ان جي وچ ۾ چڱو موچارو سنئون سڌو گول ۽ لسو پٿر کڙو ڪيل هو ڪي شاگرد اسان کان اڳ هن ڪوٺيءَ ۾ پهچي چڪا هئا. هو پاڻ ۾ مندر متعلق ڳالهيون ڪري رهيا هئا: ”اهو شِوَ لنگ آهي. جيڪو هتي سچيءَ دل سان دعا گهرندو اها مقبول ٿيندي. رگهو شِوُ شِوُ! ٻلا، پاربتيءَ ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟“

”پاربتي نه هجي ها، ته هوند هيءُ دنيا ئي نه هجي ها! آءٌ ته پاربتيءَ جو پوڄاري آهيان جئي جئي پاربتي! جئي جئي شِوَ!“ ائين چئي، هن وراڻيو ”اوهان کي ڪا خوشبوءِ اچي ٿي؟“ ٽولي مان ڪن شاگردن وراڻيو ”نڪو..نه نه...ها ها.... ڪا بدبوءِ آهي.... اها هن ڪوٺيءَ جي خاص

صوصيت آهي... اها بانس اهڙي آهي، جهڙي شينهن جي رهڻ واري جاءِ ۾
وندي آهي. اها بانس صدين کان موجود آهي- صدين تائين هتي قائم
هندي... ڪاريگرن ۽ فنڪارن... اسان جي ديس جي ڪلاڪارن سان
ڪير سينو ساهيندو... ڪلا هميشه امر رهندي... چون ٿا ته اها بوءِ بند ٿي
يندي، ته هي سارو مندر پرزا پرزا ٿي ڪِري پوندو.“

مندر جي پُراسرار فضا ۾ مڪمل خاموشي ڇانئجي وئي. خاموش پٿر
جي ديوارين، اندر آيل انسانن کي پاڻ جهڙو بي جان ۽ بي حس بنائي ڇڏيو
هو. هر ڪو پنهنجي ڪم ۾ رُڌل ۽ غرق هو. هن سانتيڪي ماحول ۾
جيڪڏهن اکيون کٽي پورجن ته هوند ڪنن سان ڪجهه به ٻُڌي ڪين
سگهجي-زنده انسانن هتي پهچي جڻ ته ساهه کڻڻ ئي ڇڏي ڏنو هو.غارن ۽
غارن جي پٿرائين ديوارين تي هِتي هُتي ديو-قد پٿر جا مجسما ۽ انهن جي پر
ر ڪاليج جا شاگرد بلڪل بي سرت، دنيا مافيها کان بي نياز، وقت ۽ مڪان
کان بي پرواهه، گويا غارن جو ئي هڪ حصو بنجي چڪا هئا- هونئن به فن
۽ فنڪار جو تعلق اهڙو آهي، جنهن کي هڪٻئي کان الڳ ڪري نٿو ڪري
سگهجي.

ڪافي وقت کان پوءِ، اوچتو مندر جي خاموش ماحول ۾ گوڙ پيدا ٿيو.
آواز اچڻ لڳا ۽ جيئن پوءِ شور وڌندو ويو-جوالا مکي ڦاٽي پيو هو يا ڪو
زلزلو زمين جو سينو چيري ڦاڙي رهيو هو. شاگرد خوف و هراس وچان مندر
جي مرڪز وٽ ڳاهٽ ٿيندا ويا. شِولنگ واري بوءِ ڦهلجي رهي هئي، شايد
مندر چڪنا چور ٿيڻ وارو هو. خبر نٿي پيئي ته هي پيانڪ وايومنڊل ڇا جي
ڪري پيدا ٿيو آهي. شاگردن جي ميڙ ۾، هڪ شاگرد مردي جيان بي حس
پيو هو. هن جي ٻانهن، پيرن ۽ منهن تي بيشمار ماکيءَ جون مکيون چهٽيون
پيون هيون. پاسن کان بيٺل شاگردن جا ميڙ... پراڻي مندر ۾ هڪ نئين غار
جو اضافو ٿي چڪو هو.

نيم مرده شاگرد جي جسم ۾ اجا ٿورو گهڻو ساهه هو. اوڏيءَ مهل، هڪ
مرهٽي ڇوڪري قد جي پوري پني، ڪڪڪ رنگي، مرگهه نيني، جنهن جون

واسينگ جهڙيون چوٽيون، ڀنين تائين پئي لٽڪيون-هوءَ هڪدم ”هٽو هٽو! پري ٿيو جاءِ ڏيو!“ چوندي، ديوانن وانگر انهيءَ بيهوش شاگرد جي ويجهو آئي. هن جي ڇهري تي آنڊ مانڊ هئي ۽ هن جي اکين مان ڪنوڻ جا چمڪاٽ لامارا ڏيئي رهيا هئا.

ڇوڪريءَ جو نالو ’مڌگائو ڪر‘ هو. هن پنهنجي ساڙهيءَ جي ڪلهي واري پلئو کي ڇيلهه سان ويڙهيو پٽ تي پيل شاگرد وٽ پهچي، مشين وانگر تيزيءَ سان هن جي بدن تان ماڪيءَ جون مکيون لاهڻ ۽ ڏنگ ڪڍڻ لڳي. رکي، رکي، هوءَ پنهنجي ڪوئل جهڙي ڪومل آواز سان چئي رهي هئي، ”مهرباني ڪري پري هٽو تازي هوا اچڻ ڏيو! مهرباني ڪريو! هٽو...مهرباني!“ جلد ئي حامد جو سارو جسم مکين کان آزاد ٿيو ۽ هن جي جسم ۾ جان آئي. مڌگائوڪر هاٿي سندس جسم تي مالش شروع ڪئي، هن ڪافي وقت کان پوءِ اکيون کوليون: موت جي چنبن مان نڪري جيئرو جاڳندو هن دنيا ۾ پنهنجي ساٿين وٽ ٻيهر موٽي آيو. هو اٿي ويٺو ۽ حيرت مان پنهنجي پير ۾ وينل مڌگائوڪر ۽ ٻين کي ڏسڻ لڳو. جلد ئي هن جي چپن تي مسڪراهٽ آئي. ويٺل شاگرد اطمينان سان تڙي پکڙي ويا، ۽ باقي هو ٻه ڄڻا وڃي رهيا. هُن اُٿڻ جي ڪئي، پر مڌگائوڪر هٿ جي اشاري سان منع ڪندي پاڻ هن جي پير سان سِرڪي ويهي رهي. هو پاڻ ۾ هوريان هوريان ڳالهائڻ لڳا. مندر ۾ وري سانت ٿي ويئي. البت، ڪن شاگردن هن جوڙي کي ڏسي، پاڻ ۾ حيرت ۽ حسرت ڀري ڀُڻ ڀُڻ ضرور ڪئي ٿي.

هو احمد آباد جو ويٺل هو. هن جي منهن مهانڊي، شڪل صورت، بت، ۽ قد ڪاٺيءَ ۾ ڪا خاص جاذبيت ڪانه هئي. ڪن ته بنهه بيڊولا هئس، باقي اکين ۾ سندس البت سادي مرداني سونهن ضرور سمايل ٿي نظر آئي. هو پينٽنگ سيڪشن جو شاگرد هو. ويرم ڪانه گذري ته ڪيترا شاگرد هن جوڙي ڏانهن ٻه ٻه-ٽي ٽي، ٿي اچڻ لڳا-چاڪليٽ، ڪٽمنڙا، بسڪيٽ، ڪيڪ، سئنڊوچز اوپاريل آنا، ڪير، ڪيلا، صوف، چانهه، ڪافي-جنهن

وٽ جيڪي ڪجهه موجود هو سو حامد وٽ پاڻ ڪٽي آيو. هو مشڪندو، سيني ڪان اهي شيون وٺندو، مڊگائوڪر جي اڳيان رکندو ويو.

پر شاگرد ۽ شرارت ڪي ڏار ڪري سگهجن ٿيون! گهڙي پل جي سانتيڪائي ۽ ڏيرج کان پوءِ، هنن حامد ۽ مڊگائوڪر تي فقري بازي شروع ڪري ڏني. ”حامد، قسمت وارو آهين! ڪاش، اهي ماڪيءَ جون مکيون اسان کي، ڏنگ هڻن ها!“. ”مڊگائوڪر بهترين سوشل ورڪر، سرڳ جي اپسرا، جنت جي حور، رحمت جي ديوي!.... آبِ حيات! حامد، زنده باد! مڊگائوڪر شادباد!“

حامد ۽ مڊگائوڪر، مشڪندا ۽ شرمائيندا رهيا، آخر، شاگرد پنهنجي بازي هارائي، مات کائي، ماٺ ڪري، هٽندا ويا. مڊگائوڪر حامد کي کائڻ لاءِ زور پرڻ لڳي ته هن نيزاري ڪندي چيو، ” مون کي مجبور نه ڪر، کاڌي لاءِ دل نٿي چوي.“

”پاڻ کي ڏس ته ڪيترو نه لهساڻجي ويو آهين. ڪجهه کاءُ ته طاقت اچيئي.“ ائين چوندي مڊگائوڪر منهن ۾ گهنڊ وجهي هڪ ڪيلي جي کل لاهي، حامد جي وات ڏانهن ويجهو آندو. ”مڊ، مڊي... تنهنجو قسم.... تنهنجو حڪم.... ۽ آءُ... پر توکي خبر نه آهي.... مون کي روزو آهي، ۽ رمضان شريف جو پهريون روزو.“

”پاڳل... پاڳل، هن ۽ ههڙي حالت ۾ به مذهب جا بندڻ، لاچاري ۽ عقيدت. عجيب حماقت. ڏاڍو بهادر آهين... واهه تنهنجي بهادري! ماڪيءَ جي مکين توکي ڪيرائي وڌو.. مغرور، هنيلا، پلا ماڪيءَ جي مکين ٻين تي حملو چو نه ڪيو؟ توکي هيٺ مندر ۾ ڪير ڪٽي آيو؟

حامد خاموش نگاهن سان ڏسندي تي رهيو. ”منهنجي سوالن جا جواب ڏي، حامد! ڇا تو ڳالهائڻ جو به روزو رکيو آهي؟“ حامد ڪنڌ لوڏيندي ورندي ڏني، ”نه نه، مڊي، اسين استاد سان گڏجي مندر جي مٿان نظارو ڏسڻ ويا هئاسين- هتي جبل ۽ سمنڊ جو نظارو نهايت دلڪش آهي. آءُ انهيءَ نظاري

ڪي ڏسندو رهيس، ۽ ٻين کان ٿورو پنتي هوس، اوچتو ماڪيءَ جي مکين جو حملو ٿيو. يلغار هئي. پوءِ خبر ناهي ڇا ٿيو- تون بہ تہ مٿي هئينءَ؟“

”هائو مون کي خبر آهي.“ مردانو آواز آيو.

حامد ۽ مڊگائوڪر آواز طرف منهن ڦيرايو. ڪاليج جو هڪ شاگرد ڳالهائي رهيو هو. هن چيو ”حامد تون مٿي مئو پيو هئين... ۽ پوءِ مڊگائوڪر ڏانهن اشارو ڪندي چوڻ لڳو ”...آسمان مان پرين جي راڻي هيٺ لٿي، جنهن توکي پنهنجن پَرن ۾ ويڙهي، مندر ۾ ڪٽي ليٽايو ماڪيءَ جي مکين توتي انهيءَ ڪري حملو ڪيو جو تون خود ماڪيءَ کان وڌيڪ منو آهين. تون قسمت وارو آهين، جو مڊگائوڪر جهڙيءَ پاربتيءَ توکي نئين سر، نئين جوڻ ڏني آهي.“ ائين چئي، هُو ڊوڙ پائي هليو ويو.

ڏينهن جو چوٿون پهر لڙي چڪو هو. سيئي شاگرد واپس ٻيڙين ۾ چڙهي، جهاز تي سوار ٿيا. جهاز تيزيءَ سان هلڻ لڳو.سج اولهہ طرف انڌ ۾ غائب ٿيندو ٿي ويو ۽ آسمان تي ڪڪرن جي ڪاري چادر ڇائجڻ لڳي. ٿوري وقت کان پوءِ ڪافي زور ۽ شور سان وڏڦڙو وسڻ لڳو.حامد، اڪيلو ئي اڪيلو هڪ ڪنڊ ۾، ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ غرق هو. مينهن وسي رهيو هو تہ جهاز اچي بندر تي لنگر هنيو. ڪن وٽ ڇٽيون هيون، تہ ڪي هٿين خالي. هر ڪو جهاز مان لهندو، ٽڪڙو ٽڪڙو هلندو بمبئي جي گهٽين ۾ گم ٿيندو ٿي ويو.حامد مينهن ۾ پاڻ پسائيندو ’ڪِرافورڊ‘ مارڪيٽ واري بس اسٽينڊ تي پهتو تہ مڊگائوڪر ڪليل ڇٽي کڻي اچي حامد جي مٿان جهلي. مٿان بجليءَ جو بلب ٻري رهيو هو. مڊگائوڪر جي تيز نگاهن، حامد جي چهري جو جائزو وٺندي چيو ”تون تہ ڏڪي رهيو آهين، سيءُ تہ ٿيئي ڇا؟ هيءَ ڇٽي پاڻ سان کڻي وڃ. سڀاڻي اسپتال ۾ ضرور وڃجانءِ-تنهنجو منهن بہ سُڄي ويو آهي. فڪر نہ ڪر.هيءَ منهنجو ٿيلهو تہ وٺ.“ ايتري ۾ بس آئي ۽ حامد بس تي چڙهي ’سبحاني هاسٽل‘ ۾ اچي پهتو.

هاسٽل جي ڪوٺيءَ ۾ پهچي هن ڪپڙا تہ بدلايا، پر سيءَ سبب سندس سارو بدن ڏڪي رهيو هو. هو هڪدم بستري ۾ ليٽي پيو. هن جو پارٽنر، جيڪو ڏانهس اجان متوجهہ نہ ٿيو هو تنهن جي جڏهن هن تي نظر پيئي تہ هڪدم حيرت

ع.
ق.
شيخ

۽چان پڇيائين، ”حامد، خير تہ آهي-هي ڇا آهي؟ توکي تہ بخار آهي! خبر ڏي، ايڪسڪرشن ڪيئن گذري؟“ هن حامد تي سوالن جو وسڪارو لائي ڏنو.

”ڪجهہ بہ ڪونهي، وقت سٺو گذريو. معمولي بخار آهي. مٿو پيو ڦريم-مون کي بک آهي ۽ ننڊ جي ضرورت بہ. روزو رکيو هوم. معاف ڪج، پيٽيءَ مان مفلر ڪڍي ڏي“

”وٺ هيءَ مفلر. هيءَ ٿيلهو ڪنهن جو آهي؟ اڙي هن ۾ تہ ڪي شيون آهن- چاڪليٽ، ميووءِ زنانو پرس! سچ ٻڌاءِ، تون اڄ بهانو ڪري ڪيڏانهن ويو هئين؟“

”پارٽنر، صبح جو خبرون ڪندس.“ ۽ پوءِ حامد مٿي کي مفلر ويڙهي، پنهنجي مٿان سوڙ وجهي ڇڏي. حامد ٿڪل هو. هن ننڊ جي ڪوشش ڪئي. ڪلاڪ ٻن جي لوڇ پوڇ کان پوءِ مس مس هن جي اک لڳي.

صبح جو پارٽنر اجان ستو ئي پيو هو تہ حامد بستري مان اٿيو. هن کي خبر ڪانہ هئي. هن آرسي کڻي پنهنجو منهن ڏٺو. هن جو منهن وڌيڪ سهڻيل هو. هن پوءِ ٿيلهي مان ڪجهہ ڪڍي ڪاڏو ۽ ڪاليج وڃڻ جو خيال لاهي سمهي رهيو. پارٽنر سجاڳ ٿيندي حامد کان ڪالهوڪيءَ رات واري واردات جي پڇا ڪئي. حامد بستري ۾ ليٽندي سمورو احوال ٻڌايو.

”دوست، هيءَ تہ رومانٽڪ ٽريجڊي آهي، ٽريجڊي نہ پر ڪاميڊي! توکي دوا کپي، اسپتال هل....نہ نہ، توکي دوا جي ضرورت نہ آهي. ها، البت ٻاهر نہ نڪرجئين.“ پارٽنر هڪ ئي ساهيءَ حامد کي مٿيان جملا چئي ويو.

”آءُ ٺيڪ آهيان، پارٽنر، فڪر نہ ڪر! وري ٻن پهرن جو گڏباسين.“ پارٽنر ڪوٺيءَ مان نڪري ٻاهر هليو ويو ۽ حامد بستري ۾ ليٽي پيو.

ساڳئي ڏينهن ٻن پهرن جو مڌگائوڪر، بمبئي سٽي اسٽيشن جي پرسان مسلم سبحاني هاسٽل ۾ پڇا ڪندي اچي حامد جي ڪوٺيءَ تي پهتي. حامد هينئر بلڪل سرهو هو. مڌگائوڪر حامد جي روم ۾ پير رکندي اچا ڪانئس مزاج پرسي ئي ڪري رهي هئي، تہ عين موقعي تي هن جو پارٽنر اچي سهڙيو. دروازي تي بيهي، پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ هڪ ڇوڪريءَ کي ويٺل ڏسي، هيڪر تہ حيرت ۾ پئجي ويو پر حامد ڪيس چيو ”پارٽنر هليو اچ. هيءَ اهائي تہ آهي، جنهن ڪالهہ همت ڪري منهنجي حياتي بچائي.“ ۽ پوءِ مڌگائوڪر ڏانهن نهاري چيائين، ”مڌگائوڪر،

هي آهي منهنجو پارٽنر.“ ڪجھ رسمي ڳالهين کان پوءِ مدڳائوڪر موڪلائي هلي ويئي.

سامهون ميز تي رکيل ٿيلهي تي نظر پوندي، حامد سوچڻ لڳو ’آءٌ ڪهڙو نہ احسان فراموش آهيان. هن ٿيلهي ۾ پرس ڏيڻ جو مون کي خيال ئي ڪو نہ آيو.‘

هو اڃا انهن ئي خيالن ۾ هو تہ سندس پارٽنر وراڻيو ”حامد، ڪهڙيءَ دنيا ۾ وڃي پهتو آهين-ساعت اڳ تہ ڇڻ هتي تنهنجو وجود ئي ڪين هو. تو تہ رڳو هن ڏانهن پئي تڪيو-واهہ جي مرهٽياڻي آهي! پنين تائين واسينگن جهڙا وار اڙدو تہ ڪهڙي نہ صاف پئي ڳالهايائين. هن جي آواز ۾ ڪيڏو نہ ميٺاج آهي! حامد جو چهرو لعل ٿي ويو ۽ هن جذباتي انداز ۾ وراڻي ڏني، ”بس ڪر، پارٽنر. گهٽو ئي ڪجهہ چئي ورتئي.“

”معاف ڪر حامد! دراصل آءٌ تنهنجي چونڊ جو داد ڏيئي رهيو آهيان. شال توکي نيبَهہ هجي! منهنجي طرفان مبارڪ. چڱو مون کي دير ٿي ٿئي. آءٌ هلان ٿو.“ ائين چوندي پارٽنر ٻاهر نڪري هليو ويو.

حامد وڏي الجهن ۾ ڦاسي چڪو هو. هو اڪيلو هو ۽ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي پنهنجي خيالات جي دنيا ۾ محو هو. هن جون پريشان نگاهون ڪوٺيءَ جي چئني ديوارن، درين ۽ دروازن کان ٻاهر، هيڏانهن هوڏانهن پنهنجي دل جي تسڪين جو ڪو سامان ڳولي رهيون هيون. هن جي دل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي ۽ پوءِ هن جا چپ آهستي آهستي چرڻ لڳا. هو خود بخود پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو. ’مون کي ڇا ٿي ويو آهي.منهنجي دل هن ڏانهن ڇڪجي رهي آهي. هي عشق ۽ محبت جو جادو تہ ڪينهي! نہ نہ، هيءَ.....اهو منهنجو وهم آهي. آءٌ جڏهن احمد آباد کان هيڏانهن آيس ٿي تہ منهنجي ماءُ مون کي چيو هو ”پٽ محنت ڪري ڪم ڪجئين.مون ٻڌو آهي تہ بمبئيءَ جون ڇوڪريون نهايت چالاڪ آهن. تون شادي شدهہ آهين. ڇوڪرين کان پري رهج.“ مون ماءُ سان واعدو ڪيو هو مون کي ضرور سوچڻ گهرجي. مڌي نهايت شريف ۽ خوبصورت آهي. هوءَ الفنٽا جي جيئري جاڳندي مورتي آهي، اجنتا جي غارن جي ساهہ پساهہ واري تصوير آهي. هوءَ حقيقت آهي. هوءَ خدا جو روپ آهي. هن منهنجي زندگي بچائي. هوءَ نہ هجي ها تہ هوند آءٌ مري وڃان ها. آءٌ هن جو پوڄاري آهيان. هن جي آءٌ سدائين پوڄا

ع.
ق.
شيخ

"ڳالهه ٻڌ، مڊگائوڪر هتي آئي هئي. بزدل، جنهن تنهنجي جان بچائي، ان سان تو ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. هي چار مهينا تو ديوانن وانگر بمبئيءَ جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ نوڪرون ڪاڏيون آهن. نيٺ تنهنجو مطلب ڪهڙو آهي؟ ڏس ڪنهن سان تہ دل جو دک سور اور.پنج ٿي آگريون برابر ڪينهن. مون تي اعتبار ڪر. تنهنجي اندر جي ڳالهہ، منهنجي دل جو راز رهندي۔تنهنجو قسم!"

حامد پنهنجون ڳوڙهن ڀريل اکيون مٿي کنيون ۽ ڏکندڙ آواز ۾ چيو "ڪجهہ بہ ڪينهي، دوست آءُ وڏي الجهن ۾ آهيان. توکي ڇا ٻڌايان. تنهنجي سيني ۾ پٿر جي دل آهي. چڱو چانهہ جو آرڊر ڏيئي اچ، تہ ويهي ڳالهيون ڪريون." حامد هڪ ڊگهو ساهہ کڻندي، مٿيان جملا وڏيءَ مشڪل سان ادا ڪيا پارٽنر چانهہ کڻائي آيو تہ ڪوٺي خالي پيئي هئي، ۽ حامد الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويو هو.

حامد ڪوٺيءَ مان نڪري هاسٽل جي پٺ ورتي. پوليس ڪوارٽرن ۽ اسپتال جي وچان لنگهي، ڏوبي تلاءَ جي چوٺواٽي تي بيهي، واٽڙن وانگر نهارڻ لڳو.چوٺواٽي وٽ ڪافي رش هئي: ماٺهو موٽرون، بسون، ٽرامون، سائيڪلون سڀيئي تيز تيز پنهنجي ڪنهن نہ ڪنهن منزل ڏانهن وڃي رهيون هيون، ۽ حامد هڪ بي منزل مسافر وانگر، هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندو ڏوبيءَ جي تلاءَ جي چوٺواٽي وٽ اچي پهتو. هو سواءِ ڪنهن فيصلي جي واٽڙن وانگر بيهي رهيو. هن ائين محسوس ڪيو تہ هي چوڏاري وڏا وڏا محل، ماڙيون، رستا، مطلب تہ هر چيز ڪيس گهوري رهي هئي. حامد گهبرائجيٰ، جلدي ڪنڌ کڻي هيٺ ڪيو. خيالن ٿي خيالن جي دنيا ۾ هن کي ياد آيو تہ "پارٽنر چانهہ وٺي آيو هوندو. مون کي نہ ڏسي ڇا سمجهيو هونداڻين. اج تہ هو وڏو همدرد نظر اچي رهيو هو۔مطلبي، مڪار ۽ خود غرض....آءُ اڪيلو آهيان. مڊگائوڪر روم تي ڇا جي لاءِ آئي هوندي؟ پارٽنر هن سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون هونديون... دل جو درد ۽ ان جو درمان ڪير ٿو ڪري! ڪير ڪنهن جو همدرد آهي! پارٽنر ڳوٺ تار ڪئي تہ ڇا ٿيندو. ماءُ سان ڪهڙو انجام ڪري آيو هوس. هتي اچي مون کي ڇا ٿي ويو آهي؟ مون کي ڪهڙيءَ ڪُتيءَ کنيو جو ايلفنٽا ويس. مون کي مندر جي مٿان ڪير هيٺ کڻي آيو. مڊگائوڪر جي هٿن ۾ ٿي مري وڃان ها، سڀيئي مون تي چٿرون ڪن ٿا. آءُ چريو ٿي ويندس. آءُ واقعي ديوانو ٿي ويو آهيان..."

ع. ق. شيخ

✡

# فرشتو

انسانُ، ڪيڏو نہ خود غرض آهي! خود غرضيءَ انسان کي ڇا ڇا ن
سيکاريو آهي؟ ڪوڙ بدوڙ دغا دولاب، لالچ لوڀ، مڪر ۽ فريب، رڳو انهي
هڪڙي عيب جي ڪري پيدا ٿيا آهن. ائين تہ هر ڪو انسان خود غرض
آهي، ڪو ٿورو ڪو گهڻو پر ڪي اهڙا بہ انسان آهن، جيڪي خود غرض
نٿا ٿين. اهڙا انسان تہ سچ پچ فرشتا هوندا. ڪٿي انسان، ڪٿي فرشتو
ٻنهي جي مناسبت، ڪوڙوئي ڪونہ ٿو لڳي.

خانو ڪو وڏو ماڻهو ڪونہ هو. هن جو ڏاڏو هاري هو هن جو پيءُ هاري
هو ۽ هو پاڻ بہ هاري هو. هو اجا ڇئن سالن جو ئي هو تہ پٽس گذاري ويو. ما
کيس سنڀاليو. ڇهن سالن جو مس ٿيو هو تہ ماڻس کيس ڳوٺڙي جي ملي وٽ
قرآن شريف پڙهڻ ويهاريو. سال ٻن ۾ هن قرآن شريف پڙهي پچايو ۽ نما
پڙهڻ بہ سکي ويو. ماڻس سمجهدار ۽ سياڻي عورت هئي. هن خانوءَ ک
چڱيءَ طرح پاليو هو. ٻهراڙيءَ ۾ رهندي، خانوءَ کي ماڻس اهڙي تربيت ڏني
جو ٻارنهن سالن جي عمر ۾ ماڻس ۽ خانو گڏجي زميندار وٽ ويا ۽ ڪانئس
پوکڻ لاءِ ٻنيءَ ٽڪر و ونئي آيا.

خانوءَ کي ورثي ۾ رهڻ لاءِ هڪ ڪچو گهر، هڪ جوڙو پلن ڏاندن جو
پنجاهي کن ٻڪريون بہ مليون هيون. خانو ۽ سندس ماءُ هڪٻئي جا بهترين

هيون. ڪيس ويهڻ وِهہ تي لڳندو هو. هو سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيندو هو ۽ ڪيس ڪجهہ بہ ڪونہ وٽندو هو ۽ پوءِ جيڏيءَ مهل سدوري موٽي هن جي سامهون اچي مرڪندي هئي، تہ دنيا جي ساري خوشي ۽ ساري راحت، سميٽجي، هن کي آسپاس واريءَ دنيا کان پري ۽ بنهہ دور ڏڪيلي هڪ عجيب سرور سان نوازيندي هئي ۽ هو دل ۾ هزارن شڪايتن جي باوجود، ماٺ ڪري، ڪيس ڏسي ڏسي، نيٺ پاڻ بہ مرڪي ڏيندو هو.

هڪ دفعي، اهڙي ئي موقعي تي، هيڏانهن هوڏانهن نهاري، جڏهن سدوريءَ کي پڪ ٿي تہ وٽن ويجهڙائيءَ ۾ ڪو ٻيو ماڻهو موجود ناهي، تڏهن هن خانوءَ کي چيو ”خانڻ، تون ائين مون ڏانهن اهڙين نگاهن سان يڪ ٽڪ ڇو ٿو نهارين؟ مون تي اعتبار ڪونہ ٿو اچيئي ڇا؟“

خانوءَ ٿهڪ ڏيندي ورندي ڏني هئي، ”چري، آءٌ تہ اهو ٿو ڏسان تہ خدا توکي ڪهڙيءَ مٽيءَ مان جوڙيو آهي! آءٌ تہ خوشنصيب آهيان، پر ڇا ڪريان، توکي نٿو ڏسان تہ الائجي ڇا ٿيو وڃيم.“

”الائجي ڇا ٿيو وڃيم!“ سدوريءَ خانوءَ جا چيل لفظ وري ورجايا ۽ خانوءَ جي پرسان ويهي، چپن تي آڱر رکي، ڪنهن اونهي ويچار ۾ غرق ٿي ويئي.

ٻنيءَ تي ٻپهري لڙي چڪي هئي. چوڌاري چُپ چپات هئي، تہ پرتي بيٺل ٻبريءَ مان ڳيري جي گُهوگُهو... گُهو جو چٽو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. خانو ۽ سدوري، ٻئي خاموش، ڄڻ تہ مراقبي ۾ محو هئا. وقت بيهي رهيو هو. نيٺ سدوريءَ سجاڳ ٿي چيو ”خانڻ، مون سان بہ ساڳي ويڌن آهي. توکان جدا ٿي ٿيان تہ سُڪ ڦٽيو پويم. خبر ناهي ڇو؟... خبر ناهي ڇو؟“ ائين چئي، سدوري، خانوءَ ڏانهن سوالي نگاهن سان نهارڻ لڳي. هن جو چهرو عجيب الجهن ڪري پُرڪشش ٿيندو ويو. ڪنهن اڻ ڄاتل جذبي هيٺ، هن جي اکين ۾ پاڻي اٿلڻ لڳو. ڳوڙهن کي روڪيندي، هن سوز مان چيو ”خانڻ، خدا ڪري تنهنجن هٿن ۾ ئي سرهي ٿيان!“

ع.
ق.
شيخ

”چري، اهو وري چا پيئي چوين؟“ هن جلدي ڪٽي سندس وات تي هٿ رکيو. پاسي کان پونتريو پڙڪو ڏيئي اڏاٽو ۽ آسمان جي بلندين ۾ غائب ٿي ويو.

ٽپهري لڙي، تہ خانو ۽ سدوري، وڏيون وڏيون گاهہ جون ڀريون کڻي، راز ۽ نياز جون اڻ ڪُٽ ڳالهيون ڪندا، پنهنجي گهر ڏانهن واپس موٽڻ لڳا.

خانو ۽ سدوريءَ جي زندگي ۾ ڪڏهن ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳو. ننڍڙو ڳوٺ، ننڍڙي آکهہ، ننڍڙيون حسرتون، ٻهراڙي، ٻني ۽ مال... پنهنجيءَ ۾ ئي پورا هئا. شاديءَ کي اجا سال بہ ڪونہ گذريو هو تہ سدوريءَ کي چنڊ جهڙو پٽڙو ڄائو. خانو تہ ڪپڙن ۾ ئي نہ پيو ماپي. زال ۽ مڙس لاءِ ڄڻ عيد اچي ويئي هئي. ٻيئي ٻار تان اور گهور پيا ٿيندا هئا. ٻي ڪا زال هجي ها تہ گهر ۾ کپ ڪوڙي ويهي رهي ها، پر سدوري ويم وارو عرصو ڪٽ تي گذاري، اُٿي کڙي ٿي ۽ روزمره وانگر پنهنجي ڪم کي لڳي ويئي. خانوءَ جي ماءُ جي لاءِ وڏي وندر ٿي پئي. سدوري ٻنيءَ تي ويندي هئي تہ پنيان پوڙهي، پوٽي کي سنڀاليندي هئي.

ڏينهن گذرندا رهيا، پر خانو ۽ سدوريءَ جي محبت ۾ فرق ڪونہ آيو. ائين، ٽي سال گذري ويا، تہ سدوري وري اميدواري ٿي. هُوءَ پڪن مهينن سان ٿي تہ خانوءَ کيس ٻنيءَ تي اچڻ کان روڪيو. سدوريءَ ٻنيءَ تي وڃڻ بند ڪيو تہ خانو ٻنپهرن جو موٽي گهر ايندو هو. ماني کائيندو هو. پٽ کي کڻي پر سان ويهاري، سدوريءَ سان ڳالهيون ڪندو هو ۽ وري موٽي ٻنيءَ تي هليو ويندو هو ۽ پوءِ دير سان گهر موٽندو هو.

هڪڙي ڏينهن خانوءَ کي ڏاڍي بک لڳي. هو ڪجهہ سوير پرو گهر موٽيو. گهر اچي هن ٻهرين چلهہ ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ سدوريءَ کي ڳولڻ لڳو. خانوءَ جي ماءُ پريان کٽ تي ويٺي هئي ۽ پرسان ننڍڙو رلين سان ڍڪيو پيو هو. هن حيران ٿيندي پڇيو ”امان، خير تہ آهي؟“

ماڻس ننيڙي ڏانهن اشارو ڪري چيو ”گهور وڃانس تؤنس تي اٿس.“ خانوءَ ننيڙي کي هٿ لائي ڏٺو. هن جو بت تنور وانگر گرم هو. ”ڪيڏيءَ مهل بخار آيو اٿس؟“ خانوءَ اتاولو ٿي پڇا ڪئي.

”بس، ابا، تو پُٺ ڏني هئي ته پنيان سيءَ سيءَ ڪري ڪِرِي پيو آهي.“

هُو مٿي تي هٿ ڏيئي، ڳُٺتين ڀر پئجي ويو. وري ڪنڌ مٿي ڪري پڇيائين، ”پر، امان، سدوري ڪٿي آهي؟“

”ابا سدوري پاڙي ۾ نڪتي آهي، اجهو آئي ڪي آئي، ويئي آهي ننيڙي لاءِ...“

ايتري ۾ سدوري ٻاهران آئي. خانوءَ کي الائجي ڪهڙي جُوجڪي آئي، مڙس جو ٻِگُل ڦِري ويو... نڪا ڪيائين هم نڪا تم، يڪدم چلهه وٽان ڪاني ڪٽي، پُڙ - پُڙ ڪندي، سدوريءَ کي هٽي ڪيڊيائين ۽ چرين وانگر رڙيون ڪندي چيائين، ”چورو پيو هٽ تپ ۾ ٻڙڪي ۽ تون پئي پاڙا گُهمُ!“

سدوري اوچتي حملي کان پاڻ کي بچائي ڪانه سگهي. ڪانيءَ جو ڏڪ ڪو ايڏو سخت به ڪونه هو پر جيئن ڪاني سدوريءَ کي مٿي ۾ لڳي، تئين هُوءَ اتي غش ڪائي ڪِرِي پيئي. خانوءَ وٺي ائين هڪو ٻڪو ٿي واويلا ڪئي، جيئن ڪو اوچتو ڦُريو هجي. ڳوٺڙي ۾، جيڪي انهيءَ مهل گهرن ۾ هئا، سي ڊوڙندا آيا. ماين مان ڪِن سدوريءَ جون تريون مهٽيون، ته ڪي تيل هٽڻ لڳيون، پر سدوري سامت ۾ ڪانه آئي. خانوءَ جي پيرن هيٺان جڻ زمين نڪري ويئي. اهو به هوش نه رهيس ته هاڻي هُو ڪري سو ڪري ڇا؟

جيئن مڇي پاڻيءَ کان ٻاهر ڦٿڪندي آهي، تئين خانوءَ جي حالت به خراب ٿيڻ لڳي. هوڏانهن ساري ڳوٺ ۾ اها خبر باهه وانگر پکڙجي ويئي. ڪنهن کي به ڳالهه تي ويساهه ئي نه اچي. هر ڪنهن کي ڏندين آڱريون اچي ويون. رات ٿي ته ڳوٺ جا سيئي پريا مڙس ۽ زالون خانوءَ جي گهر آيا. سيني گڏجي، شهر مان ڊاڪٽر گهرائڻ جو فيصلو ڪري، راتو واهه ماڻهو روانو ڪيو.

آڌيءَ آڌيءَ رات جو خانوءَ جي ڇوڪري جو بخار ٽٽو. سدوري اڃا بيهوش هئي. اها رات خانوءَ جي لاءِ قيامت لاءِ گهٽ ڪانه هئي. صبح جو

ڊاڪٽر آيو. تنهن سدوريءَ کي تپاسي ڏٺو. سُئي هنيائين، دوا ڏنائين ۽ خانوءَ کي چيائين، "وڏي دل ڪر، الله کي وڏي طاقت آهي. مائيءَ کي ڏڪ بلڪل معمولي لڳو آهي، پر خيال ڪجو بي پرواهه نه ٿجو ٻن ڄڻن سان آهي."

ڊاڪٽر جي همدرديءَ ۽ خاطريءَ خانوءَ جي دل ۾ اُميدن جو ڏيئو ٻاري ڇڏيو. ڊاڪٽر موٽي ويو ته خانوءَ چار ٻڪريون ڪُهائي خيرات ڪئي؛ مسجد ۾ نمازون پڙهيائين ۽ دعائون گهريائين. ٻيو ڏينهن به گذري ويو پر سدوري اجا بيهوش هئي. ٻي رات به خانوءَ سڄي رات نماز پڙهي ۽ خدا کي ٻاڏايو ۽ وري خير خيراتون ڪيون. پر سدوري..؟ سدوريءَ جا ڏينهن ڪي پڄي آيا هئا. ھُن ٽئين ڏينهن صبح جو دم ڏنو...

خانوءَ اهو ڏسي روئڻ شروع ڪيو. هن زار زار روئي ڪجهه ساهي پٽي، ته ماڻس اچي سندس مٿي تي هٿ رکيو ۽ ڏکاري آواز ۾ چيائين: پٽ، ڌڻيءَ جي اِها مرضي هئي، هر ڪنهن کي اوڏانهن هلڻو آهي. صبر ڪر. روئيندين ته ميت کي عذاب ٿيندو." ماءُ جي واتان انهن سادن سودن اکرن خانوءَ جي دل تي ٿڌا ڇنڊا وڌا. هن رضا تي راضي رهي. آهستي آهستي چيو "برابر، امان جيڪا خدا جي مرضي."

ٿوري وير گذري هوندي ته ٻُونڙي جي دائي، مائي منان، لنگهي اندر آئي، ۽ چوڻ لڳي، "سدوريءَ کي ته پڪا مهينا هئا. مون کي اجازت ڏيو ته آءٌ کيس ڏسان."

ايتري ۾ گهر جي ٻاهران وڏو گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو ۽ در تي ڪنهن زور زور سان سڏ ڪيو. ڏهن ميلن جي مفاصلي واري پوليس ٿاڻي جو جمعدار پنهنجي اٺالي سميت، ڏاڍيان ڳالهائي رهيو هو. ٻُونڙي جا چڱا مڙس گڏ ڪيا ويا. ترتلو مچي ويو. نيٺ ٻن ٽن ڪلاڪن جي ردوبدل کان پوءِ، خانوءَ کي هٿڪڙيون هڻي ۽ سدوريءَ جي لاش کي ڏڪيءَ گاڏيءَ تي رکائي، ٻُونڙي کان ويهه ميل پري هيڊ ڪوارٽر واريءَ اسپتال ڏانهن روانا ٿيا.

سدوريءَ جو لاش ٻئي ڏينهن تي ڊاڪٽر تپاسيو. خانوءَ کي ٻٽي خون جي الزام هيٺ جيل اماڻيو ويو. ڳوٺ جا چڱا ماڻهو گهٽي گهل کان پوءِ

سدوريءَ جو لاش ڪٽائي واپس ڳوٺ پهتا. خانوءَ جو پريو پڪليو گهر تباهه ۽ برباد ٿي ويو. خانوءَ جي ماءُ جي دل تي الائجي ڇا وهيو واپريو. هر ڪنهن ساٿس ٻه چار ڏينهن همدردي ڪئي، پوءِ سڀ ڪنهن ڪيس وساري ڇڏيو. هُوءَ پنهنجي پوٽي کي ڇاتيءَ سان لائي، روئي روئي، خدا کي ٻاڏائيندي ۽ خانوءَ جي واپس موٽي اچڻ جي آسري تي جڏي جِيءَ کي جيارينديَ رهي.

هوڏانهن خانو جيلخاني ۾ رهندي رهندي، هڪ نئينءَ دنيا سان واقف ٿيو چور، ڏاڙيل، خوني، ٺڳ، بدمعاش، عادتي ڏوهاري، جيل جا آفيسر، چوڪيدار وغيره دنيا وارن تہ انهن تي اهي ئي نالا رکيا هئا، پر هتي انهن جي برادري ٻيءَ طرح هئي. حالتن خانوءَ کي هتي آندو هو. خانو تہ هونئن بہ نيڪ نمازي هو پر هتي جيل ۾ هن نفل ۽ تهجد بہ پڙهڻ شروع ڪري ڏنا. هتي جيل ۾ خانوءَ کي هر ڪو عزت ڏيندو هو ۽ ڪيس معصوم ۽ بيقصور سمجهيو ويندو هو پر قانون جي نگاهہ ۾ هُو وڏو گنهگار هو. هتي ئي خانوءَ کي صلاح مشورا مليا تہ هُو ڪورٽ ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙو بيان ڏئي؟ جيئن هن کي گهٽ ۾ گهٽ سزا ملي. ظاهري طرح تہ خانو هنن جون صلاحون ڌاڌي ڏيان سان ٻڌندو هو پر جڏهن هُو هر رات سومهڻي ۽ تهجد نماز پڙهي، دعا گهرندو هو تہ پهرين سدوريءَ جو تصور ڪري، انهيءَ ڏينهن وارا سدوريءَ جا چيل اکر، "خانڻ، خدا ڪري، تنهجن ئي هٿن ۾ سرهي ٿيان!" بار بار وظيفي وانگر پڙهي، ڳوڙها وهائيندي دعا گهرندو هو: "الله سائين، مون کي بہ سدوريءَ تي سرهو ڪر! تون ڏسين پيو، توکي سڄي خبر آهي، سدوريءَ کي بيقصور ماريو اٿم... آءٌ خوني آهيان! تون انصاف ڪندڙ آهين، مون کي سزا ڏي.. آءٌ قاتل آهيان! مون کي مهلت ڇو ڏني اٿئي! منهنجو امتحان نہ وٺ، آءٌ قبولدار آهيان، آءٌ خوني آهيان... آءٌ خوني آهيان!" خانو اها دعا پڙهي پوءِ معصوم ٻار جيان سمهي رهندو هو.

خانوءَ کان جڏهن پڇا ٿيندي هئي تہ انهيءَ ڏينهن وارو سربستو واقعو ٻڌائي، پڇاڙيءَ ۾ ائين چوندو هو: "آءٌ برابر خوني آهيان." مون کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو!" نيٺ اهو ڏينهن بہ آيو جو بچاءَ جي وڪيل اچي هن سان ملاقات

ڪري ٻڌائيندس. ۽ هن ڪان حال احوال ورتو ۽ پوءِ ڪيس وڏي تقرير ڪري هدايتون ڪرڻ لڳو "مون پنهنجيءَ ڄمار ۾ خون جو هڪڙو ڪيس به ڪونه هارايو آهي. تون جوان آهين. خدا جي مرضي اها هئي. سدوري اتفاقي مري وئي. مون کي توسان همدردي آهي. تون بيقصور آهين. پڻ، ڪورٽ ۾ چئجانءِ: سدوري ڪريل هئي، مون هن کي روڪيو ته هُوءَ مڇرجي ويئي ۽ لڳي گارگند ڪرڻ، عزت ۽ غيرت جو سوال هو. ڪني آگر وڌي پلي... بس، پوءِ تون ڇُٽو آهين، اڳتي آءٌ پاڻيهي منهن ڏيندس ۽ ڪيس مٿي ڪٽندس."

اوڏيءَ مهل ته خانوءَ چيو "حاضر سائين، جيئن اوهين ٻڌايو ٿا، ائين ئي اکر به اکر چوندس." پر اتي جو اتي ڪجهه وِيچاري چوڻ لڳو "پر سائين، دل ۾ نه ڪريو ته تورو عرض ڪريان؟"

"بيشڪ" وڪيل خوش ٿيندي چيو.

"سائين" خانوءَ نماڻائيءَ سان چيو "سدوري مرڻ کي مري ويئي، مون کي به مري جهان ڇڏڻو آهي... جيئري هجي ها ته ٻي ڳالهه هئي، پر هاڻي مئل ۽ معصوم تي تهمتون ڪميڻن جو ڪم ۽ زليلن جو وڙ آهي."

وڪيل صاحب کي مرچون لڳي ويون. هن ڪاوڙجي چيس: "آءٌ تنهنجون اهي نصيحتون ۽ واعظ ٻڌڻ ڪونه آيو آهيان. بيوقوف، مري ويلن جي پٺيان مربو ڪونهي. پنهنجي پير تي پنهنجن هٿن سان ڪهاڙو نه هڻ. مون توکي جيڪي ٻڌايو آهي، ان تي ورې وِيچار ڪر. مون وٽ وڌيڪ وقت ڪونهي. مون پنهنجو فرض پاريو. جج صاحب به تنهنجي فائدي ۾ آهي. اڳتي تنهنجي مرضي." ائين چئي، وڪيل هليو ويو.

۽ جڏهن خانو ڪورٽ ۾ پيش ٿيو ته سڄو سربستو حال ٻڌائي، آخر ۾ چيائين: "حاڪم، سدوريءَ کي بيقصور ماريو اٿم. آءٌ برابر خوني آهيان، مون کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو!"

بچاءَ جو وڪيل، جيڪو انساني همدرديءَ وچان جوابدارن جو بنهه خير خواهه ٿي چڪو هو سو هٿن مان ڏارو ڪرندو ڏسي چوڻ لڳو "ڪورٽ سڳوريءَ کي عرض آهي ته جوابدار گهڻي غم ۽ ڏک ڪري ذهني توازن

وڃائي ويٺو آهي، انصاف جي تقاضا آهي تہ خانوءَ کي علاج لاءِ پهرين اسپتال موڪليو وڃي.“

جج صاحب ڪنڌ لوڏي اتفاق ظاهر ڪيو.

وڪيل خانوءَ سان وري پنج دفعا ملاقاتون ڪيون. ٻيا اٺ مهينا گذري ويا. خانو چرين جي اسپتال مان نڪري، وري ڪورٽ ۾ پيش ٿيو. جڏهن خانوءَ جو وارو آيو تہ، ”زمين جنبد، نہ جنبد گل محمد!“ ساڳيو بيان ۽ ساڳي التجا. چي، ”حاڪم، سدوريءَ کي بيقصور ماريو اٿم. آءٌ برابر خوني آهيان، مون کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو!“

شاهدن جا بيان ۽ آڏيون پڇائون ٿيون. ڪيس جي ڪارروائي هلي پوري ٿي. جج کي فتوا ڏيڻي هئي تہ هُو منجهي پيو. ٻہ ڄڻا مري ويا ۽ ٽيو ڦاسيءَ لاءِ گُهر ڪري رهيو هو! هڪ طرف حقيقتون هيون، ٻئي پاسي ڏوهہ جو اقرار ۽ ان جي سزا، تہ ٽئين پاسي هئي هڪ عدل ۽ انصاف ڪندڙ جي جوابداري.

ٽن ڏينهن کان پوءِ فتوا لکجي تيار ٿي.

انهيءَ ڏينهن عدالت ۾ تِرَ اُڇلاءِ تہ پٽ نہ پوَن. خانوءَ جي ماءُ خانوءَ جو پٽ، خانوءَ جا ڳوٺائي، پوليس وارا ۽ ٻيا ٻہ گهڻا ئي ماڻهو حاضر هئا، تہ فتوا پڙهي ويئي. فتوا جي آخر ۾ هو: ”عدل ۽ انصاف کي ڌيان ۾ رکندي، خانوءَ کي ٻن خونن ڪرڻ جي الزام هيٺ جنب ٽيپ ڏني وڃي ٿي.“

خانوءَ جي ماءُ مورڇا ٿي ڪري پئي. پر خانو سواءِ ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي هڪل ڪري چوڻ لڳو ”حاڪم، سدوريءَ کي بيقصور ماريو اٿم. آءٌ خوني آهيان. مون کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو...! مون کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو!“

وڪيل وري چيو: ”خانو چريو آهي!“

جج صاحب فرمايو ”خانو فرشتو آهي!“

❊

ع.
ق.
شيخ

ع. ق. شيخ

✡

# آسرو

ڊسمبر مهيني جون پويون تاريخون ۽ سِيءَ ٻه چوي ته اڄ نه پوان ته
ڪڏهن پوان! صبح کان ئي جهڙالو هو ۽ سرد هوا جا سوساٽ. ٻپهري لڙي ته
سيءَ ويتر وڌي ويو. شام جو علي اڪبر اچي گهر تي سڏ ڪيو. ٻاهر نڪتس
ته چيائين، "تيار ٿي اچو ته هوٽل تي هلي چانهه پيئنداسين ۽ ڳالهين
جا چار چؤنڪ ٻه ڪنداسين." آءٌ تيار ٿي آيس ۽ اسان ٻنهي هوٽل
ڏانهن رخ رکيو.

ٻاهر رستي تي ماڻهو سوايترا نه هئا، باقي ٽانگا البت هليا پئي. اچا اڏ
رستي تي پهتاسين ته پرسان هڪ ماڻهو ديوانن وانگر رڙيون ڪندو اڳتي
وڌندو ويو. هن جي سٽڻ ليڙون ليڙون هئي، هو اڳيرو ٿيو ئي ڪون. ته علي
اڪبر چيو "اهو اٿئي مُڪو مست" جو هر روز شام جو هن ئي وقت رستي تي
وڙندو رهندو آهي."

"مستن تي ڪهڙي ميار! هنن جي ته دنيا ئي پنهنجي آهي. نڪا اڄ
جي ڳڻتي، نڪو سڀاڻي جو فڪر، پنهنجيءَ مرضي جا پورا آهن." مون وراڻيو.

اسان جي پرسان ٻه ٽي ٽانگا ٺڪ ٺڪ ڪندا نڪري ويا ۽ هو مڪو
مست دانهون ڪندو ڊوڙندو واپس موٽي رهيو هو. هو بلڪل اسان جي
پرسان ڊوڙندو اڳتي وڌي ويو. هن جون ٽنگون گوڏن تائين اگهاڙيون، ڏاڙهي

ع. ق. شيخ

✡

# هڪ رات

انگلينڊ جو برسٽل شهر ۾ ان ۾ مس ازبيلا سان گڏ اها رات ۾ رات جي
ٻا ساعت، مون کي مرڻ ويلي بہ ڪين وسرندي. سو آئون جڏهن ڪئمبرج
انهن وڃڻ لاءِ سنبريس، تہ ازبيلاجي يادگيري ازخود منهنجي ذهن تي تري
ئي. هُوءَ اتي تہ پڙهندي آهي. ڪئمبرج ڪاليجن جو شهر آهي. هزارين
اگرد اتي تعليم پرائين ٿا. انهيءَ ڪري اوڏانهن وڃڻ ۾ گهمڻ جي پروگرام
. آئُ بہ ٻين دوستن سان شامل ٿي ويس.

نيٺ اهو ڏينهن بہ آيو جو آئون پنهنجي رفيقن سان ڪيل فيصلي
وجب ڪئمبرج پهچي ويس. ڪئم ندي، ڪئمبرج شهر جي وچ مان،
يئي وهي. نديءَ جي ٻنهي ڪنڌين تي، ڪي ساوا ساوا ۽ قداور وڻ،
نهنجين جهڪيل ۽ ڍرڪيل لامن سان، ائين نميل ۽ نوڙيل آهن، ڄڻ اهي
ديءَ جي پاڻيءَ ۾ ڪنهن کي ڏسڻ لاءِ واجهائي رهيا آهن. نديءَ جي ڪنارن
ان تمام وڏا، ويڪرا ۽ ڪشادا چِبر جا ميدان... ڄڻ ڪنهن زمردي غاليچا
ڇائي ڇڏيا آهن. پاسن کان لاڳيتو مختلف ڪاليجن جون پُرشڪوه
مارتون، جيستائين نظر پهچي ٿي، باقاعدي صفون ٻڌيو بيٺيون آهن.
ڪاليجن جي آمهون سامهون، نديءَ جي پرئين پاسي، ڳاڙهن، پيلن، نيرن ۽

رنگ برنگي گلن جا ٻارا، ميلن ۾ پکڙيا پيا آهن..... اهڙو آهي ڪئمبرج جو شهر.

اسان جي گهمڻ ۽ ڏسڻ وائسڻ جو پروگرام اهڙو تہ رٿيل هو جو اسين صبح کان شام تائين نہ رڳو شهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن، پر ڪئمبرج کان ٻاهر نڪري، ميلن جا ميل پري، ٻين مشهور جاين ۽ هنڌن ڏانهن پڻ نڪري ويندا هئاسون.

هڪڙي ڏينهن، دستور مطابق، شهر کان گهڻو پري هڪ امير جو محل ڏسڻ وياسين. انهيءَ محل ۾ انگلينڊ جي مشهور راڻي ميريءَ بہ هڪ رات گذاري هئي. هينئر اهو محل نمائش گهر وانگر آمدنيءَ جو ذريعو آهي. هتي اوري پري جا ماڻهو گهمڻ ايندا آهن. ۽ پئسا ڏيئي، ٽڪيٽ وٺي، اندر ويندا آهن. اتي انهيءَ محل جي ٻاهران هڪ عبرت جهڙو واقعو پيش آيو.

اسان واري ملڻ لاءِ محل جي ٻاهران ترسيل هئاسين. محل جي آسپاس، نظر جي نهار تائين ڇٻر جو ميدان ۽ ڪجهہ باغيچي جهڙي سٿا هئي. پري کان هڪ ماڻهوءَ کي ٽرئڪٽر هلائيندي ڏٺم. مون کي ان وقت سٿڻ، شيرواني ۽ ڪراڪلي ٽوپي پاتل هئي، هٿ ۾ اجرڪي رومال بہ هوم. تہ ڪنهن مهل اهو ٽريڪٽر هلائيندڙ ماڻهو ٽرئڪٽر تان لهي اسان ڏانهن اچڻ لڳو مزدورن جهڙا ڪپڙا، مٽيءَ ۾ ليٽڙيل جسم، لڙاٽيل وارا، وڏيل ڏاڙهي. هو سڌو اچي منهنجي سامهون بيٺو. هن وڏي ويجهو اچي وراڻيو: ”السلام عليڪم، توهين سنڌي آهيو؟ آءٌ ميجر هنٽر آهيان. انگريزي فوج ۾ نوڪري ڪئي اٿم. سنڌ ۾ سالن جا سال رهيس، پر پوءِ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ ئي هتي موٽي آيس.“

مون پهريون ئي دفعو هن گٽ ـ ٽ واري ديس ۾ هڪ انگريز صاحب کي سنڌي ڳالهائيندي ٻڌو. ڏاڍو خوش ٿيس ۽ تعجب وچان چيم، ”ميجر صاحب، سڃاڻڻ سان توهان ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. آءٌ سچ پچ سنڌي آهيان پر توهان مون کي ڪيئن سڃاتو؟“

ع.
ق.
شيخ

”بلڪل سولو بلڪل آسان، توهان جي اجرڪ واري رومال ئي مون کي ٻڌايو.“ هن مون کي مشڪندي جواب ڏنو ۽ فخر کان منهنجو ڪنڌ مٿي کڄي ويو.

هن جون اکيون مون ۾ هيون، پر هو شايد ٻيو ڪجهه سوچي رهيو هو. هن وري مون کان پڇيو، ”توهين ڪٿان آيا آهيو؟“

”آءٌ حيدرآباد سنڌ کان هتي پڙهڻ آيو آهيان.“

”اوهه، حيدرآباد سنڌ! حيدرآباد جا منگهه، حيدرآباد جو پڪو قلعو ۽ اتي جون ڊڊڙيون راتيون مون کي ياد آهن. پڪا قلعي ۾ هوشو شيديءَ واري قبر... مون ٻڌو آهي ته هن عظيم جرنل جي قبر ۽ ڪتبو گم ٿي ويا آهن.“

آءٌ وڏيڪ حيران ٿيس ته ساڳئي وقت پنهنجيءَ اڻ ڄاڻائيءَ ڪري پشيمان به ٿيس. ڳالهه کي ڦيرائڻ لاءِ مون چيو ”ميجر صاحب، شابس آهي اوهان جي يادگيريءَ کي اوهين ته بلڪل صاف سنڌي پيا ڳالهايو، پر اوهين هتي ٽريڪٽر ڪيئن پيا هلايو؟“

هن ٺهه پهه جواب ڏنو ”ويل، مسٽر، توکي خبر هئڻ گهرجي ته آءٌ ئي هن محل جو هن وقت اڪيلو وارث آهيان. هن محل سان گڏ ميلن تائين پکڙيل جاگير جو مالڪ به آهيان. خدا جو ڏنو سڀ ڪجهه اٿم، پر واندو ماڻهو شيطان جو ڀاءُ آهي. باغباني منهنجي وندر آهي. وقت ملڻ تي هتي ئي هليو ايندو آهيان.“

آءٌ پنهنجي ملڪ جا جاگيردار ياد ڪرڻ لڳس، ته اهو ميجر صاحب، ”خدا حافظ“ چئي، ڇڏيل ٽرئڪٽر ڏانهن واپس هليو ويو.

ٻئي ڏينهن تي يونيورسٽي ۾ مختلف ڪاليج ڏسڻ وياسين. ڇي: هي ڪاليج 1284ع ۾ برپا ٿيو. ته هُو ڪاليج چوڏهين عيسوي سن ۾ کُليو. سينٽ جان ڪاليج ۾ هتي جي ٻن برک شاعرن، بائرن ۽ ورڊس ورٿ جا فوٽا به ڏنائين. هتي جي رهبر ٻڌايو ته اهي عظيم شاعر هتي ئي پڙهيا هئا. هن اسان کي سنڌن رهڻ ۽ اٿڻ ويهڻ جون جايون به ڏيکاريون. هر هڪ ڪاليج جي پنهنجي تاريخ آهي. هر هڪ ادارو ميوزيم هو. قدامت پرستي ۾ هن قوم

جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. افسوس رڳو اهو پئي ٿيو تہ موڪل هئڻ ڪري شاگردن جي گهماگهمي ۽ رونق ڏسڻ کان محروم هئاسين. سو ڪاليجن مان ڦرندي، جڏهن هڪڙي ڇوڪرين جي ڪاليج ۾ پهتاسين، تہ مون کي ازبيلا جي يادگيري آئي. مس ازبيلا سان برسٽل شهر ۾ ملاقات ۽ اها رات... رات تہ مون کي مرڻ وقت بہ ڪين وسرندي.. يادگيري ايندي ئي... رهبر کي پاسي تي ڪري، ازبيلا جي هاسٽل واري ائڊريس ڏيکاري، اوڏانهن وٺي هلڻ لاءِ عرض ڪيم. رهبر ازبيلا جي ائڊريس ڏسي معنيٰ خيز نظرن سان مون ڏي نهاريو ۽ چيائين، "واه جو اوڏانهن هلنداسين." اها خوشخبري ٻڌي منهنجي دل ڌڙڪڻ لڳي ۽ منهنجي دماغ ۾ ازبيلاجي جي خيالي تصوير ايرڻ لڳي.

هاسٽل جي سپرنٽينڊنٽ ۽ وارڊن ٻڌايو "مس ازبيلا... ها... هُوءَ هتي ئي رهندي آهي، پر هن وقت تہ موڪلون آهن. هاسٽل ۾ هڪ بہ ڇوڪري موجود ڪانهي." منهنجي شوق ۽ ذوق جو رنگ محل تباهہ ۽ برباد ٿي ويو. آءٌ بيجان پتلي وانگر وارڊن کي تڪڻ لڳس ۽ دل ئي دل ۾ هن کي ڌڪارڻ لڳس، پر هن منهنجي بيقراريءَ کي شايد تاڙي ورتو هو. هن سنجيده ٿيندي چيو "محترم، مون کي اوهان سان همدردي آهي. قسمت جي ڳالهہ آهي ملاقات ۽ جدائيءَ ۾ سچ پچ ڪو فرق ڪونهي. اهي ٻئي هڪڙيءَ حقيقت جا بہ پاسا آهن. هر موقعي تي تحمل ڌارڻ گهرجي. آءٌ تنهنجي جذبي جو قدر ٿي ڪريان، پر عملي طور آءٌ تنهنجي ڪهڙي مدد ڪريان؟ ڀلا هل تہ توکي ازبيلا جو ڪمرو ڏيکاريان."

هن آٽي مون کي ازبيلا جي ڪمري ۾ ڇڏيو ۽ پاڻ ٻاهر نڪري ويئي ڪونيءَ ۾ گهڙندي ئي مون واٽڙن وانگرن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ۽ پوءِ چرين وانگر ڪمري جي هر هڪ شيءَ کي ڪٽي مٿس هٿ ڦيرائيندو رهيس. ڪپڙن رکڻ واري ڪٻٽ ۾ گهاگهريون. مفلر ۽ رومال وغيره ٽنگيل هئا. ميز جي خانن ۾ هار سينگار ۽ سينڊ سرمي جو سامان سليقي سان سٽيو پيو هو. ٻئي خاني ۾ هن جا شخصي خط ۽ ويهارو ڪن شلنگ بہ پيا هئا. ميز تي ڪيترائي ادبي ڪتاب پڙ رکيا هئا. ميز جي مٿان ازبيلا جو فريم ٿيل فوٽو

ع. ق. شيخ

چانڊوڪيءَ جهڙا وار مست ۽ معصوم اکيون، ڪشيل ڪمان وارا ڀرون، سرخ مرجان جهڙا چپ، شهزادي تہ تنهنجي در تي پاڻهي بہ ڪين سونهي. تون تہ آسمان جي اپسرا ۽ ڪوهہ قاف جي پري آهين، ڇا، تون...“

مون اڃا ڪجهہ وڌيڪ چوڻ ٿي چاهيو پر هن پنهنجو هٿ وڌائي منهنجي وات تي رکيو ۽ چيائين، ”بس، بس، مون کي بيوقوف ٿو بڻائين. ڏاڍو چالاڪ ٿو ڏسجين، ٺاڪي! منهنجو نہ تہ ٻين جو جيڪي هيترا سارا پنهنجي چوڌاري ويٺا آهن، تن جو خيال تہ ڪر، ٻيا ٻڌندا تہ ڇا سمجهندا، ڇا چوندا؟“

مون بلڪل هوريان هوريان چيو ”ٻيا ٻڌندا تہ ڇا سمجهندا ۽ ڇا چوندا... چوندا تہ آهي ڪو ديوانو. مستن تي ڪهڙي ميار. ازبيلا، توکي خدا پنهنجي هٿن سان پاڻ ناهيو آهي.“

”شرير ڇوڪرا،“ هن ٻُڻ ٻُڻ ڪندي چيو: ”تون هر نئين ڇوڪريءَ کي ائين ئي چوندو هوندين.“

هن جون اکيون عجيب خمار سان جهرڪڻ لڳيون. مون سهي ڪيو تہ هُوءَ ظاهري طور ناراض ٿي رهي آهي. ڇانهہ پارٽيءَ ۾ سوين ماڻهو هئا، پر آءٌ ۽ ازبيلا سڀني کان بي نياز هر ڪنهن کان بيخبر، هڪٻئي سان دلين جو حال احوال اوريندا رهياسين. محفل برخواست ٿي ويئي، هر ڪو تڙي پکڙي ويو پر انهيءَ رات آءٌ هڪ بجي ازبيلا کان جدا ٿيو هوس... آءٌ الائجي ڇا ڇا ياد ڪري رهيو هوس، تہ هاسٽل وارڊن جي اچڻ جو آواز ٻڌم.

تصورات جو طلسمي طوفان ماٺ ٿي ويو. منهنجي سامهون هيٺ، پرپرو هڪ مروٽيل سروٽيل پنو پيو هو. جان کٽي کولي ڏسان، تہ مٿس ڪجهہ ازبيلا جا لکيل اکر نظر آيا. اهو ساڳيو پنو هٿي پهچڻ وقت منهنجي ئي هٿن ۾ هو. انهيءَ تي ازبيلاجي ائڊريس هئي، پر شايد بيخوديءَ جي عالم ۾ خبر ناهي ڇو ۽ ڪيئن پني جي اها حالت ٿي. مون اهو پنو کولي سڌو ڪري، کٽي ميز تي رکيو ۽ پوءِ آءٌ اڪيلو ئي اڪيلو ازبيلا جي ڪمري مان ٻاهر نڪري آيس.

ع.
ق.
شيخ

❊

ع. ق. شيخ

✡

## حسرتن جو ڦيرو

هي ان وقت جو ذڪر آهي، جڏهن آءُ انگلنڊ ۾ برسٽل شهر جي مصوريءَ واري ڪاليج ۾ تعليم وٺي رهيو هوس. سامهون هڪ انگريز خاتون، ماڊل طور ويٺي هئي. جلد ئي موڪل ملڻ واري هئي ته ڪلاس جو بند ٿيل در کليو. هڪ اجنبي اندر لنگهي آيو. ڪو هوندو منهنجو ڇا؟ آءُ رنگن پرڻ ۾ مشغول هوس. اهو ڪاليج جو خاص ڪلاس هو. انهيءَ ڪلاس ۾ اندر اچڻ جي اجازت هر ڪنهن کي ڪانه هوندي هئي. ڪلاس ۾ ماڊل ۽ مون کان سواءِ ٽي چار شاگرد ٻيا به هئا. هر هڪ پنهنجي ڪم ۾ مصروف هو. اهو اجنبي، هر هڪ شاگرد وٽان ٿيندو سڌو اچي منهنجي پرسان بيٺو ڇو؟ هو منهنجي پرسان بيهي رهيو هو؟ مون ڪوبه ڌيان نه ڏنو. هن وري به چار چڪر ڪلاس ۾ لڳايا ۽ وري اچي منهنجي ويجهو بيٺو. آءُ بدستور بي نياز پنهنجي ڪم ۾ رُڌل هوس. هن ڪان رهيو نه ٿيو ٿورو ڪنڌ جُهڪائي، تمام ويجهو ٿي، آهستي آهستي چوڻ لڳو: ”مسٽر عبدل اوهين آهيو.“

مون صرف ڪنڌ لوڏي هائوڪار ڪئي ۽ بدستور پنهنجي تصوير ۾ رنگ ڀريندو رهيس. هُو ڪپ ڪوڙي اتي بيهي رهيو. ٿورو ترسي وري چوڻ لڳو: ”مسٽر عبدل، به منٿ مون کي به ڏيو ۽ ٻاهر هلو.“ هن دفعي هن جي آواز ۾ ڏاڍي نهنائي هئي. آءُ قدرِ حيران ٿيس ۽ ڪيس ڏسندو، ڪم ڇڏي ٻاهر

نڪتس. هُو بت ۾ پريل، ٻاڙهو ڳنڌول انگريز هو. قد پورو پنو ۽ عمر ۾ ڪرڙوڊ پئي لڳو پر اکين ۾ شوخي ۽ شرارت سمايل هيس. هُو بيصبر ۽ بيقرار به نظر پئي آيو. مون کيس اجا پوريءَ طرح ڏنو به ڪونه هو ته هُو يڪدم هٿ وڌائي چوڻ لڳو "منهنجو هٿ ڏسو قسمت جو احوال ٻڌايو. توهان جي ڏاڍي تعريف ٻڌي اٿم. آءٌ هن ڪاليج ۾ استاد آهيان. چارلس نارمن نالو اٿم. ورڪشاپ واري حصي ۾ ڪم ڪندو آهيان. گاڊ فري منهنجو دوست آهي. چارلس اهي سيئي ڳالهيون يڪساهيءَ ٻڌائي ويو.

گاڊ فري منهنجي مصوريءَ واري ڪلاس جو نوجون استاد هو. ٽي چار ڏينهن مس گذريا هوندا ته گاڊفري ڪنهن ڪلاس جي شاگرد جي زور ڀرڻ تي مون کي پنهنجو هٿ ڏيکاريو هو. گاڊ فري کي ٻين ڳالهين سان گڏ آخر ۾ مون چيو هو: "سائين توهان جهڙو حَسِين ۽ نوجوان، پر محبت جي معاملي ۾ حيران آهيان ته توهان جي زال توهان کي ڇڏي ڏيندي. مون کي اوهان سان دلي همدردي آهي." هُو نه نه ڪندو نئينءَ ڪنوار وانگر شرمائجي ويو هو ۽ پوءِ ڇُپڙي ڪري ٻاهر ويجي، پاڻ پنهنجي سر منهنجي لاءِ چانهه ۽ ڪيڪ پيسٽريءَ جو ٽري کڻي واپس موٽيو هو.

آءٌ نه ڪو نجومي آهيان ۽ نه وري منهنجو هٿ ڏسي قسمت ٻڌائڻ ۾ عقيدو آهي. ڏهاڪو کن ڏينهن مس گذريا هوندا، رسيس ۾ ڪلاس جي هڪ ڇوڪريءَ مس سوزن، هڪ انگريزي رسالو کڻي، هر ڪنهن کان پنهنجي پسند جي رنگن جا نالا پڇيا ۽ پوءِ سڀ ڪنهن کي رسالي مان سندن طبيعت جو مختصر تفصيل پئي ٻڌايو. ننڍي هوندي البت ڪو هڪ به ڪتاب پڙهي پنهنجن هٿن جا ليڪا ضرور جانچيندو هوس. سو جڏهن مس سوزن رسالي جي آڌار تي هر ڪنهن کي ڪتاب مان پڙهي پئي ٻڌايو تڏهن مون به چرچي چرچي ۾ ڪلاس جي سيني شاگردن جا هٿ ڏسي گشا هنيا هئا.

گاڊفري هونئن هو ته نوجوان، پر هميشه ويڳاڻو ويران ويران ۽ وساميل پيو نظر ايندو هو. ڪپڙا لٽا ڇا جا. ڏاڙهي به شايد هفتي ٻن کان پوءِ

ڪُوڙيندو هو. انهيءَ ڪري اهو سمجهڻ آسان هو هُجي نہ هُجي، همراهہ مڙيئي عشق جي چوٽ کاڌل آهي. اهي سيئي ڳالهيون منهنجي ذهن تي تري آيون. خير، چارلس نارمن سان هٿ ملايم ۽ سندس چهري کي ڏٺم تہ مون کي سر چارلس نيپئر، انگريز سپهہ سالار جا ياد آيو. سر چارلس نيپئر، جنهن منهنجي سنڌ فتح ڪئي هئي. چارلس نارمن جا هٿ نرم ۽ نازڪ هئا. هن جون آڱريون ڊگهيون ۽ پريل هيون. سر چارلس نيپئر کي ياد ڪري نفرت ٿيم، تہ چارلس نارمن هڪ انگريز بهادر صاحب جي چهري کي ڏسي قياس آيم ۽ آءٌ مشڪڻ لڳس. وري ڏانهنس نهاري کيس چيم، "چارلس صاحب، شام جي موڪل ۾ باقي پنج ست منٽ آهن. بهتر ائين ٿيندو، مون کي اجازت ڏيو تہ آءٌ پنهنجو سمان سڙو ڪلاس مان کڻي اچان تہ پوءِ ڪا ويهي يڪي ڪچهري ڪريون."

"بيشڪ، بيشڪ، مسٽر عبدل!" چارلس تڪڙ ۾ ائين چئي، مون کان باادب پري هٽي، مون کي واپس موٽي وڃڻ جي جڻ اجازت ڏيئي رهيو هو.

مون ڏٺو تہ چارلس صاحب هٿ مهٽي رهيو هو ۽ اوڏيءَ مهل ئي مون فيصلو ڪري ورتو تہ هيءُ انگريز ايڏو اُبهرو ۽ ايترو بيچين، ضرور ڪنهن اُلجهن ۾ گرفتار آهي. اهو ويچاريندي، آءٌ مُرڪڻ لڳس ۽ مرڪندي کيس چيم: "چارلس صاحب، آءٌ اجهو ٿو اچان، ٿورو صبر ڪريو. صبر جو ڦل مٺو ٿيندو آهي."

"ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي، توهين پنهنجو سامان کڻي اچو. واقعي موڪل جو وقت اچي ٿيو آهي."

آءٌ موٽي پنهنجي ڪلاس ۾ آيس ۽ جلدي جلدي ٽيپڙ سهيڙي، بند ڪري، ٿيلهي ۾ وجهي، چوڌاري ڪلاس ۾ نظر ڦيرائي، دروازي ڏانهن ڏٺم. منهنجي ذهن ۽ خيال ۾ چارلس صاحب ڏانهن وڃڻ جو ارادو هو تہ مس سوزن گستاخ ٿيندي چوٽ ڪئي: "مسٽر عبدل، دي گريٽ نجومي ذرا ڏيان سان چارلس صاحب جو هٿ ڏسجانءِ. ڏاڍو ڪنجوس اٿئي! ڪو مڙيئي چڪر

اٿس، شايد ڪنهن پڪيءَ جي پنيان آهي. في ضرور ونجانس. اسان مفت ۾ ٿوروئي پيا تنهنجي اشتهار بازي ڪريون.“

”بلي بلي! مون کي اها ڳالهه هينئر معلوم ٿي آهي. چڱو اوهان جي ڪميشن اج کان ٿي چالو پر اهو اوهان کي وسارڻ نه گهرجي ته جيڪو وڏيڪ ضرور پورهيو ڪندو تنهن کي حصو به ايترو ئي ملندو. استادن جي دوستن سان کي ليڪا ٿيندا چا؟ قاسائي اچ ڪو موٽو گراهڪ، ته سڀ ڪجهه تنهنجو.“

آءٌ دروازي ڏانهن وڌيس ته مس سوزن وري چرچو ڪندي چيو: ”مسٽر عبدل، ڏاڍو مغرور ۽ خودغرض ٿي ويو آهين، پنهنجن همڪلاسين کي خدا حافظ چوڻ کان سواءِ ٻاهر پيو وڃين!“

”ڏاڍي چالاڪ ٿيندي وڃين، مس سوزن! هن کان پوءِ ڪو ضروري ڪم ته ڪونه اٿئي. هل، مون سان گڏ هلي چانهه جو ڍُڪو پيءُ.“

”بس، نلهي چانهه؟ ٿوري ۾ ٿو پنهنجي جِندُ ڇڏائين!“

”معاف ڪجو“ مون مسخري ڪندي هٿ ٻڌا ۽ چيم، ”حضور، چانهه جو بهانو آهي... توهين ۽ مون سان گڏ ٻاهر نڪرو ته هوند آسمان مان تارا لاهي تنهنجي قدمن ۾ وڇائي ڇڏيان!“

”نهيو نهيو وري چمچيبازي شروع ٿو ڪرين سمجهي، توکي برسٽل جي هوا لڳي آهي!“

”واه واه، تنهنجي برسٽل جي موسم... سِيءُ، مينهن، اوندهه، برفباري ۽ طوفان!“

”ڏس منهنجي شهر جي گِلا ٿو ڪرين، شرير ڇوڪرا...! تا تا! وڃ، وڃي ڪيس بيوقوف بنائي... نه نه، اتي ببهه، توکي ڪن ۾ ڳالهه ٻڌائيندِس.“

اتي ڪلاس جي هڪ ڇوڪري ’ٽيريءَ‘ رڙ ڪئي: ”ماٺ، ماٺ، ملاقات جو وقت مقرر ٿي رهيو آهي...! عبدل، اڄا توکي هتي ٻه مهينا به ڪين گذريا آهن ته سيني سان سرخرو ٿيندو وڃين!“ ۽ پوءِ کِلي، سوزن ڏانهن نهاري شوخ ٿي ٽيريءَ چيو: ”مسٽر عبدل، رقيب ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪر!“

ويجهو ايندي چوڻ لڳو ”مسٽر عبدل، ٻه منٽ!“ ۽ پاسي تي وٺي آکڻ لڳو: ”مون سان گڏجي هل توسان صلاح مشورو ڪرڻو آهي.“

مون پنهنجي دوست ڏانهن اشارو ڪري چيو ته، ”ڏس، دوست گڏ اٿم. ڪيس مانيءَ جي دعوت ڏني اٿم. في الحال ٿوري مهلت ڏي، اجهو ٿو ماني کائي وٺان.“

”ته چڱو آءٌ هتي ويهي تنهنجو انتظار ٿو ڪريان.“

”بس، واعدو جلدي ٿو حاضر ٿيان.“

مانيءَ تي دوست سان ٻنهه دير تي ويئي. چارلس صفا وسري ويو. ماني کُٽي ۽ ڳالهيون ختم ٿيون، ته ٻاهر آيس. رستي تي، ولايت جي سرد موسم ۾، چارلس صاحب بيٺل ڏٺم، هُو مون کي زوريءَ هوٽل تي وٺي هليو ۽ اتي ويهندي چيائين:

”انهيءَ ڏينهن واري ڳالهه تنهنجي بلڪل سچي هئي! مون توسان ڪوڙ ڳالهايو هو. هُوءَ ارب پتي آهي. شعر پڻ چوندي آهي. پهريون مڙس مري ويو اٿس. نهايت حَسِين ۽ خوبصورت آهي. منهنجي ننڊ حرام آهي. ٻڌائي اهو قصو ڪيئن ٿيندو؟“

مون چارلس جا هٿ ڏٺا. هُو ويچارن وانگر مون ڏانهن نهاري رهيو هو.

”چارلس صاحب، هن معاملي جو نتيجو ڪجهه به ڪونه نڪرندو. اجايو پاڻي پيو ولوڙين!“

هن جڏهن اهو ٻڌو ته ٻئي هٿ مٿي تي رکي، هيٺ جهڪايائين ۽ مُنهن جو پنو ئي لهي ويس.

❊

ع.
ق.
شيخ

ع. ق. شيخ

✲

## پريشان انسان

مٿي ۾ سُور، دل جي ڌڪ ڌڪ، بدن ۾ هلڪو هلڪو بخار، چيلهه ته جڻ
ڪنهن چچري ڇڏي هجي، پنين ۾ سُور ۽ خيال پريشان؛ گهر ۾ سيڌو سامان
ل، مهيني جي اوڙتيهن اونداهي، پگهار جو ڪڏهوڪو ڏيوالو نڪري ويل،
ا ڪوڏي ڪانهي جو شام جو ٿلهو چانهه جو ڪوسو پاڻي ڪٽي نڙيءَ مان
نجي؛ ٻه ٻار دائمي بيمار ۽ دوائون بلئڪ مارڪيٽ مان به ملڻ محال؛ ته پوءِ
ڙي ماحول ۾ ارمان، ارادا، امنگون ۽ آسرا ـ مستقبل جا روشن خيال، زنده
ي، خوش مزاجي ۽ راحت جون سيئي ساعتون ڪهڙي ڪم جون! هيءَ
ٿڻ جو جنجال، قيامت ڪان اڳ ۾ ٿي قيامت، اجا ٻيون ڪهڙيون عقوبتون
ي ڏينديون! باقي بڻيان بچيو ڇا؟

انور جي تڪليفن جي انتها ٿي چڪي هئي. ڪٽ تي ليٽندي، انيڪ
بال ۽ اوسيئڙا هن جي دماغ کي وڪوڙي ويا، جهڙيءَ طرح ڏينين جو ولر
ڪنهن جي جسم کي چُهٽي چنبڙي اڏامي وري اچي چُهٽي. اها ڳالهه ڪا
. لاءِ نئين نرالي ڪانه هئي.

هُو ننڍي هوندي کان ئي زندگي جي حَسِين لحظن لاءِ واجهائيندي،
مشڪلاتن کي مُنهن ڏيڻ ڪان پوءِ به ڪڏهن سُک جو سمون ڪونه
يو. زماني ۽ ان جي گردش هن تي ڪافي زور آزمايون ڪيون هيون. ڇا

ڏيندس. آءٌ مقابلو ڪندس. دنيا جي ذري ذري سان لڙندس، وڙهندس. پنهنجي اولاد لاءِ، پنهنجي گهرواريءَ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪري، پوءِ ئي مرندس. تنهن وچ ۾ موت ايندو ته موت کي به مُنهن ڏيندس، سندرو ٻڌي ڪيس ٻڪ وجهندس، پر آڻ ڪينَ مڃيندس. آءٌ خود ملڪ الموت کي به موتائي ڇڏيندس، موت، اڙي موت! آءٌ تو کي نپوڙي، گُهٽي گُهٽي ماريندس. وچ، تري وچ منهنجي اکين ڪان، آءٌ اهڙي سٽري ڏُر ناهيان. اجا آءٌ جوان آهيان ۽ جوان ئي رهندس.

هن جي ذهن مان موت وارو خيال پڇ پائي وني ڀڳو ۽ اهڙو ڀڳو جو گم ٿي ويو. هن وٽ جذبا، جوش ۽ همت، ٻوڙندا آيا. هن کي سينگاري پڪاري، هٿ کان جهليندي، وجي زندگيءَ جي بنهه محلات ۾ ويهاريائون. نوڪر چاڪر، ڌن دولت ۽ مانُ مرتبو. هن جي اڳيان ڦير يون پائي اچ وڄ ڪرڻ لڳا. هن جي زال، راڻي ٿي هن جي اڳيان آئي. هن جا ٻار شهزادن جي پوشاڪ پهري آيا. تندرستي نچڻ لڳي ۽ خوشي ٻنا ٻنا ٿهڪ ڏنا. حُسن ۽ جوانيءَ حيا کان ڪنڌ ڪٽي هيٺ جهڪايو. شرميلي نگاهن چوريءَ چوريءَ گُهورڻ شروع ڪيو. هڪ رنگين تصوير خيالن جي پردي تي چٽجڻ لڳي. فيروزي رئو. هيرن جواهرن سان جڙجي. آسمان تي چڪجڻ لڳو. هڪ نوراني خمار پکڙجي ويو. هڪ ازلي سُرور جو احساس پيدا ٿيو. دلفريب خوشبو جي هٻڪار وڌندي وئي ۽ زمين جنت بنجي وئي. دنيا جي تختي تان غم، ڏک، دک ۽ درد مصيبتون ۽ مشڪلاتون، هڪ هڪ ڪري سيئي موڪلائي ويا. اتي سيئي انسان راجا هئا. سيئي ٻار شهزادا هئا ۽ سيئي عورتون راڻيون هيون ۽ سيئي انسان هڪجهڙا انسان هئا. اتي هي هترادو هٿ وڏائي اوچ نيچائي ڪانه هئي. ڪنهن کي ڪنهن سان عداوت ڪانه هئي. پيار ۽ محبت جو راڄ هو. همدرديءَ جي حڪومت هئي. هر هڪ آزاد هو.

پاسائين پيل ٻار ڪنگهيو. ڪنڌ ۾ سُتل زال ٿڌو شوڪارو ڀريو انور جي خيالن جو سينگاريل محلات ڏوڏي سان ڏُو اچي پٽ تي ڪريو. ڪرڻ سان اهو سارو رنگ محل چڪنا چُور ٿي ويو. هن جو مٿو ڦرڻ لڳو. هن جي چيلهه مان سُور جون سُوٽُون اُسرڻ لڳيون. هُو پاڻ کي ٿڪل محسوس ڪرڻ لڳو. ڄڻ ڪيس ڪنهن ڏاڍي مار ڪئي هئي. هن پاسو ورايو. هُو اجا جاڳي رهيو

هُو اکيون کولي آسمان کي بي معنيٰ نگاهن سان تڪڻ لڳو. هن جي خيالن جو گهوڙو چئوپير زمين کان مٿي اڏامڻ لڳو جڻ تہ هن کي زمين تي پير هٽڻو ئي ڪونہ هو. زمين تي جڻ ڪنهن ٽانڊا پٿاري ڇڏيا هئا. هُوان جي واچوڙي وانگر هو پري پري آسمان ڏانهن اڏامڻ لڳو. هُو سيئي حدون اورانگهي، گستاخي ڪري وڃي الله جي حضور ۾ پهتو. هُو بي حيا ۽ بي ادب ٿي چوڻ لڳو "الله سائين، تون اتي ايترو پري، ستين آسمان کان بہ مٿي، ويٺو آهين، زمين وارن جون آهُون دانهون تو تائين ڪيئن پهچنديون. پر اڄ تہ آءٌ تنهنجي اڳيان، تنهنجي ويجهو بنهہ آمهون سامهون آيو آهيان. ٻُڌ تون تہ رحم ڪندڙ آهين، آءٌ ڪٿان ۽ ڪيترو پنڌ ڪري تو تائين پهتو آهيان! توکي ٻُڌڻو پوندو. مون کي اجازت ڏي تہ آءٌ پنهنجي زبان کوليان. هيءَ دنيا تو ئي تہ ٺاهي آهي. هيءَ زمين ۽ آسمان توئي تہ جوڙيا آهن، آدم کي بہ تہ توئي خلقيو آهي. اي منهنجا مولا، تو کان ٿو اڄ آءٌ پڇان. آخر هيءَ سمورو مانڊاڻ تو ڇا لاءِ منڊيو آهي؟ آدم کي سزا ڏئي تو هروڻ پرون زمين تي ڇو لاٿو؟ تنهنجي دنيا کي تہ هن اڳ ۾ ئي دوزخ بنائي ڇڏيو آهي! ڪن تہ پاڻ لاءِ وري هتي ئي بهشت بنائي ڇڏيا آهن! پوءِ تنهنجو دوزخ ۽ تنهنجو بهشت آخر ڪهڙي ڪم ايندا؟ انسان تہ تو کان سنڀاليو ئي ڪونہ ٿو ٿئي! ڪي تہ توکان تنهنجي خدائي بہ ڦريو هتي خود خدا بنيا پيا گهمن! دنيادارن تہ تنهنجي هيءَ دنيا توکان کسي، وڃي پنهنجي قبضي ڪئي آهي ۽ جيئن ٿو کين وڻي تيئنءَ ٿا پيا پنهنجي دنيا کي هاڪي هلائين ڇلائين! تو وٽ هنن باقي ڇڏيو بہ ڇا آهي؟ تنهنجي دنيا ۾، تنهنجا هي رقيب، هي غاصب ايترو ظلم ڪن، ايترو انڌير مچائي ويهن ۽ تون اتي محشر جو توراڙو هٿ ۾ جهليو ويٺو تماشو ڏسين! ڇا دنيا جا هي ننڍڙا خدا بہ تو خلقيا آهن؟ ۽ ڏس هُو مفلس، ڪنگال، غريب، بکيا، اگهاڙا ۽ بيمار. اهي بہ تہ توئي اُپايا آهن. ايڏي امير پروري آخر ڇو؟ هڪڙن جا پنهنجا پيٽ بہ خالي تہ ٻين جا ڪتا بہ ڪايو پيو پيا اُلوليون ڪن! مون اياڻي کي جواب تہ ڏي، اي جاڻٽهار! آءٌ هيتري بڪواس ڪري ويو آهيان. مون کي روڪ تہ سهي، ڳالهائين ڇو نٿو؟ ڪين مون جاهل کي پنهنجي عظيم ماٺ سان ئي آڻ مچائڻي اٿئي؟ تنهنجا راز آءٌ برابر ڪين ٿو جاڻان. تڏهن تہ مون سج، چنڊ، هوا، باهہ پاڻي، وڻن ٽڻن، نانگ

بلائن، ڀوڙن ڀڳن، فرشتن، ديوتائن ۽ پيغمبرن کي پوڄي پوڄي باقي اڃي هاڻي تو هڪڙي جي عبادت جو سهارو جهليو آهي! ۽ انهن سيني قربانين، تپسيائن ۽ بندگين جو عيوضو؟ منهنجي صبر ۽ آزمائش جي ٻه ڪا انتها آهي! هاڻي، ڏس هيءَ هتان جي دنياداررن جو ائٽم بم، هائڊروجن بم ۽ بلو بم! هاڻي، ڇاڻ ته هيءَ دنيا تو کان ٻه وئي ۽ هنن کان ٻه وئي! آءُ نه رهيس ته تون نه رهئين. ان مان مون کي ڇا حاصل ۽ مون مان توکي ڇا حاصل؟"

انور خيالي دنيا ۾ ڪٿان جو ڪٿي وڃي پهتو هو. هن جون اکيون ٽانڊن وانگر ٻري رهيون هيون. هن جي پيشاني تپي لال ٿي وئي هئي. هن جي دل تي ڪو زور زور سان مُترڪا هڻي رهيو هو. هن جو جسم گرم گرم سيخن سان ڏنيجي رهيو هو. هُو لچڻ لڳو. هُو ڦٿڪڻ لڳو. ڇڻ ته باهه جو وڏو مچ ٻريل هو جنهن تي هُو ڪباب وانگر سيڪجي رهيو هو. هن جو جسم سڙڻ ۽ ڪامڻ لڳو. هن پاسو ورايو. پري پري کان، بنهه پڙاڏي طور هن جي تاڙين ڇڙهيل ڪنن ۾ هڪ غير مانوس آواز ٻڌڻ ۾ آيو. صاف طرح ڪو چئي رهيو هو: "بس ڪر، بيهودا، پاڳل، کهڙي بڪ بڪ پيو ڪرين. تنهنجي زبان ڪاٽي ويندي، تون چريو ٿي ويو آهين. تون هاڻي بنهه وحشي حيوان ٿي پيو آهين!"

آواز هيبتناڪ هو. انور جي دماغ تي دهشت ڇائنجي وئي، هن جو بدن، هن جا هٿ ۽ پير، سڪرات جي آخري وقت وانگر، ڏڪي ڏڪي سيٽجڻ لڳا ۽ سيٽجي سيٽجي ساٽا ٿي ويا. هن جي اکين جا تارا مٿي اکين جي کوپن ۾ لڪي ويا. هن جا چپ آهستي آهستي ڦرڪڻ لڳا. هن شايد ڪجهه چوڻ ٿي چاهيو. هُو وڦلڻ لڳو. ضعيف زبان مان 'توبهه توبهه' جا اکر نڪتا ۽ عين انهيءَ مهل هن جو ڪنڌ ڍرڪي، ڪِري پيو. هن جي وات مان ٿوري ڳگ وهي اچي وهاڻي کي لڳي. شايد، شايد هن کي ننڊ اچي وئي هئي.

❊

## لڪيل جواب

[نظم ڪهاڻي]

"پرواهہ ناهي، تواج مون کي ڌمڪايو...
نفرت ڀريءَ نگاهہ سان نهاريو
شوخيءَ ۽ ڪاوڙ ۾ شوڪجي...
مُنهن ۾ گُهنڊ وجهي،
تو مون سان ڳالهايو.

تون سمجهين ٿو
آءٌ نوڪر آهيان،
مون کي پگهار ٿو ملي-
اهي چند سِڪا،
جيڪي مون کي ملن ٿا،
تنهنجي عجيب صحيح سان
۽ تنهنجي معرفت،
سرڪار جي خزاني مان-
جنهن مان، نصيب ٿئي ٿو
مون کي منهنجي مانيءَ جو ٽڪرو
جنهن تي پلجان ٿو آءٌ،

۽ منهنجا يار پچا،
...اسان جي قسمت_آهي
تنهنجي قلم جي نوڪ تي!

هائو برابر، بيشڪ؛
زيردستن جي محنت جو اجورو،
پورهئي ۽ پگهر جو عيوض،
...جيتوڻيڪ، جنهن مان
پورو به نٿو ٿئي،
هڪڙي مهيني جو ٻِتو ۽ ڪپڙو...
انهي ڪري ته آءٌ، خاموش
ٻُڌندو رهيس،
ٻنهي ڪنن سان،
تنهنجا طعنا ۽ ٽُنڪا،
نود وانگر،
جنهن مان سوئو ٽُنبي ٽُنبي،
وري ڪڍي ونجي،
ته به اهڙي جو اهڙو!
...سو ڪهڙو اثر ڪندي،
مون جهڙي نود تي
اها تنهنجي گرما گرم گفتار!

آءٌ ته برابر نوڪر آهيان،
سرڪار جو
...۽ هُو سرڪار جو
بنهه بالا آفيسر اچڻو هو،
جنهن سان آڌيءَ رات تائين،
تو رچائي هئي محفل؛

"کانا ۽ پينا..."
ڏور هليا هئا جتي
پيالن جا،
۽ توبُڏا هئا عمدا گانا،
۽ توڏٺا هئا دلفريب ناچ،
جن جا نظارا... آهن اسان جي
خوابن جي دنيا کان دُور
۽ پري؛
چو نہ پري ٿيندا،
اهي اسان کان!
توهين آهيو آفيسر،
۽ هُو آهن
اوهان کان بہ وڏا آفيسر!
کھڙو نہ عمدو عاليشان
جُھومر جهلڪي ٿو
اوهانجين پيشانين تي!
جنهن مان نڪرن ٿا
نوراني ڪرڻا،
۽ سجاڳ جي روشنائي
جنهن جي وسيلي
اوهين هڪبئي کي
ڄاڻين ۽ سُڃاڻين
۽ ڪيڪاري
ويهو ٿا ويجهو:
۽ رمزن واريون ٿين ٿيون
رهاڻيون، مجلسون ۽ محفلون.

ع.
ق.
شيخ

دنيا جي جهيڙن جهٽن
ڪرگسن کان محفوظ،
اوهين بي خبر ۽ بي خوف،
اُڏايو ٿا عيش زندگيءَ جا،
ماڻيو ٿا مزا جوانين جا،
راتين جي پردي ۾
ڪيو ٿا جڏهن رانديون
ڪنهن "پتي" سان،
تين تيون "سَت ڪُٽ" جون بازيون،
...تہ اسين ڊهون ٿا،
غمن جي بستري تي،
پٿڪندا رهن ٿا،
اسان جا خيال،
۽ ڪِسڪندا رهن ٿا،
اسان جا خواب،
هن حقيقت جي دنيا ۾،
اڄ پورو ڏؤ ڪري
بہ نہ ڪاڏو اٿم،
هي ميرا سيرا ڪپڙا،
سياڻي ٿي ويندا
ليڙون ليڙون.
۽ موديءَ کان
ونڊو اٿم سِيڌو.
تنهن کان سواءِ،
سياڻي وري ڪرڻي اٿم
سرڪاري نوڪريءَ سان گڏ

اوهان جي چاڪرِي،
سچو ڏينهن،
هوندي وٽ پڪڙ،
اوهان جي حُڪمن جي،
انهن حُڪمن سان،
گڏيل هوندا،
اوهان جي
فرمائشن جا فرمان،
تيز تڪڙا ۽ تُز
ناراضگيءَ جا فقرا...
اڙي هيءَ ڇا ڪيئي؟
زيان ڪري وڌئي!
هيترو وقت!
هئين ڪٿي؟
واٽ تي ننڊون ڪري آيو آهين؟
ڪميڻا ۽ ڪم ڪوس!
حرام ڪري ٿو کائين!
نوڪري ڪرڻي اٿئي يا نه؟
تو تي قياس ٿو اچيم،
جهونو جو آهين،
نه ته هوند گهر اُماڻي ڇڏيانءِ،
ماڻهن جي ڪا ڪمي؟
روزگار لاءِ ماڻهو ڌڪا پيا کائين،
حرام تي هرِي ويو آهين!
نوڪريءَ کان جواب ڏيندوسانءِ!
خبر پئجي ويندئي ته

ع.
ق.
شيخ

گهڻين ويهين سؤ آهي؟
ٻيهر ڪندين وري اهڙي غلطي؟
وچ، ٿر،
اکين ڪان پري ٿي!
وري متان اهڙي
بيوقوفي ڪئي اٿئي!
اٿندي، ويهندي،
اوهان جي بس اها ئي ڪلڪل؛
۽ اها ئي مهرباني!

انهيءَ طريقي تي، هري مري،
پڪيون ۽ پختيون،
ٿي ويون آهن؛
منهنجون، اسان جون
۽ توهان جون عادتون؛
جيڪي مجبور ڪن ٿيون،
ٻهانن ٺاهڻ لاءِ،
تہ هر دم ائين چوندا رهون؛
...معاف ڪجو؛
حاضر سائين؛
سچ ٿا چئو؛
غلطي ٿي وئي؛
آئيندي ائين ڪونہ ٿيندو؛
وري دير نہ ٿيندي؛
هيءَ ٻيرو ڪريو درگذر؛
توهان ڪان سواءِ،
ٻيو ڪنهن جو اجهو آسرو؟ -

مون تي قياس ڪيو
منهنجي ٻچڙن تي رحم ڪيو!
آءُ دربدر ٿي ويندس؛
اوهان کي ڇڏي،
آءُ ڪنهن جي در تي وڃان!
ڪاوڙ نہ ڪيو.
انسان خطا جو گهر آهي.
اوهين صاحب آهيو.
اوهين مائٽ آهيو.
آءُ اوهان جو
نوڪر آهيان؛
آءُ اوهان جو
خادم آهيان؛
آءُ خدمتگار آهيان...
برابر آءُ خدمتگار آهيان...
سرڪار جو.
انهيءَ سرڪار نامدار جو
جنهن جي هٿ ۾ آهن،
اوهان جهڙا آفيسر، عهديدار ۽ عملدار
جيڪي آهن
وڏا ماڻهو
ايماندار
اشراف،
دل ۾ درد رکندڙ
قوم جا خادم،
ملڪ جو ڀلو ڪندڙ

مهربان ۽ مخدوم.
آئن برابر آهيان،
انهن حاڪمن جو نوڪر،
۽ چاڪرن جو بہ چوڪر:
جنهن کان وٺندا رهو ٿا،
اوهين نوڪري،
۽ اٿاريندا ويهاريندا،
رهو ٿا جنهن جي اشارن تي،

...اڙي! ڪيڏانهن؟
هيڏانهن... هيڏاهن،
بُوٽ ڪٽي اچ،
جوراب پاراءِ،
پالش ڇو ڪانہ ڪئي اٿئي؟
ڏس،
بُوٽ ڪٿي ٿو چمڪي؟
ها:
اهي صحيحن وارا
ڪاغذ ڪٿي آهن؟
مٿي ۾ سُور اٿم،
بہ ٽي زور تہ ڏينم!
ڪلارڪ کي بنگلي تي موڪل:
تون ٻاهر در وٽ ويهہ،
ڪو اچي،
تہ ڪيس چئج:
خان صاحب،
واندو ڪونهي،

اندر ماڻهو وينا آهن،
سياڻي اڇجو..
ڊرائيور کي ٻڌاءِ،
موٽر تيار ڪري،
اسين گهمڻ ڦرڻ ويندا سين.
تون تہ جلدي موٽ،
توکي مون سان
گڏ هلڻو پوندو.
ڪو بداخلاق تو ڏسجين،
جهنگلي،
آفيسر سان ڪو گڏ هلبو آهي؟
پنهنجا ڪپڙا صاف رک،
۽ مون کان ڏهہ قدم
پري ٿي هل!

شام جو ٻارڙا،
گهر ۾ گوڙ ٿا ڪن.
کين باغ ۾ گهمائيندو ڪر،
سمجهين ٿو ڪونہ ٿو سمجهين؟
تون منهنجو نائڪ آهين؛
مون کي جلد ئي
وڏو عهدو ملندو.
آءُ، توکي بہ پاڻ سان،
وٺي ويندس
سياڻي وڏي صاحب وٽ،
ميوي جو ٽوڪرو
کڻي وڃ،

۾ وڏي ادب سان جُهڪي
سلام ڪجائينس.
پر هُو وڏيرو!
اڄ جو واعدو ڪري ويو هو.
راڄ جو پريو مڙس آهي،
آيو تہ ڪونہ هو؟
۾ فلاڻو سيٺ!
مس مس تہ ڦاٿو آهي،
ڏس!
ڪيئن نہ اچي ٿو ڪنڌ جُهڪائي؟
۾ هن ٺيڪيدار!
اڃان ڪميشن ڪانہ پهچائي آهي،
رڳو سُوٽي ڏيئي هليو ويو آهي گهر!
بس سمجهي چا ٿو؟
ڏهن هزارن جو بِل اٿس!
خرچ؟ چا ڪيو هوندائين...
بس اهي ٿي چار هزار!
باقي هيترا هزار سچو فائدو!
حصو نہ ڏيندو
تہ ڪيڏانهن ويندو-
خير وقت تي سيئي
اچي سلام ڪندا،
اَن جو مُنهن جنڊ ڏانهن.

پر اڄڪلهہ،
زمانو اهو نہ رهيو آهي،
جو اڳ ۾ هو.

هينئر وقت آهي اسان جو
موقعا آهن هزارين؛
حڪومت....
تہ اسان جي آهي پنهنجي؛
پر خبرداريءَ سان هلڻو آهي.
اسين نہ هجون
تہ هوند هيءَ سچو
ڏينگو ئي ڏيري تي پوي!
اسان کي،
هڏ ڏوکي، محنتي ۽
ايماندار ماڻهو کپن،
جي پنهنجي فرض ادائي
رات ڏينهن،
اَٽ ئي پهر پوري ڪندا رهن.
رعيت جي هر هڪ انسان تي
فرض آهي
تہ هُو پنهنجي ملڪ جي
ٿان سڀ ڪجھ قربان ڪري،
خ ـت ۽ خدمت ڪندو رهي،
محب ...،
يقين، ڀروسي، سچائيءَ
سان ڇا ڇانہ ٿي سگهندو؟

اسان جي رهبرن، ليڊرن
۽ آقائن،
اسان کي، توهان کي،
هڪڙي امانت ڏني آهي.

ع.
ق.
شيخ

سيني جو فرض آهي،
تہ انهن فرمانن ۽ فرمودن
تي، ماٿ ميٺ ۾،
عمل ڪندا رهون.
آزادي ڏياريندڙ انسان،
هزارها سالن کان پوءِ
پيدا ٿيندا آهن؛
اسين تہ بختن وارا آهيون.

پر هي ٽورڙا ماڻهو!
پنهنجن جي
گِلا غِيبت
ڇو ٿا ڪن؟
حڪومت!
حڪومت ونڻ، ناهڻ ۽ هلائڻ
ڪو ڇرڇو آهي؟
وقت جي نزاڪت ۽ ضرورت!
بنيادي حق!
شهري آزاديون!
ڪيڏي نہ ناداني!
۽ ڪيڏي نہ بيوقوفي آهي؟
اسان جو پهريون فرض ۽
اسان جي پهرين جوابداري آهي،
ق و م ي ح ف ا ظ ت؛
وطن جي خاطر
خسيس ۽ رواجي ڳالهين،
ڌانهن اسان جو ڌيان،

ڇو وڃڻ گهرجي؟

اهڙين اُبتين ڳالهين ڪرڻ واران،
دشمن آهن.
اهي سُس ڦُس ڪرڻ وارا،
غدار آهن؛
جيڪي رڳو ڳولي ڳولي،
ڳِلائون ڪندا وتن ٿا؛
۽ نُوسي نُوسي،
پنيلائيندا رهن ٿا؛
بي سمجهه، ابوجهه ۽ جاهلن کي،
تہ "سرڪار اسان غريبن
لاءِ ڪجهہ ڪِين ٿي ڪري"!
امن امان ۽ زنده رهڻ لاءِ ضروري شيون؟
اڳ ۾ ئي موجود آهن.
ڪاڌو ڪپڙو ۽ اَجهو؟
...سيني کي آهي.
وڏيڪ گهرڻ وارا
باغي آهن،
جي رڳو هر وقت،
لهندا رهندا رهن ٿا خواب،
تہ ملڪ ۾ پيڙڪائي ڇڏجي
بغاوت جي باهہ.

هيءَ اسان جي آزاد
۽ جمهوري حڪومت،
ڪيئن برداشت ڪندي،
اهڙن ناپاڪ ۽ ذليل،

ع.
ق.
شيخ

ماڻهن جو وجود؟
هيءُ برابريءَ ۽ هڪجهڙائيءَ جو دليل!
اميريءَ ۽ غريبيءَ جو ويڇو
ڪيئن ويندو؟
...ناممڪن ۽ غلط ڳالهيون.
قدرت،
طاقتور ۽ هيڻا،
ازل کان پيدا ڪري ڇڏيا آهن.
اهو فرق،
مَٽجڻ جو ڪونهي،
اهو سَنڌو،
ننڍ وڏائيءَ جو،
وڃڻ وارو ڪونهي،
...ايئن اڪثر
اوهان ڪي ڳالهين
ڪندي ٻڌو اٿم.

پاڻ ۾ پاڻهي ٿي،
ڀلي اوهين
دل خوش
ڪندا رهو.
ڀلي اوهين
ظلم ۽ ستم ڪندا رهو.
ڀلي اوهين
پنهنجي ڪرتوتن تي،
ڪک ڪانا،
وجهندا رهو.

منهنجا آفيسر ۽ صاحب!
جڏهين اوهين،
پاڻ ۾ ويهي ڪريو ٿا رهاڻ،
تہ ڦريو گهريو،
اهي ئي مسئلا،
ڇيڙيندا ٿا رهو
۽ سمجهو ٿا پاڻ کي،
ستين آسمان جا فرشتا!
۽ ڀانيو ٿا تہ اسان کي،
ڪير ڏسڻ ۽ سمجهڻ وارو
نڪو ڄاڻو آهي نڪو ڄاڻندو!
پر حقيقت، فريب سان
ڪيترو لڪي سگهندي،
سچ، ڪوڙ سان ڪيترو ڍڪبو؟
پوءِ هيءَ اوهان جي من ماني!
ڇا سچ، ترڪيءَ هيٺ
لڪائي سگهبو؟
چوري ۽ سينہ زوري!
ننگي ۽ گوٺ ناتي؟...
مون هي وار،
اُس ۾ اڇا،
ڪين ڪيا آهن.
سرڪار نامدار
جي ڪئي اٿم نوڪري،
تو جهڙا صاحب!
هت آفيسن ۾،

ع.
ق.
شيخ

اچن ۽ وڃن پيا.
سيني کي سجاڻان ٿو.
اهي سيئي، جيڪي هزارها
روپين جا،
پگهار ۽ ياڙا پُٽيا،
اوگرائيءَ کان سواءِ،
هضم ڪيو چڏين.
۽ اوهان جا صاحب،
۽ انهن صاحبن
جا صاحب!
نہ رڳو اهي،
پر انهن جا،
نڪ، پُڇ ۽ پاڇولا،
انهن جا جِي حضوري
۽ خوشامدي ٽَٽُو؟
ڪيئن ٿا پکيڙين،
پنهنجي پنهنجي ڄار،
ڪيئن ٿا ويهي
بنگلن ۾،
هو هلائين حُڪم!
ڪيئن ٽيون ٽين،
انهن جي اچڻ ۽ وڃڻ
تي،
دعوتون، مجلسون،
محفلون ۽ پارٽيون!
پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي قوم

جا هي بدخواهہ دشمن،
ڪير آهن؟
عيش پرست، سست،
ڪاهل ۽ ڪم چور:
ڪير آهن؟
ڏينهن ڏني جو
هر ڪنهن جي اکين ۾،
ڌوڙ اڇلائڻ وارا،
ڪير آهن؟
ٻين جي محنتن،
۽ پورهين تي پلجڻ وارا،
ڪير آهن؟
عام ماڻهن ۽ زيردستن مٿان،
فرعوني مزاج،
آزمائڻ وارا،
ڪير آهن؟
اوهين ڇا ڇا ٿا ڪيو؟
اوهين، ڪهڙي ڪوڙر ٿا هڻو؟
اهي لکپڙهون، ڪاغذ،
اهي منصوبا،
۽ اهي درخواستون،
۽ انهن جي ٿهن جا ٿها!
فائلن ۽ دستين،
جا گاڏا ۽ گدام!
ڪير ٿا اٿلائين پٿلائين،
پڙهن ۽ نيڪال ڪن؟

ع.
ق.
شيخ

توهان جا،
هي هيڏا ڪاروبار!
ڪاتا ۽ محڪما!
ڪير ٿا هلائين چلائين؟
توهان جي هوندي،
هي هيڏو انڌ ڌنڌ!
جتي، جيڏانهن
۽ جنهن ڪان پڇو،
سُورن ۾ رئي آهي!
هي مصيبتون ۽ مشڪلاتون!
واهہ جو آهي انتظام!
ڪنهن کي خبر ناهي؟
پر منهنجي وطن جا وسوڙل انسان!
هاڻي ٿيندا وڃن ٿا واقف،
۽ حقيقت هوريان، هويان
ٿيندي وڃي پيئي واشگاف،
راڻي جهليون آهن،
ناتر جون چوٽيون،
۽ انهيءَ رنگ محل جو طلسم،
ٿي ويو آهي چڪناچُور
منهنجي محبوب وطن جا،
سڀ شهر واسي،
آزاديءَ جا بهادر شهزادا ــ
هڪڙي مومل هاڻي ويندي ڪيڏانهن؟
سو اهو سچ،
سڀ ڪنهن کي

معلوم ٿيندو پيو وڃي
پوءِ اهڙيءَ حالت ۾
اوهين ڪيئن ٿا ڪٿي
لڪائيندا پاڻ کي
ڦاڙهو جتي ڪائيندو
اُتي اوس اوجهه ڏيندو
پر جيڪڏهن
ٻنيءَ جي مالڪ
ڦاڙهي کي زيان ڪندي
اڳ ۾
ڏسي ورتو تہ؟
تہ پوءِ
اُن جو نتيجو
ڪهڙو نڪرندو

ڪالهہ جو تو مون کي
ڌمڪايو
جيڪي مُنهن ۾ آيئي
سو چئي وئين
ٻنهہ بالا عملدار
جو اچڻو هو
ڪنهن کي بہ خبر
تہ ڪانہ هئي
هُن جي اچڻ جو
ڪو پروگرام تہ ڪونہ هو
مون تہ ڪو
خواب ڪونہ لڌو هو

ع.
ق.
شيخ

تہ اوهين هلي مَلي
وچين ڪيس منٿ
ڪري ايندا
پيرن گهمائڻ لاءِ
پر هُنن
بالا آفيسرن جي اچڻ ڪري
اوهان جو دماغ
چو...
سُرت ۽ ساچاهہ
مان نڪريو تہ وڃي
ايتري
ناجائز ۽ لُندي خوشامد
چو ٿا ڪريو؟
ڇا جي لئہ ٿا ڪريو؟
شايد اهي سڀ
اهڙا ئي آهن
جي خالي چند ٺوڪ
۽ سائين سائين
جي حُضور
تي آڪڙجو
۽ آڦرجو وڃن ٿا
بناوٽي ۽ ملاوٽي
تپ تاپ تي
راضي ٿيو وڃن
پوءِ چونہ اوهين
اهي اٽڪلون

۽ ستڪلون هلايو!
اهو هار سينگار
اها معلمي سازي
اوهان کي
واهہ ! واهہ!
۽ شاباس!
جي لقبن سان
ضرور نوازيندي
پوءِ ڪير ۾ جيتري
ڪنڌ وجهبي
اوتروئي منو ٿيندو
اڄ جو آءُ،
توکي ٻڌي سُٽي،
خاموش ٿي ويس؛
توکي جيڪي چوٽو هو
سو اکيون پوري
چئي ڏنئي:
تنهنجي ڪاوڙ ۽ قهر
جو پارو
چوٽ چڙهي ويو؛
آءُ توکي ٻڌندو
آءُ توکي تڪيندو
رهجي ويس،
دراصل آءُ،
سوچي، ويچاري،
خيال ڪري رهيو هوس،

ع.
ق.
شيخ

تہ اوهان کي واقعي
ناراض ٿيڻ جو
آخر ڪهڙو سبب هو؟
صبح جو،
تہ دستور موجب،
حاضر ٿيس!
منهنجي خطا؟
۽ منهنجو ڏوهہ؟
آخر تہ اسان کي بہ،
اوهان جهڙو ساهہ آهي،
نيٺ اسين بہ آهيون،
ڪي انسان!
اسين بہ نوڪر آهيون،
سرڪار جا،
نوڪري ڏيندا رهون ٿا،
توهان جي ۽ سرڪار جي،
۽ آهيون بہ ٻئي،
پگهاردار نوڪر،
۽ اهي بالا عملدار صاحب!
ڇا اهي ڪين آهن ڇا
سرڪار جا ملازم،
ملڪ ۽ ماڻهن
جا خادم؟

پوءِ هيءَ هيڏو
سارو ويڇو!
اهو تہ اسان جي

خاموشيءَ ۽ ارڙ جاٽائيءَ
پيدا ڪيو آهي،
انهيءَ ڪري،
واحب سمجهيم،
تہ توکي لڪيل جواب ڏيان،
بنهہ توکي لکي ٻڌايان،
ٻين کي ٻڌايان!
۽ انهيءَ،
بيداد جي نڙيءَ تي، نُنهن ڏيئي،
هميشہ هميشہ لاءِ،
ان کي نابود ڪري ڇڏيان!“

❊

ع.
ق.
شيخ

ع. ق. شيخ

✡

# سنڌ ۾ ڊرائنگ ۽ مصوري

(هڪ جائزو)

جيتري قدر هن برصغير جي سرزمين يعني "سپت سنڌو" ديس جي رهواسين جي ميراث آهي تہ مجموعي طور تمام لطيف فن (عمارت سازي، علم ادب مجسمہ سازي، مصوري ۽ موسيقي) جي لحاظ کان، اسان جو ورثو جيترو قديم آهي اوتروئي قيمتي آهي. اها ذاتي پذيرائي ڪانهي پر تاريخ کان بہ اوائلي دور جي حقيقت آهي. موهن جو دڙو چاڻن جو دڙو ۽ اتر اولهہ جا مختلف مقام، جنهن بہ حالت ۾ آهن مذڪور دعوا جا جيئرا جاڳندا دليل نہ آهن ڇا...!

هتي آءٌ رڳو مصوريءَ جي مٿاڇري ناتي يعني هڪ راوجي ڊرائنگ ٽيچر جي حيثيت سان ڪن فني ماهرن يا ذاتي مشاهدن جو ذڪر ڪندس. اها ڪا علمي تحقيق ناهي پر ڇڙ وڇڙ، وسريل ۽ پکڙيل يادگيريون آهن. منهنجي ڊرائنگ ماستريءَ جي شروعات ٿرپارڪر ضلعي لوڪل بورڊ جي انتظاميہ هيٺ، نيٺ ٿر جي ڳوٺڙي نما "مٺيءَ" جي شهر کان ٿي. 34_1933ع جو زمانو هو. لياقت اها هئم جو رڳو بس شروعاتي ايليمنٽ ۽ انٽر ميجئيٽ ڊرائنگ گريڊ امتحان پاس ڪياهئم. اهي امتحان بمبئي سرڪاري طرفان ٿيا هئا. اهڙن امتحانن پاس ڪيل استادن کي غير تربيت يافتہ استاد سمجهيو ويندو هو. پگهار جي اضافي ۽ نوڪريءَ ۾ پڪي ٿيڻ لاءِ هڪ سال

لاءِ جدا ڊي – ٽي – سي (Drawing Teacher Training Certificate) ٽريننگ ۽ پوءِ ڊرائنگ ماسٽرس جهڙا اهي بہ امتحان، بمبئي ۾ وچي ڏيڻا پوندا هئا. (پهريائين، ابتدائي ڊرائنگ گريڊ امتحان. ذري گهٽ هڪ صدي جيترا پراڻا آهن. اهي امتحان هو بهوا ڳئين وانگر اجا بہ سنڌ جو تعليم کاتو جاري رکيوا چي.

انگريز سرڪاري جي دور ۾ شروعاتي گريڊ امتحانن پاس ڪرڻ وارن انجنيئر توڙي ميڊيڪل ڪاليجن جي داخلا واري ٽيسٽ ۾ وڌيڪ مارڪون ملنديون هيون. ان سببن ڪري استاد توڙي شاگرد امتحان ۾ گهڻي دلچسپي وٺندا هئا. هتي اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ ڊرائنگ جي سلسلي وار چارئي امتحان، مصوريءَ جا اوائلي سکيا ڏانهن مائل تہ ڪري ٿي سگهيا پر عملي ۽ حقيقي طور وقت گذرڻ سان حاصل ڪيل ٿوريون گهڻيون صلاحيتون، ماحول ۽ موقعي نہ ملڻ ڪري، خيرن سان ختم ٿينديون رهيون آهن ۽ ٿينديون رهنديون. افسوس اهو آهي تہ سنڌ صوبي ۾ ويندي هن وقت تائين ڪوبہ خالص آرٽ جو ادارو قائم ٿي نہ سگهيو آهي. پوءِ شاگردن توڙي استادن کي ميار بہ ڪهڙي ٿي ڏئي سگهجي؟

خير، آئونُ پاڻ جو ڊرائنگ ٽيچر ٽيس سو ہن ٽن سالن کان پوءِ نيٺ ٽريننگ لاءِ بمبئي ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪيم. پڇا ڳاڇا ڪري ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ اچي اتي جي ڊرائنگ ٽيچر محترم علي بخش گل انداز سان ملاقات ڪيم. هن جي خاص هدايت ڪري ميونسپل هاءِ اسڪول ڪوٽڙيءَ جي ڊرائنگ ٽيچر مسٽر ڪي – ڪي جيسواڻي سان مليس ۽ سندس شاگرد ٿيس. جيسواڻي پهريون سنڌي هو جيڪو تازو ”سر جي جي اسڪول آف بمبئي“ مان آرٽ ماسٽرس جهڙو وڏو امتحان پاس ڪري آيو هو.

ڊرائنگ ٽيچرس ٽريننگ لاءِ بمبئي جي سفر، هم ڪلاسي ٿيڻ، گڏجي رهڻ جو هڪڙو همدرد ۽ حوصلي وارو ساٿي، محترم جئہ ڪرشن ببلاڻي بہ هو. اهو زمانو 38_1937ع جو هو. ان وقت سڄي برصغير ۾ لاهور، لکنئو، مدراس ۽ ڪلڪتي ۾ سرڪاري آرٽ اسڪول قائم ٿيل هئا. پر سر جي

ع. ق. شيخ

مسلسل ۽ لاڳيتي ڪوشش ڪان پوءِ 71_1970 ڌاري سنڌ يونيورسٽي ۾ فائن آرٽ ڊپارٽمينٽ ڪليو. اتي جيڪو نصاب رائج ڪيو ويو آهي سو بہ ڪر بہ اڪر پنجاب يونيورسٽي فائن آرٽس ڊپارٽمينٽ جي نصاب مطابق آهي. فرق رڳو اهو آهي تہ هتي سنڌ يونيورسٽي ۾ اهو نصاب فقط بي اي تائين اختياري مضمون تائين محدود آهي. اهو امتحان, پاس ڪيل بي اي فائن آرٽ چئي، سڌِي يا لِڪي بہ نٿو سگهجي. هن صوبي ۾ ڊرائنگ ٽيچرس ٽريننگ هڪ وڏي عرصي ڪان قائم آهي. سوين شاگرد ۽ ڊرائنگ ٽيچر متان تربيت وٺي ويا, تن مان جن محنت ۽ واقعي مصوريءَ جي لياقتن ۽ صلاحيتن جو وقتي ۽ عارضي مظاهرو ڪيو سي نالا نٽو چاٽايان پر اهي مڪڙي هٿ جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا بہ ڪونهن ۽ هوڏانهن سنڌ يونيورسٽي فائن آرٽ ڊپارٽمينٽ کي قائم ٿِئي بہ ڳچ عرصو ٿي ويو آهي، ۽ هتي جي شاگردن جو سراسري تعداد لاشڪ تہ ڊپارٽمينٽ جي ليڪچران ۽ پروفيسر صاحبن ڪان ڪجهہ مٿي هوندو پر هن وقت تائين ڊپارٽمينٽ مان فقط هڪ شاگرد محترم محمد علي پٺي پنجاب يونيورسٽي جي فائن آرٽ ڊپارٽمينٽ مان ايم_ اي ڪري سگهيو آهي.

هتي هڪ ٻئي سنڌي آرٽسٽ گل محمد ڪتريءَ جو ذڪر نہ ڪندس تہ وڏي زيادتي ۽ بي انصافي ٿيندي. هو هن سرزمين جو رهاڪو هو. اڻ چاڻ هوندي بہ مصوريءَ جي ليليٰ سان مجنونءَ ڪان بہ وڌيڪ محبت ڪيائين. هڪ اعليٰ مقصد واري عشق جو ڪاٿو ڪير ڪندو؟ هو رت جون التيون ڪري جسماني طور تي اسان ڪان جدا ٿي چڪو آهي، پر هن جي مصوريءَ جا ڪيترائي شاهڪار اڃان تائين موجود آهن. سندس ڪيترائي شهپارا هتي جي مشهور ۽ معروف ادارن وٽ لاوارث لاشن وانگر پيا آهن!

آخر انهن سيني دلسوز ۽ افسوس ناڪ حالتن ۽ حقيقتن لاءِ ڪير ذميوار آهي، ۽ ڪير جوابدار آهي؟ چو ۽ ڇا جي ڪري ايئن آهي؟ ڇا اِهي حالتون تبديل ٿي نہ ٿيون سگهن؟

["پهرين ڪل سنڌ مصوري جي نمائش"_بروشر 1981 تان ڪنيل]

٭

ع. ق شيخ

✲

## مسلمانن جي دؤر ۾
## خطاطي ۽ آرائش و زيبائش جا فن

جيسين تائين خطاطي يعني ڪتابت، خوشخطي يا خوشنويسيءَ جو لاڳاپو آهي تہ مسلمانن دنيا جي علمي ذخيرن ۽ خزانن کي محفوظ رکڻ لاءِ، لکڻ ۽ لکائڻ جي طريقن کي هڪ اهڙي فني حيثيت ڏني، تنهن جهڙو مثال تاريخ ۾ ملڻ محال آهي.

اسلامي دنيا جي جدا جدا حڪومتن ۾ خطاطيءَ جو فن 1200 سالن تائين جاري رهيو ۽ اڄا بہ اڪثر اسلامي ملڪن ۾ اهو ساڳيو فن هڪ نہ ٻي صورت ۾ پنهنجي قديم روايتن سان موجود آهي.

دراصل خطاطيءَ جو طريقو ۽ طرزَ جيڪا مسلمانن رائج ڪئي، ان جو اصل بنياد عربي زبان جي صورتخطيءَ تان ورتل ٿو ڏسجي. تحقيق ڪندڙ ماهر ايئن بہ چون ٿا تہ عربي صورتخطي قدري ”خبطي ۽ سريافي“ طرز تحرير کان متاثر ٿيل آهي.

عربي زبان جو قديمي رسم الخط ”ڪوفي“ آهي. اهو نالو عراق جي مشهور معروف شهر ڪوفي تان پيل آهي. ظاهر آهي تہ اهو لکڻ جو طريقو ڪوفي مان ئي شروع ٿيو آهي. حقيقت اها بہ آهي تہ ڪوفي خط اسلام کان

اٽڪل ٻه سو سال اڳوات شروع ٿي چڪو هو. مذڪوره دعويٰ جون ثابتيون: قديم عربي دستاويزن، ڪتبن ۽ سڪن تي اپريل، اڪريل ۽ لکيل اکرن مان ملن ٿيون.

ڪوفي لکائيءَ جو طريقو 500 سال کان جاري رهيو ۽ پسند ڪيو ويو. پر ڪوفي طرز تحرير ڪا سولي ڳالهه ڪانه هئي. لکڻ وارا اکر ڪنڊائتا لکندا هئا تنهن ڪري لکائيءَ تي وقت لڳندو هو. ڪاتبن وقت بچائڻ خاطر اڳتي هلي هڪڙو بيو نئون لکڻ جو طريقو ايجاد ڪيو. انهي نموني ۾ اکرن کي گولائي ڏني وئي. انهيءَ طريقي کي خط " نسخ" چيو ويو ٿو. لکڻ جو اهو قسم نهايت مقبول ٿي فني صورت اختيار ڪري ويو. لکائيءَ جو اهو طريقو ڏهين ۽ يارهين عيسوي سن ڌاري پنهنجي عروج تي پهچي چڪو هو.

خاص ڪري عباسي دور ۾ خوشنويسن جي تمام گهڻي سرپرستي ٿي. انهيءَ زماني ۾ ريحان، ابن مغله، ياقوت ۽ ٻيا ڪيترائي نامور ڪاتب پيدا ٿيا جن ڪيتريون ئي نيون ۽ خوبصورت طرزون ايجاد ڪيون.

اڳتي هلي 13 عيسوي سن ڌاري ايران جي ڪاتبن "خط نستعليق" ايجاد ڪيو. انهي صورتخطيءَ ۾ اکرن جي گولائي ۽ مقدار جي جوڙجڪ سان وڏيڪ مطابقت ۽ خوبصورتي پيدا ڪئي وئي. ڪيترن صدين تائين عربي "خط نسخ ۽ پارسي خط نستعلين" ۾ لکبي رهي.

هتي اسپين جي، خاص ڪري اموي دور جي مسلمان حڪمرانن جي علمي ذوق شوق جو ذڪر نه ڪجي ته وڏي بي انصافي ٿيندي. رڳو شاهي ڪتب خاني ۾ پنجن هزارن کان وڌيڪ ڪاتب ڪم ڪندا هئا، هن دور ۾ بيشمار ڪتاب لکيا ويا. سچ پچ ته سڄي يورپ ۾ اسپين انهي دور ۾ علمي دنيا جو وڏو مرڪز هو.

نيٺ اهو زمانو به آيو جو اسان جي برصغير پاڪستان ۽ هندستان ۾ جڏهن مسلمانن جون حڪومتون قائم ٿيون ته هتي به جيڪي قرآن شريف لکيا ويا سي نسخ خط ۾ لکيا ويا. آخر اهو دور به آيو جو هتي جي مڪاني اردو ٻوليءَ جي لکڻ لاءِ خط نستعليق رائج ٿيو. اڳتي هلي اردو جي ڪاتبن

وڏيڪ رواني سان لکڻ لاءِ هڪ نئين طرز ايجاد ڪئي. انهيءَ صورتخطي تي "خطِ شڪسته" جو نالو پيو. لکڻ جو اهو نمونو سرڪاري دفترن ۽ عدالتن ۾ به مروج ٿيو تنهن ڪري ان کي "ديواني خط" به چيو ويجي ٿو.

حقيقت ته اها آهي ته مسلمان حڪمرانن هر هنڌ نه رڳو لکڻ ۽ لکائڻ جي فن جي سرپرستي ڪئي پر ڪيترن بادشاهن پنهنجي سر پاڻ به ذوق شوق سان ڪتابت ڪئي. هن برصغير جي هڪ مسلمان بادشاهه ناصر الدين محمود (1227ع) متعلق اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته هو پنهنجي هٿن سان پاڻ قرآن شريف لکي ان جي آمدنيءَ مان پنهنجي ذاتي خرچ جي پورائي ڪندو هو. ديني محبت ۾ اسلامي خلوص ۽ سادگيءَ جو اهڙو مثال ملڻ محال آهي.

مغل حڪمرانن خطاطي جي فن کي تمام گهڻو همٿايو. سندن دربار ۾ خوشنويسن جو ڏاڍو قدر ڪيو ويندو هو. اهي عزت جي نگاهه سان ڏٺا ويندا هئا کين پگهار ڪانسواءِ خلعتن، خطابن، انعامن ۽ اڪرامن سان پڻ نوازيو ويندو هو. "آئين اڪبري" جي ڪاتب محمد حسين ڪشميري کي اڪبر بادشاهه انعام ڪانسواءِ "زرين رقم" جي لقب سان پڻ نوازيو. آئين اڪبريءَ جي ڪتابت اڄ به دنيا جي بي نظير خطاطي ۾ شمار ڪئي وڃي ٿي.

سنڌ جي مشهور معروف تاريخ نويس مير معصوم پاڻ به هڪ سٺو ڪاتب هو. فتح پور سڪريءَ جي عمارت تي جيڪي ڪتبا ڏسجن ٿا سي مير معصوم جا ئي لکيل آهن.

ٺٽي جو شهر ڪن صدين تائين سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ٿي رهيو آهي. شهر جي ويجهو مڪليءَ جي ٽڪري آهي. هن ٽڪريءَ تي قبرستان آهي جنهن ۾ ڪيترائي بادشاهه، حاڪم، وزير، امير، شاعر، اديب، عالم، سردار ۽ ٻيا ملڪي ۽ غير ملڪي ماڻهو دفن ٿيل آهن. انهن جي قبرن مٿان مقبرا، روضا، راڻڪون ۽ چوڪنڊيون-سنگتراشي ۽ چٽسالي، گلڪاري ۽ خطاطيءَ جي ڪتبن سان سينگاريل، نهايت نادر ۽ فني ڪمال جا بي مثال نمونا آهن.

ع. ق. شيخ

انگريزن جي دور ۾ 1800ع سن ڌاري جيئن ته ڪلڪتي ۾ نسخ
نستعليق جا ڇاپخانا شروع ٿيا ته ڪتاب وڌيڪ جلد ڇپجڻ لڳا ته جڻ ڦ
ڪتابت جي اها اڳين اهميت گهٽجڻ لڳي. . . ۽ ايئن پي محسوس ٿيو
اڳتي هلي ڪتابت جو فن متان ڪٿي ختم ٿي وڃي، پر ليٿو پريس ج
ايجاد ٿيڻ ڪانپوءِ ڪاتب ۽ ڪتابت جو فن پنهنجي بنيادي صورتن: نسخ
نستعليق ۾ قائم رهيو. جيتوڻيڪ ڇاپ خانن ۾ وقت گذرڻ سان ڪافي ڦ
ڦار ۽ تبديليون ٿيون آهن. ڇاپ خانا يعني پريسون خودڪار ۽ بجليءَ ت
هلن ٿيون. ڪتاب هاڻي ڪافي جلد ۽ سهڻا ڇپجن ٿا. پر تنهن هوندي
اخبارون، رسالا ۽ ٻين اڪثر ڪتابن ۾ ڪتابت جي آرائش ضروري ٿ
پوي، تنهن ڪري ڪتاب ۽ ڪتابت جو فن اڄ به زنده آهي ۽ هميشه زند
رهندو.

[هي مضمون سنڌي ادبي بورڊ جي لائق خدمتگذ
حافظ احمد الدين انڍڙ جي تعاون سان حاصل ٿي

❊

ع.
ق.
شيخ

ع. ق. شيخ

☼

## اسلامي عمارت سازي

## ۾ ڀنڀور جي جامع مسجد

عمارت سازي هڪ فن آهي، اها اهڙي ٻولي آهي، جيڪا ڏسي وائسي، پرکي پروڙي ۾ محسوس ڪري سگهجي ٿي. هن برصغير پاڪستان جي عمارت سازيءَ جي تاريخ تہ نهايت تابناڪ آهي، پنجن هزارن سالن کان بہ وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي. سنڌو ماتريءَ جي آسپاس انسانن جي وستين ۾ آستانن جا نظارا، موهن جو دڙو ۾ هڙاپا، جيترا قديم آهن اوترا ئي اج بہ اڏاوت ۾ عمارت سازيءَ جي لحاظ کان اهم سمجهيا وڃن ٿا. اهو تہ ٿيو هتي جي سرزمين جو قديم تر پس منظر.

حقيقت اها آهي، تہ متئين شروعاتي مذڪور جو مسلم عمارت سازيءَ سان ڪو بہ لاڳاپو ڪونهي. اسلام جو آغاز 14 صديون اڳ عربستان مان ٿيو. اسلام جي ايتري ۾ اهڙي مقبوليت ٿي، جو عرب ۾ مسلمان ساري دنيا ۾ ڇانئجي ويا. مسلمان جنهن بہ ملڪ ۾ ويا تہ اتي اسلامي تهذيب و تمدن رائج ٿيندي وئي. اسلامي ثقافت جا ايترا تہ عناصر آهن جو انهن سيني جو هڪ هنڌ تفصيل ڏيڻ جڻ ناممڪن آهي.

هن مضمون جو موضوع "مسلم عمارت سازي" آهي، پر اسلامي عمارت سازيءَ جو مڪمل وچور ڏيڻ بہ ايترو آسان ناهي. تنهن ڪري آئون هتي محدود دائري ۾ انهيءَ جو مٿاڇرو ئي ذڪر ڪري سگهندس. مسلم عمارت سازيءَ جا بنيادي ڪارڻ ڪهڙا بہ هجن، پر ان جي ظاهري اسبابن جا اهڃاڻ جيترا مشرق ۾ آهن، اوترا ئي مغربي ملڪن ۾ بہ نمايان آهن.

اسپين ۾ قرطبہ واري مسجد، جيڪا اڄ بہ صحيح سلامت آهي، تنهن ۾ ٻارنهن سؤ ٿنيا، ڪشادو اڱڻ، مينار، محراب، اسلامي عمارت سازيءَ جو لاجواب مثال آهن. ساڳيءَ ريت، اشبيلہ ۽ الحمرا واريون عمارتون، انهن جي جوڙجڪ اسلامي اسلوب، زيب و زينت، نفيس نقش و نگارش، فنِ عمارت سازيءَ ۽ ذوقِ لطيف جا جيئرا جاڳندا وجود پڻ موجود آهن.

هُوبهُو ائين ئي مصر، ترڪي، دمشق ۽ بغداد ۾ خاص ڪري جدت، تجديد، سونهن ۽ سوڀيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. انهن عمارتن جا رنگ ۽ روپ، ڪٽهڙا، سوراخن وارا جاميٽريڪل آرائشي جارا، سون چانديءَ جي جَڙت جا نت نوان طريقا ۽ نمونا، مغربي ملڪن جي تعميرات تي بہ اثر انداز ٿيا.

اهڙي ئي طريقي سان مشرق واري پاسي خاص ڪري، ايران، افغانستان، سمرقند، بخارا ۽ برصغير پاڪستان ۽ هندستان ۾ بہ مسلم عمارت سازيءَ جي فن، هتي جي قديم روايتن وارين اڏاوتن ۾ ڪافي ڦير ڦار آندي.

اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ برصغير پاڪستان ۽ هندستان ۾ اسلامي اقتدار جي ابتدا يا شروعات سنڌ مان ٿي. مسلمانن سنہ 712ع ۾ سنڌ فتح ڪئي. جيتوڻيڪ هتي جي مقامي ۽ مروج تعميراتي فن ۾ تبديلي بتدريج رائج ٿي، تنهن هوندي بہ هتي حيدرآباد سنڌ ضلعي جي هالن شهر جي ڪاشيگريءَ جا طور طريقا ۽ چٽساليءَ جا نمونا، سنڌ سان عربن جي قديمي تعلقات کي وڏيڪ ظاهر ڪن ٿا.

ع.
ق.
شيخ

هتي جي مڪاني ماڻهن جو معاشرو رسم و رواج ۽ عقيدا ٻيا هئا. هوڏانهن مسلمان اسلام جا پوئلڳ رڳو هڪ الله سائين ۽ هڪ پيغمبر، يعني رسول الله صہ جن تي ايمان رکندا هئا. مسلمان مسجد ۾ بلڪل سادگيءَ سان عبادت ڪندا هئا. انهن جا جيڪي بزرگ وفات ڪندا هئا تہ انهن جي قبرن مٿان خوبصورت، پروقار ۽ مضبوط مقبرا اڏائيندا هئا. ائين ئي اسلامي تعميراتي فن جي پيڙهہ پئجي وئي.

جيستائين برصغير جو تعلق آهي تہ هتي جي سرزمين تي محراب، گنبذ، مينار، آرائشي خوبصورتي واري نقش و نگارش، اُڪر ۽ چٽساليءَ جو ڪم جهڙو مسلم دور ۾ مروج ٿيو تنهن جا اثرات اڄ تائين قائم آهن. نہ رڳو ايترو پر تعميراتي فن جي ٻين جزن، سِرن ۽ پٿرن جي گهاڙيٽن جوڙ جڪ جي صورت گري، ترتيب ۽ تنظيم، پارسي ۽ عربي جي اُڪريل توڙي اُيريل خطاطيءَ ۾ مسلمانن جيڪا بہ تبديلي ۽ ڦير ڦار آندي، جا بہ مخصوص مڪاني حالات ۽ ماحول مطابق... سا وساري ئي نٿي سگهجي.

مذڪور تفصيل ۽ وچور جون ثابتيون تہ بيشمار آهن، هتي رڳو ڪن خاص اسلامي عمارتن جا نالا ٻڌائي سگهندس: جهڙوڪ، قطب مينار، بزرگ بهاءالدين ذڪريا، شمس تبريزي ۽ شاهہ رُڪنِ عالم جا مقبرا، مسجد قوت الاسلام جي سوني جڙاءَ وارو دروازو، خان خانان جو مقبرو تاج محل، موتي مسجد، لعل قلعو لاهور جي بادشاهي مسجد ۽ شاهي قلعو جهانگير جو مقبرو شاليمار وارو باغ ۽ هتي سنڌ ۾ مير معصوم شاهہ جو منارو خدا آباد واري جامع مسجد، ٺٽي واري جامع مسجد ۽ شهر سان لڳ مڪليءَ تي ميلن ۾ پکڙيل مقبرا ۽ چوڪنديون، لاشڪ مسلم تعميراتي فن جا عالم آشڪار شاهڪار نہ آهن تہ ٻيو ڇا آهن.

هن مختصر پيش منظر کي ڌيان ۾ رکڻ کان پوءِ اچو تہ مسلمانن جي بلڪل اوائلي ۽ تاريخي سنڌ ۾ ڀنڀور واري جامع مسجد جو جائزو وٺون. ڀنڀور مان اُموي ۽ عباسي دور سان لاڳاپو رکندڙ شيون هٿ آيون آهن. يقين سان ڪجهہ چئي نٿو سگهجي تہ اهو مقام ”ديبل“ بندر گاهہ وارو آهي يا نہ.

پر اها خاطري آهي تہ هتي عرب رهندا هئا ۽ فاتح سنڌ محمد بن قاسم جي زماني ۾ ڀنڀور سنڌ جو بندر گاھہ ضرور هو.

عربن جي دور ۾ هيءُ شهر ٻن حصن ۾ ورهيل هو انهن مان هڪڙو حصو قلعي وارو هو. انهيءَ ڀاڱي ۾ بندرگاھہ، جامع مسجد، سرڪاري دفتر ۽ حاڪمن توڙي اميرن جي رهڻ جون عمارتون هيون. قلعي کان ٻاهر ڪاروباري ۽ وڻج واپار وارن جو علائقو هو. قلعي واري عالم پناھہ جي ڀتين ۾ وڏا وڏا پٿر ڪم آندل هئا. انهن جون دَرزون مٽيءَ جي گاري جون معلوم ٿيون ٿين. انهي ڀت جي وچ ۾ ڪيترائي بُرج ٺهيل هئا. مذڪوره قلعي جي ديوار جي اُوچائي هن وقت بہ 19 فوٽن کان گهٽ ناهي.

بهرحال هن برصغير پاڪستان ۽ هندستان ۾ اوائلي ۽ تاريخي تعمير ڀنڀور واري جامع مسجد ئي سمجهي وڃي ٿي. هتي جي کوٽائيءَ مان هيستائين 13 ڪتبا مليا آهن. اهي سڀ تراشيل پٿر آهن. انهن مان ڪن تي ڪوفي خط جي نهايت خوبصورت اُڪريل خطاطي پڻ ظاهر بيٺي آهي. اتفاق اهو آهي تہ انهن مان ٻن ڪتبن تي سال ۽ تاريخون پڻ درج ٿيل آهن. هڪ تي سنہ 109ھہ (يعني سنہ 727) ۽ ٻئي تي سنہ 294ھہ (سنہ 907) آهي. انهن سنن مان بہ نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا. هڪ تہ عرب مسلمانن پهرين مسجد هتي ئي اڏائي هئي ۽ ٻيو تہ اها جامع مسجد شايد ٻہ ڀيرا ٺهرائي وئي هوندي. هن مسجد جي اڏاوت جو نمونو ساڳيو ڪوفي واري جامع مسجد جهڙو ئي آهي، اها مسجد سنہ 670ع ۾ جڙي راس ٿي هئي.

ڀنڀور واري جامع مسجد ذري گهٽ چورس هئي. اها 122 فوٽ ڊيگهہ ۽ 120 فوٽ ويڪر واري هئي. هن مسجد جو اڱڻ 57 ۽ 58 فوٽن جي ڊيگهہ ۽ ويڪر وارو هو. انهيءَ اڱڻ جو فرش پٿر جي سرن سان ٺهيل هو. مسجد جي ٽن پاسن کان ننڍا ننڍا حجرا ۽ دالان پڻ هئا. اولهہ طرف نماز پڙهڻ لاءِ ڇت سان ڪشادي ايراضي پڻ ڇڏيل هئي. اها ڇت ٿنڀن، ٿنڀن جي قطار وارن 33 پيلپاون تي بيٺل هئي. انهن جا جيڪي ٽڪرا مليا آهن. تن مان معلوم ائين ٿو ٿئي تہ مٿن چٽسالي بہ اُڪريل هئي. دالان جي اتر ۽ اوير واري پاسي،

چاپري سان وضو ڪرڻ جي جاءِ پڻ هئي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ پٿر جي ڪي نالي بہ هئي.

هن مسجد ۾ ڪو محراب ڪونهي. اها ئي خصوصيت هن مسجد جي نديم هئڻ جو پختو دليل آهي. محراب اڏائڻ جي شروعات خليفي وليد ٻهرئين جي دور ۾ سنہ 709ع ۾ مديني ڪان ٿي هئي.

اسلامي عمارت سازيءَ جون ڪيتريون وصفون آهن. مسلمانن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رڳو مسجدون ۽ مقبرا ڪونہ تعمير ڪرايا، پر هنن قلعا، حل محلاتون، باغ باغيچا ۽ ٻيون نجي عمارتون پڻ جوڙايون. انهن مان گهڻيون عمارتون صديون گذري چڪيون آهن، جو ائين صحيح سلامت هن، جو چڻ ڪالهہ يا اڄ ئي نهي جڙي راس ٿيون آهن. اهي سڀ عمارتون ر ڪنهن سرزمين جي ماحول ۽ حالتن مطابق اڪثر مڪاني ڪاريگرن ي تعمير ڪيون. حقيقت اها آهي تہ اسلامي عمارت سازيءَ جو فن، سلمانن جي ذاتي تعميراتي شعور، تصور، جدت، ذوقِ سليم ۽ تخليقي سلاحيت جو نتيجو آهي.

آخر ۾ آئون اهو اعتراف ڪندس تہ موضوع مطابق جيڪي مون اوهان ي ٻڌايو آهي سو معياري تہ ناهي پر جهڙو "حال حبيبان ٿهڙو پيش ريان." شل قبول پوي.

[هي مضمون سنڌي ادبي بورڊ جي لائق خدمتگذار حافظ احمد الدين انيڙ جي تعاون سان حاصل ٿيو]

✲

ع. ق. شيخ
✡

# اسلامي دؤر ۾ ڪتاب

دنيا جي تاريخ ۾ يورپ جو اهو زمانو اونداهي يعني اٽڃاٽي جو دور هو.
اهڙي تاريڪ دور ۾ هر ڪنهن قسم جي آگاهي ۽ ڄاڻ، علم و عمل جي
جيڪا ترقي ٿئي ٿي انهي جي ڪهڙي تشريح ڪجي؟

مسلمان حڪمران، حڪومت جي ذميدارين ڪانسواءِ فنونِ لطيف جا
سرپرست ۽ علم و ادب جي زيورن سان آراسته هئا. جتي بادشاهه خود عالم
اديب، فلسفي ۽ شاعر هجن، جتي حاڪم رزم ۽ بزم جا شيدائي هجن، اتي
عام ماڻهن جي زندگي جو معيار ۽ مان مرتبو ڪهڙو هوندو؟ تنهن جو اندازو
هرڪو لڳائي سگهي ٿو. علم و ادب ته قوم ۽ ملڪ جي تهذيب و تمدن جي
ترقي ۽ ارتقا جو پئمانو هوندو آهي. علم و ادب کي پيش ڪرڻ لاءِ وسيلو ڪتاب ئي ٿي سگهن ٿا. سچ پڇ ته ڪتابن جو لکجڻ هڪ اهڙو
ڪارنامو آهي. جنهن انسان جي تهذيب ۽ تمدن توڙي انساني فڪر و فهم ۽
فراست ۾ بيمثال واڌارو آندو.

اسلامي عالمن ۽ اڪابرن نه رڳو دينيات، تاريخ، جاگرافي فلسفي،
رياضي، سائنس ۽ طب تي اصلي ڪتاب لکيا پر ساڳئي وقت هنن يوناني
عبراني ۽ سنسڪرت جي مفڪرن جا ڪلاسيڪل ڪتاب پڻ ترجمو
ڪيا. دنيا جي تهذيب ۽ تمدن، توڙي علمي ادبي واڌاري لاءِ جن مسلمان

عالمن جيڪو اضافو آندو تنهنجي تفصيل جي هتي گنجائش ڪانهي، البته جي ڪتاب لکيا، سي اڄ بہ دنيا جي علمي آسمان تي چوڏهين جي چنڊ وانگر چمڪي رهيا آهن. افسوس رڳو اهو آهي جو اسان مان اڪثر پنهنجي ورثي جا صحيح وارث نہ ٿي سگهيا آهيون.

ڪتاب جي لکجڻ لاءِ ڪاغذ سازيءَ جو وڏي پيماني تي اهتمام مسلمان ماهرن ۽ هنرمندن ئي ڪيو. اها بہ حقيقت آهي تہ دنيا ۾ پهريون دفعو ڪاغذ جيڪو پيپرس جي نالي سان مشهور آهي. سو مصر ۾ ٺاهيو ويو پر اهو تمام ناقص هو. ساڳئي وقت چين وارن بہ ڪاغذ ٺاهيو جو تمام محدود مقدار ۾ تيار ٿيندو هو مهانگو بہ هو. اٺين صديءَ عيسوي ڌاري سمرقند جهڙي شهر ۾ نفيس ۽ عمدي ڪاغذ سازي جا وڏا وڏا ڪارخانا هئا جتان، يورپ ۽ ساري دنيا ڏانهن پڻ ڪاغذ روانو ٿي ٿيو. اڳتي هلي سالن ۽ صدين کان پوءِ اهو هنر يورپ ۾ پکڙيو. جنهن جي شروعات سمرقند جي مسلمانن ئي ڪئي.

1450_55ع سن ۾ ڇاپخانو ايجاد ٿيو. لکڻ وارن يعني ڪاتبن جو وڏو مان هوندو هو. علمي ۽ ادبي ڪتابن ۾ جانورن، پکين، گلن، ٻوٽن، قدرتي نظارن، عام توڙي خاص انسانن، بادشاهن ۽ خاص واقعن جو تصويرون. بي مثال ۽ املهہ يادگارن طور اڄ بہ دنيا جي عجاب گهرن جون زينت بڻيل آهن.

اسلامي دور ڪتابن جي جلد سازي ۾ پڻ بي نظير هو. شروعات ۾ چمڙي جي جلد تي ٺپي سان ايريل ۽ پيٺل چٽسالي، وري داٻ ڏيئي سونن ورقن واري سونهري گلڪاري ۽ نقش و نگارش ۽ رنگ آميزي سان نئين سر نئين، چٽسالي جي قير قار ڪتابن جي ٻاهرين شڪل ۽ صورت کي بلڪل دلڪش دلفريب ڪري ڇڏيندي هئي. اڳتي هلي ڪتابن جي جلد لاءِ ڪاغذ جي گودي مان تيار ٿيل پانو يا دفتري ڪتب آندي وئي. جلد جي مٿان بخمل، اطلس ۽ ديبا جهڙا قيمتي ڪپڙا غلاف طور چاڙهيا ويندا هئا. مسلمانن جي دور ۾ هزارين هٿ جا لکيل ڪتاب شام، بغداد ۽ قرطبہ جهڙن شهرن ۾ خريد و فروخت ٿيندا هئا.

اسلامي دور جي خوش نويسي يا ڪتابت اسلامي ملڪن ۾ تيرهين صدي تائين مروج رهي. جيڪا ترقي ڪندي رهي ۽ اجا به رائج آهي. اسلامي دور ۾ مصورن، خاص ڪري قرآن ڪريم جي سرورق ۽ هر هڪ سيپاري جي شروعات کان سواءِ هر هڪ صفحي جي حاشيہ آرائي تي، سون چانديءَ ۽ ٻين رنگن جي ميلاپ سان باريڪ، نازڪ، نفيس ۽ پيچدار چٽسالي سان جيڪا خوبصورتي پيدا ڪئي ويئي آهي سان نهايت دلڪش آهي. ڪمال تہ اهو آهي تہ اڄوڪي جديد دور ۾ اهڙيءَ چٽسالي کي ڪو ماهر مصور نقل بہ نٿو ڪري سگهي. ساڳي ريت خاص ۽ اهم ڪتابن تي چندن جي سُرهي ڪاٺ جون سنهيون تختيون پاڻي بدران لڳايون وينديون هيون. اهڙن ڪتابن کي سُرو يا اُڏوهي ڪوبہ نقصان نہ پهچائي سگهندي آهي. انهي کان پوءِ ڪتابن جي رسد ۽ طلب جي اضافي ڪري اسلامي دور ۾ ڪتابت، ڪتابن جي جوڙجڪ آرائش ۽ ڪتابي مصوري، مطلب تہ ڪتابن جي اندروني توڙي ٻاهرين سونهن سوڀيا جون سيئي ڪوششون، پنهنجي جاءِ تي مستقل ۽ سراسر فنونِ ليف جو حصو بڻجي ويون. مصوري اسلام ۾ جيتوڻيڪ اختلافي مسئلو رهي آهي، تنهن هوندي بہ اسلامي دور ۾ ڪتابي مصوري تمام گهڻي ترقي ڪئي. ڏسڻو رڳو اهو آهي تہ اها دعوي ڪيتري قدر درست آهي؟ مصر جي هڪ تاريخ نويس لکيو آهي تہ فاطمي دور جي شاهي ڪتب خاني جي اڪثر ڪتابن ۾ تصويرون هيون. ساڳئي ريت شام ۽ عراق ۾ نائين ۽ ڏهين عيسوي صدي تائين، جيڪي ڪتاب لکيا ويا، اهي ”ادبي مصادر“ جي حوالي موجب تصويرن سان آراستہ هئا. عباسي دور جا مختلف قلمي ڪتاب باتصوير هئا. انهن مان تمام مشهور ۽ دلچسپ ڪتاب پهريون ”حڪايت بيدپا“ آهي جيڪو اصل سنسڪرت پنچ تنتر جو اوائلي عربي ترجمو آهي ٻيو ڪتاب ”علم بيطره“ آهي انهي ۾ حيوانن جي بيمارين ۽ علاج معالج جو ذڪر آهي. ٽيون ڪتاب آهي ”مفردات طبيہ“ جنهن ۾ حڪيمن ۽ جراحن جون تصويرون آهن. چوٿون ڪتاب ”مقامات حريري“ آهي هن ڪتاب ۾ انهي دور جي انساني

ع. ق. شيخ

زندگي سان تعلق رکندڙ انساني تصويرون آهن. تاتاري دور جي هڪ قديم ايراني قلمي ڪتاب "منافع الحيوان" ۾ 94 قدرتي نظارن جون تصويرون آهن. ايران جا ٻيا ناميارا باتصوير قلمي ڪتاب پڻ آهن، جهڙوڪ: جامع التواريخ، شاهه نامون، خمسهٔ نظامي، گلستان-بوستان، ديوان جامي، ديوان حافظ ۽ رباعيات خيام وغيره.

برصغير هندوستان ۾ مغل دور جا قلمي ڪتاب، مثال طور، داستانِ امير حمزه، اڪبر نامو، تيمور نامو ۽ مهاڀارت جو پارسي ترجمو "رزم نامه" راڳ مالا اهڙا ڪتاب آهن جن ۾ تصويرون آهن. اسلامي دور جي ڪتابن جي مجموعي حسن و جمال ۽ آرائش لاءِ جيڪا به جاکوڙ ڪئي وئي آهي تنهن جو ڪاٿو ئي نه ٿو ڪري سگهجي. بهرحال ڪاغذ، ڪاتب، مصور ۽ جلد ساز هر هڪ، ڪتاب جي مڪمل ٿيڻ لاءِ ضروري ڀاڱي ڀائيوار هئا.

[هي مضمون سنڌي ادبي بورڊ جي لائق خدمتگذار حافظ احمد الدين انڍڙ جي تعاون سان حاصل ٿيو]

❊

ع. ق. شيخ

☼

# شاهہ سائينءَ جون سورميون

[ڪتاب 'روح رهاڻ' جو مهاڳ]

سنڌ جو سداحيات شاعر، شاهہ عبداللطيف، جنھن کي 'پٽ ڌڻي' ۽ 'لاکيڻو لعل' جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي، سو عيسوي سال 1689 ۾ حيدرآباد تعلقي جي ڪتياڻ نالي ڳوٺ جي پر سان ڀيئپور ۾ ڄائو هو. شاهہ صاحب جي والد جو نالو شاهہ حبيب هو جو بلڙيءَ واري شاهہ عبدالڪريم جو پوٽو هو.

شاهہ صاحب جي تعليم ۽ ننڍپڻ جي زماني جي جيتوڻيڪ اڃا تائين پوري سُڌ پئجي نہ سگهي آهي، پر تڏهن بہ هُو ان وقت جي وڏن عالمن، جهڙوڪ علامہ محمد معين ٺٽوي، مخدوم محمد زمان لنواريءَ وارو ۽ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ جهڙن عالمن جي عمل ۽ صوفي بزرگن جي صحبت مان ڪافي فيض حاصل ڪري چڪو هو. شاهہ صاحب جي ڪلام مان بہ صاف ظاهر آهي، تہ ڀاڻ تصوف جو بلڪل ڳوڙهو اڀياس ڪيو هئائون. هيءُ زمانو ڪلهوڙا خاندان جي دور حڪومت جو هو. وقت جا حاڪم شاهہ صاحب سان ڪينَ نهندا هئا. ڇاڪاڻ تہ شاهہ صاحب وحدت الوجود جي فڪر جو حامي هو ۽ انهيءَ نظريي جي ڦهلجڻ مان ڪلهوڙن جي اقتدار کي ڌڪ ٿي لڳو. ڪلهوڙن جو دور جاگيرداري دور هو. هن دور ۾ سنڌ جي

ڪيترن ئي عالمن ۽ صوفي بزرگن کي وقت جي حاڪمن طرفان تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون. صوفي شاهه عنايت جهوڪ وارو ۽ مخدوم بلاول جهڙن عالمن جي شهادت جو پڻ اهو ئي سبب هو جو هنن ان دور جي ظاهر پرست مُلن ۽ مولوين جيان وقت جي حاڪمن اڳيان ڪنڌ نه نمايو ۽ هميشه حق جي تبليغ ڪندا رهيا.

شاهه صاحب، ڪلهوڙا دور جي هر سماجڪ پهلوءَ کي اُجاگر ڪرڻ ۾ ڪا به ڪَسَرَ نه ڇڏي آهي. اهڙو ڪو به زندگيءَ جو مسئلو نه آهي، جنهن کي شاهه صاحب پنهنجي عالمانه نگاهه سان پرکيو نه هجي: وحدت ۽ ڪثرت، عشق ۽ محبت جون ناڪاميون، مُلن ۽ پنڊتن جون ظاهر پرستيون، وقت جي حاڪمن جو عدل ۽ انصاف، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جون ريتون رسمون، عام ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، گذر اوقات جا مسئلا ۽ ٻين انيڪ مسئلن تي روشني وڌل آهي.

شاهه جي ڪلام تي نظر وجهندي جڏهن انساني زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي نهارجي ٿو، تڏهن حيرت وٺيو وڃي ته ڪيئن نه باريڪ کان باريڪ مسئلي جي عالمانه انداز سان ويهي ڇنڊڇاڻ ڪئي اٿس.

شاهه صاحب کي سير سياحت جو گهڻو شوق هوندو هو انهيءَ سببان زندگيءَ جو ڪافي عرصو هندو يوگين ۽ سامي فقيرن سان گڏجي... سنڌ، بلوچستان ۽ هندستان جي ڌرمي آستانن جون ياترائون ڪندو رهيو. شاهه صاحب کي انهيءَ ڪري هندو ڌرم ۽ ويدانت جي تنهان ئي زياده ڄاڻ حاصل تي.

راڳ ۽ سماءَ سان شاهه صاحب جو دلي چاهه هوندو هو. زندگيءَ جو آخري حصو جڏهن سير سياحت کان فارغ ٿي اچي ڀٽ تي ديرو دمايائين، تڏهن اڪثر ڪري وٽن سدائين راڳ جي محفل متي پيئي هوندي هئي. وٽن ڪيترا ئي ٻاهريان ڳائڻا ۽ ڳوَيا موجود هوندا هئا، جي نه رڳو ٻين شاعرن جو ڪلام چوندا هئا، پر شاهه صاحب جو ڪلام به وڏي سِڪ ۽ سوز سان ڳائي ٻڌائيندا هئا.

شاهہ جي رهڻي ڪهڻي نهايت سادي هوندي هئي، اڪثر ڪري سادو ڪائيندا ۽ سادو هنڍائيندا هئا. مريدن ۽ فقيرن سان وڏي پيار ۽ سِڪ سان ملندا هئا. سندن نئڙت ۽ نهنائي پنهنجو مٽ پاڻ هئي، فقيرن تي هميشہ محبت ۽ پيار جو هٿ هوندو هون. پاڻ ڪڏهن بہ زندگيءَ ۾ ڪنهن کي ڪينَ رنجاياڻون، انسان ذات جي محبت ۽ خدمت سندن زندگيءَ جو مول متو هو:

روزا ۽ نمازون، اِي پڻ چڱو ڪم،
اوڪو بيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.
شاهہ

❊

ع.
ق.
شيخ

ع. ق. شيخ

✡

# داستان اندلس

[مهاڳ]

داستان اندلس، اندلس جي تاريخ آهي ۽ اندلس جي تاريخ خاص ڪري مسلمانن جو دور، مرڪ ۽ لڙڪ، حيرت ۽ حسرت جو داستان آهي. ٻارنهن سو سالن کان بہ مٿي عرصو گذري چڪو آهي. جو طارق جهڙي عظيم مجاهد، هن براعظم کي زير زبر ڪري مسلمانن جي قدمن ۾ جهڪايو. سڄا سارا اٺ سئو سال مسلمان بادشاهن هتي حڪمراني ڪئي. هتي جي سرزمين جي قسمت ئي بدلجي وئي. هن، فن ۽ علم کي بي مثال ڪمال حاصل ٿيو. انسان ذات ۽ دني اڪي اڃا تائين بہ ان تي فخر آهي.

هن زرخيز خطي ۾ هيترن ايامن گذرڻ کان پوءِ اڄ بہ اهي ساڳيائي شهر آباد ۽ موجود آهن جن جي نالن سان ماضيءَ جون شاندار روايتون جڪڙيل آهن. فنون لطيف جو هر پهلو ادب، موسيقي، نقاشي ۽ عمارت سازي، علم عرفان جو هر موضوع، تاريخ، طلب، سائنس ۽ فلسفو- پنهنجي اهڙي عروج تي پهتا جو فرانس، جرمني، انگلينڊ ۽ ٻين يورپي ملڪن جا رهواسي هتي اچي علم هاصل ڪندا هئا. ان وقت علم هيئت، علم نباتات، تاريخ، فلسفو قاعدو ۽ قانون، طب ۽ جراحي رڳو اندلس ۾ ئي سکي سگهبا هئا. پوک ۽ آبادي جا طريقا، جهاز راني، ڌاتو سازي، جڙت ۽ اڪر جو ڪم، نفيس ۽

ڪوم قاف شيخ

ناياب ڪپڙا، مسلمانن جي نگراني ۽ سرپرستي ڪري بلڪل اعليٰ پئماني تي ايجاد ٿيا. ايجادات جو مرڪز تهذيب ۽ تمدن جو پنڊار اندلس، مسلمانن جي دور ۾ دنيا جي ٻين سڀني ملڪن کان هر طرح ممتاز رهيو.

دين ۽ دنيا جا وارث هميشه خدا جا نيڪ ۽ صالح بندا ئي هوندا آهن. سچائي، صداقت ۽ رواداري کان سواءِ انسانن جون سڀئي عظمتون ڪهڙي ڪم جون؟ پوءِ اهڙو انسان چاهي هو مسلمان ڇو نه هجي جي انهن خصلتن کان پري آهي ته ذلت ۽ خواريءَ جو ضرور سزاوار آهي. اٺ سئو سالن گذرڻ بعد، سنه1492ع ڊاري، فرڊيننڊ، ازبيلا ۽ ابو عبدالله جي دور ۾ غرناطه، اندلس ۾ مسلمانن جي آخري سلطنت پنهنجا پويان پساهه کنيا. روح، خاڪي عنصر کان آزاد ٿي ويو ته باقي پنيان ڇا بچيو؟ زندگيءَ جي رنگيني، دنيا جو حسن، سلطنت حڪومت، علم ادب، فن ۽ هنر، ڌن دولت، عزت ۽ عظمت جا پارکو رکوالا ۽ نگهبان ڪيڏانهن ويا. مسجدن ۾ سجدي وارين پيشانين جو ڇا ٿيو؟ ڪوهه نما قلعن، فلڪ پيما محلاتن جو غرور ۽ وقار، باغن بستانن جي رعنائين، ڪوئل ۽ بلبلين جي نغمه سراين جو ڪهڙو حضر ٿيو؟ جڏهن اهو ساز ئي نه رهيو ته ان جي آواز جي بازگشت ۾ ڪهڙي دلڪشي هوندي؟ هر دور جي انسانن پنهنجن پوين لاءِ اڳتي وڌڻ جو رستو هموار ڪيو آهي هوش ور نظر ۽ نگاهه ڏسندي ڏسندي غلط ۽ صحيح حقيقتن جي تهه تائين پهچي ويندي آهي ۽ منزل مقصود تي بيهي چوڏاري جانچيندي آهي ته منهنجي پنيان ڇا هو ۽ اڳيان ڇا آهي. ڪوتاهه بين پنهنجي بي وسيءَ کان مجبور بين جي پنيان لڙڪي پوندو آهي. بي نور اکين کي اوندهه ۾ هٿوراڙيون ئي ڏيڻيون پونديون آهن پر جن کي ماڳهين اکيون ئي نه هجن تن جي مصيبتن جو شمار...؟

تاريخ انسانن کي گهٽوئي ڪجهه سيکاريو آهي ۽ سيکاريندي ناااهل فردن جو نيست نابود ٿي وڃڻ، باشعور قومن جو اسري ۽ اوچو ٿيڻ ڪٽڻ رڳو قسمت جو کيل تماشو ته نه آهي. هن پوري پوري زمين، جبلن دريائن ۽ ڍنڍن تي آسپاس، فيروزي آسمان جي هيٺان رهندڙ جانداز محض اسبابي

موجودات جي پيداوار نہ سهي-هيءَ انسانن جي پنهنجي دنيا، الز کان حادثادات ۽ انقلابات جي مقدس باهہ جي حرارت کان ڪيئن نہ بيقرار ۽ بي چين رهندي.. هن ڪائنات ۾ جيڪو جزو جامد ۽ ساڪن رهيو سو پنهنجي وجود سميت خاڪي ڪوٽ ۾ قيد ٿيو بتدريج ختم ٿيو ويو. انهي ساڳئي مقام تي زندگي جو لامتناهي روح خالي ٿيل خال جي جاءِ ٿو والاري، انتها ۽ ابتدا جو اهم طلسم، ڪمال ۽ زوال، دائمي ارتقا پذير پئي رهيو آهي. قدرت جون اهي ستم ظريفيون، عنايتون ۽ نوازشون، "حق بہ حقدار رسيد" وارو فيصلو آهي.

هيءَ دنيا-هميشہ حسين ۽ هميشہ جوان، وقت جي قيد و بند کان آزاد بي شمار صدين کان زندگي کي جنم ڏنو. خالق اڪبر هيڏانهن انسان موڪليا. هزارين صديون گذري ويون. انسان وڌندا ۽ ويجهندا رهيا. اڻ ڄاڻائي ۽ جهلات جا زمانا ڪسڪندا ويا. برفاني ڇڇون، سخت طوفان، آتش فشان پهاڙ ۽ زوردار زلزلا، زمين کي ڌوڏي ۽ لوڏي، تهہ و بالا ڪري سگهن ٿا مگر انسان ۽ انسانن جو زندهہ رهڻ عين معيشيت ايزدي تہ آهي. انسانيت امر رهندي ۽ سندس اڻٿڪ ڪوشش جو ذڪر اذڪار، ذري پرزي تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ رهندو.

هن ترقي يافتہ دور ۾ علم ۽ دانش، فهم ۽ فراست، تاريخ جي ورقن ۾ خون ريزي، مار ڌاڙ قرمار ۽ جنگين ۽ عهدنامن جا تفصيل، قلعن، محلن ۽ حرم سرائن جي الف ليلائن ڪانسواءِ انهن واقعن ۽ اسبابن جي پس منظر ۾ بي شمار فردن جي ڪشمڪش، ظلم ۽ استبداد جي سياهہ ڪاري، شهنشاهيت ۽ ملوڪيت جي سفاڪي، حق ۽ انصاف جي حريت، سچ ۽ صداقت جي نصرت، بلڪ پوري دور جي ارتقا کي پرکين ۽ پروڙين ٿا. انسانيت جو هي ڪاروان ائين ئي اڳتي رڙهندو رهيو آهي. وڌندو رهيو ۽ ترقي ڪندو رهيو آهي.

پر اها قوم مسلمان-جيڪي هن قافلي جا مير ۽ مهندار ٿي رهيا سي ڪٿي ڪنجي جدا ٿي ويا. درد آشنا دل هن معاملي متعلق ضرور ماتم

ڪندي. حقيقتن جو روشن سورج جڏهن هر ڪنهن جي عيبن ثوابن کي ظاهر ڪري ٿو تڏهن ڇٽي پڌائڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي؟ البت اوٽاين جي ازالي لاءِ تحفظ جون تدبيرون دانش مندي آهي. اندلس جي مسلمانن واري تاريخ ۾ هڪ قوم جي عروج جا اسباب آهن تہ ٻئي طرف زوال جا نتيجا پڻ ظاهر.

مسلمان قوم جي هر هڪ فرد تي اهو فرض عائد آهي تہ هو پنهنجي بهبودي ۽ بهتري خاطر، ٻين پاسن، هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ جي عيوض اسلاف جي نيڪين طرف وک وڌائين ۽ ماضي جي برائين کان باز رهن. سنڌ جي سر زمين صدين کان تهذيب ۽ تمدن جو تاريخي مرڪز ٿي رهيو آهي. اها سنڌ ئي آهي جنهن کي "باب السلام" چيو وڃي ٿو. سنڌي زبان ۾ هيءَ تاليف ٿيل تاريخ، سنڌين لاءِ هڪ حقير تحفو آهي، سل اهو قبول پوي.

15 مئي 1957ع

ٽريننگ ڪاليج فار مين
حيدرآباد سنڌ




ع.
ق.
شيخ

ٻهانو انون: ٻنهہ پوري وقت تي آيو آهيان ڇا جو ٻوڙ آهي؟ ”نہ نہ... پلاهہ آهي.“ مون کي ڏينهن جو چانور وٽندا تہ ڪونہ آهن. پر توسان گڏ زهر هجي تہ بہ هوند انڪار نہ ڪيان.

ٻهانو نائون: ٻيلي، آءُ توتي اجايو بار ڪونہ ٿيندس، منهنجي لاءِ خاص تڪليف نہ ڪج. رُکو سُکو جيڪي تيار هجي سو کڻي اچ. مڙيئي آهي پيٽ جو دوزخ پرڻو. ڳوٺ ڪهڙا مال مليدا کائيندا آهيون. پنهنجن کان ڪو حجاب آهي.

ٻهانو ڏهون: بس ٻيو ڪو خاص ڪم ڪونهي. آءُ سڀاڻي شام ڏاري تو وٽ پهچي ويندس. سمجهي وجو اوهان جو مهمان ٿيندس. پوءِ رات پنهنجي تات. وڏيڪ احوال روبرو ڏبا ونبا. ماني تہ ائين ئي کائبي.

ٻهانو يارنهون: مون کي خبر آهي. شهر ۾ ڪنهن کي تڪليف ڪونہ ڏبي آهي، پر ننڍپڻ جا ڏينهن ياد ڪري اوهان وٽ لنگهي آيو آهيان. ٻہ چار ڏينهن ترسندس. ماني وغيره جي ڳڻتي نہ ڪجو. ڏينهن جو تہ سڄو وقت ڪم ڪار سان رهندس. رڳو رات جا چار پهر اچي ٽِڪندس. وڃي تہ ڪا هوٽل وسايان ها، پر اتي مُنگهڻ ۾ مڇرن جو آزار آهي.

ٻهانو ٻارنهون: ڏاڍي ٻڌايق ماڳهين مون کي سڃاڻو بہ ڪونہ ٿا. ماڻهين کان پڇي ڏس. تنهنجي جهنڊ ڪنهن لاٿي هئي. چار درجا انگريزي پڙهي گِٽ مِٽ سِکئين تہ ڇا ٿي پيو؟ اڪيون ڇو پوريون اٿئي؟ مرشد کان منڪر ٿي آخرت نہ وڃائي. خدا ۾ خدا جي رسول کي سُڃاڻ. پڻهين مرهيات تہ مهينن جا مهينا ٽِڪائيندو هو ۾ ڏَنُ تنهن کان سواءِ ڏيندو هو. چوڏهين صدي آهي چوڏهين صديءِ مِرُن پناهہ گهريو آهي. خير... وڃي ماڻهين کان ماني وٺي اچ. متان ڪٿي ڏوراپو ڏي تہ مرشد، در تان اچي خالي موٽي ويو.

ٻهانو تيرهون: توهين ۾ آءُ ننڍا هئاسون. شايد اوهان کي ياد هجي. اوهان جي والد ۾ منهنجي پيءُ جي دوستي هئي، ٻئي هڪٻئي وٽ ايندا هئا. توهان تہ صفا وساري ڇڏيو آهي. ويچارن وڏڙن جو ناتو ائين ٽٽڻ نہ گهرجي. هڪٻئي وٽ پير پري نہ وجبو تہ ڪا ڳالهہ نهي تي. هي ٻير ۾ آيون گهران ڏنا اٿن. اندر کڻي وڃ.

بهانو چوڏهون: عرصي کان بيمار ٿو رهان. ڏس ڳري ڪندا تي ويو آهيان. هتي شهرن ۾ ته وڏا وڏا ڊاڪٽر ٿا رهن. توهان جو ضرور ڪنهن ڪو واقف هوندو. مون تي احسان ڪيو. جيسين جيئرو هوندس، اوهان کي دعائون پيو ڪندس. دوست اهو جو آئيءَ ويل ڪم اچي. سو لنگهي آيو آهيان اوهان وٽ. اميد ته مهيني اڌ اندر چاڪ ٿي ويندس. ٻيو مڙئي خير، ٻچن مان لک ٿيندو.

بهانو پندرهون: هائو برابر... اوهان مون کي ڪونه سڃاتو. گهر ۾ چيائون ته اڄ توهان جي گهر وارن دعوت ڏني آهي، ته اچي گهمي ۽ ماني کائي وڃجو. دل چيو گهر ۾ اڪيلو کهڙا ڪنا گهڙيندين. سو لنگهي آيس توهان وٽ. گهٽ ۾ گهٽ واقفيت ته ٿيندي.

بهانو سورهون: توهان کي صاحب جي گشت جو پروگرام ته مليو هوندو. خير... اسين پهچي ويا آهيون. صاحب به اچي ويو آهي. ڪٽون، ڪرسيون، ميڙ بتي وغيره ڪوٺيءَ ۾ وجهائي، صفائي ڪرائي، سامان رکائي ڇڏجو. آءٌ صاحب ڏي ڪاغذ ڪٽي ٿو وڃان. ضروري لکپڙهن جو نيڪال ڪرڻو آهي خبر ناهي ڪيتري دير لڳي، ڪيڏي مهل موٽان. پٽيوالي جي به ماني ڪرائجؤ.

بهانو سترهون: ادا احوال مڙئي خير جا آهن. آيو هوس شهر ۾ ڪجهه سودي لاءِ. اسٽيشن تي بلتي ڪندي گاڏي ڇُٽي وئي. ڇيمر ته ڇونه ڳوٺائيءَ وٽ چار پهر گهاريان. ڏني به گهٽا ڏينهن گذري ويا هئا. سو توهان سان ملياسون. ٻيو سارو خير. اوهين پنهنجا حال احوال ڏيندا.

بهانو ارڙهون: نه... نه... آءٌ چانهه ڪونه پيئندس. خبر ناهي ماٺهو اهو ڪوسو پاڻي ڪيئن ٿا پيئن. اوهان جي هروڀرو پرون ناراض ٿا ٿيو ته ڪٽي ماني گهرايو. ڇوڪرا... ڇوڪرا... 'ٻه روٽي ايڪ سالن لائو.'

بهانو اوڻويهون: ست پيڙهيئتو سادات آهيان. شهر ۾ اوهان جي ناموس ٻڌي هليو آيس. پنجن تنن جي ڇانوَ هجئي. علي ڪندو اهي گنج پريا پرپور هوندوَ. مسڪين آهيان. ٻه چار ڏينهن تڪايئي ته ڪُني ڪونه پوندين. زياده آءٌ به ڪونه رهندس. جوڳي رمتا پلا، اڄ هِت سڀاڻ هُت.

ڀانو ويھون: خانو خراب ٿي هنن شُنواين جو ٻہ سال ٿيا آهن. نہ ڪو ٿو ڪيس هلي نہ ڪا ٿي جِندُ ڇٽي. رڳو پيون تاريخون ملن. انصاف آهي يا بغداد اڄ هو ڪونهي، سياڻي فلاڻو غائب، سيني تي سمن جي تعميل نہ ٿيا آهن. پيري پيري سان اچو تہ وڪيل هڪڙي پاسي تہ منشي ٻئي پاسي، ٿيا وري شاهد. سيئي وات ڦاڙيو ويٺا آهن. پلو ٿئي ڪورٽن جو هيڪر جِندُ ڇُٽي سهي. 'ول نہ ڏيلهي ڪائسون.' اچا ٻہ شهر آهي جو اوهين اسان جا پرجهلا ٿيا ويٺا آهيو نہ تہ هوٽلن جا خرچ ـ آرا ئي ڪيئي ڇڏين ها.

ڀانو ايڪيهون: چاڪ تہ آهين. ڇو ڳالهائين ڪينَ ٿو. ڪهڙين ڳٽتين ورايو اٿئي. ماني تہ ڪاڏي اٿئون، اٽ ڪپڙا مٽائي اچ، اچا ويٺو آهين، اڳئي پيري ٻہ نٽائي ويو هئين. اڄ تو ڪي مون سان گڏجي هلڻو پوندو. سئنيما ضرور ڏسبي. چون ٿا ڪيل ڏاڍو سٺو آهي.

ڀانو ٻاويهون: ماني تہ ڪائي ويٺا هوندا. اويرو آيو آهيان. نہ... اچان ڪانہ ڪاڏي اٿوَ. اڄ تہ الله سائينءَ ڪان جيڪي گهران ها سو ملي ها. قسمت وارو آهيان. سياڻن سچ چيو آهي، داڻي داڻي تي مُهر لڳل آهي. مون سمجهيو ٿي تہ بک مرندس. پلا چا چاڙهيو اٿوَ. ڪوفتا، اوهين شهرن وارا بيشڪ ڪائي ڄاڻو. اسان ڪي تہ ڳُنڊڻ ٻہ نصيب ڪونہ ٿو ٿئي.

ڀانو ٽيويهون: هيءَ پرزو آڻيندڙ منهنجو دل گهريو دوست آهي، ايڏانهن پهريون ئي دفعو اچي رهيو آهي. اتي ڪو پنهنجو ڪم اٿس. واقفيت ڪانهيس. اوهين شهر ۾ رهو ٿا. ڪيس هڙان ۾ وڙان مدد ڪجو. رهڻ ۾ ڪاڏي پيتي جو بندوبست ڪجوس.

ڀانو چوويهون: اوهين صلاح ڪيو يا نہ. اشهد آن ڪي ڪير تو پٽي ڏي قسم سان صبح ڪان نيرانو آهيان. الائجي ڪنهن ڪمبخت جو منهن ڏٺو هوم. هٿ ڏٺان چا؟ شينهن جا هٿ ڏوتا پيا آهن: ججهن سان ججهي برڪت، ويجهو اچ ـ ڇڱو ـ بسم الله.

ڀانو پنجويهون: ادا هيءَ اٿوَ اهو ساڳيو پاڻو جنهن لاءِ ڇيم هوم تہ سانجهيءَ تقرير ڪندو. آءٌ تہ ويجان تو ڊاڪٽر ڪان دوا ونڻ، گهر ۾ چاڪائي

ڪانهي. چڱو ادا... آءٌ هلان ٿو متان ڊاڪٽر اٽي وڃي. توهين ڀئي ماني کائي، جلسي تي ضرور اچجو دير ٿي ويندي.

ڀانو چوڻيهون: آيو تہ دير سان آهيان، ضرور ڪائي ٻي وڻا هوندا. لنگهڻ ئي ڪري ڪاٽيا ها، پر سچ پچ تہ راتوڪيءَ مانيءَ تي آهيان. گهر ۾ ٽڪر پور رهندو ئي رهندو آهي. پهرين وڃي ڪجهہ ڪٽي اچو اول طعام بعد ڪلام، پوءِ يڪا ويهي ٿا احوال ڪيون.

ڀانو ستاويهون: هيڏانهن تہ ڪر اهو ٻوڙ وارو وٽو. ڏس ليمون آندو اٿم، ڪپ ڪٽي آهي، هان... هاٽي، ڪائي ڏس... نہ نہ، چڱو.. چڱو.. ناراض نہ ٿي آءٌ ڪان ٿو.

مٿين مهمانن کان سواءِ هڪڙو قسم اهڙن مهمانن جو بہ هوندو آهي، جن جي اچڻ ڪري خوشي ٿيندي آهي. دل پئي چوندي آهي. شل اهي هميشہ وينا هجن... پر افسوس اهو آهي تہ اهڙا مهمان وري پاڻ ڇڏائڻ لاءِ بهانا گهڙيندا آهن. بهرحال بهانا ۽ مهمان، لازم ملزم حقيقتون آهن، مهان نوازيءَ جون رسمون وري انهن کان بہ نراليون. هٿ ڌٽاريو صابڻ گهرايو ٿوال ڏيو پاٽي پياريو وهنجاريو ۽ گڏجي کائو جلدي بس نہ ڪيو. اڳ ۾ نہ اٿو آهستي آهستي کائو ڪڪ نہ ٿيو ڳٽيون نہ ڪيو. ڪِلو ڳالهايو چانهہ، پان، بيڙيءَ جي آچ ڪيو. پنهنجا ڪم ڪاريون ڪڏ ۾ وجهي، واهيات ٺٽاڪون هٽو ڏيکاءَ ۽ ڏوڪي کان ڪم وٺو پاڻ پلي دال کائو پر مهمانن لاءِ مرغي ضرور هجي. قيمتي وقت ۽ پئسو وڃايو. خوشامد ۽ چاپلوسيءَ جو ڊِنگ سِکو پرايو ٻيپ پريو پوءِ اوڌر ڪيو چوري ڪيو يا پلي بک مرو پر دنيا جي فريبي رسمن کي ڇڇڙ تي ڇُهتي پئو ۽ مهمانن جي وڏي دل ڪري مهماني ڪندا رهو.

*

ع.
ق.
شيخ

ع. ق. شيخ

☼

## ڪِهہ ۽ ڪتوري

[مهاڳ]

اسان جو اهو علم ادب، جنهن کي هوند اسين پنهنجو چئي سگهون، سو ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن ۾ گهٽ ئي ڇپجي. اهو علم ادب اسان جي ڀهراڙين ۾ ۽ ڳوٺن جي پٽن اڳهاڙن، گوڏ چنلن ۽ اڻ پڙهيلن، جن کي اڪثر جاهل ۽ جٽ چيو ويندو آهي، انهن وٽ موجود آهي، هنن جون ڪچهريون، محفلون ۽ رهاڻيون، انهي حقيقت جون ڪُليل ثابتيون آهن، عام طرح ڳوناڻا ڳجهارتون، بيت، نقل، نظم، مولود، مداحون، ڏور، هنر، ڪافيون ۽ وايون جهر جهنگ ۾ جهونگاريندا وتندا آهن. وٽن اها ئي هڪڙي شئي آهي، جنهن جي وسيلي هُو پنهنجا دک درد وسارين ٿا.

بهتر آهي تہ انهي دولت کي چونڊي ۽ ميڙي هر هڪ سان ونڊجي ۽ ورڇجي. علم ئي اهڙو خزانو آهي جو ورهائڻ سان وِڌجهي ٿو. پڪ آهي تہ جڏهن انهن ڀهراڙيءَ جي شاعرن جون ڪوششون ڪنهن ڪتاب جي حوالي ڪبيون تہ هڪ طرف شاعرن جي دل وڌندي ۽ ٻيءَ طرح انهيءَ فن جي ترقي ٿي تيندي.

ڪي دوست، ائين چوڻ کان نہ رهندا تہ انهن پراڻين روايتن ۽ من گهڙت قصن ڪهاڻين ۾ ڇا رکيو آهي! اج زمانو گردش ۾ آهي، تنهن ڪري

دنيا ڪيترن ئي دورن مان گذري چڪي آهي، قابلِ ذڪر پهريون دور غلاميءَ جو آهي، ٻيو دور جاگيرداريءَ جو ٽيون دور سرمائيداريءَ جو ۽ چوٿون دور اشتراڪي جمهوريت جو آهي. هر ڪنهن سماجي دور جو پنهنجو پنهنجو مخصوص ادب رهيو آهي. اسان جي ملڪ ۾ ادب اڃا تائين رڳو پهرين ٻن دورن مان گذريو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ان موجوده زماني ۾ نئين تقاضائن کي رڳو ڇهيو بہ ڪونهي.

اسان جو ادب هن سماجي جمود هوندي بہ هميشہ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندو آيو آهي. ڪٿي ڪريو آهي تہ ڪٿي چڙهيو بہ آهي. اسان جي ادب ۾ غلامانہ ۽ جاگيردارانہ سماج کان نفرت ۽ ان کان بيزاري ڪافي صدين کان هلندي اچي. ادب جو اهو صالح جزو اسان وٽ چڱي انداز ۾ موجود آهي. عام ماڻهن کي جيڪي تڪليفون اچن ٿيون، مٿن جيڪي ظلم ۽ ڏاڍ ٿا ٿين، جيڪا ابتري ۽ خرابي اسان جي سماج ۾ آهي ان جو بيان بہ اسان جي شاعرن ۽ دانشورن بي ڊپائيءَ سان پئي ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ راضي فقير ۽ ڄام خان چانڊيي جي شعرن جو انتخاب ڏنل آهي، اهي پنهنجي پٽن ۾ مشهور آهن، سندن شعر هيج سان هنڌايو شوق سان ٻڌو ۽ سِڪ سوز سان ڳايو ويجي ٿو. فني لحاظ کان اهو ڪٿي ڪيترو ئي ناقص هجي، پر انهن جا جذبا، خيال ۽ بيان نيٺ سنڌي آهن، هو ڏارين شاعراڻين حد بندين ۽ پراون قاعدن قانونن کان بي نياز آهن. سندن موضوع خالص اسان جا آهن، جنهن ڪري سندن شعر ۾ هڪڙي پنهنجائيءَ جي خوشبوءِ آهي. هنن جون حسرتون اسان جي ارمانن جو نچوڙ آهن، اسان جي دنيا ڪٿي کهڙي بہ پراڻي هجي، تہ بہ آهي تہ اسان جي. هُو انهيءَ دنيا ۾ رهندڙ مظلوم ۽ بيوس انسانن جي محبت سان مالامال آهن. هنن کي سنڌ جي ذري ذري سان عشق آهي. اهڙي عشق ۾ سڀ ڪجهہ رَوا آهي. ٻڌو ٻڌو هُوءَ عمر سومري واري مارئي آهي، پر سندس دل جو ڌڙڪو سندس درد واري دانهن، اهو ڪنهن جو آواز آهي؟ ڇا اها ساڳي عمر سومري واري مارئي آهي؟ ائين بہ آهي، پر تنهان ئي وڌيڪ - اها اڄ جي مسڪين ۽ مظلوم مارئي آهي.

ساڳي مفلسي ۽ غريبي، اهو ئي ظلم ۽ اها زورآوري اڄ بہ موجود آهي، پوءِ احساس رکندڙ دل چو نہ چوي، ستم رسيدت دليون چو نہ ٻڌن تہ:

وري زمانو ظالم آيو ڦڪڙ هي ڦاٿو
ڪوڙ پيو قسمت ويئي، گهر گهر ڪي گهاٽو
ملڪ تہ منهنجي مولا جو نہ ڪنهن جي پيءُ سندو پاٿو
اڄي لڳو ظلم زمين تي، چندين ڪو چاٽو
چڱو نہ اٿئي چانڊيو چوي، اهو مڪر ۽ ماٺو
جنين جو سچ سين ساٿو سي وهندا پسي پنهوارن جي.
(جام خان چانڊيو)

—

سوز اسان کي سوءِ، سومرا، ويهہ وٽي نا ڏوپ،
وجهون وٽي واليون، ڳنڍيرن ڏئي ڳوپ،
وليون واس اسان جون، ڏنارن سندو ڏوپ،
ڪري ٿهري ڪوپ، ڏناءَ نہ ڏنار ڪي.
(راضي فقير)

سنڌ جو عوام شهرن ۾ نہ پر ٻهراڙين ۾ آهي، جيڪڏهن ڪو شاعر ايڏي وڏي طبقي کي نظرانداز ڪري پنهنجي خيالي دنيا جا خواب لهندو تہ اُن جو قدر بہ اهڙو ئي ٿيندو. اڄ سنڌ جي ڪهڙي حصي ۾ ۽ سنڌ جو ڪهڙو عوام اسان جي طول طويل لقبن وارن شهري شاعرن جو شعر ٿو ياد ڪري، ڳائي ۽ جهر جهنگ ۾ جهونگهاڙيا! اڪين واري انسان جو فرض آهي تہ هُو گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي آسپاس کي ڏسي وائسي، سوچي سمجهي قدم کڻي. اديبن ۽ شاعرن تي تہ اها ذميواري جيڪا سا زياده آهي. اسان جي موجوده سماجي ماحول جو صحيح ۽ سچو بيان سو بہ سادن سودن لفظن ۾ هن ڪان وڌيڪ ڪهڙو ٿي سگهندو.

ڄيم جدا ٿيس جن ڪان، جي منهنجا اباڻا آهين، ع.
هٿ ڪهاڙيون، ڳنن ڳاڙهيون، سي وڃيو وٽن ۾ وهائين، ق.
شيخ

اٿئون چوڏا، چوتا چليو ڪٽيو اڇيو پھون پچائين،
تڪر ٽوٽا ٽنگڙن ۾، ٽا بک تان بچائين،
نہ ھار انھن جو ھئي در وجي، او پنھنجو ماريو مچائين،
چام چوي چمار ۾، او پنھنجي روح کي رچائين،
تا پرِ اھا ئي پاڙين، جا ڏيھ ۾ ڏاڏاڻن جي.
(چام خان چانديو)

—

عمر اباڻن جون، جام پسجن چاڙيون،
سي سدا مون سومرا، سڪ منجھان ساريون،
اسين پھنوار پھَن کي، چاھ منجھان چاڙيون،
ولر ڪيو واريون، ڦوڳن پاس ڦرن کي.
(راضي فقير)

حسن ۽ عشق جو بيان ڪو ڏوھ يا گناھ ڪونھي. دنيا جي ھر ڪنھن ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ ان جي اپتار آھي. جيستائين اسان جو وجود ھن دنيا ۾ قائم ھوندو، تيستائين سندس ذھن ۾ زندگيءَ جي حَسِين شين جي تلاش بہ برقرار رھندي ايندي. حقيقت ھيءَ آھي تہ حسن ۽ عشق جو بيان بذات خود بہ ھڪ ترجماني آھي، اسان جي انھي دلي خواھش جي جيڪا زياده بھتر، وڌيڪ سھڻي ۽ سولي زندگيءَ لاءِ ھميشہ واجھائيندي ٿي رھي، پر جنھن بي دردِيءَ سان ۽ جنھن بي رحميءَ سان اسان جي وسيع عوام کي زندگيءَ جي ھن حسن کان محروم رکيو ٿو وڃي، سا برداشت کان ٻاھر آھي. رڳو اسان جي شادين (خوشين) جي قبول ۽ ايجاب جا فرائض بہ گھوٽ ۽ ڪنوار جا مت مائٽ پورا ڪندا آھن. اھڙيءَ طرح جڏھن زمين تنگ ۽ آسمان دور ٿيو پوي، تڏھين اسان جا شاعر اھڙن ڏکن ۽ ڏڌل بي زبانن جي زبان بڻجن ٿا ۽ پنھنجي زبان مان اسان جي ئي دلين جا ارمان اجھو ھيئن ٿا پورا ڪن.

آءُ نہ گڏيس پرينءَ کي، حال ٿيم ھيٺون،
جيرو جانب ريءَ، جِھجي ٿيو جھيڻون،

ڄيرو آندو جندڙي، ٻاري ويو ٻيٽون،
ڦٽيل ٿي ڦيٽون، وڃهن مانَ وصل جو.

—

ملڻ ڪارڻ مينهن، وينٺي هوت وسايان،
اڙي رات رنجن ۾، ڏوري ڪيم ڏينهن،
نماڻيءَ سان نينهن، ڇني وڃ م ڇپران.
(راضي فقير)

—

نِوين رات نينگر ڪي، نيڻ رهن تارا،
ساڙ ويئي، رات وهاڻي، تڪيندي تارا،
ڇاتي منهنجي ڇُرين سان ويا وڍي واڍارا،
قطب، ڪتيون، چنڊ چانڊيو چوي،
وڃي سج لهن سارا، ڪٽي اڻن اوتارا،
پري ڪيا پنهونءَ جا.

—

يارهين رات ياد پيا، ويا جهنگل ۾ جهوري،
ڏيان ماهه مِرُن ڪي، ڪُلهن تان ڪوري،
سِسِي ڪريان صدقو وڃهان گهوٽ مٿان گهوري،
چانڊيو چوي، تن چگُن ڪي، ڪي چور ٻه ويا چوري،
سي آيا نه اوري، جي منهنجا پڊ ڇڏي پرديس ويا.
(چام خان چانڊيو)

ساڳيءَ طرح عمر مارئي، سهڻي مهيار ليلا چنيسر، نوري ڄام تماچي وغيره جي قصن ۾ ڪهاڻين جي معرفت اسان جي محبت جي محرومين جا داستان دهرايا ويندا. اسان انهن کي ماضيءَ جو گذريل گند يا ڏيگ چئون ته به نهيو پر ادب ته زندگي جو آئيندو آهي. تنهن ڪري جيڪا زندگي اسان وٽ موجود آهي، انهيءَ جو عڪس ور ور ڏيئي اسان جي سامهون اچي ٿو بيهي.

ع.
ق.
شيخ

اهو ئي سبب آهي، جو انهن افسانن جا ڪردار مقبول عام ٿي چڪا آهن، لفظ ۽ نالا ته اهي ئي ساڳيا آهن، پر سندن معنيٰ ۽ مطلب اسان جي هاڻوڪي زندگيءَ سان واسطو رکي ٿو. انهن قصن جي معرفت اسان جا پنهنجا ئي روزمره جا سماجي افسانا ۽ دلسوز نظارا ظاهر ٿي رهيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو اهي سنڌ ۾ اڃا اهڙا ئي دلڪش آهن جهڙا ڪي صديون اڳ ۾ هئا.

راضي فقير ۽ ڄام خان ڄامڙيو پنهنجي موجوده سماجي ماحول کي نفرت ۽ ڌڪار سان ٿا ڏسن. ڪيترن ئي هنڌن تي انهيءَ جو اظهار ڪريو ڇڏين. هو خوب ڄاڻن ٿا ته اسان جي دنيا ۾ ڦير گهير ضروري آهي. موجوده سماج تي هن ڪان وڏيڪ ٻي ڪهڙي ڄُلهه ٿي سگهندي.

ٽڳ ٽڳيون ٿا اهڙيون ٿاهن،
آفيسن جي اڳيان آهين،
دست ٻڌيو بيٺا دوني دانهين،
گج گڏهوڙا مر سي پائين،
ڪنا ڪوڙهيا ڪرسي دار،
اشرافن تي اهنج اپار،
اڇي حرامي ٿيا حقدار.

(ڄام خان ڄامڙيو)

—

جوڳي، پوڳي، ڪاپڙي، سامي ڏٺم سڀ،
عالمن عابدن ڪان، راهه پڇايم رب،
ته ٻنان لالچ لب، ڏٺم ڪو نه ڏيهه ۾.

—

جن سينو ڪيو صاف، تن ڪان پاڻهي پاپ پري ٿيو.

(راضي فقير)

مگر افسوس رڳو هيءُ آهي تہ اسان جا اهي سيئي محبوب ۽ سهڻا شاعر لتاڙيل رستي کي ڦٽي ڪري نئين ڪنهن شاهراهہ جي ڳولا ڦولها ۽ جستجو ڪي، حق ڪان بي راهہ روي ٿا سمجهن. انهي هڪڙي نقطي تي هو توڙي اسان جا اڪثر شهري شاعر اتفاق ڪيو هڪ ٿيو وڃن. نهيل نڪيل جيڪي ملي، ان کي ڳنڍ ڏئي ان تي يقين ۽ ايمان رکيو وڃي ٿو نتيجو بہ ظاهر آهي تہ اسين هڪ اهڙي بي خبريءَ ۽ اڻ ڄاڻائي جي اوڙاهہ ۾ ٻڏا پيا آهيون، جتان، ختم ٿيڻ ڪان اڳ ۾ ڪا بہ نجات ڪانهي.

جاگيرداري دور جا عوام کي ڪچلڻ وارا هٿيار صبر ۽ شڪر، قناعت ۽ قسمت، عقلمند ۽ عقيدتمندي، تصوف جي طريقن جون پيچيدگيون وغيره، اسان جي ادب تي هميشہ روا ڪندا رهيا آهن. اسان جي زندگيءَ ۾ انسانن جون عظمتون، چند چاڻ جون قوتون ضايع ٿي رهيون آهن، ڪوشش ۽ مقابلي جون همتون پست آهن، اسان جا اهي شاعر پنهنجي روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ دنيا ۽ دنياداريءَ جن جو هو هميشہ ذڪر ڪندا رهن ٿا، تن تي عمل پيرا ئي آهن، هو رڳو اڻ ڄاڻائيءَ جي ڄار ۾ ڦاسي، جدوجهد ڪان ڀڄي، هڪ خيالي آرام ۽ سلامتيءَ واري دنيا جا ڪوٽ اڏي، حقيقي زندگيءَ جي تلخين ڪان فرار حاصل ڪري، هڪ قسم جي بي خوفي ۽ آسائش ٿا محسوس ڪن.

ظلم ۽ انڌير واريءَ دنيا ۾ رهڻ وارا ويچارا انسان، جيسين تائين انهيءَ روزمرهہ جي دوزخي عذاب ڪان پاڻ بچائڻ جو ٻيو ڪو عملي رستو ڳولهي لهن، تيسين تائين هو انهيءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿا سگهن! صدين جي غلامي ڪري هو آزاد ۽ خوددار انسانن مان ڦري، بيوس ۽ مظلوم انسان ٿي پيا آهن. هو پاڻ پورهيو ڪندي، پگهر وهائيندي بہ انهن بيڪار، واندن ۽ پاڻ جهڙن انسانن کي پنهنجو آقا، ان داتا ۽ پاڻ ڪان وڏيڪ، جن کي هو پاڻ ڪارائين ۽ پهرائين ٿا، اشراف سمجهڻ تي مجبور ڪيا ٿا وڃن، سندن ذهن کي تنهائي وڏيڪ مخمور ڪرڻ وارا، ڪڏهن ڪين پيرن فقيرن جا پيغام پيا پڏائين، ڪڏهن وٽن مذهب مذهب پيا پڪارين، ڪٿي الحق، ڪٿي هم

اوست جا مسئلا پيا چيڙين، عام ماڻهو اکيون پوريو ڪٽيو آمنا ۽ صدقا چون ۽ سبحان الله! قادر تنهنجي قدرت! جي سرد آهُن ۾ جيئريون جاڳنديون حياتيون، تسليم ۽ رضا ۾ اجهاميو رڪ ٿيو وڃن. عقيدتمندي ۽ سعادتمندي انهيءَ رَڪ ۽ ڇار ڪي بہ اکين تي رکي ٿي. دل جون خاموش اميدون، ٿلهن آسرن تي پلجيو نپجيو وڏيون ٿيو پون.

انهن سيني ڳالهين هوندي بہ هڪ نُڪتو جو اسان ڪي هميشہ خيال ۾ رکڻ جُڳائي، سو هيءُ آهي تہ اسان جا اهي شاعر جڏهن مذهبي خيال ۽ تصوف جون باريڪيون پنهنجي شعر ۾ بيان تا ڪن، تڏهن انهن جي شعور توڙي لاشعور ۾ مذهبي پيشوائن توڙي تصوف جي رهبرن جون معياري زندگيون ۽ عملي پاڪايون آهن. اهي فضيلتون، اهي عادتون اهي نيڪ عمل هو ٻين ۾ بہ ڏسڻ تا چاهين، اهي اها ئي دنيا پسند تا ڪن جنهن ۾ اهڙو ئي سچ ۽ اها ئي صداقت موجود هجي، جيڪا سندن ذهن ۽ تصور ۾ موجود آهي. جيڪڏهن مٿيون وصفون سندن موجوده سماج جي وڏيرن، جاگيردارن، شاهوڪارن ۽ حاڪمن ۾ هجن ها، تہ هيتري هوند ان جي تقاضا ۽ ووءِ ووءِ بہ ڪين ڪندا وتن ها.

اسان جا ڳوناٽا شاعر اڻ پڙهيل آهن، جيڪي ڪٽي ٿورو پڙهيل آهن تہ بہ رڳو نالي ماتر، اسان وٽ علم جي اهڙي اٽاٽ آهي، جو دنيا جي ٻين قومن جي مقابلي ۾ اسان کي شرم کان ڪنڌ هيٺ جُهڪائڻو پوي ٿو. پر ڪ ۽ پرروڙ ڪير ڪري؟ ڄام خان چانديو ۽ راضي فقير بہ انهي ڪري پيڙي جا قاتل پڪيئڙا آهن. هُو پنهنجي خيالن جا پَرَ پکيڙي مٿي اڏامڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پر سندن جسم ۽ جسمن سان گڏ سندن ذهن پيڙي جي قيد ۾ قابو آهن. اهو ئي سبب آهي جو هُو هينئين قسم جي شعر چوڻ کان سواءِ رهي نٿا سگهن:

اوڏو وڃ الف کي، ميم نہ رکج من،
ڪنبي ڪجائين ڪَن، عاشق انهيءَ اکر کان.

—

جي اٿيئي حُب حبيب جي، تہ شوق شريعت ڪر،
ڏيئي تلقين طريقت جي، معرفت ۾ مر،
حقيقيت ۾ هر، پسين مشاهدا محبوب جا.
(راضي فقير)

-

احمد جو آهي آسرو ايندم هوت هلي،
ڪين ڇڏيندو ڪڏهن، اوکيءَ منجهہ علي،
سجڻ تنهن سِڪ ۾ ويم جان جلي،
ڇُمان چانئٺ رسول جي، چشمن ساڻ چلي،
ڏسي چٺائون ڄام جون، پلا ڪر تون پلي.

-

هن درد منهنجي جي دوا، اچي ڪر هوت هٿن سان،
چيٺين ڦٿ وو فراق جا، تو سمجهي ڪونہ سوا،
ٻڪي ڏئيم ٻاجهہ جي، ڪئين ورچي ويچ ويا،
ڪرين ٻاجهہ ٻروچ تي، پلي ريءَ نہ پوا.
(ڄام خان چانڊيو)

مٿين شعرن ۾”اوڏو وڃ الف کي، شوق شريعت ڪر، ڏيئي تلقين طريقت جي، معرفت ۾ مر، احمد جو آهي آسرو اوکيءَ منجهہ علي، پلا ڪر تون پلي، آب وسائين احمدا، تپي ويا توا“ جي اکرن ۾ شاعرن جي بهتر سماج لاءِ تقاضا آهي، سندن عقيدتمنديءَ جا عرض معروض جڻ تہ مظلوم دلين جا فرياد آهن. سندن معصوم خوش فهميون ۽ مداحون، نراس ۽ نااميد دلين جي اميدن ۽ امنگن جا اظهار آهن، هو پنهنجي نظام ۾ انسانيت ۽ اخلاق جي پتلن، سچ جي سردارن، حق ۽ انصاف جي علمبردارن جو راڄ ڏسڻ ٿا چاهين، هو پنهنجو مطلب بلڪل صاف ۽ چٽائيءَ سان ڪٿي ظاهر بہ نہ ڪري سگهندا هجن، تہ بہ سمجهڻ وارن لاءِ سندن اصلي مقصد کي سمجهڻ ڪو مشڪل مسئلو نہ آهي. ٻڏائڻ وارا انهيءَ ڪان وڏيڪ صاف ٻيءَ

ڪهڙيءَ ريت ٻڌائيندا ته هينئر دنيا جو ٽئو ٽپي ٽپي دوزخ ٿي چڪو آهي. جانيون جلي رهيون آهن. دردن جي دوا ڪانهي، ويڄ ورچي ويا آهن، انسان ۽ انسانيت اوڪيءَ ۾ آهن، ٻيو نه پُڇيو ته ٻاجهه ۽ ٻڪيءَ جي ٿي ڪا ڪٽي مهر ڪيوا. ياد رکڻ گهرجي ته جيئن قديم زماني ۾ صاف گوئي ڪري زبانون ڪپايون ويندڀون هيون، تيئن هاڻ بہ ڪين خاموش ڪرائڻ لاءِ غير قانوني قانونن جي ڪا اڻاٺ ڪانهي. اهڙيءَ حالت ۽ صورتحال ۾ اديب ۽ دانشور سواءِ رحم ۽ قياس جي درخواستن، اشارن، تمثلين، قصيده خوانين، مدح سراين يا قسمت ۽ تقدير جي نغمہ سجين ڪان سواءِ ٻي ڪهڙي طرز تحرير اختيار ڪري ٿا سگهن. ثابت ٿيو ته انهي اسان جي اهڙي ادب ۾ سماجي احساس، شعور، سمجهه ۽ سياٽپ سمايل آهي. اسان جا اهي شاعر رڳو انهيءَ دستوري طرز بيان جي پابنديءَ ۾ اهڙا ته جڪڙيل ۽ مجبور آهن، جو هُو هڪ طرف موجوده ظالمانہ ۽ ڦُرلُٽ واري نظام تي پنهنجي مخصوص ٻوليءَ ۾ ڦٽڪار ۽ لعنت وجهڻ ڪان سواءِ رهي نٿا سگهن، ته ٻئي طرف وري نئين ۽ بهتر نظام لاءِ ساڳيائين لولڙات، آزيون نيزاريون ڪندا ٿا رهن. ضروري ۽ مکيہ ڳالهہ فقط هيءُ آهي تہ مٿين قسم جي ادب مان جيڪو نتيجو نڪرٽو آهي، سو ٿي نڪرندو ۽ بس- پست هستي، شڪست خوردگي، خود فراموشي، ذهني تعطل ۽ بزدلي، انسانن جو تنزل ۽ انسانيت جي عظمت جو عام ڏيوالو پنهنجون پاڙون پختيون ڪندا رهندا.

ايندڙ زماني جي حالتن پٽاندر نئين موضوع، فڪر ۽ نئين اسلوب بيان اختيار ڪرڻ سان ئي ادب ڪي مفيد ۽ ڪارائتو ڪري سگهجي ٿو. ادب ڪو بيڪاريءَ جي مشغولي يا رڳو دماغي عياشي ڪانهي. صالح ادب، ذهن، خيال ۽ زندگيءَ کي بهتر ڪان بهتر ڪرڻ جو واحد وسيلو آهي. نوان خيال، تازا تجربا، درست طريقا ۽ نيڪ ارادا هن ضروري گهرج جي رهنمائي ڪندا، اهڙي رهبريءَ هيٺ ٻڪ آهي تہ اسان جي زندگيءَ جي رڪجي ويل ۽ منزل ڪان ڀٽڪندڙ قافلي کي هڪ ڀيرو اٽي اڳتي وک وڌائڻ جو وجهه ۽ رستو ضرور ملندو.

هن ڪتاب ۾ موجوده دور جي ٻن زنده ٻهراڙيءَ جي شاعرن جي شعر جي انتخاب ڇپائڻ جي جرئت رڳو انهي ڪري ڪئي وئي آهي تہ سنڌ جا دانشور ادیب، شاعر ۽ نوجوان پنهنجي دور ۽ زماني جي ڪچي چٽي جو آئينو ڏسن ۽ آئينده اهڙيون ڪارائتيون ڪوششون ڪن، جئين اسان جي سنڌ، ذهني ۽ جسماني غلاميءَ کان آزاد ٿي امن امان ۽ آسودگيءَ جي راحت ماڻڻ لاءِ قابل ٿي سگهي.

راضي فقير پنهنجو رسالو مون کي ڏئي وڏو احسان ڪيو آهي، ساڳي طرح مسٽر مقبول احمد بلوچ بہ پنهنجي نوازش ڪري ڄام خان چانڊيو جن جي شعر جو ڪتاب "ڄام ڄاڻ" منهنجي حوالي ڪيو. آءُ پنهنجي محترم دوست محمد ابراهيم جويي جو پڻ ٿورائتو آهيان، جنهن وقت سِر هن ڪتاب جي اشاعت خاطر منهنجي هر ممڪن طريقي تي مدد ڪئي آهي.

27 نومبر 1950ع

ٽريننگ ڪاليج فارمين
حيدرآباد سنڌ.

※

ع.
ق.
شيخ

## ع. ق. شيخ

✡

### هُوءَ...

[تبصرو]

ليکڪ ڪيرت ٻاٻاڻي. صفحا 120. ڇپائي ۽ گيٽ اپ چڱو. قيمت سوا رُپيو. ڇپائيندڙ: سنڌ بڪ ڪمپني 54 راڄ روڊ، بمبئي6.

’هُوءَ‘ ڪتاب ۾ ٻارنهن ڪهاڻيون آهن. هر ڪنهن ڪهاڻيءَ جو رنگ ڍنگ، موضوع ۽ مواد جدا جدا آهي. ليکڪ پنهنجي ڪهاڻين ۾ مختلف ڪردارن جي وسيلي، ڪيترائي اهم مسئلا پيش ڪيا آهن. جهڙوڪ فرقيوارانہ فساد، چوري، قرباني، وطن جي محبت، سماجي رسم و رواج، جدوجهد جي آرزو وغيره.

اڄ جو ليکڪ پنهنجي لکڻين سان ڪيئن، ڪهڙي ۽ ڪيتري فرض ادائي ڪري سگهي ٿو تنهن جو ڪاٿو هن ڪتاب پڙهڻ سان ٿي سگهندو. سنڌي ٻوليءَ ۾ هھڙيون ڪهاڻيون انسان ذات جي بهتريءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ، حال توڙي مستقبل واسطي امر رهنديون.

’منهجي امان‘، ’15 آگسٽ‘، ’بمبئي‘، ’امڇي‘، ’تون پڇين ٿو مان ڇو اداس آهيان...‘ جي عنوانن واريون ڪهاڻيون، ’ڪيرت‘ جي فن جا بهترين شهپارا آهن. ڪيرت جي لکيتن ۾ رس، رواني، پوتر خيال، فڪر جي گهرائي، ترقيءَ جي تڙپ، وقت ۽ ماحول جو تاثر، بي انت ۽ بيچين انسانيت

جي ترجماني آهي. هڪ ڪامياب ۽ باڪمال اديب جون اهي ئي تہ وصفون آهن. ڪتي ڪتي ڪيرت بي انتها جذباتي ٿيو پئي. جذبا ليکڪ کي لکڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا، جذبا لکندڙ کي مواد ڏين ٿا، جذبا هڪ سجاڳ انسان کي جهنجهوڙين ٿا، مگر مشاهدي، تجربي ۽ حقيقت بينيءَ کان سواءِ خيالي جذبا ڪهڙي ڪم جا؟

'هُوءَ' ڪهاڻي، جنهن جو نالو ڪتاب تي رکيو ويو آهي. هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جو پوريءَ طرح ٻين ڪهاڻين وانگر ايري نہ سگهي آهي. ليکڪ فرقيوارانہ فسادن جي حقيقت کان متاثر تہ ٿيو آهي، پر ڪهاڻيءَ جي نائڪا جو ڪردار ڪهاڻيءَ ۾ پوريءَ ريت جڪڙجي نہ سگهيو آهي. جذبات جي خيالي تصور هڪ ڪهاڻي ضرور گهڙي ورتي آهي، پر لاهور جي آسپاس وارن انسانن، هندن ۽ مسلمانن جي تهذيب، تمدن ۽ تڪليفن جي اٽجاٽائيءَ ڪري ڪهاڻيءَ جو معيار گهٽجي ويو آهي.

[ٽماهي 'مهراڻ' 4 — 1956ع]

*

ع. ق. شيخ

✡

## پريت پرائي، ريت نرالي...

[تبصرو]

صفحا 162. ڇپائي، ڪاغذ ۽ ڪور سٺا. قيمت ڏيڍ رپيو. لکندڙ: سندري اتم چنداڻي. ڇپائيندڙ: اجنتا ساهت مالها، 6 ماڏو پون، ري روڊ، سوري، بمبئي15.

هي ناول موجوده زماني جي گهرجن پٽاندر لکيو ويو آهي. ناول جي نائڪا 'سرلا' هن خوبصورت دنيا ۾ جنم وٺندي، سنگدل سماج جي مهاڄار ۾ ڦاسڻ کان پوءِ، چوڪنيو بڻجي، قيد ٿي، قسمت تي ڀاڙي بس ڪري نٿي ويهي، پر سوچي ويچاري، اکيون کولي، آسپاس ڏانهن نهاري، ڦٿڪي ڦٿڪي، انهيءَ ڄار جي تاڃي پيٽي کي ڇڪي ڇني، پاڻ کي ۽ پنهنجيءَ دنيا کي وري خوشنما بنائڻ جي همت ٿي ڪري.

'سرلا' ظاهريءَ طرح تہ ناول جو هڪ ڪردار آهي، جيڪا هڪ وقت اسڪول جي الهڙ ڇوڪري، نوجوان ڪاليجي ڪڪي، پيار ڪندڙ سپنا لهندڙ سندري ۽ مظلوم محبوبا آهي، تہ ساڳئي وقت اسان جي بيشمار نازنيئين جي معصوم دلين جو ڌڙڪو شوخ اکڙين جو اشارو حريفن ۽ رقيبن لاءِ قيامت آهي. 'سرلا' فقط هڪ خيالي ۽ ڪاغذي پتلي نہ آهي، پر هڪ جيئري جاڳندي باشعور حقيقت آهي.

ناول ۾ آندل ڪردار سيئي، هڪ اهڙيءَ لڙيءَ ۾ پوتل آهن، جو ڪنهن بہ هڪ کي ان مان ڇني ڌار نٿو ڪري سگهجي.

ناول هندو سنڌي گهرو ماحول، اسڪول ۽ ڪاليج کان ڦرندو ورهاڱي کان پوءِ جي جئپور ۽ بمبئيءَ تائين وچيو نڪري. منجهس جيڪڏهن ڪا ڪسر رهجي ويئي آهي، تہ اها اهي مخصوص مڪاني ماحول جي ٽورائي ۽ واقعن جو ڦهلاءُ. فقط ان هڪڙيءَ خاميءَ ڪري سڄو سارو ناول سميٽجي هڪ 'طويل افسانو' تي پيو آهي. جيسين تائين ڪتاب جي مقصد ۽ خيالن جي اپٽار جو تعلق آهي. ليکڪا توڙي پبلشر بيشڪ کيرون لهڻيون. ادب ۽ زندگيءَ سان دلچسپي رکندڙن کي هيءَ ناول هڪ وار ضرور پڙهڻ کپي.

[ٽماهي 'مهراڻ' 4 — 1956ع]

*

ع.
ق.
شيخ

**امداد حسيني**

✡

## تعزيتي نوٽ...

جيڪڏهن ڪائنات مان رنگ ۽ لفظ وڃائجي وڃن تہ باقي ڇا بچندو؟ هن سوال جو جواب... خال... خال... ڪان وڌيڪ بهتر ٿي نٿو سگهي. سمورا لفظ ۽ سمورا رنگ روشنيءَ ۾ سمايل هوندا آهن، پر جيڪڏهن سمورا لفظ ڪنهن قلم ڌڻي جي قلم جي نوڪ مان ڦٽي نڪرندا آهن يا سمورا رنگ ڪنهن چترڪار جي انڊلٺي برش منجهان ڇڙواڳ ڇوليءَ جان ڪينواس تي پکڙجندا آهن تہ محسوس ٿيندو آهي، روشني لفظن ۽ رنگن جو حصو آهي، نہ ڪي لفظ ۽ رنگ روشنيءَ جو حصو.

ذات، سڀ کان وڏي روشني آهي. ۽ ان روشني جو سرچشمو ڏاتار / خلقڻهار هوندو آهي. جيڪو هن سموري ڪائنات کي سچ ۽ سونهن بخشي ٿو. هي ڪلاڪار هي فنڪار هر روپ ۾ ڪنهن بہ موسم جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي سوچ جو ٻج ڇٽي ساڃهہ ۽ سرت جا نوان سلا اپارن ٿا بلڪل ان پيرن اگهاڙي هاري جيان، جيڪو انڌين اونداهين ۾ لنڊيون لتاڙي بہ عام لاءِ ان اپائيندو آهي.

۽ جڏهن اهڙا تعظيم لائق فنڪار اسان کان اوچتو وڇڙي ويندا آهن تہ محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ ڌرتيءَ تان ٿڌڙي ڇانو ڇڏيندڙ ڪي گهاٽا وڻ

ڪپجي ويا هجن ۽ ڏرتيءَ جو اهو حصو ٻيهر نئهڻ اس جي ڪرڻين اکين جي نظر تي ويو هجي.

ويجهڙ ۾ اهڙي ٿڏڙي ڇانو ڇڏيندڙ تعظيم لائق اسان جا ٻه محترم ڏات ڏني ع. ق. شيخ ۽ زيب عاقلي اسان کان وڇڙي ويا. ڏات جي باغ جا ٻه قدآور گهاٽا وڻ وقت جي واچوڙي جي نظر تي ويا.

ڪيترا ڪئنواس بي رنگ رهجي ويا...

ڪيترا لفظ اڻ ڇهيل رهجي ويا...

[ٽه ماهي مهراڻ جي
اداريه مان ڪوريل. 2ـ3. 1991ع]

❊

ع.
ق.
شيخ

تاج جويو

☼

# ع.ق. شيخ: عظيم مصور

ع. ق. شيخ سنڌ جو عظيم مصور، چترڪاريءَ جو ادارو ۽ اسڪول هو. هُن ٽر جي پٽن ۾ جنم ورتو، سنڌ کي پنهنجي سڃاڻپ ڏني. هن هڪ اُستاد، آرٽ ٽيچر جي حيثيت ۾ سنڌ جي وڏن چترڪارن علي اڪبر سومرو، دارا ابڙو، محمد علي پٺاڻ، فتاح هاليپوٽو، قاضي خضر حيات ۽ سوين مصورن جي رهنمائي ۽ سکيا ڪئي.

ع. ق. شيخ سائين محمد ابراهيم جويي جي شاگرديءَ ۽ دوستيءَ ۾ سنڌ دوستيءَ جو جيڪو سفر شروع ڪيو اُن ۾ هُن هڪ طرف پنهنجي اولاد کي پڙهائي سني منزل تي پهچايو ٻئي طرف هُن پنهنجي فن کي سنڌ ڌرتيءَ، اُن جي عوام، مسئلن ۽ آزاديءَ سان سلهاڙي ڇڏيو.

ان وچ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي نئين تشڪيل بعد 'تماهي مهراڻ' جي پرچن، سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتابن جا اڪثر ٽائيٽل ع.ق شيخ ٺاهيا. شيخ اياز جي اوائلي ڪتابن جي ٽائيٽلن کان وٺي، 'روح رهاڻ' رسالي توڙي سنڌ جي اڪثر اديبن جي ڪتابن جا ٽائيٽل سائين ع. ق. شيخ صاحب ٺاهيا آهن. هن انهن ۾ سنڌ جي تهذيب جي نمائندگيءَ جو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي، خاص ڪري ڊزائين ورڪ ۾ رلي، ڪيس، اجرڪ، ڀرت جي نمونن کي آرٽ ذريعي متعارف ڪرائڻ ۾ ع.ق شيخ جو ڪو مٽ نہ آهي. ظفر ڪاظميءَ

کان قاضي خضر حيات تائين، مصوري، چترڪاري، ڪاشيگريءَ ۽ ڪاشيءَ تي پورٽريٽ ڊزائننگ جي فن جا پيرا ڪڍبا، ته معلوم ٿيندو ته ان ڪم جي پنيان اُتساهه ۽ تربيت ع. ق. شيخ جي ئي نظر ايندي. شيخ صاحب 50-60ع وارن ڏهاڪن جي افسانه نگاري/ ڪهاڻيڪاريءَ جي دنيا جو اهم نالو هو. ”نازو“ ۽ ”محبت جي راهه“ ڪتاب اُن جا شاندار مثال آهن. هن اسلامي تاريخ تي ”داستان اندلس“ ۽ ”تاريخ اسلام“ ڪتاب لکيا. سندس مصوريءَ جي فن تي لکيل آرٽيڪل ۽ بيا مضمون شايع ٿيڻ گهرجن. سندن سنڌ جي اديبن کي لکيل خط به تاريخي حيثيت رکن ٿا.

سچ ته ع. ق. شيخ صاحب جهڙا سنڌ جا سدورا پٽ ۽ سچا عاشق، اسان جي قوم جو فخر لائق ورثو آهن. کين ياد ڪري اسان مٿن نه پر پاڻ تي احسان ڪريون ٿا. ع. ق. شيخ جون نياڻيون، محترمه رشيده شيخ، نجمه شيخ، ممتاز شيخ ۽ نسيم شيخ مبارڪ جون مستحق آهن، جيڪي پنهنجي عظيم والد کي نه رڳو ياد رکن ٿيون، پر سندس ورسي ملهائڻ سان گڏ، سندس تصويرن، آرٽ جي شاهڪارن ۽ ٽائيٽل ڊزائينن جي نمائش به ڪرائين ٿيون.

*

نجم شيخ

☼

## تعزيتي نوٽبڪ مان...

ع. ق. شيخ صاحب کي ياد ڪرڻ ادبي ثواب آهي.

**تنوير عباسي**

❊

ع. ق. شيخ اسان جو يار، ساٿي ۽ رهنما هو. سندس انقلابي، قومي، عوامي ڪاوشون سموري سنڌ جي انقلابي عوام جي رهنمائي ڪن پيون ۽ ڪنديون رهنديون. اڄ سندس غير موجودگي، بي اختيار شاهه جو اهو فرياد ياد ٿي ڏياري ته:

اڄ گهرجين تون، بدامائي پنرا،
مٿان مٿي مون، ويرين واتون لائيون.

- شاهه

ع. ق. شيخ زنده آهي، پنهنجي ٻارن ۾، دوستن، ساٿين ۽ ان انقلابي عوامي جدوجهد ۾، جنهنجو سنگِ ميل رکڻ جو اعزاز به کيس ئي حاصل رهيو.

**رسول بخش پليجو**

❊

ع. ق. شيخ وڏو استاد، سنو مصور، مشهور ڪهاڻيڪار، عظيم انسان هو. سندس فڪر، جديد فڪر جو آئينه دار هو. سندس چٽيل تصويرن ۾

سنڌ جي ڳالهه ڪيل آهي. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي ريتن رسمن تي طنز ڪيل هئي. سنڌي سماج کي سڌارڻ لاءِ هُن جون ڪوششون نمايان آهن. جس هجي ع. ق. شيخ جي نياڻين کي جن هھڙي سنڌ جي عظيم شخصيت کي ياد ڪيو آهي.

**حميد سنڌي**

*

مرحوم ع. ق. شيخ جي نائين ورسيءَ ۾ شريڪ ٿي. مون گهڻو ڪجهه پرايو. پڻائي فرمايو آهي:

يا پرينءَ وٽ يا پرينءَ جي پچار.

شيخ صاحب تہ وڃي جنت ۾ جاءِ لڌي پر اهڙي پياري انسان جون سٺيون سٺيون ڳالهيون سيني کي ياد رهنديون. چڱن جي پچار بہ چڱو ڪم آهي. شيخ صاحب پاڻ بہ عظيم هو تہ سندس فن بہ عظيم آهي، تنهنڪري هُو امر آهي ۽ سدائين ياد رهندو.

**نواز علي شوق**

*

ع. ق. شيخ، هڪ مصور، هڪ مدبر، هڪ مفڪرِ لاجواب، جنهن جي دامن ۾ هزارين علم و فن جا داستان.

**بلاول پرديسي**

*

1980ع کان وٺي منهنجي مرحوم سائين ع. ق. شيخ ۽ سندس اولاد سان نيازمندي رهي آهي. مرحوم سائين پاڻ ۽ سندس خاندان مون کي ۽ منهنجي خاندان کي ڪڏهن بہ ڌاريو نہ ڄاتو آهي. گهرياتيءَ جهڙي پنهنجائپ، مون کي مرحوم سائين ع. ق. شيخ جي شخصيت ۽ عظمت کي سمجهڻ ۾ آساني پيدا ڪري ڏني.

مرحوم سائين ع. ق. شيخ Self Made ماڻهو هو. هن پنهنجي شخصيت ۽ ڪردار ۾ پنهنجي لياقتن، صلاحيتن، خلوص ۽ محنت جا رنگ پريا. هو فيض جو درياهہ هو ۽ سندس ڪيترائي شاگرد سندس انهيءَ عظمت جي

شاهدي ڏيڻ لاءِ ڪافي آهن. هن جي خلوص ۽ بي لوثيءَ جون شاهديون سندس دوستن جي سينن ۾ محفوظ آهن. هن عظيم انسان کي اسان اهڙي شايانِ شان انداز سان خراج عقيدت پيش ڪري نہ سگهيا آهيون، جنهن جو هُو حقدار آهي. جَسُ لهڻن سندس نياڻيون خاص طور مادام نسيم ۽ مادام نجمہ جن پنهنجي عظيم والد جي نالي روشن ڪرڻ ۽ سندس يادن کي اسان جي دلين ۾ آباد رکڻ جو اهتمام ڪيو آهي.

**ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ**

❊

ع. ق. شيخ، پنهنجي دؤر جو سچو مخلص ۽ سنڌ پرست انسان هو. هُن پنهنجي دؤر جي نہ رڳو تصويرن ۽ اسڪيچن ذريعي عڪاسي ڪئي، پر هُن کي ڪتاب/ شاعري ۽ ڪهاڻيون بہ لکي، سنڌي سماج جي ڀرپور عڪاسي ڪئي. اسان سچن ۽ سباجهن ماڻهن کي وسارڻ ۾ هونئن بہ اڳيان اڳيان آهيون. اهو ئي سبب آهي جو عرصي ڪان پوءِ، اُن وساريل ڀلي ماڻهوءَ کي سندس نياڻي نجمہ شيخ صاحبہ ئي ياد ڏياريو آهي:

مارُن مونجهہَ مُياس، نہ تہ ماڙين ماريس ڪينڪي.
ـ شاهہ

**ناز سنائي**

❊

محترم ع. ق. شيخ نہ رڳو آرٽسٽ، افسانا نويس ۽ سنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ جي باني منجهان هو پر هُو سنڌي ادبي سنگت جي باني مان بہ هو. 1956ع ۾ جڏهن سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ ”سنڌي ادبي سنگت“ جي شاخن ”سنڌ ـ سنگت“ جو بنياد رکيو تہ محترم ع.ق شيخ ان جو پهريون آڊيٽر چونڊيو ويو هو. ع. ق. شيخ، سنڌي ادبي سنگت جي محسنن مان هو. سندس سنڌي ادب، آرٽ ۽ ادبي سنگت لاءِ ادا ڪيل ڪردار سدائين ياد رکيو ويندو.

**يوسف سنڌي ڪوهہ قاف شيخ**

❊

هُو جيئرو آهي
اي سنڌ
تنهنجي هوائن ۾
تنهنجي فضائن ۾
سنڌ جي مٽيءَ ۾
جيڪا خوشبوءِ رچيل آهي.
ان ۾ هُن جي مهڪ سمايل آهي،
مان ڪيئن چوان تہ هُو مري ويو آهي،
هُو تہ جيئرو آهي، جيئرو رهندو.

**نذير ناز**

❊

سائين ع.ق شيخ انهن اڳواڻن مان آهي، جن جڏهن سنڌ مڪمل طرح سان دشمنن حوالي ڪئي وئي، ون يونٽ لڳائي سنڌ کي ڌارين جو غلام بڻايو ويو سنڌي ٻولي ڳالهائڻ عيب سمجهيو ويندو هو سنڌي ٻوليءَ ۾ پڙهڻ ڏوهہ هو سنڌ جي تاريخ ختم ڪئي وئي، سنڌ جو ڪلچر ڳوليو نٿي مليو سنڌ جا شهر ڌارين جي حوالي هئا، هر طرف فوجي راڄ هو انهيءَ وقت ع. ق. شيخ. ابنِ حيات پنهور، سائين محمد ابراهيم جويي صاحب، رسول بخش پليجو صاحب، جن گڏجي سنڌ جي اديبن، شاعرن، شاگردن ۽ محبِ وطن پورهيت سنڌي ماڻهن کي گڏ ڪيو. انهي اونداهيءَ دؤر خلاف سڄي سنڌ جي قيادت ڪري سنڌي ماڻهن کي گڏ ڪيو. انهيءَ اونداهي دؤر ۾ سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر ۾ جشنِ لطيف جا ڏهاڙا ملهائي، هزارين ماڻهن کي گڏ ڪري، هن جابر دؤر جي مخالفت ڪئي. سنڌي ماڻهن کي هڪ اهڙو نظريو ڏنو جنهن تي هلي سنڌي ماڻهن ون يونٽ کي ٽوڙي دشمنن جي هر سازش کي ملڪ جي ماڻهن ۽ دنيا اڳيان اگهاڙو ڪيو. ع.ق شيخ اهو انسان هو جنهن پاڻ جهڙا سُنا، سمجُهو ڏاها ۽ بهادر اِنسان ناهڻ جو رستو ڏيکاريو. اسان سڀ سندس انهيءَ رستي تي هلڻ وارا سپاهي آهيون.

**محمد عالم شاهہ**

❊

سنڌ جو عظيم چترڪار ۽ تمام وڏو انسان ع. ق. شيخ اسان لاءِ ايندڙ نسلن لاءِ نجات جون راهون ڏسيندڙ هو. ڪيس بهترين استاد سمجهندي آءٌ نوجوانن کي انهيءَ اميد سان اِها راهہ ڏسيندي چونديس، اچو تہ انهن نہ وسرندڙ ڪردارن جا عظيم مقصد حاصل ڪرڻ ۾ هڪبئي جي مدد ڪريون.

ڪي ماٺهو تاريخ تين تا،
گهايل ڌرتيءَ جي سيني جي،
اهڙي گهري چيخ تين تا،
جا هر ڪنهن کي
جاڳائي ٿي،
دنيا کي بدلائي ٿي.

**نظير قريشي**

❊

ع. ق. شيخ کي ياد ڪرڻ اسان جي فرضن ۾ شامل ٿئي ٿو. فن ۽ ادب جي حوالي سان سندن خدمتون اسان کان اهڙي تقاضا بہ ڪن ٿيون.

**زيب سنڌي**

❊

سنڌ جي هن عظيم مصور ع. ق. شيخ کي آءٌ خراجِ تحسين ٿي پيش ڪريان. سندس عظيم فن ۽ عظمت تي منهنجا سوين سلام.

**ڊاڪٽر قمر جهان ميرزا**

❊

قاضي خضر حيات

✡

## رنگ اُجهامي ويا...

ع. ق. شيخ جو پورو نالو عبدالله ولد قادر بخش شيخ هو. ٽر جي هڪ ننڍڙي ۽ پراڻهين ڳوٺ "گڏڙو" ۾ 8 مارچ 1914ع تي ڄائو. سندس والد متقي، پرهيزگار، استاد، عالم ۽ حڪيم هو. ديني تعليم گهر ۾ ۽ اوائلي تعليم ٺٽڙي سومري ۽ ٺٽڙي الهيار ۾ ورتائين. ننڍي هوندي کان ذهني لاڙو فن ۽ ادب ڏانهن هوس. لکي لکي ڪتاب پڙهندو هو يا آڏا ابتا ليڪا ڪڍي پيو انهن کي رنگ ڏيندو هو. عمر سارُو ڪتاب تہ گهٽائي پڙهيائين پر يونيورسٽي، جو ڪوبہ امتحان پاس ڪري ڪين سگهيو. البت هاءِ اسڪول واري وقت ۾ هو ڊرائنگ گريڊ امتحان پاس ڪري سگهيو.

ٻہ ٽي سال زراعت کاتي ۾ نوڪري ڪيائين پوءِ ڪيس ٿرپارڪ ضلعي ۾ ڊرائينگ ماستريءَ جو وجهہ مليو. ان جي ٽريننگ لاءِ هن کي انهيءَ زماني ۾ هندستان جي مشهور اداري سر جي جي اسڪول آف آرٽ بمبئيءَ ۾ ويٺو پيو. بمبئيءَ ۾ هڪ سال 38-1939ع رهي، هو ٽريننگ ڪري واپس موٽي تہ آيو پر فن جي ديويءَ اهڙي چڪ ڪيس، جو هو سن 1942ع ڌاري هٿين خالي لڪ چوريءَ وري وڃي بمبئي جي ساڳئي اسڪول آف آرٽ ۾ پهتو. اتي واندڪائيءَ ۾ ڪم ڪري پئسا ڪمائيندو هو جنهن مان اسڪول جي في ڏيندو هو ۽ پنهنجو گذر سفر ڪندو هو ڏيڍ سال اتين مس رهيو هوندو تہ

سندس پيءُ سخت بيمار ٿي پيو. انهيءَ ڪري هو ڪيس هتي سنڌ ۾ ڏسڻ آيو. سندس والد ڪيس ڏسي ڏاڍو سرهو ٿيو. پوءِ پيءُ جي گهڻي اصرار ڪري فني تعليم اڌ ۾ ڇڏي ميرپورخاص ۾ ٿي رهي پيو. جتي هن کي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ ڊرائنگ ماستري ملي ويئي. جلد ئي هن جي بدلي ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ ٿي. هتي هو شروعات ۾ ڪاليج واري حصي ۾ ئي رهيو ۽ پوءِ ڊرائنگ ٽيچرس ڪلاس ۽ ميوزم جو انچارج ٿيو.

ع. ق. شيخ اديب هو ۽ مصور بہ. افسانوي ادب سان خاص دلچسپي هئس, هو ڪيترن ئي افسانن جو خالق هو. سنڌي افسانن ۾ جن ليڪڪن حقيقت نگاري آندي, ع . ق. شيخ انهن مان هڪ هو ساڳئي وقت ڊزائين ۾ مهارت حاصل هيس. سنڌي ادبي بورڊ, سنڌالاجي, سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۽ ٻين ڪيترن ئي ادارن جي ڪتابن ۽ مهراڻ رسالي جون ڪور ڊزائينون ع. ق. شيخ جي فني ڪاريگريءَ جو ثبوت آهن. هن "کهہ ۽ ڪٿوري, "تاريخ اسلام" ۽ "داستانِ اندلس" جهڙا ڪتاب پڻ لکيا.

ننڍپڻ کان مخصوص نقش ذهن تي ڇِٽيل نرڙ ۾ گهنج, ڊگهو نوڪدار نڪ, چشمي اندران پُرڪشش اکيون, چپن جو مخصوص انداز, هميشہ رويدار چهرو اڳيان ويندي همت ڪان ڪم ونڻو پوندو هو. تمام پياري آواز مختصر ڳالهائڻ, تمام آهستہ آهستہ ڳالهائيندو مقصد جي ڳالهہ ڪندو. هميشہ علم و ادب ۽ فن جي ڳالهہ ڪندو هو.

جڏهن بہ مليا جوان جذبن ۽ پر اميد امنگن سان ناصحاڻہ نقطا ٻڌائيندا رهيا. پاڻ هميشہ مصروف. مسلسل جدوجهد ڪندي نظر آيا, ڪڏهن بہ اهو محسوس نہ ٿيڻ ڏنو تہ عمر جي وڏي ٿيڻ سان اڳتي وڌڻ واري همت ۾ ڪا ڪمي اچي سگهي ٿي پر وڏي عمر سان وڌيڪ تجربي جي آڌار تي وڌيڪ پُرعزم ٿي اڳتي وڌي سگهجي ٿو.

والد بزرگوار جو اڪين ڏٺو استاد, هيمشہ بابا پنهنجي استادن جو ذڪر ڪندي فخر محسوس ڪندو هيو پر جڏهن 1958ع ۾ والد صاحب ٽريننگ ونڻ لاءِ وڏي عمر ۾ هڪ دفعو شاگرد بنجي سائين ع . ق. شيخ صاحب آڏو ٻئنچ تي وينو تہ هڪ آئيڊيل استاد جو روپ اکين آڏو ڏسڻ جو موقعو مليس. والد صاحب جا نوجوان ڪلاسي, عمر جي لحاظ کان پراڻي ۽ جهوني

ڪوهہ قاف شيخ

ڊرائنگ ماستر جي ناتي عزت ۽ احترام ڪندا هئا. تڏهن بہ والد صاحب کي سائينءَ جي آڏو طفلِ مڪتب ڏٺم. وڏي عمر جي ڪري والد صاحب کي هميشہ قاضي صاحب ڪري چوندا هئا. پر جڏهن ڪاوڙ ۾ هوندا هئا تہ بابا کي هلندڙ ڪلاس مان اٿڻ جي همت نہ ٿيندي هئي ۽ اسان ننڍڙن ذهنن لاءِ استاد ۽ شاگرد جو پرئڪٽيڪل اکين آڏو رول ماڊل جي صورت ۾ اهڙو تہ ذهن نشين ٿي ويو جو اڄ ڏينهن تائين استاد جي قدمن کي ڇُهڻ ۾ آسيس ۽ آرام مليو وڃي. سالن جا سال ع . ق. شيخ صاحب ساڳيو نظر آيو. فن جي دنيا ۾ جڏهن پينسل ڪٽي ليڪون ڪڍندو هو تہ هڪ هڪ لڪير ۾ فني باريڪي جهلڪندي هئس. فني ڄاڻ جي اپٽار لاءِ ويهندو تہ آرٽ ۽ مصوريءَ جي هر هڪ پهلو کي اجاگر ڪري اهو ڪجهہ ٻڌائيندو جيڪو ورلي ڪو ڄاڻ رکي.

ان ٻالجتي واري شوق ۾ ڪچيون ڦڪيون لڪيرون ڏسي ڏاڍي پيار سان انهن کي پسند ڪندي همت افزائي ڪندو ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ ٻڌائيندو. اهو رشتو هميشہ قائم رهيو. ڪيئي لاها چاڙها آيا. زندگيءَ جا ورق ورندا رهيا. اهو رشتو رهندو آيو. اهو ڪڏهن خواب ۾ بہ تصور ڪونہ آيو تہ ڪو ع . ق. شيخ صاحب جهڙو زنده دل ماڻهو بہ موڪلائي سگهي ٿو. هُو تہ سدائين ساڳي طبيعت جو مالڪ هميشہ هشاش بشاش ڪم ڪندي نظر آيو. نحيف ۽ لاغر جسم، سدائين سوچن سان ڀرپور وڪ وڪ تي پيو اڳتي وڌڻ لاءِ راهون ڏسيندو. علم و ادب سان بي پناه عشق، درس و تدريس سان آخري لمحي تائين واسطي ۾ رهيو. رٽائرمينٽ کان پوءِ بہ پبلڪ اسڪول جي ذهين شاگردن کي سکيا ڏيندو رهيو.

اسان سيني ڀائرن جي برسرِ روزگار ٿيڻ تي استاد جي ناتي ڏاڍو پر سڪون ٿي بابا سائين کي خراجِ تحسين ڏيندا هئا ۽ شاگرد جي سڌريل اولاد کي ان جي لاءِ ميراث تصور ڪندا رهيا.

وقت بوقت والد صاحب سان خط و ڪتابت جاري رکندا آيا. تازو جڏهن اسان جو والد محترم حج تي روانو ٿيو تہ ساڻن ملاقات لاءِ ويو پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا کين دعائن سان رخصت ڪيائون ۽ اڄ جڏهن ع . ق. شيخ صاحب

اسان کان رخصت ٿي ويا آهن تہ ائين پيو محسوس ٿئي تہ جڻ آرٽ جي ڪئنواس تي پهڪندڙ رنگ اجهامي الوپ ٿي ويا هجن.

فني دنيا ۾ سندس تمام آڳاٽا فن پاره ۽ ٽائٽل ڪور اڄ بہ انمول آهن. سندن ٽريننگ ڪاليج ۾ ڊرائنگ ٽريننگ جي انچارج طور ڪيل خدمات جي صلي ۾ سڄي ملڪ ۾ سندن شاگرد فنِ مصوري جي آبياري ڪندا رهن ٿا ۽ هزارن هزارن جي تعداد ۾ فني ڄاڻ رکندڙ سندس ٿي سيڪاريل آهن. پاڻ وڏي ۾ وڏا ڄاڻو ۽ قديمي استاد هئا. پاڻ نہ صرف بمبئي جي فائن آرٽس ڪاليج جا پڙهيل هئا پر لنڊن مان بہ سکيا وٺي آيا هئا.

ادبي دنيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ رهيا ۽ پنهنجي دور جا مهان ليکڪ ٿي گذريا آهن. سندن انقلابي سوچ خودداريءَ واري طبيعت ۽ بي لوث خدمت جي جذبي، هزارين انسانن جي نہ صرف خدمت ڪئي پر سيني جون زندگيون سڌارڻ ۽ خاندانن جي خاندانن کي اڳتي وڌڻ لاءِ محنت ڪري منزل ماڻڻ لاءِ اتساهہ پئدا ڪيو. پاڻ سڄي عمر قلم، ڪاغذ، رنگ ۽ برش سان وڏي جدوجهد ڪندي، غربت ۽ سادگيءَ واري زندگيءَ ۾ بہ تمام وڏا شاڪر ۽ اصول جا مالڪ رهيا. سدائين خوش پوشاڪ ۽ بلند وقار قائم رکندي عملي طرح محنت ۾ عظمت جو درس ڏنو. تمام ٿورو ماڻهو ۽ هڪ راءِ واري گفتگو ڪندي بنا رک رکاءَ جي برملا ذاتي راءِ جو اظهار ڪندا هئا. ڪڏهن بہ ڪنهن مصلحت کان ڪم نہ ورتو ان ڪري پنهنجي دور ۾ ڪين آفيسرن جي سرڪل ۾ سخت ۽ رُکو تصور ڪيو ويندو رهيو.

ع. ق. شيخ جن سڄي سنئين حق ۽ سچ جي واٽ تي هلڻ ڪري هميشہ تڪليفن ۾ رهيا. تمام وڏي ڄاڻ علم و فن جي مڃيل شخصيت هوندي بہ ڪين اصل مقام ملي نہ سگهيو. هر دور جي حڪومتن ڪڏهن بہ سندس بيپناهہ لياقتن جي مالڪ هجڻ باوجود قدر نہ ڪيو. هيڏي قدآور شخصيت جي اعليٰ صلاحيتن کي عوام آڏو اجاگر ٿيڻ جو موقعو نہ مليو. پاڻ مخصوص طبيعت هجڻ ڪري ڪڏهن بہ ان جي پرواهہ نہ ڪئي ۽ نہ وري

ڪڏهن بيقدرن آڏو اظهار ڪيو. پاڻ پنهنجي دنيا ۾ پنهنجي واٽ وٺيو سفر جاري رکندا آيا.

سندس تيار ڪيل تمام نادر اسڪيچ ڇپڻ ۽ ڇپائڻ جي بهاني دوست کٽي ته ويا، پر نه اهي ڇپائي پڌررا ڪيا ويا ۽ نه وري سندن زندگي ۾ کين موٽي مليا. يقينن سندن ادبي پورهيو به اهڙيءَ طرح تمام گهڻ ڇپيو ۽ پڙهيو ويو. ٿي سگهي ٿو سندن وڃڻ بعد اهو بي بها ۽ قيمتي سرمايو سندس دوست ظاهر ڪن يا هيئنئر مرده پرستي جو نعرو هڻي منظرعام تي آڻين.

والد صاحب سان استاد شاگرد واري پدري شفقت جو مون تي وڏو اثر ٿيو. ابتدائي دور ۾ 1958ع واري زماني ۾ اڻ سڌي طرح آرٽ طرف رغبت ملي. وقت بوقت ان طرف لاڙي ملڻ لاءِ همت افزائي سبب شوق وڌندو رهيو پوءِ مسلسل ملاقاتين ۾ دعائن سان گڏ پڙهائي بعد فني ڪاوشن لاءِ به همٿائيندا رهيا.

1964ع کان 1968ع جي انجنئرنگ ڪاليج ڄامشوري ۾ پڙهائي دوران سندن خدمت ۾ حاضري پري ڪجهه نه ڪجهه پلئه پيو پوءِ به اهو چاهت وارو رشتو رهندو آيو. منهنجي عملي زندگيءَ ۾ قدم قدم تي والد صاحب طرفان ڪيل محنت جي نتيجي تي خوش ٿيندا ۽ آرٽ سان دلچسپي قائم رکڻ لاءِ همٿائيندا رهندا هئا.

تازو 1981ع کان وٺي فنِ مصوري ۽ ڪاشيگريءَ ۾ ڪم ڪرڻ تي مون کي ڏاڍو همٿايائون. مان وقت بوقت تيار ڪيل شيون کين ڏيکاري، نه صرف شاباس وٺندو هئس پر فن جي باري ۾ ڪائنن وڏيڪ رهنمائي وٺندو هئس.

[ٽماهي مهراڻ، 2_1991ع]

*

ع.
ق.
شيخ

**علي اڪبر**

☼

## سائين ع. ق. شيخ...

شاگردن کي همٿائڻ ته ڪوئي شيخ صاحب کان سکي ها. هڪ نئون جذبو اڀاري ڇڏيندو هو. همٿائڻ جي لاءِ پنهنجي زندگيءَ جو سچو تجربو ڪن پل ۾ ڏيئي ڇڏيندو هو. سنن سنن آرٽسٽن جا حوالا ڏيندو هو. سندن ڪم جي باري ۾ ٻڌائيندو هو ۽ چوندو هو ته فن ڪنهن جي ميراث ڪونهي، جيڪو محنت ڪندو اهو ئي ان کي حاصل ڪندو. ڪڏهن سر جي. جي. آرٽ ڪاليج بمبئي جا حوالا ڏيندو ته ڪڏهن لنڊن جي آرٽ گئلريز جي باري ۾ ٻڌائيندو ته ڪڏهن شاڪر علي، زبيده آغا، عبدالرحمان چغتائي جي ڪم جي باري ۾ سمجهائيندو. هر هڪ شاگرد کي اهڙي نموني اڳيرو ڪندو هو جو هُو پاڻمرادو اڳتي وڌندو رهي ۽ ٿورڙي ئي رهنمائي سان ڪٿي کان ڪٿي وڃي پهچي.

مون کي شاهه لطيف جي بيتن تي تصويرون ناهڻ لاءِ هميشه همٿائيندو رهيو. سندس سهڻيون صلاحون مون ۾ هڪ نئين جوت جاڳائي ويون، جنهن سبب منهنجو ڪم نرالي نوعيت جو ٿي پيو. واٽر ڪلر ڪرڻ جو هڪ انوکو طريقو اٿم ۽ منهنجو پنهنجو اسٽائيل آهي. اهو سڀ ڪجهه شيخ صاحب جي صحبت ۽ سندس شاگرديءَ جو نتيجو آهي.

آءٌ جڏهن 1957ع ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ آيس، تہ اسان جو استاد، زبيري صاحب هيو. جو مون کي سيني شاگردن کان وڌيڪ چاهيندو هو. ٻن مهينن کان پوءِ هو بدلي ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ تي شيخ صاحب آيو. هن کان اڳ منهنجي شيخ صاحب سان واقفيت ڪانہ هئي. جيئن آيو تہ ڪلاس ۾ محمد يعقوب سومرو جيڪو سندس اڳ ۾ واقف هيو، ان تي وڌيڪ مهربان ٿيو ۽ منهنجي دل ۾ احساسِ ڪمتري آهستہ آهستہ ديرو ڄمايو پر آءٌ دل شڪستو نہ ٿيس. مون سڀ ڳالهيون ڇڏي اسڪيچنگ تي زور رکيو ۽ سيني کان وڌ ۾ وڌ اسڪيچ ڪندو هوس. روزانہ 50_100 ۽ 150 اسڪيچ ڪڍي ايندو هوس. جيئن ڪم ڏسندو رهيو. مون ڏانهن مائل ٿيندو رهيو. هڪ ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ آءٌ دنيا جهان کان بي خبر مارڪيٽ جي چوراهي تي هڪ پاسي اسڪيچنگ ڪرڻ ۾ رڌل هوس. منهنجي چوڌاري ماڻهن جا ميڙاڪا ٻيهي رهيا هئا. ڪير منهنجي پر ۾ يا سامهون آهي، اها مون کي خبر ڪانہ هئي. اوچتو ڪنهن اچي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو منهن ورائي ڏسان تہ شيخ صاحب هئو جيڪو ڪافي دير کان مون کي ڪم ڪندي ڏسي رهيو هو. منهنجي ايتري همت ۽ ڪم ڪرڻ جو جنون ڏسي، تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ: ”هاڻي ٿورو ريسٽ ڪر، هل تہ چانهہ پيئون.“ ڪيفي شيرازين تي اچي ويناسين پهريائين تہ ڪاپي ڏٺائين، پوءِ سمنڊ جيان اُٿلي پيو. دنيا جي بهترين چترڪارن ۽ سندن زندگي بابت انيڪ ڪارنامن تي تفصيلي ليڪچر ڏيندو رهيو. هن پهرين ملاقات ۾ مون مان احساسِ ڪمتري دور ڪري ڇڏي، ايترو پنهنجو ڪري ڇڏيائين جو جڻ هُو ڪو منهنجو عزيز دوست يا والد جي حيثيت ۾ منهنجي اڳيان هجي. ايستائين جو ڪيفي جي بند ٿيڻ جو وقت ٿي ويو.

ان ڏينهن کان پوءِ ڪلاس ۾ توڙي ڪلاس کان ٻاهر مون کي سيني کان وڌيڪ چاهڻ ۽ همٿائڻ لڳو. ان سلسلي ۾ رفرنس بوڪس ۽ ڪجهہ تصويرون ڇپيل بہ ڏيکاريندو رهيو. ڪو ليک يا ڪا آتم ڪهاڻي ڪنهن آرٽسٽ يا پينٽر جي اچي ڏيندو هيو تہ پڙهہ.

پڙهڻ لاءِ هر وقت همٿائيندو رهندو هو. سندس ڪيترائي دوست وٽس ايندا هئا. جن کي پڙهڻ ۽ لکڻ لاءِ همٿائيندو هيو، جيڪي هينئر وڏن عهدن

تي فائز آهن. سيني سان پيار محبت سان هلندو هيو. سندس لکيل ڪتاب پنهنجو مٽ پاڻ آهن. هڪ ڪتابڙو ”مهمانن جا بهانا“ ته واهه جو هيو. پاڻ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي هر فيلڊ ۾ دسترس رکندو هيو. سندس شاگرد سڄيءَ سنڌ ۾ آهن. هن تمام گهڻا آرٽسٽ پيدا ڪيا جيڪي سندس ئي شاگرد آهن.

مون کي همٿائڻ لاءِ شام جو پورٽريٽ پينٽنگ شروع ڪيائين. اسين ٻئي گڏجي پينٽنگ ڪندا هئاسين. اهڙيءَ طرح سان مون ۾ واڌارو ايندو ويو. آءٌ اڳتي وڌندو رهيس. لئنڊ اسڪيپ، پينٽنگ، واٽر ڪلر ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ همٿايائين. هڪ ڀيرو اسان سان آئوٽ ڊور پينٽنگ ڪرڻ گڏ هليو. پاڻ ڀرپائين ناهي ڊيڪاريائين. اهڙيءَ طرح اسان کي راهه ملي. اسان اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. اهو ئي سبب آهي ته لئنڊ اسڪيپ پينٽنگ ۾ مون تمام گهڻي انداز ۾ ڪم ڪيو آهي.

مون سان سندن ايتري ته پنهنجائپ ۽ محبت ٿي ويئي جو هر روز شام جو گڏ هوندا هئاسين. ٻن ٽن سالن کان پوءِ مون کي به عشق جي ديوتا جو تير لڳو. آءٌ اوچتو هفتي کن لاءِ گم ٿي ويس. پڇائون ڪري ڪري ٿڪجي پيو. منهنجي غير موجودگي هن لاءِ هڪ عذاب ٿي ويئي. جيسين مان واپس وريس تيسين هڪ وڏو افسانو ”محبت جي راهه تي“ لکي پورو ڪيائين. مان نه هيس ته قلم ۽ ڪاغذ سان منهنجون ڳالهيون ڪيائين. اهو افسانو پوءِ ڪنهن رسالي ۾ ڇپائي ڇڏيائين. (جيڪو هن ڪتاب ۾ پڻ موجود آهي.)

ساڳيءَ طرح منهنجي به ساڻس تمام گهڻي محبت هئي. ڪانئس ڪڏهن به پري نه ويندو هوس. ڪابه ڳالهه هجي، ڪوبه ڪم هجي، ڪابه شيءِ ڇپائڻي هجي، منهنجي صلاح ضرور وٺندو هو. آءٌ کيس استاد نه پر پنهنجو وڏو بزرگ سمجهندو هوس ۽ سندس تمام گهڻو احترام ڪندو هوس، ايترو احترام مون شايد ئي ڪنهن ٻئي جو ڪيو هوندو.

[تماهي مهراڻ، 2_1991ع]

❊

الحاج شاهنواز "مسافر"

☼

## ع.ق. شيخ

[منظوم سوانح عمري]

هِي مانَ هيٺ محفل جنهن لاءِ ٿا سجايو
سو شيخ ڳوٺ گدڙو ۾ عين قاف ڄائو
والد ڇيو خوشي جون هي ڪارڪون تہ ڪائو
منهنجو اڱڻ ٿيو آ هن ڀار ساڻ سائو

تاريخ اٺ ولادت مارچ هيو مهينو
اٺويهہ عيسوي سن ڇوڏنهن مليو نگينو

استاد سان گڏوگڏ والد حڪيم هو پڻ
انسان نيڪ ٻيي ۽ ماڻهو عظيم هو پڻ
تعليمدان ڄاڻو قابل فهيم هو پڻ
هو ميل جول وارو صابر سليم هو پڻ

شروعاتِ داخلا ٿنڊي سومري وٽي ٿي
تعليم هاءِ ٿنڊي الهيار ۾ پلي ٿي

مئٽرڪ سان گڏوگڏ انٽر ڪري بہ ورتي
ٽر ۾ ٿيو ڊرائنگ ماستر بہ ڀرتي
ٽريننگ ڪرڻ لئہ سا بمبئيءَ ۾ بسر ٿي
اٺويهہ عيسوي انٽيهہ ۾ گذر ٿي

ع.
ق.
شيخ

واپس اتان اٽيتاليهن ۾ موت ڪاڍي
موتي وري ويو پوءِ اوڏانهن جو هي عادي

اصرار پيءُ جو ۽ ڪاتي طلب ڪيو هو
بمبئي منجهان سگورو تر ۾ اچي ويو هو
شعبو اهو ڊرائنگ پيهر وري ڏنو هو

بدلي ڪري اتان حيدرآباد ۾ رکيائون
ڪاليج ڪيس ايليمنٽري ڏنائون

هن نوڪري گڏوگڏ بي اي سنَد بہ ماڻي
هن ايم اي لئي جا ڪوشش ڪئي اگهاڻي
هو ايل ايل بي تي الله ڪيس ساڻي
ان حاصلات تي ٿي تعليم جي پڄاڻي

هٿ ۾ قلم کڻي افسانہ شروع ڪيائين
قابل هيو ڪهاڻيون ڪيئي پئي لکيائين

مضمون خوب لکيا مصور سنو وڏو هو
اعليٰ خيال وارو تصور سنو وڏو هو
تعليم راهہ ۾ پيي رهبر سنو وڏو هو
ماڻهو سچو "مسافر" دلبر سنو وڏو هو

آگست پندرهين تي عزرائيل نيٺ آيو
ايڪانوي هيو سن هن شيخ موڪلايو

❊

ڪوم
قاف
شيخ

الحاج شاهنواز "مسافر"

✡

## ع.ق. شيخ

[منظوم پيڻا]

هو عين قاف شيخ تہ ليکڪ وڏو اديب
هر دلعزيز شخص سڀ جو سڄڻ حبيب

پٽ شاهہ آهي هت تہ قلندر سچل بہ آهي
اُت عين قاف شيخ جي هجي تہ خوش نصيب

مصور بہ خاص هو تہ کهاڻيون لکيون بہ خاص
ماڻهو تہ عين قاف هيو خاص ۽ عجيب

انسان ذات لاءِ هيو قرب ۽ پيارُ
سڀ ساڻ خوش مجاز نہ ڪنهن جو هيو رقيب

چهرو سدا شفاف جسم صاف نيڪ ناڪ
ايڏو ٿلهو نہ هو نہ هئي جان ڪا نحيف

استاد جي پگهار وڏي ناهي ڪا پگهار
ماڻهو نہ هو امير هيو مون جيان غريب

گهر جو وڏو هيو تہ لڏي سار ۽ سنڀال
پنهنجي عيال آل جي رهندو هيو قريب

جي ٿا ڪيون خيال "مسافر" پڙهي ڪتاب
انسان لاجواب سچو ۽ هيو نجيب

✻

ع.
ق.
شيخ

الحاج شاھنواز "مسافر"

☼

## ع.ق. شيخ

[منظوم پيڻا]

### چئوسٽا

تر جي زمين تي ڄائو شيخ عبدالله
ثابت ٿيو سلو سائو شيخ عبدالله
مرحوم کي "مسافر" ادبي رهي پياس
تعليم جو هيو پائو شيخ عبدالله

هُو شيخ عبدالله وڏي ڳالهه هو جناب
تعليم ساڻ مهڪ ادب جو تہ هو گلاب
اونداهہ مان نجات علم ساڻ ٿي نصيب
آل و عيال لاءِ هيو چڙ تہ آفتاب

❊

حيدرعلي شيخ

✡

# ع.ق. شيخ جي اٺين ورسيءَ جو اکين ڏٺو احوال

سنڌ جي مشهور چترڪار محترم ع.ق شيخ (عبدالله قادر بخش شيخ) مرحوم جي اٺين ورسي، سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري ۽ مرحوم جي خاندان پاران، سنڌ ميوزم حيدرآباد جي سهڪار سان ”ممتاز مرزا آڊيٽوريم“ ۾ 24 آگسٽ 1998ع تي ملهائي وئي. پروگرام جي شروعات نيڪ ساڍي پنجين وڳي تلاوت پاڪ سان ٿي جيڪا پروفيسر شمشاد سومري ڪئي. هن پروگرام جي صدارت سنڌ جي مشهور علام دانشور تعليمي ماهر ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين سائين محمد ابراهيم جويو جن ڪئي. جڏهن ته خاص مهمان سنڌ جو برک ڪهاڻيڪار ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جو چيئرمين محترم حميد سنڌي ۽ اعزازي مهمانن ۾ سنڌ جو برک تاريخدان ۽ آثار قديما جو ماهر جناب تاج صحرائي، سنڌ ٻولي جو برک عالم ۽ سنڌي لينگويج اٿارٽي جو چيئرمين محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر نجم شيخ ۽ ع.ق شيخ مرحوم جي وني حميده شيخ جن هئا. پروگرام جي ڪارروائي سنڌ جي جاڪوڙي اديب ۽ شاعر ۽ سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري

ي سيڪريٽري محترم تاج جويي هلائي. مهمانن جي آجيان ڪندي الانا
صاحب چيو تہ مون لاءِ فخر جي ڳالھ آهي تہ اڄ آئون اوهان کي ع.ق شيخ
صاحب جي ورسي ۾ اچڻ تي خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو. شيخ صاحب
ادو قداور شخص هو ۽ منهنجي هن سان پراڻي نيازمندي هئي. ان کانپوءِ
پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر پروفيسر
ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل پنهنجو مقالو ”ع.ق شيخ ۽ سندن تاريخي
شعور“ پڙهندي چيو تہ شيخ صاحب ضلعي ٿرپارڪر جي هڪ ننڍڙي
ڳوٺ“ گڏڙي“ ۾ 8 مارچ 1914ع تي ڄائو. سندس والد محترم مولوي قادر
بخش پرهيز گار ۽ متقي انسان هو. شيخ صاحب جي ابتدائي تربيت ۽
نشونما پنهنجي والد محترم جي زير نگراني ٿي. هن جو ننڍي هوندي کان
ئي فن ۽ ادب ڏانهن لاڙو هو. لکي لکي پيو ڪتاب پڙهندو هو ۽ ابتا سبتا
ليڪا ڪڍي پيو انهن ۾ رنگ پريندو هو يا تصويرون ٺاهيندو هو. مشهور
ڊرامہ نويس محترم مراد علي مرزا، شيخ صاحب جي ويجهي دوست هئڻ جي
ناتي سان ڳالهائيندي چيو تہ ع.ق شيخ هڪ علم دوست اديب هو. نظم
۽ نثر جو پارکو هو. هن پنهنجي ادبي زندگي جي شروعات افسانن ۽
ڪهاڻين لکڻ سان ڪئي. هن رازي فقير جو ڪلام ”کھ ڪتوري“ جي عنوان
سان مرتب ڪيو. هن بي اي جي شاگردن لاءِ سوالن ۽ جوابن جي صورت
۾ ”تاريخ اسلام “ لکي. هن اندلس جي اسلامي حڪومت جي تاريخ مرتب
ڪئي. هن افسانا لکيا، جيڪي مهراڻ، نئين زندگي، روح رهاڻ ۽ ٻين رسالن
۾ شايع ٿيا. ع.ق شيخ جي انهن ڪتابن ۽ افسانن کي ڏسو. انهن ۾ ڪتب
آيل ٻولي پڙهو. ڪيڏي نہ سادي پر سهڻي ۽ دلپذير ٻولي آهي. هن جو اسلوب
بہ پنهنجو آهي. سڀ کان جدا ۽ نرالو.

سنڌ يونيورسٽي جي مسلم هسٽري جي شعبي سان لاڳاپيل پروفيسر
ميڊم ممتاز پٺو پنهنجو مقالو پڙهندي چيو تہ محترم ع.ق شيخ سنڌ جي
هڪ ڄاتل سڃاتل شخصيت آهي. مصوري جي تاريخ ۾ سندس وڏي
حيثيت آهي. ذاتي طور تي منهنجو هن جي فيملي سان تعلق رهيو آهي. پر

اسلامي تاريخ جي هڪ اهم موضوع ”مسلم رول ان اسپين“ تي سندس لکيل تاريخي ڪتاب ”داستان اندلس“ جي ڪري منهنجو هن سان گهڻو تعلق رهيو. جنهن ۾ سندس محبت، ذهني پختگي ۽ سندس صلاحيتون ظاهر ٿين ٿيون ۽ گڏوگڏ پتو پوي ٿو تہ هن جو اڪيڊمڪ رجحان ڪيترو نہ پختو هو. هن چيو تہ تقريبن 20 سالن کان مان يونيورسٽي ۾ مسلم رول ان اسپين، شاگردن کي پڙهائيندي آهيان منهنجي خيال ۾ هسٽري آف اسپين تي هر تاريخدان سني محنت ڪئي آسي پر جيڪو طريقہ ڪار محترم ع.ق شيخ جو استعمال ٿيل آهي. ان ۾ پڙهندڙ جي دلچسپي وڌي ٿي. سنڌي ادب ۾ تنقيد جي حوالي سان ڄاتل سڃاتل شخصيت پروفيسر ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي پنهنجو مقالو ”سنڌي ڪهاڻي جو عبوري دور ۽ ع.ق شيخ“ پڙهندي چيو تہ ع.ق شيخ يقيني طور هڪ معتبر نالو آهي. هن کي اديب کان علاوه هڪ ڪميٽڊ استاد، منتظم، فنڪار ۽ فن جي دل داده ۽ قدردان جي حيثيت ۾ بہ معاشري ۾ رتبو حاصل هو. هو صاحب رغبتن بہ هڪ فنڪار هو. مصوري جهڙي فنِ لطيف کي هن پيشو ڪري اختيار ڪيو هو. ايئن هن ڪهاڻيڪاري جي ذريعي زندگي جا ڪجهہ رنگ پيرڻ ۽ نقش ڪيڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي.

سنڌ جي مشهور چترڪار ۽ ڪهاڻيڪار فتاح هاليپوٽي ”شرجيل“، شيخ صاحب تي ڳالهائيندي چيو تہ ع.ق شيخ سنڌ جي انهن چند فنڪارن مان هڪ آهي، جن چترڪاري جي ڄاڻ ۽ ڪم لاءِ رستا هموار ڪيا. شيخ صاحب سان منهنجو واسطو 1960ع کان شروع ٿيو. جڏهن مون شاگرد جي حيثيت سان داخلا ورتي، مان جيڪڏهن ايئن چوان تہ مان فني ۽ ادبي لحاظ کان جيڪو ڪجهہ بہ آهيان، اهو سائين شيخ صاحب جي تربيت ۽ سياءَ جي ڪري آهيان. سنڌ يونيورسٽي جي فائن آرٽس شعبي جي سرواڻ محترم محمد علي پٺي، ع.ق شيخ جي مصوري ۾ مقام جي عنوان سان مقالو پڙهندي چيو تہ محترم شيخ صاحب سنڌ جو هڪ نهايت ئي قابلِ عزت ۽ احترام آرٽ ايجوڪيشنلسٽ هو. هن پنهنجي تقريبن سڄي ڄمار علم، ادب ۽ فن جي سکيا لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. شيخ صاحب حيدرآباد جي آرٽ ٽيچرس ٽريننگ انسٽيٽيوٽ ۾ هڪ آرٽ ايجوڪيشنلسٽ جي

حيثيت ۾ سڄي سنڌ ۾ آرٽ ٽيچرس جو هڪ نيٽ ورڪ قائم ڪيو هو. شيخ صاحب جي چترڪاري تي جڏهن نظر وجهنداسين ته اهو معلوم ٿيندو ته پاڻ هڪ اعليٰ پائي جو "ڊزائينر"هو سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ شايد ٿي ڪو بيو اهڙو هوندو. جنهن هزارن جي تعداد ۾ سنڌي اردو ۽ انگريزي جي ڪتابن جا ڪور ڊزائين ناهيا هوندا سندس ڪجھ ڊزائينن ۾ سنڌي ٽائيل جي نقش و نگار واضع ٿئي ٿي ته ڪجھ اورينٽل ۽ مڪسچر آهن ۽ ڪجھ تجريدي، جذباتي احساساتي ۽ ڪجھ رنگن جي ڪمپوزيشن تي ٻڌل آهن.

پٺي صاحب ڪانپوءِ سنڌ جي ڏاهي ۽ دانشور نقاد محترم رسول بخش پليجي کي ڳالهائڻ لاءِ سڏيو ويو. ڳالهائڻ کان اڳ ۾ مرحوم ع.ق شيخ جي افسانن تي مشتمل مجموعي "محبت جي راهه تي" جي رونمائي پليجي صاحب ڪئي. هيءَ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ تمام سهڻي نموني ڇپايو آهي. جنهن جو سهرو سائين ابراهيم جوئي ڏانهن وڃي ٿو. پليجي صاحب ڳالهائيندي چيو ته ع.ق شيخ منهنجي نظر ۾ روشن خيال ۽ ترقي پسند سوچ جو مالڪ هو. هو همگير ماڻهو ۽ پروفيشنل هو. وڏو آرٽسٽ هو پر ان ۾ انا پريل هئي. مرحوم جي ننڍي نياڻي نسيم شيخ پنهنجي تقرير ۾ سيني آيلن جا ٿورا مڃيا جن هن پروگرام ۾ ساٿ سهڪار ڪيو. هن به اعلان ڪيا جنهن ۾ هڪ ع.ق شيخ فائونڊيشن جو قيام ۽ ٻيو نئين سر آرٽ گلڊ جي تشڪيل شيخ صاحب جي حوالي سان. جنهن لاءِ هن شرجيل، محمد علي پٺي ۽ علي اڪبر منگي تي مشتمل ڪاميٽي جو اعلان ڪيو. سنڌ جي مشهور شاعر ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ، شيخ صاحب تي ڳالهائيندي چيو ته هيءَ تاريخ جو پهريون موقعو آهي جو هڪ مصور جي ورسي ملهائي پئي وڃي. ع.ق شيخ کي سنڌ جي مصوري جو ڏاڏو آدم چئون ته بجا ٿيندو. هن زندگي کي موٽائي مصوري ڏانهن آندو. شيخ صاحب جي زماني کان پوءِ آرٽ کي چٽڻ جي شروعات ٿي ۽ اها شيخ صاحب ڪئي. جيڪو وڏو ڪارنامو آهي. هن چيو ته مون کي اميد آهي ته سنڌ جي مصوري جي تاريخ لکڻ لاءِ ڪو نه ڪو ادارو ناهيو ويندو. پروگرام جي اعزازي مهمان تاج صحرائي ڪتاب "اسان جي مصوري جو تنقيدي جائزو پيش ڪيو ۽ شيخ صاحب جي حوالي سان پنهنجون ساروڻيون بيان ڪيون. پروفيسر نجمه

شيخ پنهنجي تقرير ۾ سيني آيلن جا ٿورا مڃيا. هن چيو ته اسان کي ڏک آهي ته اسان بابا جي پهرين ورسي ڪن مجبورين سبب نه ملهائي سگهياسين پر اڄ هي سندس ياد ۾ ميڙاڪو (ورسي) مچائي ابتدا ڪئي آهي. آئنده به سندس ورسي هر سال تمام بهترين نموني سان ملهائيندا رهنداسين. مهمانِ خاص حميد سنڌي چيو ته ع.ق شيخ سان منهنجو سفر تمام ڊگهو رهيو آهي. پبلڪ اسڪول ۾ اسان يارهن سال گڏ رهياسين. هن شيخ صاحب سان گهاريل گهڙين جون يادگيريون بيان ڪيون ۽ روح رهاڻ رسالي پاران نڪتل هيو ”لطيف نمبر“ جنهن ۾ سليم خواجه. ابراهيم جويو صاحب. شيخ صاحب ۽ سندس محنتون هيون. ان جو تفصيلي ذڪر ڪيو. سائين محمد ابراهيم جوئي صدارتي تقرير ڪرڻ کان اڳ ۾ ع.ق شيخ لٽرري اينڊ آرٽ سوسائٽي پاران ڊاڪٽر الانا. ظفر ڪاظمي، شرجيل، حميد سنڌي، تاج جويي ۽ شهزور تيباڻي کي شيلڊون ڏنيون. هن سوسائٽي جي چيئرمين پروفيسر نجمه شيخ آهي. سائين ابراهيم جوئي تقرير ڪندي شيخ صاحب سان وابسته يادگيرين کي سامعين آڏو بيان ڪيو. هن چيو ته اسان گڏجي سنڌ ادبي انجمن قائم ڪئي جنهن جو پڌرنامو مون لکيو ۽ ان جو پايو شيخ صاحب جي گهر ۾ پيو. اڳتي هلي اها انجمن سنڌي ادبي سنگت ٿي. شيخ صاحب بهادر، صاف گو ۽ سچ چوڻ وارو ماڻهو هو. ڪڏهن به ڪنهن جي خوشامند نه ڪيائين.

هن تقريب ۾ مٿين صاحبن کان علاوه قاضي خضر حيات. آپا حور پليجو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. ع.ق شيخ جي حوالي سان سنڌ ميوزم اندر هڪ بهترين نمائش لڳائي وئي، جنهن جو افتتاح مشهور آرٽسٽ. ظفر ڪاظميءَ ڪيو.

❊

ع.
ق.
شيخ

## نصير مرزا

✡

# قصو هن ڪتاب جو...

جاڳان تو Nothing is Permanent... پر يادگيرين ۾ وقت تہ روائينڊ ڪري سگھجي ٿو ۽ روائينڊ ٿيل وقت مطابق، هي 1980ع وارو سال هو. آءٌ سنڌ يونيورسٽيءَ جي شعبۂ صحافت ۾ ايم. اي فائنل جو شاگرد هوس. محترم شيخ عزيز، خان محمد پنهور ۽ جوهر حسين زيدي صاحب اسان کي اسٽڊي ٽوئر ڪرائڻ جي سلسلي ۾ پي. ٽي. وي ڪراچيءَ تي وٺي آيا هئا. حُسنِ اتفاق، اُن ڏينهن اتي ڪُئز پروگرام 'پرک' جي رڪارڊنگ ٿي رهي هئي. يڪدم اسان سڀني کي آڊيئنس ۾ ويهاريو ويو. رڪارڊنگ شروع ٿي تہ پروگرام جي ميزبان اسلم آزاد... آواز ڏنو... هڪ سوال جي صحيح جواب تي... قيمتي تحفو... ۽ ائين آواز ڏيندو هُو منهنجي اڳيان بہ اچي بيٺو هو. پڇيائين، 'سنڌ جي مشهور چترڪارَ ع. ق. شيخ صاحب جو پورو نالو ڇا هو؟'

عجب اتفاق، ڪڙي تڙي جواب درست ڏيئي ويس. 'عبدالله قادر بخش شيخ' انعام ۾ گھڙيال مليو جيڪو گھر ۾ بيڊ روم جي ديوار تي لڳل آهي ۽ اڄ بہ ياد ڏياريندو اٿم، 'ياد رکجان، هي تحفو توکي ع. ق. شيخ صاحب جي طفيل ئي ميسر ٿيو هو.'

اِها 1980ع جي ڳالهه آهي.

۽ هي سال آهي 2010ع ۽ جنوري مهيني جي 28هين تاريخ جي ڳالهه آهي، جو ڏينهن جو ٻه لڳي چاليهه منٽن تي سنڌي ادبي بورڊ مان فون رسيو ڪيم.

'مَنَ... آغا سليم تو ڳالهايان! [چيئرمين پبليڪيشن ڪاميٽي۽ ميمبر بورڊ آف گورنرس، سنڌي ادبي بورڊ] مَنَ! ع. ق. شيخ صاحب بابت سنڌي ادبي بورڊ ڪي ائنتالاجي تہ مرتب ڪري ڏي'

سنڌي ٻوليءَ جي حَسِين نثر نگار ۽ ڊيشنگ شخصيت، آغا صاحب جي اوچتي حڪم تي ڪوئي جواب ئي ڪونہ پئي سُجهيم. بس ڪنفيوزن ۾ ڪجهہ جي ڪُڇيس، تہ صرف ايترو...

'جي آغا صاحب... اڪين تي...'

'وقت ڪيترو ڪپئي...؟' پڇيائين.

'بس مهينو ٻہ...!'

۽ منهنجي اهڙي تڪڙي راضپي تي، ٻُڌم. آغا صاحب چيو: Okay ۽ ٻئي پار کان فون پنهنجو پاڻ ڊسڪنيڪٽ ٿي ويو.

آغا صاحب پاران اهڙو فون ۽ آفر ملندي ئي دل ۾ سوچيم... ههڙي ڪم جو اَمُر ڇا منهنجي حصي ۾ ان ڏينهن ئي لکجي ويو هو جنهن ڏينهن اسلم آزاد پاران پڇيل سوال جي جواب ۾ بي اختيار منهنجي وات مان نڪري ويو هو:

'عبدالله قادر بخش شيخ!'

پر گڏوگڏ اِهو بہ ذهن ۾ آيم، هُو رنگن ۽ برشن سان ڪئنواس تي چِتر چِٽيندڙ مصور ۽ هيڏانهن هي آءُ محض، لفظن جو ڪيڏاري! سو سنڌس شخصيت کي ڪورن ڪاڳرن تي، پئنٽ ڪري سگهندس بہ، الائي نہ. ظاهر آهي تہ لفظن ۾ 'مصور' جي تصوير جوڙڻ منهنجي لاءِ ڪو آسان ڪم بلڪل ئي ڪونہ هو.

ع. ق. شيخ صاحب کي، مون برابر تہ ويجهو کان ڏٺو هو... پر ساڻس ڪڏهن ڪا سِٽنگ بہ ٿي هوندي منهنجي، اهڙو ڪجهہ مون کي بلڪل ئي ياد ڪونہ پيو اچي. ها! مڻچوئر ايج ۾ هُن سان مون، 'هٽ' بيشڪ ڪيئي دفعا ملايو هوندو.

شايد 1962ع يا 63ع وارو سال هوندو. ٽرئننگ ڪاليج فار مئن جي پريڪٽسنگ اسڪول ۾ منهنجي پهرئين ڪچي جو ڪلاس، اسڪول ۾ سرفراز ڪلهوڙي واري چاڙهيءَ جي Top تي عين ان هنڌ هو جتي ڪُنڊ ۾ ع. ق. شيخ صاحب جو گهر هوندو هو.

شيخ صاحب جي نياڻي غالباً ممتاز... منهنجي ڪلاس فيلو هئي ۽ رسيس ۾ پاڻي پيئڻ جي خيال سان يا راند رُوند ۾ آءٌ هنن جي اڱڻ ۾ جهاتي هر حالت ۾ پائيندو هوس.

مون کي ياد آهي، گهر جو اندريون منظر، غريباڻي نموني جو هوندو هو. اڱڻ ۾ تاڻيل رسيءَ تي گهڻو ڪري تہ ڪي ڪپڙا يا ٽوال وغيره سُڪڻ لاءِ هر وقت پيا لُڏندا هئا. اڱڻ ۾ ڪتون هميشہ چِڙ و چِڙ حالت ۾ پيون هونديون هيون. اڱڻ ۽ ورانڊي واري ڪُنڊ سان اُڀي استينڊ تي تختي نُما ڪائي شئي هوندي هئي، جنهن جي مٿان ڪڏهن چادر، تہ ڪڏهن رئو پيل نظر ايندو هو. (پڪ سان تہ چادر سان ڍڪيل اهو ڪينواس ئي هوندو ۽ تختي مٿان ڪاغذ جي شيٽ تي چِٽيل ع. ق. شيخ صاحب جو ڪو اڌورو چِٽر وغيره.)

ظاهر آهي، ڪنهن ڪنهن وقت ٻاراڻي حيرانگيءَ سان ان چادر جو پلئہ ڪڍي مون هن جي ليڪيل تصويرن ۽ رنگن کي ڏٺو بہ هو پر مون کي ڪڏهن بہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هي سڀ ڪجهہ... آهي ڇا؟! ان گهر جي هر فرد کي ڏسندي، مون سدائين حيرت ڪاڏي.. عجب اتفاق، اُهي سڀ نحيف هئا. لِيڪ جهڙا سنهڙا ۽ قداور... ممتاز جي والده امان (حميده) ، هُن جو بابا (ع. ق. شيخ)... جسم ٻنهي جا اهڙا، جڻ ڍانچا هجن. (بعد ۾، مون عظيم مصور گل محمد کتري ۽ نامياري اوائلي فوٽوگرافر محمد عالم ابڙي ۽ ان جي خانوادي کي بہ اکين سان ڏٺو ۽ عجب جهڙي ڳالهہ هيءَ... تہ اِهي سڀ جا سڀ بہ مون کي چِيهي يا بُلبل جي آکيري مثل بلڪل ئي هلڪا ڦلڪا، نحيف ۽ ڪمزور

انسان نظر آيا. حُسنِ اتفاق ننڍي ڪنڊ جا ناميارا چترڪار صادقين، گُل جِي، چُغتائي... ۽ اِهي سڀ بہ هاڻي ڪانيءَ ۾ صفا لِيڪ جهڙا هوندا هئا.

هن گهڙيءَ ۾ ياد پيو ڪريان تہ، ٽرئننگ ڪاليج جي ان ڪُنڊ واري گهر ۾، 'رشيده' نالي واري بہ هڪ خاتون رهندي هئي، جنهن کي ڪنهن ڪنهن وقت هنن جي والده آواز پيئي ڏيندي هئي، 'رشيده... رشيده...' ۽ ان نالي جي مون کي ان ڪري بہ اڄ تائين چِٽي يادگيري آهي، جو اهو ئي منهنجي وڏي ۽ پياري پيڻ جو پڻ نالو آهي (۽ اجهو تازو ادي نجمہ کان پڇڻ تي معلوم ٿيم تہ، رشيده هنن جي بہ وڏي ۾ وڏي پيڻ جو نالو آهي.)

پاڻئيان ٿو تہ 'رشيده' نالي کان سواءِ ع. ق. شيخ صاحب ۽ منهنجي وچ ۾ هڪڙي ٻي شئي بہ Common آهي ۽ اُهو آهي 'شهر حيدرآباد.' غالباً هن جيڪو پهريون افسانو لکيو ان جو نالو بہ هُن 'حيدرآباد' ئي تجويز ڪيو هو. بطور مصور بہ، حيدرآباد شهر هن کي گهڻو Haunt ڪيو هو. شاهي بازار، اُن جا دوڪاندار، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي ايامڪاريءَ کان وٺي حيدرآباد جي گهرن مٿان موجود منگهہ (۽ ياد پيو اچيم، جڏهن ننڍڙا هوندا هئاسين، تہ اونهاري جي شامُن ۽ راتين ۾، اگڻ ۾ رکيل پينگهي ۾ لُڏنديءَ، اسين پيٽون پائر هڪٻئي کي هيءَ ڳُجهارت ڏيندا هئاسين:

گهر گهر ۾ گُڪِي ڪنوار
گهر گهر ۾ گُڪو چور...

۽ اُن جو جواب هوندو هئو 'منگهہ!'

ــ ۽ حيدرآباد شهر کان سواءِ اِن حيدرآبادي منگهہ بہ شيخ صاحب کي ايترو تہ ڪو متاثر ڪيو هو جو منهنجي خيال ۾، هڪ شاهڪار پئنٽنگ جو هُن نالو ئي رکيو هو 'حيدرآباد جا منگهہ.'

حيدرآباد جي منگهن سان گڏوگڏ هِن عاشق صادق، حسن پرست ۽ سونهن پسند ع. ق شيخ صاحب کي، مڌ پيئڻ سان بہ ڪا ڏاڍي دلچسپي هوندي هئي، ۽ هُو اِها شئي... هر روز... ڪٿان ۽ ڪيئن افورڊ ڪندو هو ۽ ان بابت هن کان ڪڏهن پڇبو هو تہ هُو سدائين چوندو هو:

ہر ایک رِند کی ہوتی ہے غیب سے امداد!

شراب اگرچہ 'خاندان خراب' شئي آهي، پر حيرت حيرت، توري اُپت ۾ مختصر پينشن تي گذران هجڻ جي باوجود هُو اُها Manage ڪري ئي وٺندو هو.

فڪشن، آرٽ، مصوري، هسٽري، آرڪيالاجي، پاميسٽري، موسيقي ۾ اهي سڀ Subject، ع. ق. شيخ صاحب جي دلچسپيءَ جو مرڪز هوندا هئا، علاوه ازين مَڏ ۾ مُنڍ جي... ٽئين شئي جيڪا هُن کي وڻندي هئي، اُهو هو 'چنڊ!'

مراد صاحب تہ خاص ڪري هن جي باري ۾ اِهو ئي ڪجهہ پنهنجي مضمون ۾ لکيو آهي. شيخ اياز صاحب بہ لکيو آهي تہ 'چنڊ، نہ ڄاڻان ڇو هر تخليقڪار جي ڪمزوري پئي رهيو آهي، انتظار حسين صاحب لکيو آهي، لاهور ۾ رهندڙ نامياري مصور شاڪر علي کي بہ چنڊ ڏاڍو وڻندو هو. 65ع واري پاڪ ڀارت جنگ دوران تہ هن رڳو چنڊ پئي Paint ڪيا. بقول انتظار صاحب جي، شاڪر علي چوندو هو 'چنڊ مون کي ان ڪري پسند آهي، جو اُهو ٻنهي ملڪن جي آسمان تي هڪ ئي وقت چمڪي ٿو.'

شيخ اياز صاحب لکيو هو:

چٽئي سگهندين چنڊ، تو ڏي مان ڇو ٿو تڪيان،
ڏيئي سگهندين چنڊ، مون کي پارَ پرينءَ جا.

ع. ق. شيخ صاحب جو ذاتي سياءُ بہ چانڊوڪيءَ رات جهڙو اُجرو شفاف ۽ Soft هو. ڪنهن ڪنهن پينٽنگ يا دست ڪور ۾ بيشڪ تہ هن گهرا رنگ بہ واپرايا آهن، پر مجموعي طرح، هميشہ ڪان هُن جا فيوريٽ ترين رنگ... لائيٽ شيڊ وارا رهيا آهن. سندس نثر جو اسلوب هجي يا آرٽ فارم، هُو هر هنڌ، سنجيده، برد بار، باوقار، ڏيمو ۽ رومينٽڪ نظر آيو آهي.

چنڊ سان چاهہ ڪان سواءِ... هُن جي دوستَ مراد علي مرزا صاحب ٻڌايو پئي... پنڌ ڪرڻ ع. ق. شيخ جو محبوب شغل هوندو هو. هلندو هلڻ ۾

هلندو ئي رهڻ، هُن کي ڏاڍو وڻندو هو. 80ع واري ڍاڪي دوران ٽرئننگ ڪاليج فار مين مان ريٽائر ٿيڻ بعد... مون بہ ڪين، جڏهن جڏهن ۾ جتي جتي بہ ڏٺو... پنڌ ئي هلندي ئي ڏٺو. پبلڪ اسڪول جا ڪاريڊور هجن... بابن شاهہ واري علائقي ۾ سندس گهر ڏانهن ويندڙ رستا... شام جو دوست نور احمد ڪوجي سان صحبت لاءِ ٽائمز فوٽو اسٽوڊيو هيرآباد وارو سفر... يا ڪڏهن ڪڏهن گاڏي کاتي ۾ محمد ابراهيم جويي صاحب ۽ مراد علي مرزا سان منظور چيمبرس ڏانهن ويندي.. مون هن عمر رسيده ۽ بزرگ آرٽسٽ ع. ق. شيخ صاحب جي ڪڇندڙ هر وِک مان، سدائين... هي ئي آواز ڪنايو هوندو:

کشتیاں ٹُوٹ چکی ہیں ساری،
اب لئے پھرتا ہے دریا ہم کو۔

طئہ آهي تہ وڏي ڄمار وارا ماڻهو اڪثر تهہ سياري جي مند ۾ دنيا مان برقعو متائيندا آهن. ع. ق. شيخ صاحب... ٻيءِ چون ٿا، اُهو ماڻهو هو جنهن کي سياري جي مند بيحد وڻندي هئي، جنهن ۾ هُو نيڪ ٽاءِ هڻڻ ۽ فُل سُوٽ پائڻ کي ترجيح ڏيندو هو ۽ هميشہ ڪالر تي ڪڙيل گلاب جو گل هڻڻ ڪڏهن بہ نہ وساريندو هو. چون ٿا تہ حياتيءَ جي آخري ٿڌي مند هُن مڙ ڀِي، فُل اينجواءِ ڪئي هئي... پر چاڪاڻ تہ هن جي حياتيءَ ۾ هاڻي سياري جي ڪا ٻي مند لکيل ئي ڪانہ هئي، جو هُو هڪ سنو پاميسٽ بہ هو ۽ هُن کي پنهنجو هٿ ڏسي اِهو اندازو ٿي ويو هو تہ اجل قريب ۾ آئي قريب المرگ آهيان. اِن ڪري لکئي جو ليکُ سمجهندي، هُن آگسٽ جي بيزار ڪندڙ گرميءَ ۽ سانوڻ جي مينهوڳيءَ ۾، هِن دنيا کي ڇڏي ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو.

اسان جو ع. ق. شيخ هڪڙو نيڪ روح هو ۽ هُن جنهن موسم ۾ ڄمار ۾ ڪُوچ ڪرڻ لاءِ پالڻهار سان انگلُ ڪيو ان ئي موسم ۾ مالڪ هُن کي پاڻ ڏانهن گهرائي ورتو. گهر وارن جو چوڻ آهي، تہ 14هين آگسٽ جي شام تائين

هُو بلڪل چاڪ و چوبند هو. 15هين آگسٽ جو پهر شروع ٿيو تہ هُن کي پيٽ جي ٿوري تڪليف ٿي... هلڪي ڦلڪي دوا ورتائين ۽ پنهنجي بابن شاهہ ڪالونيءَ واري گهر ۾ رات جي ڪنهن پهر ۾ ساهہ جو آخري ٽڏو شوڪارو هوا ۾ ڇڏيائين ۽ اڪيون پُوري ابدي ننڊ سُمهي پيو.

ع. ق. شيخ! هن وقت بابن شاهہ جي قبرستان ۾ پنهنجي فيوريٽ چنڊ جي چانڊوڪيءَ هيٺان، هاڻي سدائين لاءِ سُمهي رهيو آهي. پنهنجي قبر ۾ چُپ چاپ سُتل، ههڙي فنڪار لاءِ پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ، هُن جهڙا ڪلاڪار صرف پنهنجي دور ۽ پنهنجي زماني لاءِ نہ، بلڪ ايندڙ ڪان ايندڙ زمانن تائين بہ دنيا ۾ جيئڻ لاءِ ايندا آهن ۽ سدائين جيئندا رهندا آهن.

سائين ع. ق شيخ جي باري ۾ منهنجو جوڙيل هي ڪتاب، جيئن آهي... جهڙو آهي... اُن کي مون پنهنجي من پسند ليکڪ آغا سليم صاحب جي سِڪَ ۾ سهيڙيو آهي. ڪشٽ، هن ڪتاب لاءِ مون کي جيڪي جيڪي بہ ڪانٽا پيا، انهن جو هتي ذڪر نہ ڪندس. ههڙو ڪم، جڏهن بہ ڪبو آهي، سياويڪ ڏونگر ڏورڻا ئي پوندا آهن ۽ اهڙن ڪشٽن ڪاڻ جو هاڻي تہ مون کي چڱو ئي تجربو ٿي ويو آهي.

مصوري جو فن ڇا آهي؟ مان ڇا ڄاڻان...! مون کي سچ پڇو تہ پني تي سِڌي لِيڪ بہ ڪيڍڻ ڪانہ ٿي اچي. بهرحال... هِن ڪتاب جي صورت ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ مون کان ٿي ئي ويو آهي ۽ جيئن مون ابتدا ۾ لکيو آهي: فون تي ڪيل آغا صاحب جي حڪم کي، آءٌ لنوائي ڪونہ سگهيو هوس، جو ظاهر آهي، تہ ع. ق. شيخ صاحب جهڙي مصور بابت ڪتاب سهيڙڻ، منهنجي لاءِ ڪو آسان ڪم ڪونہ هو ۽ اِهو اِن لاءِ پيو چوان جو آءٌ نہ ڪهاڻيڪار نہ چِترڪار ۽ جي ٿورو گهڻو... ڪجهہ آهيان تہ صرف نثر نگار... ۽ اِن حيثيت سان، مون هي ڪتاب، صرف ۽ صرف آغا سليم صاحب جي حڪم تي سهيڙيو آهي.

ڪوهہ
قاف
شيخ

ڪتي پڙهيو هئم، مرزا غالب کان، سندس هڪ شاعر دوست اصرار ڪري هڪڙو غزل لکرايو هو تڏهن پاڻ اُن دوست جو احسان، ڪجهہ هن طرح سان چئي لاٿو هئائين:

*مجھ سے 'غالب' یہ 'عُلائی' نے غزل لکھوائی!*

۽ اڄ مان... مرزا غالب جي متئين شعر جي پيروي ڪندي، هتي... لکڻ سي بہ پيو چاهيان، تہ مون کان هي ڪتاب... آغا سليم صاحب ئي سهيڙرايو آهي ۽ سندس پاران، هيڙي عظيم سعادت بخشڻ تي، آءٌ ٿا چوان سواءِ اِن جي...

آغا صاحب!

اوهان جا هي ٿورا، ڪي ٿورا تہ ناهن،
جي لاهي نہ سگهبا، تہ پيا ڳائبا.


حيدرآباد
02.07.2010

❊

ع.
ق.
شيخ

فوتو البم

# عکس در عکس



ع.ق شیخ

چونډ

**نسیم شیخ**



ع.ق شیخ




والده ع. ق شيخ، امان ولايت خاتون پنهنجي ڏوهٽن ۽ پوٽن سان.



ع.ق شيخ، حميده ع.ق شيخ، ڌيئون نسيم شيخ، زرينہ شيخ، پائٽي ارباب شيخ ۽ پاڙيجي شاهين



ع.ق شيخ (هنج ۾) ڏهتو غلام مجتبيٰ، مسز حميده ع.ق شيخ، نسيم شيخ ۽ ڊاڪٽر ممتاز شيخ.



مسز ع.ق شيخ، ع.ق شيخ ۽ نياڻي زرينہ شيخ.



ع.ق شيخ صاحب جو فرزند نذير حسين شيخ ۽ سندس شاگرد دياڻيون.



ع.ق شيخ صاحب پنهنجي نياڻي نسيم شيخ سان گڏ.



محمد ابراهيم جويو،
ع.ق شيخ ۽ ٻيا معزز.



ع.ق شيخ، ابنِ حيات پنهور
۽ ٻيا معزز.



ع.ق شيخ جي زندگيءَ جو آخري فوٽو.
1991 ڄامشوري ۾ پڪنڪ دوران نسيم شيخ، صبا، ڪلثوم، دريشان، فهد،
غلام مرتضيٰ، نجم شيخ ۽ مبينہ جاويد.



علي اڪبر، ع.ق شيخ ۽ مراد علي مرزا.



احسان علي شاهہ، حميد سنڌي، ايچ.ايم خواجہ، ع.ق شيخ
۽ محمد حيات ڪاڪا.




ع.ق شيخ، نياڻي زرينہ شيخ، ممتاز مرزا ـ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي
پروگرام "ٻارڙن جي باريءَ" ۾.



نور احمد ڪوجو، ڊاڪٽر حسن منظر ۽ ع.ق شيخ.




ع.ق شيخ ۽
فتاح هاليپوٽو
(شاگرد).



ع.ق شيخ ۽
منور ميمڻ
(شاگرد).



ع.ق شيخ ۽
هارون چنا
(شاگرد).




[illegible]


# ဒ·ဂု·ဘုံး

[illegible]






شيخ اياز
ڪي جو بيجل بوليو



شيخ اياز
وڄون وسڻ آئيون


جنب
گذاریم
جن
سین


ديوان قليچ
از
شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ
سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ




حسن منظر















اهي ڏينهن
اهي شينهن








جنگناما


داستان اندلس
ع-ق-شيخ
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي



ص ص ٧-٩ ص ص ١٤١-١٤٢


"سنڌو"


(لهرن لڪ لباس، ٻاڙهه ٻن هيڪڙوا - شاهه)


گل شکر
گل شکر
سنڌي ادبي بورڊ


زوال
البرڪامُو
سنڌيڪار:
قاضي خادم
ادبيات پبليڪيشن











مهراڻ
خاص اشاعت
۱۹۵۵ — ۱۹۶۵


مهراڻ
سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو


ميرزا
قليچ بيگ
سائو پن يا ڪارو پنو

# رڳون ٿيون رباب

• تنوير عباسي •

